
الصوفي لامذهب

منطوق محمدي ـ احوال احمدي



محمد فقير کٹياڻ

عاشق اصل اويسي وحدت وصال ويسي
مشهور ٿيو مهيسي محمد مٺي اگهاڙو

الصوفي لامذهب

منطوق محمدي - احوال احمدي

صوفي محمد فقير کٽياڻ

ڇپائيندڙ



رئيس احمد خان کٽياڻ
موجوده سجاده نشين
درگاهه محمد فقير کٽياڻ

حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ جا قائم

ڪتاب جو نالو :	الصوفي لامذهب منطوق محمدي احوال احمدي
شاعر:	صوفي محمد فقير کٽياڻ
پهريون ڇاپو ڇپائيندڙ:	مخدوم محمد زمان طالب المولئٰ.
ٻيو ڇاپو ڇپائيندڙ:	رئيس احمد خان کٽياڻ
ڇاپيندڙ:	آڪاش پرنٽرس اينڊ پبلشرس
هٿ ونڊائيندڙ:	صوفي احمد خان ٽڳڙ ۽ ڪامريڊ اياز ميمڻ
ڪمپوزڊ باءِ:	حاڪم علي لغاري ۽ غلام علي پٽي
ڇاپو:	ٻيون
تعداد:	هڪ هزار
سال:	اپريل 2003ع بمطابق صفر المنظفر 1424 هه
ملهه:	-/100 رپيا: اکرين هڪ سئو رپيا

ملڻ جو هنڌ

رئيس احمد خان کٽياڻ
مخدوم هائوس هالا
ضلع حيدرآباد

فون: 32161- 0228

انتساب

صوفي فقير محمد خان ڪٽياڻ جن جي هن ڪلام جو مجموعو مان رئيس **دوست علي خان ڪٽياڻ** جي نالي ڪريان ٿو. جنهن فقير صاحب جي طريقي کي جاري رکيو. ان جي ڪلام جو پهريون مجموعو ڇپائڻ ۾ هڙان وڙان مدد ڪئي. درگاهہ کي آباد رکڻ لاءِ پنهنجي ملڪيت مان ٻٽي سئو ايڪڙ زمين ڏني جنهن مان هر سال صفر مهيني جي 7، 8، 9 تاريخ تي عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي ۽ راڳ رنگ جي محفل ٿيندي آهي. جنهن ۾ سڄي سنڌ جا صوفي شرڪت ڪندا.

رئيس احمد خان ڪٽياڻ





مهدي سائين جهانيان شاھ پور جهانيان فقير گل محمد ڪنياڻ

فهرست

رلڳني	ڪافي	صفحو
آسا	نينان دي نيشان نچ ٿيندي لاڳهي نيهي	
=	بره سٽائي انگ شاهي طبل وڄا وڏدي	
=	پنهنجو سڄاڻ پاڻ اتحد واري بين بجائي	
=	بره سٽائي بيحد بين کين کمائي تي تون کين	
=	ناز جي ناتي کيس نهال صورت ۾ ٿيو سير حسن جو	
=	برسر باغ بهار يار برهه بهادر پيد بتايا	
=	وٺ رمز رندي جو جارو ڪٽي بار ملامت وارو	
=	مرد پروڙڻ مام منصوري آهي مڪان منهنجو	
=	موتي واري موج اتي الحق آواز منهنجو	
بلاول	هٿ ڪر اپنا خيال عشق اصل اڙٻنگ ڏنوسي	
=	تن من طبلي تان تازي تال طنبور ڏنوسي	
=	خودي دي خمار خوبان خوب خيال ڏنوسي	
=	دائم دم دي ڏيان درسن دي دربار ڏنوسي	
=	بي مثال مثل وچ ماهر ٿيا بيڪ بحال مولي	
=	حسن ٿي هسوار شاهي شور مچايو	
=	خيال جي خاتي آهيان خيال خيال بنا پيو خيال نه جاڻا	
پيروي	منهنجو ملڻ لاءِ منڙو مانڊو هوت ڪري ويو هينون حيران	
=	مان بتليائي بيوس بانڌي قسمت قيد ڪري هت آندي	
=	مئين وچ مئين نانجهاتي پاتي مشي وچ مئين ڪيتي اثباتي	
=	مست پيالو محبت وارو محمد پي هئيو نيهن جو نعرو	
=	سيئي سانگها ست يار پسڻ لاءِ پرين جي	
=	رهان ٿو راضي يار رندن واري رنگ ۾	
=	بيسر بدل ڪيو برقعو بشر جو بيرنگ بقا ٿيو بيخود بحر جو	
=	سهڻون سراسر سرور سونهارو سرمست صوفي سوره سوپارو	
=	صورت صفا ڪيو سينگار سر جو	
=	جوڳي جسم جلايا جهلڪار ڪي جشن ۾	
=	ڪلنگي ڪلا پائي پڳدار ٿيو پاڳارو	
	ڳرلي ڳڳن ڪي ڳادي ڳن ڳيان هو رها هون	
=	عدم ڪان هت قدم پائي وڃان واقف وطن ۾ ٿو	
=	گوهر گرنات دي ڳنتي ڳڳن گجڪار هي ڪيتا	
=	ظهورا ذات انور ڪا چشم چمڪار هي ڪيتا	
=	عشق اجهل الست اتل ڪيتي لول اثباتي	
=	عشق اسا ڏا هي اسلام دين ڪفر وچ ڪيها ڪام	
=	عشق مچايا شاهي شور ويک حسن دا حملا هور	
=	تنهنجي نيڻن نشون رنگ لايو	
=	اکيون اکين سان ڪري آراڙيون اڙيون	
=	اکيون ڪار ڪجل سان ڪري ڪاهه ڪنيون ڪنيون	
=	رمزان رمزن جي رندي رنگ ۾ رتيون رتيون	
=	دم جي درسن جي ڪولي درد دري دري	
=	هر دم حسن واري هولي حال هلي هلي	
=	نانگا نات نچن رندي رنگ رچن	

پيروي پيون پيالا پت مچي مٿي جي مت
= لنگ بند لعل لانگو تيا لاهوتي لاٽان
= ثابت سر سبحان سر جي سرڪ صفا ڪيو
= لاجا لاٿي لنگ يار لاٿو لعل لقائي
= الٿي آر ٿئي اظهار دليدار دلبر دي
= دم دي درس پيتم برقن سرڪي سرس سبحاني
= مٿي متو موري جو مخمور مرڪي مرد پين منصور
= پوش پريمي پايا ٿو شاهي طبل وڄايان ٿو
= صورت صاف سينگاريان ٿو وحدت واٿي ورايان ٿو
= ويکو ديد درمي دلبر دي سردار سخي سرور دي
= اڄ لا الله اثبات ڪر اقرار سان الا الله چئي
= تيرٿ تڪيو تو ۾ تنهنجو پي پهين ٿو هنگلاڄ هلڻ جو
= عشق عجيب لساٿوٽ آيو انا الحق آواز ڪري
= عشق ڪيو آواز اوير ٿو انا الحق آواز ڪري
= تنهنجي دام زلف زنار وجهي اظهار ڪيو ارشاد اسم
= اسان ڪون عشق لڳا اظهار يدا انوار يدا....
= اپني نيهن نياتوڻ ڪيتي قدم اٺايان مئين وو مئين
= مئين دي موج محبت والي مام سٺائي مئين وو مئين
= چٺو ڪير پلاٿون آهن چٺو آهين يا تون ناهين
= آٿون ناهيان ناهيان ناهيان آٿون ناهيان اندر آهيان
= ديدا ني دربار دام دا ڏيان تر پوسي
= ڪٿان هي قاضي ڪار ڪتابي ڪٿان هي شائق شور شرابي
= نهوڙي نظر سان نسنگ ناز تيڙو مرڻ ۽ جيئڻ جو جڏي خيال ويڙو
= قلندر قلندر قلندر علي جنهنجو ڏاڏو نانو پيغمبر
= صورت صنعم جي ڪعبو ڪعبو پيو ني چاٿان
= آهي جو محرم من جو ناهي ڪنهن کي سٺايان
= محبوبن جي ميلي ۾ مست مکهن مان آهيان
= عشق عجب رنگ لايا هي اپني آپ تي آپ تي عاشق
= تيا خيال برحال في الحال فالم ڪنچير مهمير ڪسير عالم
= منهنجي دل لوهان سان الاٿي چو لاڙي آه
= آيا مردمرڪي ملامي مٺي ۽ تي هٿي هام همدم هلاجي هٿي ۽ تي
= بنيو بيک برسي بره جو بشر تي
= زهردار ظالم زلف زور زنگي واسيني ورن سان عجب روپ رنگي
= بڙودي برانبي ڪٺي بوتل بهاري
= نشي سان نيارو نسنگ تي نچان ٿو
= هڪ هڪل حسن سان هلي آه هلي آه
= عشق مچايا شاهي شور ويک چشم دا چالاچور
= آير سر تي سنبري عشق ڪري اظهاري
= ڳجهي ڳجهه کي ڳاپان سخن سر سٺايان
تناسري جيڪا وٺي سا واه ڪر مهر محبوب ملڻ جي
= چم چم چتن ڪر چمڪار عشق اويڙا تيا اظهار
= دم دم دم داڪر ديدار مار ير نعرا انا الحق دا
= مٿخلي وچ تي مخمور مار ير نعرا انا الحق دا
= حضرت عشق حسن دي هولي حاضر هڪ تي طلا هي
= بي پليون بي پير اڪيون گهاٺن گهوٽ گهورن سان

= جوڳي ويا ان جو جولن ملڪ فلڪ جي جاءِ نه جاتي
= وه صورت سير سالاريا تي نيناتنا نشان ڏنم
توڙي ڏايا ڳهنسبڙا ڳهتيئسي دل ڳهاتوٽا
= پيالا پيتم ناز نگاه ڪنون تي شاڻ شهنشاه ڪنون
= ڪيا خيال خودي دي خومار ڪنون
= جنهن خيال تي غلب خيال ٿيا
= آيا عشق اساڏي جهولي جهل ڪر حال حلاج دي حملي هل
= اسان رمز رندي وچ رهندي هون سئو سهمين سرتي سهندي هون
= ساتون لڳڙا نيهن نظاريا جيوين بادل بوند بهاريا
= پاجون آيا چورلسي تي بره بدل بنواس
سارنگ بادل برس بهاري لاتي بوندان بره ديان پيان وي
= اکيان نال اکيان نندي اٽکيان جهل پل ڪنهن نالجهليان وي
= عشق اڱڻ تي آيا هي وحدت والا ڪر وسڪارا
= ويکر ڪيسا ڪيساناد بجايا صورت صاف سمايا
= ڪوئي ايسا ايسا ڀيد بتاوي جت صورت ڪانه ساوي
= آهي جيڪي اڄ ميان جڏ سيائي جي سار
= ڪيا عشق تماشا لايا هي محبت ميگهه ملاري والا
= سچڻ لهند ئي سار متان ٿئين ماندي
= بره جي برسات بقا تي برسي
ملار سر ڏيئي سردار پين ٿيا سرڪي
= ڪيا پرواز پتن تي ڪکرن ڪئي آهي ڪارميان
= ويکون نوڪ نظر دي تنڪي ڪر تام جپڻ دي جهنڪي
= سر ريڪب ڳتام منهم پلاڌ يوت نڪ ڌ سر ڳر
= تلڪ لڳائي جيون پائي عشق اناالحق گيت لوڳائي
= چت تي ويا آهيون پاڙن سوڌا پنجي ويا آهيون
= ويکو ناز نيناندي تنڪي چڪ چشيان والي چنڪي
= سونهن ساري سرڪي ڳائون ست سنگ ڪر
تلنگ بغض حسد ۽ ڪيني کوه لاڌي نال تريجي يار
= بار بره جو بيشڪ باري ٻي مٿس خلق جي خواري
= انا الحق اظهار هو ڪاهليا هي عشق اوسڙا نوميان ٿيا اثباتي
= آدم تي اثبات انسان آيا هي لوڻ سيتي نوميان لن الايس الا
= سارا جو جهان جنگي جملا هي عشق حسن دا نوميان بيڪ بنايا
= بودلو بهار يار سر سڪندر صاف سارو
= ڳهوران والا ڪر ڳمسان ڳيان ڳڳن داڳر تي ڳهليا
= سهڻي صورت دي سامان ثابت ڪيتم سر سبحاني
= توڙي ڪنڌ ڪپايان قدم پٽني نه پايان
= دم جو درسن پايان پر ڳهر ڪيم پچايان
= هردي ۾ هر نام حاضر تيرٿ تهنجو تو ۾ آهي
= تو ۾ مندر مسجد مڙهيون تو ۾ مست مڪان مليان
= پاڻ پروڙي پنهنجو آيس مصوري ميدان ميان
= عدم کان تي آيو آهيان سير صورت جي سانگي سانگي
= عدم کان تي آدم آيو اڳ آدم تان عدم ۾ جا ٿيو
= هي ۽ آهي اهو ناهي ناهي هو آهي هي ۽ ناهي ناهي
= جا آهيان جا آهي آهي ري ۽ الله پيو ناهي ناهي
= دم قدم جي سمجهي بازي سر ۾ تس تون صرف پچائي

پيروي	خيال ۾ گم تي خيال ڪمائي خيال جو مطلب خيال ۾ آهي
=	اينڊڙ قبل ويندڙ ماضي حاضر آهي حاصل حال
=	قبل ماضي مقصد بازي لا مقصودي هال هيات
=	فنا بقا دي سير سراسر بنيا بيک بحالي کيل خيالي
=	قبل ماضي دم قدم دا سير سڄاتم سارا مارا تقارا
=	جپ الف اسم دم دم ڪري نقش صورت نيشان ۾
=	جو دم غافل سو دم ڪافر سمجهيم هوش حساب ميان
=	حسن حقيقي هل هلايا عشق عجيب اسرار دا ماهي يار دا
=	آتش عشق اوبري واري عاشق ٿيا عريانا
=	پير يمغان پڳداري پاڳاري پيالا پرت پلايا سر سمجهايا
=	تاج ڪلنگي صاف سروپا پهري ٿيو پڳدار ميان
=	ساڳيون سر سبحان آهيان ڪيئن چوان مان ناهيان ناهيان
=	رنگ برنگي راهه بيرنگ بيک بنائي آيس
=	هجر وصل دا سير سڄاتم لاشڪ تي لاثاني گوهر گياني
=	رمز رندي دا رايا ڪهن هاڙهي ڏي هل تون
=	عاشقانا التا آر الست اناون قدم ڪلابي
=	عاشقنا التا خيال الست کياون خيال خدائي
=	خيال جون خبرون خيال سڻاون خوبان خوب خيال سان
=	چشمان چليل چرچا لايا چيرياندي چمڪار دا چمڪار دا
=	اسم جسم دا جوڙ بهانا هي سڀ ايڪا ڪائي نهين جدائي
=	ات لوئي لو ات لوئي عشق هي الينئدا الينئدا
=	ڪتان قبل ڪتان ماضي ڪتان رنگ رڃيندا رڃيندا
=	خنجري جي خمار انا الحق آواز آهي
=	لسان عشق الاهي اندر هون ڪت ڪات ڪلال قلندر هون
=	مژگان جي مطي مئي پي منور منهن مصحاف ڏنم
=	سوره سانگا سر دا جوڙ انا الحق دي ڏي تون گوڙ
=	آ عشق والي اظهاري ڪر آتب آتش آئي هي
=	اچي عشق ٿيو امام ڪولي جوش جنگي جام
=	پيان شوق مان شراب ڪائي ڪوڏ سان ڪباب
=	پچي ڏوهه ويو ثواب نچي نيهن ٿيو نواب
=	چت چال چليا چيتن سي ڪر چم چم چڻ چاتي
=	ست صاف صورت ڪي سنگهه هي سر ساقي سرور سارا
لوڙائو	لاهي بار مشاخيءِ وارو قول الستي پار ميان
=	سير جو ڪيڙو سڄڻ سانگ اڏر لوڏاهين قربئون ڪانگ
=	حسن هزارين ڪيا حيران حورون پريون جي غلمان
=	برهه بجايا بحري باز نيڻن واري تنڪي ناز
=	حسن واري هل حملي هون عشق اثر ڪيا اوران اور
=	دانا ڪيا ديوانا ديڻن واري درسن دم دم
=	عشق ڏنا اولاثا الست اوبري آتش لائي
=	ڪهڙو ڪريان بيان نازن سان نهوڙي لني ويو دل خان
=	پنهل آيو پاڻ آرياڻي اڳوان
=	آهيان سر سبحان بري بيک بهان
=	پسڻ آهيان پاڻ ڪاهيان ڪنهن جي ڪاڻ
=	دروازي دلدار رسن جي دربار آيو عاشق تي عدم ڪان اظهار
جهنگلو	آيا هي عشق ڪر آرا تسنگ نروار هڻ نعرا

پيم پيلاس	اي جي آئو سدا نچ ڳائو ڳڳن محل کي باجي بجائو
=	ڳن مئين ڳائون سخن سر سڻائون الست عجائب پيد بتائون
=	شوق جبي شهيد کي شاهي شفاعت جا ڪندي
=	عشق کيو عريان جهن کي اکين جي ارشاد سان
=	وچ وڃڻ کي ويڙهه وحدت ۾ وڙ ورائي م ولر
=	مان وجي تنهن مان ٿئي اها خيال کان پيچ تون خبر
=	جا شريعت شان شاهي جا طريقت تار تان
=	معني واري ميڪ ملا لامقصد ليو مقصد منهنجو
=	نيزي سر نيشان نر هڻن تا نعرو نعرو
=	ساقي تي سردار آيو صورت وارو سانگ بنائي
=	صورت واري صاف صحن ۾ قرب ڪني ڪواز ڪيو
=	چشمان جراخا ڪيتا چور ڪيوين آنڊ ئي مئين آوان
=	ڳرو مان نا آهيان چيلو اصل عشق امين اڪيلو
=	ڪوڻ هو يا هم ڪوڻ هو تم، ڪوڻ هم همذات هو يادم
=	ڪوڻ هو يا حق ڪوڻ هو يا شڪ ڪوڻ ڪها ڪلمات انا الحق
=	ڳلي ڳلي ۾ ڳايان تو قيريدار فقير تي فالم
=	ڳلشوازان پايان تو صورت وارو سانگ بنائي
=	تون ٻه هڪڙو خيال خيال سان خود خيال تي ملنئين
=	اکين جي ارواح عشق کيو آواز انا الحق
=	آهيان پاڻ خيال خيال سان تو خيال سڃاڻا
=	ڪير بولي بول بلينda هي ڪير اتندا ول ول ٻهندا هي
=	تي عاشق عشق ڪيندا هي سڀ صورت سير ڪريندا هي
=	پيچين پيچرو ڪر پرواز انحد التي پين بجائي
=	سهڻي صورت سر سبحان مشرق پاڇهون ڪير سڃاڻ
جوڳي	سلمي ساٿيي سور هليا ويا هنگلاج ڏي
=	سنگهارن جي سار راتو ڏينهان روح ۾
=	ستا اٿي جاڳ جنڌي نند نياڳ جي
=	تون تہ پڪي پڙهي ڪيئن رهيو آهين ويهي
=	نينا والي نظاري ديد دنلي ٻه مئين هون
=	عشق جي اسلام ۾ آباد اٿون آهيان
=	عشق جي اسلام سان انسان مان آهيان
=	خوب خود خمار سان خوشحال مان آهيان
=	عشق عجب اظهار الاالله آيو تي اثبات اسان وٽ
=	صحي سر سبحان الاالله کيو عشق عقل کي اولون
=	عجب عليشان الاالله کيو عشق عقل کي اولون
=	شوق دي شاهي شور شور آيا ماهي ميڙي سانگي
=	عشق اويڙا تي عاشق عربي اولا ڪر آيا
=	ڳولا ڪنهن ڪون مئين ڳولان پ جاءِ سڪهٽول سائين
=	ياقي يار ويار کيو آه يار اسان کي
=	ديدن واري ڏيان کيو آهي ڏيان اسان کي
مانجهہ	پاڙيچن پرين سان پوري پرت پري
=	عشق وارا اکين تي ڪن تا آرلجي
=	ڪٿي عشق عجب اثباتي پائي جهاتي اندر جهاتي
=	هئي انا الحق جو نعرو صوفي سر ۾ سرت پچائن تا
=	سڀ سير کيوسي صحي صحي سهڻي صورت جي سينگار سان

ضلع هنائي هات كر هر دم حلا جي هار پايا مئين
= هكل هك حادل دي حاضر حسن هيكلار هي كيتا
بنس سوڊل يار سيائا رات ره وچ رائان
= ٿيو سرهو سانگ سجايو ويو وهم دوئي جو اجايو
= سهڻي صورت جي سرداري اچي عشق ڪئي اظهاري
= ناز وارن سان نيهڙو لائي پير نه پشي پاڇ تون
= يار پيارا تيڻي ڪارڻ دم دم پلاون جهاتريان
= مست اکيان محبوب ميڻي ديان ڪرن قتل دي ڪاريان
= مک مصحف صنم دي صورت ڪعبا سر سردار ميان
= منتار منل يار دي مئين تاري تڪيان
= سنگي ساز تنگي ناز رنگي راز رتيان
= اڳڻ تي آيا عشق اگهور شاهنشاهي ڪر ڪي شور
= جڙيل يار جاني ڪجل پائين ڪاني
= سرت ڪئي سواري نرت ۾ نياري
= اصل عشق آهيان پيو چا ٻتايان
= صحي سر سڃاڻي هان چو نه هاڻي
= نيهن نواب پي شراب بره باب پڙهايو
= رنگ لاهوتي ۾ رتو رنو آهي راڳ رقص رفتار سان
= سر ساقي سرور سچو سچو سر ساغر جي سينگار سان
= پيو پور پسڻ جو پڪو پڪو پڪو آهي پنڌين جي پروز سان
= پڌرا تي پگدار پاگارا عشق الاهي آيا هي
= خوف خوشي ۽ رنج راحت تان عشق ڪيو آزاد ميان
= عاشق جم جم سر تي چاون بار ملامت بازي
= ڀري ڳلپيشوازان يار آيو ڪري چيپرن جو جهڪار آيو
= آهي عشق لسان جو امام آيو ورڻهي وحدت جي وريام آيو
= آهي سهڻون سر سردار آيو ڪري صورت جو سينگار آيو
= ڪيا تاب حسن بي تاج مجهي ديڪا نوڪ نظر ناياب مجهي
= ڪيو عشق عجب عريان مون کي لائي آتش عاليشان مون کي
= آواز انس اولي اظهار عشق ڪيو
= مئخان ۾ مدامي منڪور عشق ڪيو
= ٻايان ڳلي ۾ لونگ وڃائي آڙو
= صورت ڪئي سواري سر ساز سان ساري
= سهڻي صفات صورت سلطا سر چولان تو
= عاشق ڏيص اکين جو اظهار تي لچان تو
= آيا محمد آيا محمد نام سڻايا، صورت صاف سمايا
= نيڻن ناز تنکو ڪيو دل ڦري حسن فوج فالم ڪجل سان ڪري
= آڪر سان اتکي اکين جي اٿي
= اظهار عشق عالم انسان جي نموني
= ديدار درس دم جو دلدار جي نموني
= عشق واري لسلام جلالي پي مئي جام انا الحق الائي
كاريهل ساميڙا سانئيه ۾ ٿيا پورپ پنڌ پيچن
= دوئي وارا ورق وسار پهرين پنهنجو پاڻ پروڙي
= صورت انساني دل اولي بره بدل ڪر آيا هي
= رمزان رنگڙا لايا هي صورت والي صاف صحن وچ
= اکيان آڙتنگ لايا هي مڙگان والي مطي محکم

=	چشمان جي چا لايا هي جو طرف چو ڌار چمن وچ
=	ڪير ڏسي ٿو چا ڏسجي پيو ڪير ڪري ٿو بات بيان
=	صورت معني معنيٰ صورت مام پروڙي ڪو مرد مٿير
=	پاڻ پسڻ تي پاڻ پسيتو پاڻهين پنهنجو پاڻ ميان
=	صورت والا ڪر سينگار نرت دي وچ سرت سمائي
حمير	ڪلياڻ من ڪون هي محبوب مدامي تيڏي درسن دي درڪار
=	الٽي رمز عشاقان والي سمجهه آپ سنيال
=	بود لا بر حال سخي تون سلطان سڪندر
=	لعل قلندر لعل دولهه دائم قادر قائم
ايمن	ڪلياڻ دلدار گولي لـ دم ۾ تون تي لاسي لاعلم ۾ تون
=	ڏس خيال خفي خم خم ۾ تجن تي بيخود بيڪ بم ۾ تون
شام	ڪلياڻ ڏي ڪا دلدار دلساري پرين پرچي ڪر پوءِ واري
=	مٺا محبوب سبحاني آهين تون غوث صمداني
=	بنا لاجي لڙائي جي تيڻ لاٿان مشڪل آهي
=	لذت وٺ لاجي ڪاٿي جي وڃائي خيال نفساني
=	لسان ڪو ياد تساڏي ياري دا هي حرف صورت والي ساري دا
=	نفي ڪان ناٿهن تي نڪري سري سبحان تي آيو
=	نه ڳولج پاڻ ڪان باهر مٺي محبوب منور ڪي
=	پسي پنهنجي پاڻ ڪي پاڻهين سهڻون سلطان تي آيو
=	حسن جي فوج تي فالم بناير بيڪ بازي جو
=	دنيا عقبيٰ چڏي پيئي اڪين سان دل اڙي ويئي
=	ڪٿي خالق ڪٿي خادم ڪٿي رهبر رنگي آهيان
=	سري ميدان ۾ صوفي انالحق گيت ڳائن تا
يونپالي	چال چلت ڪي چاتني يي عينان ڪا اسرار عنني يي
=	انند تنگر ۾ آيي هون پريم تنگر ڪي تي پوچاري
ڪانرو	ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ ترڪ موليٰ ترڪ ترڪ
=	اڪيان ڪيتا التا آرويڪ حسن دي گرم بازار
=	سمجهه صورت سير سارو قلب جي ڪتاب ۾
=	عشق جو احوال اعليٰ ڪو پڇي عاشق اچي
=	نيهن جي نوبت وڃائي ناد ڪٿين نيهي نواب
=	پيچي پوشاڪ پياري پائي صورت والي سر سمجهائي
=	آعشق ڪيتي اثباتي ڪر چم چم، چڻ چاتي
=	ناهيان ۾ آهيان آهيان م ناهيان اهو حال چاتي چا سان لايان
=	هي هي هو هو هون هون هونگارو نفيءِ سري ڪان اخثا اشارو
=	لو هتگ برهم ڪي تن ڪا هون ڏياني
=	ڪانرو -رچڪ پيانڪ يتارت بتائون رجو گن تمو گن ستو گن سي گائون
=	ناب سي نام اٿايا مئين سلس سروس سمايا مئين
=	ستگر هي ميرا، ڏياني سوگياني ستگر هي ميرا
سورٺ	نام والا دم چاڻ غنيمت نام بنان دم ناقص هي
=	ڏس بره جي بازار حسن هيڪار لڳي
=	پسي مورت جي محلات صورت سبحان چولن
=	ساري مظهر جو مختيار علي شاه آهي
=	عجب عشق واري اوقات علي الله چولن
ڀهيڳ	خالص خودي جي خاتي خوبان خيال منهنجو
=	آخر اول احمد زمان مظهر مثل مشهور ٿيو

= عاشقن اثبات ڪيو الله کي انسان ۾
= عشق جي اسلام سان، اظهار ٿيو احمد زمان
= الله عالم جو ٿئي احمد زمان اظهار ٿيو
= مرڪي مظاهر من جيو مهندار ٿي احمد زمان
= عشق جي احوال سان اظهار ٿيو حضرت حسين
= مقصد ڪهڙو مڪي وڃڻ جو پنهنجي صحي سر ڪي سڃاڻ
= نالنڪ نيڻن جي ناز جو آهي دلڙي واري ديدار ۾
= ڪو يا ڪاڻي ڪاهي آيا عاشق اتي جي آرتي
= محبت واري ميدان ۾ نعرو هڻي نيشان ٿي
= موجود تون موجود تون بيشڪ بقا بهبود تون
= نيشان نيري نوڪ تي نروار تان نابود تون
= توڪل واري هٿ تار ڪر توحيد جي تجلات سان
= حسين جي حسنات جو جبار جر عبدالحسين
= صورت صحي سلطان هي سبحان السبحان الله
= اثبات ڪر الله کي پنهنجي پرين پسام کي
= شاهه مردان شير يزدان قوتي پروردگار لافتا الاعلي لاسيف الذوالفقار
= جام وحدت جو پين واقف وصل وسام جا
= ساقي سرخ سرشار ٿي چئو من خدايم من خدا
= عشق الجهل ب هجي سرخ سهڻل ب هجي
= ڪوڙئين پدم نيلن ڪنان هڪ دم جيڻ آهي وڏيڪ
= لسم عشق والاظهار ڪهون مئين
= مصوري مئيخان ۾ جيڪي اچن جيئري مري
= پير پيران بادشاهه دولهه دلاور دستگير
ڪنيت لوڪ لاڳاپا لاهه جنهن لج لوڪ لاڳاپا لاهه جنهن لج
= دلبر جي ديدار موهيو من دلبر جي ديدار
= ناچو ٿي نروار نچان ٿو ناچو ٿي نروار
= محبت جي ميدان مچان ٿو محبت جي ميدان
= اڪين ۾ اظهار آهيان مان اڪين ۾ اظهار
= ڪج عشق عجب اظهار ڪيتا هي آڙ آوازي انور ڪا هوا
= سرور پيارو ساقي ساغر تسوايو سرشار بنائي
= تماچي جام ڪيئن تڙ تي مليو مئي پي مهاڻن سان
ڪونسيه بيسر بازي ڪيڏن غازي نوڪ نظر تي نيڪ نيازي
= ستگر ڪا گن جوئي نه جاڻي سوئي پنڪي پولاري
= سرت نرت سچ سمجهي صوفي جو گير لنڌاري ڪو
= آپ م آپ آپي سمايا صاحب سرت سبحاني ري
= نام جپون پر نام پيارا نام جپن بن جوئي بات
= وڻيجر رگ شام اترون، برما مک پرچار ڪيا
= پچن ڪرون پڳوان هري ڪا ڌارن ڪرڪي ڌيان هري ڪا
= دم جي دم ڪي درس دلير شوق وارو ڪو سمجي شير
= ناچو ٿي مئين لايا نيهن ميڪهه محبت والي مئين
= مئين وڃون جنهن مئين ٿي پيدا مجهه ڳڻي مئين بن بي مصلات
= ساچ سدايا ستگر ساڪي ساچ برابر تاپ نهين
= سنت ڪي مها ويد نه جاڻي سنگت ڪا ڀيد نيارا ري
= تريا ويا پڪ اتپت اندر تريا جات ۾ جاڻي ري
= لوم هري ڪا ڀيد نيارا لوم هري هر نام هري

سرون گيان منن تيلسن سا کيا تي سرجاني جو
لوهنگ برهم پگولن هون سوهنگ سري سلطان هون
= پهاڙي- نسنگ نيهن نتلي جي نام نيهني
= کيا شوق شاهي شرابي شتابي شغل شور بازي شهابي شبابي
= کيان جوش جاري جمالي جلالي پيان پر پريمي پيالي خيالي
= عشق عجيب انس دي اولي انا الحق الايا
= تن من طبل تمر طبل تماشي ڏو ڏو ڏکن ڏکا هي
= ميخان وچ مدامي مئن دا مندبل متا هي
= جلوک چاوين توڙ نپاوين پير پچونتي مول نہ پاوين
= جو دم آوي سو دم جاوي ايکائي دا مطلب پاوي
= الٽ الائون رمز رلائون نوک نظر تي نيزي چائون
= بار ملامت چم چم چائون انا الهق اظهار الائون
= ويک حسن ديان هوليان اکيان والي اولي اندر
= پيرين پاوان چيريان درسن والي ديري دم دم
= شاهنشاه منهنجو علي علي آه علي علي آه مولي علي آه
= عشق امام اسان جو علي علي آه. علي علي آه مولي علي آه
= عشق آواز کيو انا الحق انا الحق انا انا الحق
= عاشقن اثبات کيو مظهر علي مظهر-علي
= کامل قلندر قادري کل شيءِ تي آهي تنهنجو قدم
= پهاڙي- صورت صحي کا صاحب صوفي صفا صفا
= پير مغان پريمي پيالا پلا پلا...
= جيلي جهان جلوه جهلکار جا بجا...
= پتڙ ٿي پاک پاڳارو پلي آيو پلي آيو
= سکندر قلندر پيغمبر جا پيارا نانگا تن جي در تي هٿي نيهن نعرا
= پاڳارو پير ٿي پرور پلي آيو پلي آيو رموزوي راز جو رهبر پلي آيو پلي آيو
= پس پيرمغان پاڳارو جنهن جو پيچي پاک پارو
= مهدي منور مهدي منور پير مغان پاڳارا هي
= سپ صورت دا سردار آيا تي پيرمغان پڳدار آيا
= پيازل پيشوازن سان پلي آيو پلي آيو
= عدم کان عشق اوپارو پلي آيو پلي آيو
= يگانو يار تي ياقي پلي آيو پلي آيو
= صورت والا سائين وو سڻاوين سهڻي سرديان سواريان
= آءُ تہ پاکر پائون رنگ لائون کرون روح رهاڻيان
= سردار سانگا چاوين هٿ لاوين پچي عشق آفات کون
= انا الحق الائون کل لائون کرون مئي ديان مقاليان
= سر سمجهايان سخن سڻايان ڳايان ڳايان ڳايان
= مرشد ميري منيري بينظيري جنهن دا بره بحال هي
= پاڳاري پيشاني پسانوڻ نئون صدقي
= من خدئي موج مک مشهور ميخاني مين هي
= عشق بازي کا مزا خود خيال کي خالي کاهي
پهاڙ: بندا نهين نہ بت هون. خالق نہ مين خدا هون
= عجب عشق اعلي انا الهق الايو...
= مون کي ياد آهي عدم کان اشارو . نگاري نرالو نظر جو نظارو
= پيوان صاف سرکي کڏهن کين کرکي
= ڏري ڏيان دم پر کيم ديدار دلبر

کوهياري	دم دي کر تون سرت سنپال ڇوڙ ڦٽي کر خام خيال
=	سير سري وچ گوهر گيان سمجهہ صحي ڪردم داڌيان
=	تيري دم جو ڏيان تي نيشان اسم ساڻ الله جي
=	سهڻي سرور دي سرداري هي، چوطرفين چوڌاري هي
=	ڪيسي عشق عجب اثباتي هي يا جهاتي دي وچ جهاتي هي
=	جڏهن آپ ڪون آپ وڪايوسي تڏهن من دا مطلب پايوسي
=	عشق عجيب رنگ لائينئو گيت اناحق ڳائين تو
=	اسم ذات سان پيو نچ نڪين ڪچ نڪين پچ
=	نڪين هم نڪين تم، ڇئون آهي پيو فهم
جهجهونتي	آيا پيري مغان هي پاڳار. ڪر سانگ صورت دا سارا
=	سردار سخي سر آيا تي سرسا سرس سوايا
=	ڳائون ڳائون ڳالهہ ڳجهي ڳجهہ ڳائون
=	مئيخان ۾ مي پي مچي موتو مري جوڳي جيا
پٽ مجري	مخمور مگهن مستانا هون مستانا هون مئيخانا هون
راڻون	معفي چڙهيا مير منور پوندي آوي پيچ پيچ
=	شاهہ مردان شير يزدان شمس علماءِ شاندار
=	ناد نفعان نوبت نعري نيهن واليان دي نزاڪت هي
=	مچ محبت جي مچڻ، هي عاشقن جي سونهن سوپ
=	مست تي مئيخان ۾ رندن ڪيا تي راڳ روپ
=	هر شئي اندر آپ سمايا . ڪؤن هو يار گمراهہ ميان
گجري	ننـد چڏ نياڳي ويسر وساري
=	جاڳي جاڳي جوڳ جوهي جاڳڻ واري جوت جاڳي
=	تنهنجو تو ئي ساڻ ساجن سهڻو ساهہ ۾
=	دلبر دي ديدار موهيا من ڪول حسن داجلوه جنگي
=	ظاهر ذاتي ذات موهيا من ياسر ويا تاج ڪلنگي
=	آهيان پاڻ خيال خودي خود. خود خدائي خيال آهي
=	پسڻ آهيان پاڻ پسان ڇا، پسڻ وازي پيچ ۾ پٽرو
=	تون ڪير آهين الله ڪير آهي صفت ذات وچ ۾ ڪهڙو غير آهي
=	سردار سرور اظهار انور پسڻ جي پسڻ سان پڳدار پرور
=	قادر قلندر سورت سڪندر اظهار اعليٰ آواز اندر
=	الله الله تعاليٰ ازل کان تون آهيان اظهار اعليٰ
ڪلنگڙو	آهيان مان عشق جو عاشق رڪان رندي مشرب تو
=	ڪيان احوال تو آئون عجب اطهر عجيبن سان
=	مڙگان هي مير امڪا لاهوت لاثاني لقا
=	ڪري اثبات اڪين ڪي اناالحق گيت ڳيان تو
=	ڏئين ڇا تو نئين ڇا تو اڏي جي عشق بازيءَ ۾
ديسڪار	عدم ڪنان عشق تي آواز ڪيو مون
=	ڪين ڪين ڪي بنا ڪين آهي ڪين
=	سهڻي - بي مثال جو وصال ٿيو مثال مقالي
=	مگهن مست مئي برست ڪري دست حنائي
=	ڏن ڏيان ڪي ڏنن لاڳي ري
پيرواڳ	خود خيال تي سمجهہ تون خويان خيال ڪي
=	عاشق اصل کان آهيان خوشحال خيال جو
=	عاشق اوهان جو آهيان، اختيار هٿ اوهان جي
بسنت	لايا نيهن نيڻاندي نال اسان نچ ڪيتا ناز نهال اسان

= بن عشق عجب ارباب اسان تي اوقاتي احباب اسان
= نـاز نيٺـاندا نظـارا وي آيـا تـي اظهـار انـدر وچ
= احـد احمـد بـن آيـا هـي خلڪـي خرقـا پيـاري پايـا
= بسنت بهـاري لائـي هـي چوطـرف چـوڌاري چمـن وچ
= بسنت بهاريـا بـاغ بهـار برسـر بونـد بهـاري لائـي
= سهرا سرخ سر ڳايان ٿو، تـوم تـوم تننن طبـل وڄائي
= هٿ ڪيتا خيال ڪمال اسان هڻ دم دي درس ڏمال اسان

=

متفرقات

=

=

=

پيلو صوفيـن جـو سـردار اسـان وٽ آيـو
= شاهن جو تي شاه اسان وٽ آيو، اولي انس الله اسان وٽ آيو
= آهيـان ٻـول ٻـڌل موڪـي جـي محفـل مـٽ تـي ملهـ ڳـتل
= لنـواري ۾ لاٿـان پرهـو حـج اڪبـر
= آيـا پيـر پاڳـارا پـرور پـاڪ پيـارا چـوڏس ڪـر چمڪـارا
= پـري تـان پڳـدار ڏسـڻ ۾ آيـو دم نـ هڪڙو ڏار ڏسـڻ ۾ آيـو
= پـٽر تـي پڳدار اسـان وٽ آيـو قـائم ڪلنگـي دار اسان وٽ آيـو
لوڙائو عشـق دي عاشـق ڪـر اثبـاتي سمجهـن سـير صفـاتي ذاتـي
تلنگ ڪـول درسـن جـي دلـداري دري آهـي دلڙي دردن سـاڻ ڀـري
= آپ گنواڪـي آپ پڄـاتي صوفـي سـرت سـبحاني آتـم گيلانـي
= عشـق صـورت انسـان محمـد نـام ڏارا ڪـي آيـا
= پسـڻ جـي پيمـان پـورو پـتر پـس وتـن پيـر پاڳـارو
= يـا عشـق دا ڳـل وچ ڳانـا مخمـور قـران مسـتانا
= عشـق عجـب عريـان عاشـق زوران زوري زبـح ڪرينـدا
ملار ڳيـت انـا الحـق ڳـائون هـڪ دم دي ديـر نـ لائـون
ملجهه عشـق ڪرينـدا شـڪار تڙڦـڻ مـول نـ ڏينـدا ڏينـدا
آسا پڪـڙن جـا پيغـام مڪـا مـون مـاروڙن ڏي
پيروي پڪو پيچ پائي پاڳاري پير سان پسڻ ڪي پسان تو پيشاني پذير سان
= حضـرت نـاز رهبـر راز سـرور سـاز سـبحاني
= الائـي چـو اڙي آه منهنجـي دل يـار سـان
= اسـم ذاتـي جـپ يـار صـورت جـي تـ صحـن ۾
تلنگ جنهن پلاڻ پسڻ جو پيڙو پرو، تنهن ذوق نـ ضـايع ٿيـو ذرو
بنس دلـدار دلبـر يـار دليـدار ڏتـاريو، ڪٿـي نيـڻ نهـاريو...
تلنگ هجـر وصـل دا چـوڙ بهانـا هـي سـب خيـال خدائـي نهيـن جدائـي
ضلع تهنجـو منهـن محبـوب مصحـاف پسـي رخسـار رحمـان
پوربان عشـق اويـڙا مـول نـ بهنـدا ڳلـيءِ ڳلـيءِ وچ ڳوئنـدا هـي
= سـخي شاهنشـاه درازن ۾ دولـ داتـا
= هـر منهـب جـو عشـق امـام مدامـي موجـود تـي آيـو
= عشـق شـهباز شـڪار ڪرينـدا شـائق شاهنشـاه ....
پيروي ڏنـم ديـدار دلبـر جـو سـخي سـردار سـرور جـو
پهاڙي سـبحان صـورت سـرور فقيـر ڪـي
پيلو پيان تو آبي حيات حسن سان صراحي سرخ سرساز سخن سان
جوڳ جـاڻ اهـو ٿـي تـون جـاڻي نـاهي ڪـا پـرت پڄـاڻي

پيروي	ڀريــن پيــر پيــرڻ ڪــڏي قــرب ڪــرڻ
آسا	ســهڻي ڪيــا صــالح جــا، ســرانجام اينــدي ونــدي
پيروي	نـــاتو نــات ســان تيــڪ نيايـــان مـــان
=	ڪـــڏي ڪـــات اڳيـــان ڪنـــڌ نايـــان مـــان
تلنگ	معنــيءَ مهــر جــي ملــي وڃــي منجــي مــن تــان ويــو مونجهــارو
پيلو	چوان ڪيئن ناهي نگار علي آهه جنهن جي بره جي بهار پلي آهه
=	لنـــگ جـــي لاڏ ســـان لائـــق لعـــل آهيـــان
پيرو	ي بـــره بونـــد حســـن هونـــد ڪيئـــن ڪونـــد ڪـــڏايا
=	منهنجـــي لئـــون جنهـــن ســـان تنهيـــن ســـاڻ آهيـــان
	تڙڳڙ ـــ چلولوڙائو ـــ پشور سر

چلا ٿيا اظهار عشق والي اسرار ڪنزمخفي ڪل ڪر گنج گلوار

سي حرفي نمبر -1

سي حرفي نمبر -2

سي حرفي نمبر -3

سي حرفي نمبر 4

هفتو

پوران پاجون آيا چوراسي تي بره بدل بنواسي

بيت

مثنوي

دوهيڙو

دوهيڙو

ڪلام مدامي موج منصوري ڪير مخمور مستانو

بيت



فقير علي بخش گورڪ فقير ، فقير گل محمد ڪنڀاڻ، فقير جهنب علي ڪوراڻي ، عمرڪوٽ

پہ اکر



هي ڪتاب"الصوفي لامذهب" منطوق محمدي احوال احمدي، محمد فقير کٽياڻ جي شاعري جو مجموعو آهي، فقير صاحب صوفياڻي اسلوب هيٺ شاعري ڪندڙ ڪافي گو شاعر هيو، سندس شمار سچل سرمست ڪان وٺي منٺار فقير راجڙ تائين جهڙن شاعرن جي صف ۾ ٿئي ٿو، سندس شاعريءَ جا راز ۽ رمزون ڪي رند ئي پروڙي سگهن ٿا. فقير صاحب جيق جي واٽ تي هلندڙ اهڙو عظيم انسان هو جيڪو هيٺڻ آڏو نياز نوڙت ۽ انڪساري سان هلندو ۽ جيڪي پاڻ کي تونگر ۽ طاقتور سمجهندا هئا انهن آڏو جرئت، بهادري ۽ جوانمردي سان بيٺو رهندو هو، جيتوڻيڪ هو هڪ آزاد خيال انسان هو پر پوءِ بہ عشق الاهي ۾ اڳيرو هو.

محمد فقير صاحب جي زندگي ڏاڍي بي مثال ۽ ڪارنامن ۾ گذري. الله جي راهہ ۾ سر جو سانگو نہ ڪندڙ صوفي فقير پنهنجي مرشد پير پاڳاري جي حڪم تي 1914ع واري عالمگير جنگ ۾ غازين جي جٿي ۾ پرتي ٿي پنهنجي سورهيائي ۽ بهادري جو مظاهرو ڪندي مثال قائم ڪيو. ان ڪان وڏيڪ جڏهن .سنڌ جي هڪ بي مثال ۽ عظيم سياستدان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي وٽ ملازمت ڪندو هو پر جڏهن هن پاڻ کي اتي محتاج سمجهيو تہ هن ان جي نوڪري ڇڏي ڏني، سندس زندگي مثالي ڪارنامن سان ڀرپور رهي، سندس دوستي ۽ عقيدت نواب ولي محمد صاحب سان بہ رهي، اهڙن ماڻهن سان تعلق ۽ واسطيداري مان ثابت ٿو ٿئي تہ هي صوفي بزرگ پنهنجي دور جي همہ گير شخصيت جو مالڪ هو. سندس شاعري ان دور جي زندهہ تاريخ آهي.

صوفي فقير صاحب جو هي ڪتاب سڀ ڪان پهرين مخدوم محمد زمان طالب المولئٰ آف هالا جن ڇپايو هو جيڪو علم ادب ۽ شاعري جو روشن ستارو هو ۽ شاعرن جو قدر دان هو، اهو ئي سبب آهي جو هالا شهر ۽ سندس آسپاس ۾ هزارين شاعر موجود آهن ۽ سندس باريل شاعري واري شمع اڄ بہ روشن آهي. ان خاندان سان تعلق رکندڙ ڪجهہ

دوستن صلاح ڏني تہ فقير صاحب جو ڪتاب ناياب ٿي چڪو آهي ۽ ڪيئي سال گذرڻ بعد بہ ڪنهن ٻيهر ان کي ڇاپڻ يا ڇپائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، تنهن ڪري اسان ضروري سمجهون ٿا تہ فقير صاحب جو اهو سمورو پورهيو نئين سر ترتيب ڏيئي ڇپائي پڌرو ڪريون. پر ڪجهہ دوستن جي سستي جي ڪري سنڌس سمورو ڪلام وري بہ ڇپائي هيٺ نہ اچي سگهيو. باقي اڳيون ڇپيل ڪلام وري جديد نموني ڇپائي رهيا آهيون جو تہ فقير صاحب جي شاعري اڄ بہ ساڳي جوش ۽ جذبي هيٺ پڙهي وڃي ٿي ۽ سمورن وڏن شاعرن جيان ڳائي وڃي ٿي.

اسان دوستن احبابن جي صلاح ۽ مشوري سان هي ڪتاب پڙهندڙن آڏو آڻي رهيا آهيون، هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ جن دوستن صلاح ڏني ۽ اخلاقي مدد ڪئي،انهن ۾ منهنجا ويجها ساٿي صوفي احمد خان ٽڳڙ ۽ ڪامريڊ اياز ميمڻ جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن نہ صرف ڪتاب ڇپائڻ جو شوق ڏياريو پر قدم قدم تي مون سان ٻاجهي وانگر گڏ رهيا. ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ کان وٺي پروف پڙهڻ تائين منهنجا ساٿي رهيا ۽ آڪاش پريس حيدرآباد تي پورا ٽي مهينا مسلسل مون سان گڏ يا جدا جدا ايندا ويندا رهيا. انهن کان سواءِ شايدهي ڪم مڪمل ٿي نہ سگهي ها.

رئيس احمد خان ڪٽياڻ
موجوده سجاده نشين
درگاهہ محمد فقير ڪٽياڻ



مقدمو

فقير صاحب محمد فقير جي سوانح حيات ۽ شعر و شاعري

محمد خان بن حيدر خان بن عبدالله خان اٽڪل 1876ع ڌاري ڳوٺ سليمان خان ڪٽياڻ(1) تعلقہ مٽياري ضلع حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس پاڙو بوداڻي ۽ قبيلو ڪٽياڻ آهي. دراصل ڪتيراڻن جو لفظ سنڌي اچارن مان آهي. ڪٽياڻ گهڻو اڳاڻي وقت کان ونني بلوچن جا ساٿي ۽ ڀاءُ هئا ۽ اهوئي سبب هو جو سردار مير شهيڪ بلوچ سڀيءَ لڳ "بارخان" جو علائقو لغارين ۽ ڪتيراڻن کي ورهائي ڏنو. ڪتيراڻن جون بستيون گهڻي عرصي تائين سڀيءَ ۽ ڏاڏر جي وچ واريءَ ايراضيءَ ۾ رهيون. جيئن تہ ڪتيراڻن ڪجھ وقت پٺاڻن سان بہ دنگئي هئا. انهيءَ ڪري ڪي ڪٽياڻ قبيلا، پٺاڻن جي راڄن سان پيڙا رهيا ۽ انهيءَ لحاظ سان ڪٽياڻ " اڌ بلوچ ۽ اڌ پٺاڻ" ليکجڻ ۾ آيا (2). مگر اورين سرحد وارا ڪٽياڻ، بلوچن جا پائر هئا ۽ انهيءَ ڪري ئي ٽالپرن سان پيڙا ٿي سنڌ ۾ آيا ۽ هالا، ميرپور ماٿيلي، ميرپورخاص، روهڙي ۽ شڪارپور تعلقن وارين ايراضين ۾ اچي رهيا.

سڪونت اختيار ڪيائون جتي اجان تائين سندن راڄ موجود آهن. سنڌ ۾ ڪٽياڻن پنهنجي طاقت ۽ بهادري سبب نالو ڪڍيو ۽ سنڌ جي اميرن کين جنگي کاتي ۾ وڏا عهدا ڏنا. خصوصن سندن بن راڄن موسيٰ پوٽن ۽ بوداڻين ۾ وڏا نامور بهادر ۽ پهلوان پيدا ٿيا. موسيٰ پوٽن مان رئيس اسماعيل خان ۽ موسيٰ خان وڏا بهادر ۽ ناليوارا پهلوان ٿيا ۽ بئي مير صاحبن جي طرفان فوج جا ڪمانڊر مقرر ٿيا. رئيس موسيٰ خان، مير فتح علي خان جو گهرو دوست هو ۽ سندس همت، طاقت بهادري جي هيءَ حد هئي جو اڪيلي سرتلوار سان شينهن ماريائين (1) هنن کي مير صاحبن طرفان جاگيرون مليون جي اڄ ڏينهن تائين سندن اولاد جي هٿ ۾ آهن. ساڳي طرح بوداڻي پاڙي ۾ وڏا نامور پهلوان ٿيا

(1) هي ڳوٺ اسٽيشن ٽنڊو ڄام کان 3 ميل اتر ۽ اسٽيشن الهڏنہ ساند کان 3 ميل ڏکڻ طرف تعلقہ مٽياري ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ واقعي آهي.

مثلن : عبدالله خان، حيدر خان ۽ پيا مگر هن پاڙي کي ٻي ڏات ٻـ ملي جو منجهائن فقير ۽ شاعر پيدا ٿيا . عبدالله فقير، محمد فقير، محمود فقير ۽ آخر ۾ محمد فقير اهي مڙيئي هن پاڙي مان هئا محمود فقير کٽياڻ پهريون شاع ر هـو (2) چنانچـ " لئنـڊ ايلينيشـن رڪـارڊ" ۾ کٽيـاڻ جاگيردارن متعلق لکيو ويو آهي تـ " کٽيـاڻ اڏ پٺاڻ ۽ اڌ بلوچ قبيلـو" آهي. جنهن جو ظريفانـ۽ دلپريز ڪلام نهايت مقبول پيو. سنڌي توڙي سرائيڪي ٻولي (جا سندس مادري زبان هئي) ۾ ڪلام چيائين. سندس ڪافين توڙي بيتن ۾ لفظن جي پوچ قابل داد آهي. سرائيڪ ٻولي ۾ سندس چيـل ڪلام "يار ياقي تي اوطاقي مئن فراقي ڦردي" اڄ ڏينهـن تائين ڪافين جي مجلسن ۾ ڏن سان ڳايو وڃي ٿو.

محمود فقير جو، محمد نالي هڪ مگڻهار ڇوڪري تي نظارو هو ۽ پنهن جي سرائڪي زبان ۾ چيـل بيتـن ۾ اڪثر سندس نـالو آندو اٿس. جيئن تـ سندس اهي بيت شاعرانـ لحاظ سان نهايت عجيب ۽ انوکا آهـن. اسان هتي انهن مان هڪ بيت مثال طور ڏيون ٿا .

بيت

جيڪو راه عاشق دي ڌاه گهتي
تنهنڪون موج علي شاهـ ٽنگي.
تيڪ ماريندا ريڪ رليا،
ڪجهـ مرَضُ موڙي ڪنون ڪنگهي
ڪسدا آوندا گس دا گاندو
سوئر وانگي ڪنڊ سنگهي.
جهٽ آنوڻ دي گهٽ پراوڻ،
پٽ سٽان سپ منگهي.
ليار هيئون هڪ وارنـ وڃان،
مار گهتن ڇا لنگهي.
مور نـ ڇوڙان محمد ڪون،
ورت وڪوڙ ڇا ونگي.
ميدان جهلي محمود ڪڙا
تـ ٻـ درد هلاري دي دنگي.

(1) ڏسو "لئنڊ ايلينيشن رڪارڊ" کٽياڻ جاگيردارن جي غداون هيٺ.

ڪافي

مٺيون پاڻيان ماڪي مصري ڳالهيون سهڻي يار جون محمد منگڻهار جون
1- حسن فراق چلنگيون چڻڪن چيرا
باه بره جي پڙڪي چيون ڪن چيرا
اترانپيون عشق اڙايون مانڪي دڪن دلدار جون
2- چشم ڪري ويون چهرا پاڪ پيشاني
اڙبنگ اکيون عاشق جون ڪجل پائن ڪاني
گرد ڪرن گرد ڪٽوريون سرمي سينگار جون
3- قرب مان مارن مونکي تکيون تلواريون
ختم ڪم خوني خنجر وحدت واريون
قيد ڪرن قابو دلڙيون. زنجيريون يار جون
4-چهڪ چڪن تا جيئن چڙنگ پتلي پاڻ تي
لوڪ سارو توڪ ڪري ڪلي تو ڪٽياڻ تي
مٺي تي محمود مجيون بديون برهه بار جون

هن ساڳئي پاڙي مان رئيس حيدر خان بن عبدالله خان کي تقريبن 1296هه (1878ع) ڌاري پٽ ڄائو جنهن جو نالو محمد خان رکيائين. وقت جي رواج موجب ننڍڙي هوندي محمد خان مکتب ۾ ويهي تعليم ورتي ۽ قرآن شريف ۽ سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم به حاصل ڪيائين مگر سندس والد جي وفات سبب سندس تعليم جو سلسلو منقطع ٿي ويو ۽ هو وجي پنهنجو گهرو ڪم ڪار ڪرڻ لڳو. مگر ڪيس علم جو شوق به لڳو رهيو ۽ جوانيءَ واري وقت ۾ به گهرو ڪم ڪار کان فرصت وقت وجي پنهنجي ڳوٺ کان 2 ميل اوپر طرف ڳوٺ " ڪرناٽي سما" ۾ مولوي حاجي عبدالرحمان صاحب سمي وٽ طب توڙي فارسي جي تعليم وٺندو هو. جنهن ۾ چڱو بهرو حاصل ڪيائين.

محمد خان جا وڏا اصل کان پير سائين حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحه جا مريد هئا ۽ پاڻ به وجي پير صاحب پاڳاري حضرت شاهه مردان شاهه عرف ڪوٽ ڌڻي بادشاهه کان توحيد جي تلقين ورتائين. محمد خان ننڍي هوندي کان حليم طبع ۽ نرم سڀاءُ هو ۽ هاڻي مرشد کان

فيض وٺڻ بعد سندس طبيعت ويتر فقيرءَ ڏي مائل ٿي. هن عرصي ۾ فقير صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهائي ۽ طبابت ڪندو رهيو ۽ اٽڪل اٺ ڏهه سال ڪيس انهيءَ شغل ۾ گذريا.

فقير صاحب جي دل فطرتن حسن ڏانهن مائل هئي ۽ مجازي عشق بہ ڪيس گهٽيون مهميزون چڪايون سندس آواز ۾ وڏو مناج ۽ اثر هو جنهن ڪري راڳ سندس واسطي روح جي راحت بنيو. پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ ڪنهن ڪي بہ ساز تي ڳائڻ جي منع هئي پر محمد فقير جي حال کي ڏسي پير سائين ڪوٽ ڏٺيءَ جن ڪيس يڪتاري تي ڳائڻ جي اجازت ڏني ۽ پوءِ فقير صاحب يڪتاري تي نهايت سوز گداز سان ڳائڻ لڳو.

ان بعد رئيس غلام محمد خان پرڳڙي وٽ سندس زمين چنڊهل تي عام مختيار ٿي وڃي رهيو. جتي آس پاس ۾ هڪ مجذوب فقير، محمد هاشم نالي رهندو هو. جنهن کان فقير صاحب هميشہ دعا گهرندو هو. هڪڙي ڏينهن محمد هاشم فقير ڏانهس نهاري چيو تہ " دعا ٿو گهري! پاڻ کان وڏيڪ گهري ڏائڻ!" انهن لفظن فقير جي دل تي نهايت گهرو اثر ڪيو. ان ڪانپوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد اهڙو اتفاق ٿيو جو رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جي اوطاق کي جنهن ۾ تمام گهڻو سامان پيل هو، اچي اوچتي باهہ لڳي. فقير صاحب روبرو وينو هو مگر باهہ تمام زور ورتي ويئي جنهن جو اجهائڻ مشڪل هو. فقير صاحب پنهنجي زبردست هارين کي چيو تہ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪيو فقط ڳائڻ جا ساز ڪڍي وٺو. ان بعد جڏهين رئيس غلام محمد خان کائنس هن واقعي بابت پڇا ڪئي تڏهين چيائين تہ " حق جي اها راءِ هئي ۽ ڏوهہ ڪنهن جو نہ آهي. وس ڪنهن جو ڪونہ هو ۽ اوطاق سامان سوڏي سڙي ويئي" انهيءَ تي پرڳڙي صاحب ڪيس نوڪريءَ مان رخصت ڪيو جنهن تي فقير صاحب چيو تہ اسين اڳيئي ان ڳالهہ ۾ خوش آهيون.

هن نوڪريءَ ڇڏڻ بعد فقير صاحب جن اچي ڳوٺ رهيا ۽ پنهنجي ڪلامن ذريعي نروار ڪرڻ ۽ پنهنجي جذبات ۽ پر اثر آواز کي ڳائڻ ذريعي اظهار ڪرڻ ڇڻ سندن ورد ۽ وروتهہ ٿي ويو. ڪي ڪورائي فقير سندن صحبت ۾ گذارڻ لڳا. جڏهين سندن پر اثر ڪلام ۽ ڪافين جي خبر اهل دل درويش فقير صاحب نواب ولي محمد خان لغاري (تاجپوري) جي ڪن پيئي تہ نواب صاحب جن هڪ ڏينهن پنهنجي هڪ مجلس ۾ فرمايو تہ هڪ

درويش سنهي آواز ۽ سهڻي شڪل سان اسانجي دفتر جو سنڀاليندڙ ايندو. فقير صاحب محمد فقير جن بہ جناب نواب ولي محمد فقير صاحب جي فقيريءَ جي حقيقت ٻڌي ۽ پاڻ نواب صاحب جن جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيا. نواب صاحب جن فقير صاحب جن جو آوزا ٻڌي پنهنجي ولي عهد نواب غلام حيدر فقير کي چيو تہ اسانجي دفتر جو سنڀاليندڙ اچي ويو. ان بعد نواب صاحب پنهنجي ڪلام جو دفتر گهرائي فقير صاحب کي مطالع ڪرڻ لاءِ ڏنو. هن صاحب دل درويش جنهن اميريءَ ۾ فقيري اختيار ڪئي هئي تنهنجي صحبت فقير صاحب کي اهڙو تہ ساءُ ڏنو جو ٿي سال کن سانده وٽن رهي تصوف جا نقطا معلوم ڪيائين ۽ ان سان گڏ نواب صاحب جهڙي بي نظير شاعر جي ڪلام فصاحت نظام جي معيار کي معلوم ڪري ڇڻ سنڌي ڪافين ۽ ڪلام جي سخن ۽ معنيٰ جي بلند مقام ڪان بہ پوريءَ طرح بهره ور ٿيو.

ان بعد فقير صاحب نفس نمائڻ واسطي ويهي جهد ڪئيا. اول اول پنهنجي ڳوٺ لڳ "پرڏيهي پير" جي مقام اندر وڃي جوڳ ۾ وينا. ان وقت ڏاري سندن مرشد پير سائين پاڳاري جي درگاهہ جو بيو هڪ درويش فقير ميانداد لغاري (1) گهٽو اڳ پنهنجا عزيز مائٽ ڇڏي. مال اسباب ترڪ ڪري اچي ڳوٺ جعفر وڳڻ تعلقي نوشهري فيروز ۾ وينو هو. ميانداد فقير سيد سليمان شاهہ جو طالب هو جو هڪ اهل دل فقير ۽ پنهنجي مرشد (پير سائين حزب الله شاه) جو سچو عاشق هو. سندس درديلا ۽ پر اثر ڪلام اڳيئي جماعت ۾ مشهور هئا جي محمد فقير جماعت ۾ نهايت درد سان ڳائيندو هو ۽ جن جو سندس دل تي نهايت گهرو اثر هو. سليمان شاهہ جي گذرڻ بعد سندس طالب يعني تارڪ فقير ميانداد جي ڪشش هاڻي فقير صاحب کي ڇڪي ويئي ۽ فقير صاحب بہ وڃي وڳڻن ۾ هن تارڪ درويش سان مليو ۽ غالبن سندس اشاري تي اتي ئي پرسان ڪٻڙين جي ويڙهہ ۾ وڃي جهد ڪئيائون. انهن ڪٻڙين ۾ اڪثر نانگ بلائون هئا ڪن ماڻهن اچي فقير کي اتان اٿارڻ جي ڪئي پر فقير صاحب چيو تہ " ابا نانگ بلائون بہ موليٰ جا ۽ اسين بہ موليٰ جا آهيون اسين هتان ڪونہ اٿنداسون" هي جهد ۽ جوڳ ڇڻ تارڪ درويش ميانداد

(1) اصل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقہ سنجهورو: فقير جيئن پنهجا عزيز مائٽ ڇڏيا تہ وري اهو دنيوي لاڳاپو ڪونہ ساريائين ۽ اٽڪل چاليهہ سال هڪ چادر ۾ ۽ هڪ جوديواري اندر رياضت ۾ صرف ڪري اٽڪل 15 سال کن ٿيندا جو وفات ڪيائين.

طرفان فقير صاحب جي آزمائش هئيءَ جنهن ۾ فقير مرد ٿي ميدان کٽيو ان بعد تارڪ درويش مياداد ۽ فقير صاحب جي هڪ ٻئي سان هڪ الله کارڻ محبت پيدا ٿي. تارڪ مياداد پوءِ وڃڻ جو ڳوٺ ڇڏي وڃي ڳوٺ پير صاحب پاڳاري جي پريان ڪوٽ مير محمد ۾ ساڳيءَ طرح گوشه نشين ٿيو. ۽ ان بعد فقير صاحب جڏهين بہ درگاهہ شريف تي ويندا هئا تہ فقير مياداد وٽ لازمي طور سالڪانہ صحبت لاءِ ويندا هئا.

فقير صاحب پوريءَ طرح جهد ڪاٽي نفس نمائي ڪلي طور فقيري اختيار ڪئي ان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ ويهي گذارڻ جي شغل کي ترڪ ڪري، گيڙو ڪفني پائي متو اگهاڙو ڪري فقراءَ جو سنگ بنائي، ڇيرون جامان وجهي سازسرود کڻي پنهنجي صوفيانہ ڪلامن ذريعي توحيد الاهي جي پرچار خاطر سڄي سنڌ ۾ هر جاءِ گهمندا رهيا ۽ ڪٿي بہ گوڏا کوڙي کين وينا. ان وقت حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ رح جن جي درگاهہ تي سجاده نشين مخدوم ظهيرالدين عرف مخدوم پروچام صاحب جن هئا سندن ولي عهد هڪ نيڪ سيرتءَ نيڪ مرد جناب مخدوم غلام محمد صاحب هئا. سندن طبع فطرتن فقيري ڏانهن مائل هئي. هڪ عجيب اتفاق بنيو جو سندن ۽ فقير صاحب جي وچ ۾ الاهي انس ۽ محبت جو رستو قائم ٿيو.

سندن سالڪانہ صحبت ۽ الاهي عشق دنوي لاڳاپن کان بالاتر هئا. عام ماڻهو حضرت پير صاحب پاڳاري جي هڪ فقير ۽ جناب مخدوم صاحب جن جي هن انس کي تعجب سان ڏسڻ لڳا بلڪہ هڪ " متي اگهاڙي" فقير ۽ هڪ سجاده نشين سردار جي صحبت تي حيران ٿيڻ لڳا مگر حقيقت ۾ هي انس هڪ فقير جي فڪر ۽ فهم جي جمال ۽ هڪ امير جي فقر ۽ تواضع جي ڪمال جي وصال جو بي مثال هو.

فقير صاحب ائين بہ چوندو هو تہ" حضرت پکن ڏٽين جو ڪلام جڏهن مون ٻڌو تڏهن مونکي دل ۾ عشق پيدا ٿي پيو ۽ دل ۾ خيال ٿيو تہ پکن ڏٽي جي حيات هجن ها تہ ساڻن ملاقات ڪريان ها پکن ڏٽين جي تربت حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليہ جن جي گنبذ ۾ ڏکڻ طرف آهي. فقير صاحب جن اتي اچي هڪ ماه مراقبو ڪيو هو. فقير صاحب ائين بہ چوندو هو تہ " اسانکي حضرت پکن وارن صاحبن کان باطني عشق جي راهہ ۾ امداد ٿيل آهي" اها ثابتي فقير صاحب جي هن بيت ۽ ڪافي مان ملي ٿي.

بيت

امين محمد عشق جو سبق ڏنو سَچُ
ناچو ٿي چئين نچ، نعرو هڻي نينهن جو

ڪافي

1- رنگ راهوندي ۾ رتو رتو، آهي راڳ رقص رفتار سان
پکن واري پڙ تي پڌرو، پيو پاڻ پسڻ جو پتو پتو
پائي پيچ پکو پڳدار سان
2 - صحي ساز صراحي سرجو، ڪري تاب حسن آهي تتو تتو
سهڻي سورت جي سينگار سان
3- صفت واري سير سوپارو، ٿي ساغر سر ۾ ستو ستو
سنگ ساقي سر سردار سان
4- مچي محمد موج منبل ۾، رکي محبت هڻي جو متو متو
ملي ماهر ٿي مهندار سان

فقير صاحب، پير صاحب پاڳاري جي درگاهه جو هڪ سچو سرويچ فقير هو. 1914ع واري عالمگير لڙائيءَ ۾ انگريز سرڪار حضرت پير سائين پاڳاري ڪوٽ ڏڻي رح کان لڙائيءَ لاءِ نقدي امداد توڙي بهادر فقيرن مان رڪروٽ طلب ڪيا. پير صاحب جن نقدي امداد بہ ڪافي ڏني ۽ ان سان گڏ پنج سو غازي بہ ڏيئا ڪيا. جن جي ڀرتيءَ لاءِ سرڪاري عملو آيو. پير صاحب جي امرتي ڪيئيءَ سرويچ مريد لشڪر ۾ ڀرتي واسطي اچي درگاهه شريف تي گڏ ٿيا جن ۾ فقير صاحب بہ شامل هو. فقيرصاحب مجاهدن ۾ پنهنجو جسم ڳاري ڇڏيو هو. جنهن ڪري سرڪاري ڊاڪٽرڪيس ناپاس ڪيو. فقير صاحب هن پرڪا جي ميدان ۾ ڪنهن بہ بهاني سان پوئتي هٽڻ نٿي چاهيو سو ڊاڪٽر کي چيائين تہ " مونکي پاس ڪر ۽ آئون توکي يقين ٿو ڏياريان تہ جتي سرڪار جي ٻين سپاهين جي بندوق بہ نہ هلندي اتي هن بندي جي تلوار ڪم ڪندي" فقير صاحب جي هن همت ۽ مردانگي جي اعلان تي عود پير سائين بادشاهه، فقير صاحب جي سفارش ڪئي جنهن تي فقير صاحب واسطي هڪ رواجي سپاهي جي بدران هڪ اڳواڻ جي حيثيت ۾ سفارش ڪري کيس پاس ڪيو ويو.

پير سائين جن غازين کي دعا ڪئي تہ اميد تہ اوهين فتح ڪري موٽندا جنهن تي فقير صاحب عرض گذاريو تہ " قبلا قيامت تائين پلي پيا گولين ۾ سڙجون. ان جو عيوض نہ گهرجي مگر سرقبول پوي" پير صاحب جن خوش ٿي فرمايو تہ " وڃو لوهان جي فتح آهي" ان بعد پير سائين جن جنازي نماز پڙهي فقيرن غازين کي روانو ڪيو. قدرت ڏٺيءَ جي جو غازي پرتي ٿي عراق تائين مس پهتا جو جرمن جي هار ٿي ۽ انگريزن جي فتح ۽ فقير صاحب جُملي غازين سان سلامت وطن آيو.

مٿيئن واقعي مان ظاهر آهي تہ فقير صاحب جي پنهن جي مرشد ڏانهن هڪ سچي ۽ سرويچ مريدواري عقيدت ۽ محبت هئي. مگر فقيريءَ جي فيض سندس فڪر ۽خيال ۾ اها وسعت پيدا ڪئي جو هر طريقي جي هر فقير صفت درويشن سان سالڪانہ صَحبت ۽ فقيري سنگ ۾ گڏجي گذارڻ کان حجاب نہ ڪيائون.

ساڳيءَ طرح هڪ طرف فقير صاحب جي شرعي ارادت ۽ عقيدت ۽ ٻئي طرف وري رندانہ جرئت ۽ راڳ رباب ۽ مئي ناب سان رغبت ۾ هڪ تضاد نظر اچي ٿو ۽ تنقيد ۽ نقطہ چيني جو باب کلي ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ توحيد جي اشاعت ۽ صحيح فطر جي تبليغ فقير صاحب جو عين مقصد هو. مگر هڪ زاهد بنجي پنهن جي پرستش ڪرائڻ کان هو پري هو. ان جي عيوض هن نفس نمائڻ خاطر ظاهري بدعت ذريعي ملامت جو بار کڻڻ بهتر ڄاتو. سندس ميڪشي ۽ سازو سرود سان راڳ ۽ رقص جي عمل ۾ " سبڪساران ساحلها" لاءِ نفرت جا اسباب هئا. پر جو بہ صاحب انهيءَ ملامت جي پردن کان اڳتي نظر وڌائي، فقير صاحب سان دل کولي رهاڻي ٿي ٿيو. سو سندس زنده دلي، بلند فڪر ۽ توحيدي لات کان متاثر ٿي ٿيو. پير صاحب پاڳاري صبغت الله شاهہ شهيد کي ڪن فقيرن ٻڌايو تہ محمد جماعت جو فقير آهي تنهن هوندي بہ شريعت جي خلاف ساز سرود وڃائي، راڳ ڳائي پيو جماعت کي بدنام ڪري. پير صاحب فورا حڪم ڏنو تہ محمد کي حاضر ڪريو هي تقريبا 1937-38ع جو واقعو آهي. فقير صاحب کي جيئن ئي خبر پئي تہ مرشد سائين جن حاضر ٿيڻ جو فرمايو آهي تہ يڪدم پنهنجي طالبن سميت درگاهہ تي پهتو ۽ آخر طالبن سان گڏ ساز سميت وڃي پير صاحب جن جي آڏوحاضرٿيو.پير صاحب سڀ دهل يڪتارا ڀڃرائي سندس طالبن کي لوڏائي فقير کي سزا ڏياري ٻڌرائي ڇڏيو. سندس طالبن وري نوان ساز تيار ڪري شهر ۾

ڳائڻ شروع ڪيو. پير صاحب وري ڪين سڏائي ساز پڄايا ۽ ڪين سخت سزائون ڏنيون ۽ آخر ڪين درگاهه ۽ پير ڳوٺ مان تڙي ڪڍڻ جو حڪم ڏنو طالبن عرض ڪيو تہ قبلا. فقير صاحب اسان جو اڳواڻ آهي ۽ ان ڪانسواءِ مري فنا ٿي ويندا سون مگر هتان ڪين ويندا سون پير صاحب جن داناءَ هئا. تن هينئر صحي ڪيو تہ فقير رڳو بيک بنائي، طالبن کي ڪفنيون پارائي.

ڪين ساڻ وٺيو ڪونہ ٿو گهمي مگر اهي طلب ساڻس صحيح انس رکن ٿا ۽ راڳ انهن جي خوراڪ ۽ ورونهہ ٿي چڪو آهي. انهيءَ تي ڪين معافي ڏنائون. مگر فقير صاحب مرشد جو امر اعليٰ ڄاتو سو طالبن کي حڪم ڪيائين تہ اوهين درگاهہ ڇڏي هليا وڃو ۽ وڃي ڪوٽ مير محمد ۾ مياندان فقير وٽ مقامي ٿيو. مونکي جڏهن بادشاهہ سائين اجازت ڏني تڏهين ايندس. آخرڪار بادشاهہ فقير صاحب کي هڪ بلند خيال، توحيد جو طالب، سچو ۽ سرويچ مريد ڏسي ڪيس معافي ڏني ۽ انعامن اڪرامن سان نوازي رخصت ڏني تہ پل پنهن جي حال ۽ قال ۾ رهي.

2- فقير صاحب جو ڪلام ۽ ان جي ڪيفيت

اسلوب بيان خواه معنيٰ جي لحاظ سان محمد فقير جي ڪلام کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف) اهو ڪلام جو عام سنڌي ڪافين جي قالب ۾ سموهيل آهي ۽ الفاظ توڙي معنيٰ ۾ عام مروج سنڌي ڪلامن جي لهج ۽ نموني تي ڇيل آهي. اهڙو ڪلام نسبتن ٿورو آهي. (ب) اهو ڪلام جو اسلوب بيان خواه معنيٰ جي لحاظ سان نرالو آهي ۽ جنهن تي فقير صاحب جي شخصيت ۽ ذاتي فڪر جو گهرو رنگ چڙهيل آهي. هن قسم جو امتيازي ڪلام نسبتن زياده آهي.

(الف) فقير صاحب جي ڪلامن جي ذخيره ۾ نسبتن ٿورا ڪلام اهڙا آهن جي عام مروج جهونن سنڌي ڪافين جي طرز تي ڇيل آهن. مثلن هيٺين تلهن وارا ڪلام انهيءَ نموني جا آهن.

1- ڏي ڪا دلدار دلداري پرين پرچي ڪر پوئواري

....

2- سنگهارن جي سار راتو ڏينهان روح ۾

....

3- سامئيڙا ساٿيهہ ڌا پورب پنڌ پچن

....

4- ستا اٿي جاڳ ڇڏي ننڊ نياڳ جي

....

5- سوڊل يارسياٽا- رات رهي وڃ راٽا.

....

6- تنهن جو توئي ساڻ-ساجن سهٽو ساه ۾

....

7- سامي ساندي سور - هليا ويا هنگلاڄ ڏي

....

8- مست اکيان محبوب ميڏي ديان- ڪرن قتل دي ڪارميان

اهڙن ڪلامن جي زبان عام فهم ۽ سٺاء سادي آهي، ڪلام توڙي پر معنيٰ آهن تہ بہ اسلوب بيان خواه موضوع جي لحاظ سان مٿن تقليدي رنگ چڙهيل آهي. ممڪن آهي تہ انهن مان ڪي ڪلام سندس شاعري جي ابتدائي دور جا چيل هجن.

حقيقت ۾ محمد فقير جي خاص اسلوب بيان خواه ذاتي فڪر جي ارتقاء جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. ڇاڪاڻ تہ باوجود جو فقير صاحب کي گذرئي تقريبن 15 سال ٿيا آهن سندس چيل ڪلامن جو تاريخ وار سلسلو قائم ڪرڻ مشڪل آهي. ڪن گماني اهڃاڻن مطابق، جي ڪلام ڪٿي ڇنجن تہ نسبتن آڳاٽا چيل آهن. سي بہ سندن طبعي زور ۽ قادر ڪلامي جي ساک پرين ٿا. هن نقطہ جي وضاحت لاءِ هيٺيان بہ مثال غور طلب آهن.

(1) مٿي سوانح حيات هيٺ بيان ٿي چڪو آهي تہ محمود فقير ڪٽياڻ، فقير صاحب جي عزازت مان هو ۽ ان ڪانسواءِ هڪ خوشگو ۽ هنرمند شاعر هو محمود فقير جو سرائڪي زبان ۾ چيل ڪلام:-

يار ياقي ٿي اوطاقي مٺين فراقي ڦردي-الخ

مشهور آهي جو اندروني قافين جي وارو وار واري نزاڪت سبب عوام ۾ نهايت مقبول آهي. پائنجي ٿو تہ محمد فقير جو هيٺيون ڪلام محمود فقير جي ڪلام جي تتبع ۾ چيل آهي تہ :-

الٿي آر، ٿئي اظهار دلبہ دار دلبر دي

شوق شراب، ڪوڏ ڪباب، راڳ رباب رهبردي

جيڪڏهين تسليم ڪجي تہ فقير صاحب پنهنجي وڏي عزيز محمود فقير جي ڪلام کان متاثر ٿي انهيءَ آڳاٽي عرصي ۾ هي ڪلام جوڙيو. تہ بہ سندس هن خيال جي فراواني زبان جي رواني ۽ قافين جي ارزانيءَ مان ظاهر آهي تہ فقير صاحب کي ان وقت بہ شعرو شاعري تي پورو عبور حاصل هو.

(2) هيٺيان بہ ڪلام غالبن سن 1340هہ جا چيل آهن.

پهريون ڪلام فقير صاحب پنهنجي مرشد حقيقي پير صاحب پاڳاره حضرت ڪوٽ ڌڻي شمس العماءُ شاهہ مردان شاهہ (ح) جي منقبت ۾ غالبا مرثيہ طور چيو تہ :-

شاه مردان، شيريزدان، شمس علما شاندار
شوق جي شادي شفيع ڪئي عشق واري آشڪار
1- سن اٺاسي پارهين، ثابت ستين سفر ٿيو
ستاويهين مان ثاني تخت تي ٿيو تاجدار
2- شان شفقت جي شرح جو ڇا ڪندو شاعر شمار
شهہ شهادت شاد ڪيو شتا شغل جو شرفدار
3- ستين سر ربيع الاول سن تيرهن سو چاليهين
ايڪهٺ عمر عجائب ڪج ڪلہ ڪئي قربدار
4- بيرنگي بازي بنائي بره جي بازار ۾
نينهن جو نعرو هنيو نرنات نيهي نام دار
5- پير-مغان پارس پساري پرت جي پيمان جو
محو ٿيو مخمور محمد پيچ پرور پاڳدار

جناب حضرت ڪوٽ ڌڻي رح جي ولادت جي تاريخ آچر ڏينهن 7 صفر سن 1279هہ آهي جنهن ڏانهن پهرئين مصرع جي پهرئن سٽ ۾ اشارو آهي. پير صاحب جن 27 جمادل الثاني سنہ 1314 هہ ۾ مسند نشين ٿيا جنهن ڏانهن پهرئين مصرع جي ٻيءَ سٽ ۾ اشارو آهي. سندن شهادت ڏانهن ٻي مصرع ۾ اشارو آهي، ٽي مصرع ۾ سندن شهادت جي تاريخ 7 ربيع الاول 1340هہ بلڪل صحيح ڄاڻايل آهي. انهيءَ وفات جي تاريخ ۽ ان بعد پير صاحب جن جي ايڪهٺ عمر ڏانهن اشارن مان پائنجي ٿو تہ فقير صاحب هي ڪلام حضرت ڪوٽ ڌڻيءَ جي وفات تي يعني سنہ 1340هہ ۾ چيو.

ٻيو ڪلام سندس طالب ۽ رفيق بيسر فقير جي وفات سنہ 1344هہ

متعلق چيل آهي تہ :-

ٿل : - بيسر بدل ڪيو برقعو بشر جو
بي رنگ بقا ٿيو بيخود بحر جو

مصرع:- پر ٿئون پريمي پريي پيالو ناچو نظاري نر ٿي نرالو

تيرنهن سو چوئيتاليهين چولي ڪيو چالو تاريخ تيرهين مهينو سفر جو.

جيڪڏهين تسليم ڪجي تہ مٿيان ٿي ڪلام فقير صاحب سنہ 1344هہ ۾ چيا تہ پوءِ چئبو تہ خود سندن وفات 1359هہ کان 15 ورهيہ اڳ واري ڪلام جي الفاظ جي پوچ ۽ پختگي مان ظاهر آهي تہ ان وقت بہ فقير صاحب هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ پڻ مستيءَ ۾ "محو ۽ مخمور" هو تہ بقول:-

"محو ٿيو مخمور محمد پيچ پرور پاڳدار"

(ب) حقيقت ۾ اسلوب بيان جي جدت ۽ فڪر جي عبقريت محمد فقير جي ڪلام جون بہ امتيازي خصوصيتون آهن سندس الفاظ جي انتخاب ۽ استعمال، توڙي نظر جي نوچ ۽ معنيٰ جي پوچ جي خصوصيات جي لاءِ ڪي خاص سبب هئا جن کي سمجهڻ ضروري آهي.

اسلوب-بيان:- هر شاعر پنهنجي خيال جي اظهار لاءِ پنهن جي پنهنجي زبان استعمال ڪري ٿو مگر ڪن شاعرن جو اسلوب بيان ڪن خاص لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي استعمال سبب امتيازي حيثيت رکي ٿو ان جو مثال ڪافي گوشاعرن مان مهدي شاه ۽ مصري شاه جي ڪلامن ۾ نمايان آهي، هنري محاورن جي آميزش سان مهدي شاه پنهن جي ڪلامن ۾ هڪ نئون رنگ پيدا ڪيو ۽ فارسي الفاظن ۽ مهاورن سان مصري شاه پنهنجي اڪثر ڪلامن ۾ فارسي وارو رنگ تغزل پيدا ڪيو. ٻوليءَ جي ڄاڻ سان گڏ طبع جو رنگ ۽ فڪر جي نوعيت شاعر جي اسلوب بيان تي ويتر گهڻي قدر اثر انداز ٿين ٿا. محمد فقير جي زبان جي وسعت، طبع جي زور ۽فڪر جي گهراين سندس اسلوب بيان کي بہ هڪ نرالو رنگ ڏنو.

سرائڪي ٻولي فقير جي مادري زبان هئي، سنڌ جي سرزمين جو نيپاج هو ۽ سنڌ ڇپي ڇپي گهمي هئائين جنهن ڪري سنڌيءَ ٻوليءَ تي بہ ملڪو هئس، جيئن تہ فارسي جي بہ تعليم ورتي هئائين انهيءَ ڪري عربي ۽ فارسي جي ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جي بہ پوري پروڙ هئس.عام

عربي الاصل لفظن جي استعمال کان سواء کي خاص عربي الفاظ استعمال ڪري ٿو جيئن ٺيھ اکري ۾ حرف"صاد" جي بيت ۾ چوي ٿو ته:

صاد صوفي صاف ڪيا صراحي صمصام
ڪنڌ قبولي ڪوڏ سان ڪالي قمقام

"قمقام" معنيٰ خاص ڪم، عربي لغت جو ھڪ اھڙو لفظ آھي جو سواءِ علم وارن جي ٻئي جي پھچ کان ٻاھر آھي، فارسي محاورن کي ته فقير آسانيءَ سان ڪم آڻي ٿو مثلا:-

چو گرد چرخ چرچہ، چاہ، ذقن چہ گونہ
چالاڪ چال چلپل، چشمان چلا چلا.

هندي ٻولي توڙي ان جي سرمايہ فڪر مان بہ پوري طرح ورچ وٺي ٿو مثلن:-

تو ۾ گنگا گرگن گياني، تو ۾ گورک گيان ميان

هندي- اردو محاوري ۾ ڪلام جوڙڻ ۾ بہ ڪيس وڏي دسترس آھي مثال:-

مخمور مکھن مستانا ھون - مستانا ھون- مستانا ھون
يا
انند نگر مين آئي ھون- پريم نگر کي ٿي پوجاري
يا
گر ٿي گگن کي گادي-گن گيان ھورھا ھون
دم دي ڏمال دائم ڏن ڏيان ھو رھا ھون

يا وري صاف اردو ته :-

کياتاب حسن بيتاب مجھي
دکھا نوک نظر ناياب مجھي

مختلف ٻولين جي ڄاڻ کانسواءِ سندس ذاتي تجربي ۽ مخصوص شغلن بہ سندس واسطي مختلف الفاظ ۽ محاورا مھيا ڪيا. جن کي پنھن جي خيالات جي اظھار لاءِ پوريءَ طرح استعمال ڪيو اٿن. سندس سوانح ھيٺ بيان ٿي آيو آھي ته سندس مرشد پير صاحب پاڳاري جي ارشاد موجب فقير صاحب پھرين عالمگير جنگ ۾ ھڪ غازيءَ جي حيثيت ۾ ڀرتي ٿي ويل ھو. زندگيءَ جي انھيءَ شعبہ مان فقير صاحب بغل (Bugle)ڪواز (قواعد) ۽ فالم (ھڪ صف ۾ سڌو ٿي بيھڻ(Fallin)جا

خاص الفاظ اخذ ڪيا ۽ انهن کي جنگ جي بين عام لفظن جهڙوڪ فوج حملو، هٿيار غازي وغيره سان گڏ ينهن جي ڪلام ۾ پوريءَ طرح استعمال ڪيو مثلن:

بيشڪ بزم ۾ بالم- فائق فڪر ۾ فالم

يا

انالحق عشق ڪر او جان- ڪيتيان فالم فهم فوجان

(ڪواز)

محمد هر مظهر جو مالڪ، حسن واري فوج

قم باذني ڪواز منهنجو

(بغل)

بغل بهادر وير وڃائونءِ محبت دي مذڪور ميان

سندس هيٺيون ڪلام سڄو جنگ جي ماحول ۽ محاورن ۾ رچيل آهي.

حسن جي فوج تي فالم- بڻايو بيڪ بازيءَ جو

1- حسن حملو ڪري آيو، سر وڃا سر بسر پايو

رنگي رخسار رنگ لايو صورت سينگار سازي جو

2- بغل بٽڇيون ڪٽي پالا ڪري خمار خوشحالا

اکين جي عشق ڪيو اعليٰ طبل تلوار تازيءَ جو

3- خوني خنجر ختم خمخم شغل شاهي شمع شر شر

دونالين ديد جي دم دم تريو تورو ترازيءَ جو

4- ڪاڪل ڪنيڙا ڪجل ڪاري سنگينون سيف سنگساري

سارو سامان سالاري قرب ڪلتار قاضيءَ جو

5- مگهن مخمور مژگانن مچائي موج مستانن

نسگ نروار نيشانن، غواصي غور غازيءَ جو

6- سراسر سير سر ساقي، يگانو يار تي ياقي

محمد بن بنيو باقي قبلل حال ماضيءَ جو. بيو تہ شروع کان وٺي ي فقير صاحب ڳائڻ جو شوقين هو. اول ۾ پير صاحب پاڳاري جي جماعت جي راڳ جي شرعي اصول موجب بنان سازن جي ڪلام ڳائيندو هو. جيئن تہ راڳ سندس ذهين خوراڪ بڻجي چڪو هو ۽ سرتار سندس لنؤ لنؤ ۾ سمايل هو. پير صاحب حضرت ڪوٽ ڏٺي سندس انتهائي محويت محسوس ڪري يڪتاري تي ڳائڻ جي اجازت ڏني ان کان گهٽو پوءِ مستي ۽ مدهوشيءَ ۾ فقير صاحب پنهنجي طالبن جو ٽولو بڻايو ۽

سازن جي پوريءَ وڄت سان ڳائڻ ۾ محو رهيو. راڳ جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي. ۽ سرتار جو شيدائي هو فقير صاحب جي نظريہ مطابق هن ڪائنات جي ابتدا توڙي وجود سر ۽ تار جي تنظيم تي مبني آهي. چوندو هو تہ ڏٽي تعاليٰ لفظ"ڪن" بہ سر سان آوازيو. تڏهين ڪائنات پنهن جي مڪمل تنظيم سان وجود ۾ آئي. راڳ، سرتار ۽ سازن جي معلومات سندس واسطي انهن فنن جا خاص الفاظ. اصطلاح ۽ محاورا ارزان ڪيا. جن کي پنهن جي خيالات جي اظهار خاطر پوريءَ طرح استعمال ڪيائين.

• راڳ ۽ تار جي ماهيت جي پرک ۽ پروڙ جو مثال سندس هيٺيون ريختہ ڪلام آهي.

سر ريکب، گنڌار، منڌم، پا، ڌيوت، نکاد، سرگم
1- ڀيرو، مالڪوس، هنڊول، سري، مينگهہ، ديپڪ، ترنم
2-تال طبل سي گاوي بجاوي، حال حقيقي هر دم
3- تين گرام، سناوي سات سر ڇير بجا ڪر ڇم ڇم
4- بسنت محمد سارنگ گاوي پرجہ پريمي پنڇم سازن ۽ سرن جي لغت

بہ سندس خيالات جي اظهار جو جز بنجي ويئي:-

سازوجودي سر جو سر ۾ - ڳيت انالحق تا ڳائين

....

بره سٺائي بانگ، شاهي طبل وڄاوڻ دي

....

ڏڪڙ، ڏريت، ڏمالان، ڏن قائم ڪڙکي ڪپاري ڪن
گونا گوني گرامي گن، گياني گلزار هي ڪيتا

مطلب تہ لغت جي وسيع ڄاڻ سبب الفاظ ۽ قافيا سندس واسطي ارزان ٿيا ۽ شعر سهل ۽ آسان. جنگ جا محاورا سندس طبع جي جذبہ ۽ جوش جي اظهار الاءِ موزون بنيا. راڳہ. ساز ۽ تار جي اسمن ۽ الفاظن سندس طبع جي تنوع ۽ رنگيني کي چمڪايو. ٻوليءَ جي وسعت سان جي چاهيائين تہ ڪلام جي مختلف مصراعن کي علحده تجنيس حرفي جي صفت سان سينگاريائين مثلن:-

عشق جو احوال اعليٰ ڪو پڇي عاشق اڇي.
نازنيڻن جي نظاري، ناٽ تي نانگو نچي.
1- سپ سٺي سانگا صفاتي، صاف تي سوره سخي،
ساز ساقي جي سراسر، سرڪ پئي سهٽي سچي.

2- پرت جو پيالو پريمي پُر پئي پيمان ۾،
پيچ پنبٽين جي پساري، پتنگ جان پختو پچي.
3- رند رهي راضي رضاتي، روپ رنگينو رکي
راز رهبر جي رسالت، رمز رنديءَ ۾ رچي،
4- ميگهه محبت جي ملاري من خدائي موج سان،
مئي پئي محڪم مدامي مرد تي محمد مچي،
نه صرف ايترو مگر سچا سارا ڪلام به ساڳي تجنيس حرفي جي صنعت ۾ بنا تڪلف جي ادا ڪيائي، سندس هيٺيان به ڪلام انهيءَ مسلسل صنعت جي ساک پرين ٿا.

(1)

نينهن جي نوبت وڄائي، ناد ڪئين نيهي نواب.
ناٽ ٿو ناگا نچائي، ناز جو کولي نقاب.
1- نينهن جو نعرو هڻي ٿيا نظر جي نيشان ٿي،
نرپسن ناپيد نيارا نين نرگس نيم خواب.
2- نسنگ ٿيا ناتي نگه جي نقش جاناميا نقاش،
نوءِ به نوءِ نازڪ نظارو نور جو ٿئڙو نجاب.
3- نامور نادر نرالا ناٽ نر نروار ڪيا،
نوڪ نيزي جي نزاڪت نيڪ ٿيا ننگي نياب.
4- نج نفي اثبات نٽکي نازنين محمدنگار،
نظر جو ناطق نقارو نجيبي ٿيو ناب ناب.

(2)

وڄ وڄڻ ڪي ويڙهه وحدت ۾ وري ورڻ وائي ۾ وار
وک وڌائي ويهه ۾ وڄ تي ورق ويسر جا وسار
1- وڄ وطن تي واڳ واري واٽ ويراڳي وٺي،
وهڻ ويسهه ڪانسواءِ بي وهم جي آهي ونگار.
2- ونحن واري ويڙهه وره جي وصل جو ووڙي وٿاڻ
وحده واحد وجودي وجهه الاهي ٿي وچار.
3- ويهه وظيفا ورد واري وقت سڀ واجب وڃاءِ
وير وارث ويجهڙي کي وندر جي ويءَ ۾ وهار.
4- واءِ وصالي ٿي وڪايو وير سوئي واهرو
مست محمد موج مهدي وٺي م ويچو واروار

"امتيازي فڪر"

فقير صاحب جي هن نرالي اسلوب بيان ڪي نہ صرف الفاظ ۽ اصطلاحن جو آذار هو مگر انکي سندس طبع جي زور ۽ گهري فڪر جي بہ پٺڀرائي هئي. سنڌ جي نامور ڪافي گو شاعرن مان نہ فقير قادربخش بيدل. پير صاحب علي گوهر شاهہ اصغر. عبدالله فقير ڪاتيار. سچل سرمست. يوسف فقير. دريا خان. خير محمد. عثمان فقير سانگي. مخدوم ميان امين محمد صاحب. اميد علي شاهہ. مهدي شاهہ. بلند شاهہ. مصري شاهہ. منٺار فقير راجڙ ۽ آخر ۾ محمد فقير پنهنجن ڪلامن ۾ نوان نوان مضمون پيدا ڪيا. مثلا:- بيدل وحدت وجوديءَ جي تشريح ڪئي: اصغر عاشقن جي اولوالعزمي ۽ ان سان گڏ تواضع ۽ الڪساري جي تصوير چٽي: عبدالله فقير عاشقن جي جرات رندانہ جا مثال توڙي عملي ثبوت پيش ڪيا. سچل منصور وارو اناالحق جو آلاپ آشڪار ڪيو خير محمد تصوف جي ڳوڙهن نقطن جي آسان زبان ۾ اپٽار ڪئي ۽ مصري شاهہ پنهنجي رنگ تغزل ۾ حسن جي ڪبريائي ۽ عشق جي ڪار فرمائيءَ ڪي سهڻي نموني ۾ نباهيو: هر شاعر جو ڪلام سندس شخصي فڪر جو آئينو هو مگر مڙني ۾ نسبتن محمد فقير جي ڪلامن تي سندس ذاتي فڪر ۽ زوردار شخصيت جو گهرو اثر هو.

جيئن تہ محمد فقير جي شخصيت سندس فڪر ڪي هڪ خاص قالب ۾ سموهيو آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ سندس شخصيت جي نمايان خصوصيات ڪي نروار ڪيو وڃي. (1)اول تہ جرئت ۽ بهادري سندس سرشت ۾ سمايل هئي. هو ڪيٺاٽين جهڙي بهادر قوم جو فرزند هو ۽ همت ۽ مردانگي ڪيس ورثي ۾ مليل هيون. سندس بهادري جو مثال 1914ع واري جنگ عالمگير ۾ پير صاحب پاڳاري جي غازين جي صف ۾ پرتي ٿيڻ واري واقعي مان ظاهر آهي. سندس دلي طاقت جو بيو مثال اهو آهي تہ جڏهين سندس آنڊي جي خرابي وقت دوباره آپريشن ڪئي ويئي تڏهين امونيا سنگهڻ کان انڪار ڪيائين ۽ آپريشن وقت خنده پيشانيءَ سان پنهن جو هڪ بيت پڙهندو رهيو.

لام لاهوتي لعل ٿيا لاجي لائي لام
جهڙا سرها عيد ۾ تهڙا منجهہ ماتام
پاٺهي پسي پاڻ کي پسڻ جي پيغام
جنگ پين تا جام جدا ٿي جسمات کان.

(2) تہ فقير صاحب هڪ آزاد خيال انسان هو ۽ سوا خدا ۽ مرشد

جي ڪنهن جي بہ محتاجي ڪيس منظور نہ هئي. اهو ئي سبب هو جو رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جي نوڪري ڇڏي ڏنائين (3) تيون تہ فقير صاحب ڪي علم جو شوق ۽ استادن جي صحبت، معنيٰ ۽ حقيقت ڏانهن متوجهہ ڪيو. فقير نواب ولي محمد صاحب جي صحبت ۽ فيض بابت سندس زبانيءَ مان ظاهر آهي تہ اتان ڪيس "پير-مغان جي پچار پلئہ پئي. چوي ٿو تہ :-

1- صوفين سندي سنگ سان ڪيم روح رهاڻ

1- هنيو ات حيران ٿيو ٻڌي احديت اهڃاڻ
ولي محمد مهر مان بره ڏيڪاريا پاڻ
ڪلي ات ڪتياڻ ڪمند پاتو قرب جو

2- ولي محمد وحدت جي واٽ ڏسي وينجهار
سبق ڏنائين سڪ جو احديت اظهار
پير- مغان جي پرت جي پيدا ٿي پچار
احمد پرانوار، آيو اڱڻ احد ٿي.

انهيءَ ڪري خيال ڪي ڪولڻ ۽ معنيٰ واري مامر ڪي پروڙڻ سنس شيوه بڻجي ويو، حسن جي هلان ۽ مجازي عشق جي مهميزن سندس طبيعت ۾ جذبہ جوش جو اهو طوفان پيدا ڪيو جنهن جو زور سندس ڪلام توڙي ڪردار ۾ نمايان رهيو. (5) سچائي ۽ بي ريائي سندس طبيعت جا جز ۽ جوهر هئا ۽ انهيءَ ڪري پنهن جي حال ڪي قال جي پردي ۾ ڪين لڪايائين فقيري حال آيس تہ ڪفني ڳچيءَ ۾ وڌائين، ڳايائين تہ نچي ڳايائين، رقص ڪيائين تہ برسر بازار ڪيائين ۽ ميڪشي ڪيائين تہ ببانگ دهل ڪيائين.

سندس شخصيت جي انهن خوبين توڙي خامين جو عڪس سندس ڪلام ۾ بہ نمايان نظر اچي ٿو. جرئت رندانہ، خودي ۽ خودخيالي، دم جي ڏن، خيال جي تلاش، جلالي جذبو مستي ۽ موج، راڳ ۽ رقص، ميڪشي ۽ مدهوشي- اهي مڙيئي نہ صرف سندس ڪلام جا عنوان آهن بلڪ ان جو مغز ۽ روح آهن. انهن خصوصيتن سبب سندس فڪر بہ جملہ ڪافي گو شاعرن ۾ هڪ امتيازي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪلام جي مطالعي مان سندس فڪر ۽ نظرين جو مجموعي طور جو نقشہ اسان جي خيال ۾ وينو آهي. ان جا ڪي اهم پهلو اجمالي طور هيٺ واضح ڪجن ٿا.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته هر شاعر جو ڪلام سندس شخصي فڪر جو آئينو آهي مگر اڪثر ڪافي گوشاعرن جي عوام جي گهري ۽ تنقيدي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سندن فڪر تي اڪثر تقليدي رنگ غالب آهي ۽ سواءِ پنهنجي مخصوص حال جي بيان جي، تصوف جون ساڳيون ٻڌل ڳالهيون وري ويهي ٻڌايون اٿن. انهيءَ تقليدي رنگ جي علاوه جيڪڏهين ڪو نئون نقطو پيدا ڪيو ويو آهي ته اهو به چڻ اتفاقي امر معلوم ٿئي ٿو. جنهن جو ڪنهن منظم ذهين نظريه سان لاڳاپو نظر اچي ٿو. محمد فقير جي نظرين ڪي اتفاقي نه بلڪ ارادي فڪر جي پنيرائي آهي. هن ذاتي ۽ ارادي فڪر سندس نظرين ۾ هڪ خاص اصليت ۽ يگانيت پيدا ڪئي آهي. انهيءَ ڪري سندس هيٺئين قول ۾ ڪافي صداقت آهي ته :-

"سٹ سمجهڻ محمد آيو، ٿي پنهن جو پاڻ امام"

انهيءَ ڪري اسين پهريائين فقير صاحب جي فڪر متعلق سندس ذهني تخيل جو جائزو وٺنداسين جنهن تي ئي سندس نظرين جو مدار آهي ۽ ان بعد سندس حال ۽ عملي زندگي سان جن نظرين جو تعلق ٿي سگهي ٿو انهن جي وضاحت ڪنداسين.

(الف) فڪر بابت ذهني نقطہ نظر:- فقير صاحب هن ڳالهه جو قائل آهي ته انسان هت اڀوجهه ٿي ڪونه آيو آهي ڪيس پرجهڻ ۽ پر وڙڻ لاءِ حواس ۽ دماغ مليل آهن. هن دنيا ۾ انسان جي وجود جو مقصد آهي توحيد ڪي اثبات ڪرڻ. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته پهريائين پاڻ ڪي پروڙي ته دوئي دور ٿئي:-

(1)

" پاڻ سڃاڻڻ پنهنجو آيس، ناهيان اصل اڀوجهه
نيهن ۾ آهي نياز منهن جو"

(2)

دوئي وارا ورق وسار، پهريائين پنهنجو پاڻ پروڙي

مگر پاڻ ڪي پروڙڻ ۽ سڃاڻڻ آسان نه آهي. انهيءَ ڪري اول ته ڏسڻ ۽ پسڻ جي ضرورت آهي. يعني ته اکين جي اثبات جي ضرورت آهي. مگر اهو عين اليقين به آسان نه آهي. چاڪاڻ ته جيڪي ڪجهه ظاهريءَ طور معلوم ٿئي ٿو ان ۾ "سرت" "نرت" جي ضرورت آهي. ان بعد صحيح نتيجي تي پهچڻ لاءِ فهم ۽ چاڻ جي ضرورت آهي. مگر بغير

فڪر جي فهم ناقص آهي. انهيءَ ڪري فهم کي فڪر جو تابع ڪرڻ ضروري آهي. صحيح فهم ۽ ڄاڻ بعد ئي " معنيٰ" (حقيقت) جي مام پروڙي سگهبي خيال جي تخليق اڃا بہ اڳيري آهي.

انهي ڪري ڏسڻ ۽ پسڻ، سرت ۽ نرت، فهم ۽ فڪر معنيٰ ۽ خيال صاحب جي فڪر جي نفسيات جا خاص پهلو آهن. حقيقت شناسي واري آخري منزل تي پهچڻ لاءِ فقير صاحب، فڪر جي انهن نفسياتي مرحلن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. ۽ انهيءَ ڪري سندس ڪلام ۾ اهي الفاظ بار بار ورجايل آهن. درحقيقت فقير صاحب جي ذهني نقطہ نظر انهن عام لفظن کي خاص معنوي اصطلاحن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هن مختصر مقدمي ۾ انهن مان هر هڪ جي تشريح لاءِ گنجائش ڪانهي البتہ مختصر طور هر هڪ بابت فقير صاحب جو نظريہ سندس ڪلام مان مثالن سميت پيش ڪجي ٿو.

(1) ڏسڻ ۽ پسڻ: " ڏسڻ" ۽ " ڏسجڻ" جو تعلق ظاهري منظر سان آهي ۽ ظاهري منظر جي انهيءَ عجب رنگ سان ئي حقيقت پنهنجي پردي پوشي ڪئي آهي.

"ڏسڻ ڏسجڻ ڏيهہ ڏسڻ جو، ڏات رکيو اهو ڏاهي ڏاهي"

خود ظاهري نظر دوري کي نفيءَ کي اثبات ڪري ڏسڻو آهي تہ:
"ڪير ڏسي ٿو، ڇا ڏسجي پيو، ڪير ڪري ٿو بابت بيان ۽ " پسڻ" جي منزل ظاهري "ڏسڻ" کان اڳيري آهي. "پسڻ" گويا "ڏسڻ" کي اثبات ڪرڻو آهي ۽ "عين اليقين" کان "حق اليقين" تي پهچڻو آهي. "پسڻ" واري ڪيفيت لاءِ غور ضروري آهي. "پسڻ"۽ "پروڙڻ" واري هر معنوي نفسياتي ڪيفيت تي فقير صاحب فدا آهي:-

(1)

غين غواصي غور سان غازين ڪيو غماز
پسڻ واري پڙ ۾، پتنگن جيان پرواز
پسڻ پاڻ پنهن جو پيان پر پيالا
پريمي پڪو ٿي پسڻ کي پڇايان.

(3)

پسڻ واري پڙ ۾ پڌرو، ٿي پير-مغان پڳدار آيو

بقول فقير صاحب: انهيءَ "پسڻ" واري ڪيفيت جو تجرباتي مشاهدو بي پايان علم جو دروازو کولي ڇڏ "گوناگون گيان" پيدا ڪري

ٿو. "پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو. گونا گوني گفت گيان" بلڪ فقير صاحب کي انهيءَ پسڻ واري ڪيفيت انهيءَ منزل تي پهچايو آهي جو هو متحير آهي تہ :-

"پسڻ آهيان پاڻ، پسان ڇا، پسڻ واري پيچ ۾ پڙرو"

(2) **سرت ۽ نرت:** "سرت" ۽ "نرت" کي فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ نهايت نزاڪت سان پيش ڪيو آهي. ائين پيو معلوم ٿئي تہ "نرت" ۽ "سرت" جڻ "ڏسڻ" ۽ "پسڻ" جون گهريون نفسياتي ڪيفيتون آهن، يا تہ اهي وري خود "پسڻ" جون وجداني ڪيفيتون آهن.

(1)

"سرت" ڪئي سواري "نرت" ۾ نياري
پساري پسڻ جي پڙر ٿي پياري

(2)

"سرت ۾ ٿيو نرت جو ناٽڪ، سرت ساڳيءَ ساڻ پسان ڇا؟

بهرحال فقير صاحب "سرت ۽ نرت" جي وجداني ڪيفيتن مان نہ فقط واقف آهي مگر انهن ۾ محو ۽ مسرور"

(1)

"سرت" "نرت" جي شعر بحر ۾ نوبت نينهن وڄايان ٿو
بيشڪ پيد بنائي بالم.

(2) " سرت نرت " جي ڪيل ۾ ايذا واري حد ڪان اڳي
خود خيال جي خمار سان، خال خاطو خوشنود تون

(3) **فهم ۽ فڪر:** حقيت کي هٿ ڪرڻ لاءِ سوچڻ سمجهڻ، پرجهڻ، پرورڻ فقير صاحب جو عين مقصد آهي ڇو تہ بغير سمجهہ ۽ فهم جي حقيقت تائين پهچڻ محال آهي. انهيءَ ڪري

"فالم ٿي في الحال فهم دي، فوج چڙهائي مٿن وومٿن"

مگر فقير صاحب جي نظر ۾ صحيح اهو آهي جو گهري فڪر بعد حاصل ٿئي. انهيءَ ڪري فهم کي فڪر جو تابع ڪرڻ ضروري آهي. ڇو تہ " فڪر وارو فهم" ئي ڪنهن منزل تي پهچائيندو "

ڪري جوش جلالي جنگي، پائي سروپا تاج ڪلنگي.
فڪر واري فهم ۾ تون"

انهيءَ ڪري صحيح ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ مسلسل فڪر ضروري آهي.

هر وقت ۽ هر حال ۾ هر محفل ۽ هر مجلس ۾ غور ۽ فڪر جاري رهڻ گهرجي. فقير صاحب پنهنجو حال بيان ڪندي، انهيءَ اهم نقطي جي تائيد ڪري ٿو تہ :-

بيشڪ بزم ۾ بالم - فائق فڪر ۾ فالم.

(4) **معنيٰ:-** مان فقير صاحب جي مراد "نفس حقيقت" آهي جا هن " مصوري منظر" جو مول آهي، جا هن ظاهري صورت ۽ جنسار جو سينگار آهي ۽ جنهن جي روشنيءَ ۾ دوئي دور ٿئي ٿي ، " مقصود ۽ لامقصود ۽ جو ويڇو وڃان وڃي ٿو، بلڪ خود "صورت ۽ "معنيٰ" وارو فرق ڪافور ٿي وڃي ٿو اهو حقيقي " معنيٰ" انهن کي حاصل ٿئي ٿي جن فهم کي فڪر جو تابع ڪري سچي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي ۽ انهيءَ صحيح ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ "معنيٰ" جو ملڪ ماپيو ۽ جانچيو آهي، بلڪہ خود " معنوي ميزان" کي توريو ۽ تڪيو آهي:-

"فالم ڪري فهم کي فڪر واري فن

ماهر ڪيائيون من، معنوي ميزان ۾"

انهيءَ ڪري فقير صاحب جي پاڻهي پاڻ کي تاڪيد تہ :-

"محمد! معنيٰ ملڪ جو، اٿي جبل جهاڳ" چو تہ:-

"صورت معنيٰ معنيٰ صورت، مام پروڙي ڪو مرد مٿير معنيٰ واري مام محمد، گم ٿي وٺڙو سارو غير" خود فقير صاحب جو پنهنجو حال هي آهي تہ:-

(1)

محمد ملڪ معنيٰ دي محڪم، محبت مينهن وسايا هي

(2)

معنيٰ واري ميگهہ ملار، لامقصد ٿيو مقصد منهنجو

بلڪ فقير صاحب معنيٰ ۾ غرق ٿي ڇڻ معنيٰ جو مول هٿ ڪيو آهي يعني تہ ڪثرت واري "مصوري ميدان" ۾ وحدت کي اثبات ڪيو آهي.

" محمد ملڪ معنيٰ دا مالڪ، مصوري ميدان الاالله"

(5) **خيال:-** بظاهر خيال کي فقير صاحب سوچ ۽ ويچار توڙي تصور ۽ تخيل جي معنيٰ ۾ آندو آهي مگر سندس نظريہ موجبُ" خيال" جي تعبير خيال ئي آهي. سندس هيٺئين ڪلام جو ٿلهہ انهيءَ نظريہ تي شاهد آهي ۽ مصرائون بہ ڇڻ انهيءَ نظريہ جي تعبير جا مختلف پهلو آهن.

خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي، خيال جو مطلب خيال ۾ آهي.
(1) سهڻي صورت يار سڄڻ جي ، قلبي قرب ڪمال ۾ آهي.
(2) پاڻ وڃائي پاڻ سڃاڻڻ حيرت واري حال ۾ آهي.
(3) ناز نظر جو بيرنگ بازي، جذبه جوش جلال ۾ آهي.
(4) موج اها ڏس محڪم محمد!، بيحد بره بحال ۾ آهي.

فقير صاحب جي نظريه مطابق "خيال جي خبر" "خيال" مان ئي پوندي سندس تجرباتي شاهدي مطابق:-

خيال جون خبرون خيال سڻايون
خوبان خوب خيال سان، خوشحال سان

انهيءَ ڪري "خيال"۾ گم ٿيڻ ۽ " خيال" کي ڪمائڻ ضروري آهي.

(1)

" دم دم دل ۾ ديد اڙائي- پير پتنگ جيئن پڙ ۾ پائي خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي - جام پيتائون جذب جلال نينهن نباهي ناز وارن جو"

(2)

ڏس خيال خفي خم خم ۾ تون-ٿي بيخود بيک بسم ۾ تون.

جيتوڻيڪ معنيٰ ۽ حقيقت کي پروڙڻ لاءِ فڪر ۽ فهم جي ضرورت آهي مگر خود معنيٰ پيدا ڪرڻ لاءِ خيال جو پرواز ضروري آهي. فڪر معنيٰ جو منڊ آهي. مگر خيال معنوي تخليق جو مول آهي. فقير صاحب خيال واري انهيءَ تخليقي قوت جو حامل آهي.
بقول:-

مئن خيال، خيال دا خالق، پهريم شاهي شال موليٰ

خيال جي ماهيت جي پروڙ ۽ خيال واري ڪيفيت تجرباتي مشاهدي جي بناءَ تي فقير صاحب خيال بابت ڪي اهڙا ڳوڙها نظريا پيش ڪري ٿو جي ڪافي تشريح طلب آهن. اختصار جي خيال کان سندس هيٺيون مصرائون جي اهڙن نظرين جو حامل آهن پڙهندڙن جي پنهنجي غور فڪر لاءِ پيش ڪجن ٿيون:-

(1)

تون به هڪڙو خيال، خيال سان خود خيال ٿي ملندين

(2)

آهيان پاڻ خيال، خودي خود خود خدائي خيال آهي.

(3)

خيال جون خبرون خيال ختم كيون خيال خدائي جي حمار.

(6) دم جي سنڀال:- دم جي سنڀال سالڪن ۽ صوفين وٽ مسلم آهي: مگر فقير صاحب جهڙي ڏسڻ ۽ پسڻ جي پرواني، سرت ۽ نرت جي سالڪ، فڪر ۽فهم جي دلداده، معنيٰ جي متلاشي خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائيندڙ ۽ خيالي تخليق جي قائل لاءِ زندگي جي هرڪا گهڙي هر هڪ پل ۽ هر هڪ دم جو قيمتي هئڻ فطري ۽ لازمي آهي . بقول:-

(1)

" جو دم غافل سودم ڪافر" سمجهيم هوش حساب ميان

دم دم درسن دم داهو يا، ڪيها ڏوهه ثواب ميان.

(2)

دم جو درسن پايان، پرگهر ڪيم پڇايان.

انهيءَ ڪري فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ بار بار دم جي اهميت تي زور ڏنو آهي ۽ ان جي سنڀال جو تاڪيد ڪيو آهي تہ :-

(1)

دم جي دم ڪي درس دلير-شوق وارو ڪو سمجهي شير

(2)

دم خزانو هٿ ڪر هردم پسي جوت جمال

جام انهيءَ جي جوش ۾ جلندين.

(3)

دم دي ڪرتون سرت سنڀال، ڇوڙ ڦٽي ڪر خام خيال.

(4)

دلدار ڳولي لهہ دم ۾ تون، ٿي لا " سين" لاعدم ۾ تون.

(5)

نام والا دم ڄاڻ غنيمت، نام بنا دم ناقص هي " فاذ ڪروني اذڪرڪم"

دا حڪم هلايا وارث هي

6

جپ "الف" اسم دم دم ڪري نقش صورت نيشان ۾

(7)

ڏري دم جو ڏيان، ٿيءُ نيشان، اسم ساڻ الله جي.

اول، آخر، ظاهر، باطن، درس دم جي ڏيان الاالله.

●

(ب) زندگيءَ جي ڪن عملي پهلوئن بابت نظريا

فڪر واري فهم سان حقيقت ۽ معنيٰ کي پروڙڻ، خيال واري تخليقي قوت پيدا ڪرڻ ۽ دم کي غنيمت ڄاڻي ان جي سنڀال ڪرڻ، فقير صاحب جي تعليم ۽ تبليغ جا مرڪزي نقطا، بلڪ مغز ۽ روح آهن حقيقت جي متلاشي لاءِ فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا اهي ئي حڪمت ۽ دانائي جا موتي پاتا آهن.

مگر جيئن ته مجازي محبت جي موج حلاجي هام، جرئت ۽ رندي جذبو ۽ جلال، راڳ ۽ رقص، ميڪشي ۽ مدهوشي، فقير صاحب جي زندگي ۽ ڪردار جا نمايان نشان هئا، جن کي ملامت جي سامان طور ارادتن اختيار ڪيو هئائين، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته سندس عملي زندگي جي انهن پهلوئن متعلق پڻ سندس حقيقي نظرين جو جائزو ورتو وڃي، تاڪ حقيقت واضح ٿئي.

(1) **عشق:-** فقير صاحب جو مشرب محبت ۽ عشق آهي ڄاڪاڻ ته اهو همت ۽ مردانگي، جرئت ۽ رندي جو مشرب آهي.

آتش عشق اوڙي واري عاشق ٿيا عريانا
محمد مشرب محبت واري محڪم ٿيا مردانا

حقيقت ۾ پنهنجي رندي مشرب جو، ڪري ئي فقير صاحب خود عشق تي عاشق آهي.

آهيان مان عشق جو عاشق رکان رندي مشرب ٿو.

انڪانسواءِ فقير صاحب جي نظريہ مطابق، " مڪان ۽ لاماڪن" مثال ۽ بي مثال صورت ۽ بي صورت واري مام جو اصل محرڪ بہ عشق ئي آهي.

" بي صورت جي بازي پٽري، بره بهادر بانگي بانگي
هنيو نر نروار ٿي نعرو، نينهن نرالي نانگي نانگي"

ظاهري احساسات ۽جزيات، لاڳپن ۽ واسطن کان اڳتي وڌائي معرفت واري سڪون تائين بہ عشق ئي پهچائي ٿو:-

خوف خوشي ۽ رنج راحت کان عشق ڪيو آزاد ميان.

(2) **اناالحق جا اسباب:-** فقير صاحب کي منصوري مام جي پرڪ ۽ پروڙ

جي دعويٰ آهي:-

" مئين دي موج محبت والي مام سٽائي مئن وومئن"

۽ هو انهيءَ دعويٰ ۾ حق بجانب آهي ڇاڪاڻ تہ منصور جي تقليد ۾ "اناالحق" ٻين بہ گهڻن آلاپيو آهي مگر " اناالحق" واري ڪيفيت جي اسبابن جو تجرباتي احساس ۽ علم جيترو فقير صاحب کي آهي اوترو ٻئي ڪنهن کي ورلي هوندو. فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڇپي ڇپي انهن اسبابن جا اهڃاڻ ڏنا آهن جن مان (1) پهريون عشق آهي جو پنهنجي اثر ۽ غلبي سان هن آواز جو اپاريندڙ آهي:-

(1)

آيا عشق اسانڏي جهولي جهل-ڪرحالِ حلاج دي حملي هل.

(3)

عشق عجب رنگ لائين ٿو -ڳيت اناالحق ڳائين ٿو.

(3)

تلڪ لڳائي جڻيو پائي-عشق اناالحق ڳيت تو ڳائي.

(4)

اصل عشق آهيان ٻيو ڇا ٻڌايان- آوازي اثر سان انا ان الايان

(5)

عشق ڪيو آواز اوڙو اناالحق الائڻ جو

انساني جي اولي اندر الٽي ڀيد ٻتائڻ جو

(6)

پوش پريمي پايان ٿو. شاهي طبل وڄايان ٿو.

الٽو ڏيئي الٽ اشارو. ڳيت اناالحق ڳايان ٿو. ٻيو تہ قرآني قول آهي تہ:-

"يريڪم ال آيات في ال آفاق وفي انفسڪم" يعني تہ ڌڻي تعاليٰ پنهنجي ذات ۽ ان جي قدرت جون نشانيون انسان کي سنڌس چوڌاري وسيع ماحول ۾ توڙي خود سنڌس اندر ۾ ڏيکاري ٿو. انهيءَ ڪري " اناالحق" جو آواز صرف پنهنجي اندر ۾ الاهي ذات جي اثبات جي تصديق آهي. انهيءَ حالت ۾ فقير صاحب جو عزم ۽ ارادو تہ :-

هڪ دم دي دير نہ لائون. ڳيت انا الحق ڳائون

" وفي انفسڪم"ويڙهي ويڙهي ، نوبت نينهن وڄائون

ٽيون تہ متفقہ مشهور قول آهي تہ :-"الانسان سري وانا سره"

جنهن موجب انسان ذات الاهي جو هڪ راز آهي. انا الحق جو بہ انهيءَ معنيٰ موافق آهي.

"الانسان سري جي سر سان ڳيت انالحق ڳايان ٿو"

چوٿون سالڪن جو مسلم قول آهي تہ "موتو قبل ان تموتو" مرڻ کان اڳي مري پاڻ کي ماريو انهي مطابق "خود" جي فنا. ذات الاهي جو اثبات آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي:-

" موتو واري موج، انا الحق آواز منهنجو"

پنجون تہ پسڻ ۽ پروڙڻ مان ئي حقيقت جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي ۽ اهو ئي سبب آهي جو:-

"ڪري اثبات اکين ڪي، انا الحق ڳيت ڳايان ٿو"

ڇهون تہ معنيٰ يعني حقيقت ۾ محويت خو خودبخود ذات الاهي کي اثبات ڪري ٿي ۽ انهيءَ ڪري:-

"محويت دي مام ملاڪي، ملڪ معنيٰ دي ٿي مسرور ماريم نعرا اناالحق دا"

ستون تہ حقيقي طالب لاءِ اهو بہ غنيمت آهي تہ من "اناالحق"جي آواز سان عوام جي ملامت جو بار مٿان اچي فقر صاحب جي قول موجب:

"بار ملامت چم چم چائون- انا الحق اظهار الائون"

انا الحق واري ڪيفيت جي مختلف محرڪات جي ايتري وسيع ڄاڻ فقير صاحب کي منصوري مام جو ماهر ثابت ڪري ٿي ۽ بقولہ:

(1)

پاڻ پروڙي پنهنجو آيس- منصوري ميدان ميان

(2)

مرد پروڙن مام الا- منصوري آهي مڪان منهنجو

فقير صاحب جو حال توڙي قال سندس منصوري منزل تي پڌرا شاهد آهن بلڪ سچ تہ هيءُ آهي تہ محمد فقير ئي سنڌ جو منصور هو. بلڪہ هن منصوري مام جي ڄاڻ، يعني ان مام جي حقيقي معنيٰ جي پرجهہ ۽ پروڙ ۾ ڇڻ تہ منصور کان بہ ڪي ريتون ڪثر هو. ڇو تہ فقير صاحب کي منصور واري منزل توڙي مقربين واري مقام بنهي جي پروڙ آهي ۽ "حسنات الابرار. سيات المقربين " واري ماهيت کان هو پوري طرح واقف آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس قول آهي:-

"محيسي مام معنيٰ جي متل ميخان محمد جي

مقابل موج منصوري، مچايان مسيح مقرب ٿو.

(3) رندي:- فقير صاحب جي نقطئہ نظر کان عشق جي اوج ۽ملامت جي طلب جو ماحصل رندي آهي. بقول:-

(1)

آهيان مان عشق جو عاشق، رکان رندي مشرب ٿو.

(2)

" وٺ رمز رندي جو چارو-کٽي بار ملامت وارو"

يا

اسان رمز رندي وچ رهندي هون. سٺو سهمين سرتي سهندي هون ان کانسواءِ عشق جي لپيٽ ۽ ملامت جي تقاضا موجب ميڪشي ۽ مدهوشي راڳ ۽ رقص مؤثي رنديءَ جا ظاهري عنوان بنجن ٿا.

مئي نوشي اول تہ فقير صاحب لاءِ مام ۽ معنيٰ پروڙڻ جو ذريعو آهي:-

" محمد مئي پي مام سڄاتي ڪلي قيل مقال مولئ"

پيو تہ اها مئي نوشي ۽ مدهوشي " رندي رسم " ۾ محويت سبب آهي:-

گلش گيانگادي شائق شراب شادي

محمد مکهن منادي - رندي رسم رتاه

رقص واري رندي جو استاد بہ عشق آهي:-

(1)

پڇي ڏوهہ ويو ثواب، نچي نينهن ٿيو نواب

(2)

عشق اوپڙا ٿيا اظهار، چم چم چننن ڪر چمڪار

انهيءَ ڪري فقير صاحب جو رندي رسم ۾ رتل، عشق ۾ محو ٿيل "موتو واري موج ۾ مست ٿيل آهي". ببانگ دهل اعلان ڪري ٿو تہ :-

ناچو ٿي نروار نچان ٿو.

(1) پهري برقعو بيڪ بشر جو بره جي بازار نچان ٿو

(2) صورت وارو سانگهہ سراسر ڪري سر سينگار نچانتو

(3) هٿين پيرين گهڻ گهڻ گهنگهرو چيرن جي چمڪار نچان ٿو

(2) موتو قبلل موجان ماڻي محمد تي مهندار نچان ٿو.

ڳائڻ ۽ ڦرڻ واري ڏن بہ عشق جي اثر ۽ رندي جي رسم سبب ٿي آهي. مگر ڳائڻ مان پيو هڪ مقصد حڪمت جا سخن سڻائڻ ۽ حقيقي سر سمجهائڻ آهي جنهن ۾ فقير صاحب کي خاص دست رس ۽ دعويٰ آهي.

(1)

صحيح سر صاف تي صوفي سڻايان سر سخن ۾ ٿو.

(2)

سرسمجهايان، سخن سڻايان، ڳايان ڳايان ڳايان.

(3)

سهرا سرخ سر ڳايان ٿو، تومر نومر تننن طبل وڄائي

مگر عشق جي مهميز، ملامت جي طلب ۽ رندي جي تقاضا ڪفني پارائي ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳارائي ٿي ۽ ڦيريدار فقير جيئن ڦرائي ٿي.

(1)

" ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳيان ٿو ڦيريدار فقير ٿي فالر"

(2)

ڳايان ڳلي ڳليءَ ۾ اولنگهہ وڄائي آڙو

بيشڪ محمد فقير عشق جي هڪ سچي عاشق ۽ ملامت جي حقيقي طالب جي حيثيت ۾ هن رندي رسم کي تـوڙ تـائين نبـاهيو ۽ واه جـو نباهيو! خود پاڻ تصديق ڪيائين تہ :-

" عاشق اصل اويسي، وحدت وصال ويسي"

" مشهور ٿيو مهيسي، محمد متي اگهاڙو"

جناب حضرت فقير صاحب جن 7 محرم 1359 هجري تي هن فـاني دنيا مان اٽڪل 62 ورهين جي عمر ۾ پيالو نوش ڪيو.

ٻاهر ڪيرو ڪل ۾ اندر ۾ آڙاهہ

محمد بيپر واهہ ڪائي متو موت ڪي



احوال

فقير گل محمد ڪٽياڻ

ء

فقير دوست علي ڪٽياڻ

فقير امداد علي لغاري

متي ذڪر ڪيل آهي تہ فقير صاحب محمد سائين جن تاريخ 7 محرم سنہ 1360 هجري بروز اڱارو 1941ع تي وصال ڪيو. فقير محمد سائين ڪي صرف هڪ فرزند نالي گل محمد صاحب هو ۽ هڪ نياڻي بہ هئي.

گل محمد فقير ڪٽياڻ، بظاهر سادي طبيعت ۽ رواجي علم رکندڙ هو. زماني سازي جي سيني معاملن کان ڪناره ڪش رهيو. سندس شادي، فقير صاحب محمد سائين پنهنجي برادري مان ڪرائي، ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. سندس والد فقير محمد سائين جي وصال کان پوءِ فقراءَ ڪيس وڏي تعظيم ڏني. پاڻ بہ فقراءِ سان رلجي ملجي رهندو هئو. فقير گل محمد ڪي سندس والد صاحب پاڻ درگاهہ فقير ولي محمد سائين تاج پور جي پهرئين سجاده نشين نواب حاجي غلام حيدر خان وٽ دست بعيت ٿيڻ لاءِ پيش ڪيو. پوءِ فقير گل محمد آخر ڇمار تائين تاج پور ۾ ٿيندڙ سيني ڏهاڙن تي ۽ ميلن تي باقائده حاضري ڀريندو رهيو. هالا شريف ۾ حضرت نموٿ الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جي درگاهہ تي پڻ سندس حاضري ٿيندي رهندي هئي قبلع مخدوم طلب المولىٰ سائين جن فقير گل محمد ڪٽياڻ ڪي تمام عزت جي نگاه سان ڏسندا هئا.

فقير گل محمد ڪٽياڻ تاريخ 3 رمضان سن 1419 هجري تي وصال ڪيو. وفات وقت سندس عمر انداز پنجهتر سال هئي. اڪيلي فرزند هئڻ

جي حيثيت ۾ فقير صاحب محمد سائين جو پاڻ وارث ۽ جانشين هئو مگر عملي طور هن ڪاروبار ۾ نظام کي فقير دوست علي ڪٽياڻ هلائيندو هو. فقير دوست علي خان، فقير صاحب محمد صائين جو ويجهو عزيز ۽ داماد هو.

فقير دوست علي خان جي والد جو نالو جان محمد خان هو جيڪو فقير محمد صاحب جو پائيٽو هو. فقير دوست علي انداز سال 1916ع ڌاري تولد ٿيا. بروقت سندس نالو، عبدالله خان رکيو ويو. پاڻ پرائمري تعليم ٽنبو ڄام تعلقہ حيدرآباد ۾ پڙهيائين. ان وقت سندس ڏاڏي جو پاءُ فقير محمد سائين پنهنجي فقرائي زنگ ۾ رنگيل، عشق جي سرمستي سان سرشار هڪ درويش صفت انسان خاندان ۾ موجود هو. نوجوان عبدالله خان تي پڻ فقير صاحب جي صحبت جو اثر ٿيو. سندس لاڙو بہ فقرائي رنگ ڏي ٿيو. ارڙهن ورهين جي عمر ۾ ڪارو ويس ڪري سيلاني ٿي، سنڌ جي مختلف علائقن، درگاهن تي ويا، ڏها، چاليها ڪڍيائون، فقراءُ جي صحبت ۽ محبت ڪيس عطا ٿي، هن سفر ۾ ڪيس مدت اٽڪل سورنهن مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن لڳا.تقريبا سڄي سنڌ جي چوڌاري سٹر ڪيائون.

سڀني کي معلوم آهي تہ صوفي فقير محمد سائين ۽ مخدوم صاحب قبلع غلام محمد سائين صديقي جن جي درميان نهايت قرب ۽ محبت جو تعلق هئو. اهيو تعلق ايترو گهرو ۽ گهاٽو هئو جنهن جي عام ماڻهن کي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پئي. مخدوم صاحب جن، فقير صاحب جي تمام وڏي تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هئا. ڇڻ تہ ٻئي صاحب هڪ ٻئي لاءِ هئا. انهي رمز ۽ اسرار کي بہ پاڻ ٿي ڄاڻائون.

هڪ دفعي، فقير محمد سائين، نوجوان عبدالله خان کي، مخدوم غلام محمد سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ۽ سفارش ڪيائون تہ ۽ عبدالله خان کي پنهنجو مريد ڪيو ۽ مولي پاڪ جو اسم مبارڪ ڏسيو. مگر مخدوم صاحب وري فقير صاحب کي فرمايو تہ ۽ اوهان اسم پاڪ ڏسيوءِ آخر ڪر فقير صاحب چيو تہ اسم پاڪ ذات جو اسين تا ڏسيون مگر دست بعيت اوهان جو آهي ڪيس پنهنجي مريدن جي حلقي ۾ شامل ڪيو نيٺ فقير صاحب جي گهر ڪرڻ ۽ گهڻي اصرار کان پوءِ مخدوم صاحب، عبدالله خان ڪٽياڻ کي دست بعيت ڪيو. ان وقت عبدالله خان جي عمر تقريبا 20 سال ڪن هئي.

عبدالله خان ڪنياڻ جواني ۾ طاقت وارو ۽ باهمت انسان هئو اصول پرست ۽ سچو مرد هئو ڪجهه وقت کان پوءِ حضرت مخدوم غلام محمد سائين ڪيس پنهنجي اسٽيٽ جو عام مختيار ڪيو اهڙي طرح پاڻ هالا ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

هڪ دفعي دستور موجب درگاهه شريف مخدوم نوح عليه رحمت جي سهائي سومار تي تبرڪ ورهائجي رهيو هئو. مخدوم غلام محمد سائين ڪجهه ڪٽا تبرڪ مان ڪڍي فرمايو، ۽ دوست علي خان وٺو ۽ ان وقت مجلس ۾ دوست علي خان نالي ٻيو ڪوبه ماڻهو موجود نه هئو. پاڻ عُبدالله خان ڪنياڻ ڏي اشارو ڪري مخاطب ٿي فرمايائون ۽ اوهان دوست علي خان آهيو هي تبرڪ وٺو ۽ انهي ڏينهن کان رئيس عبدالله خان کي رئيس دوست علي خان جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

مخدوم غلام محمد سائين جن تاريخ 28 ذوالحج 1363 هجري مطابق 14 ڊسمبر 1944ع تي وصال ڪيو. ان کان پوءِ جنات غوث الحق جي گادي تي قبلع مخدوم محمد زمان سائين ۽ طالب المولیٰ ۽ جن سجاده نشين ٿيا. ان وقت به دوست علي خان عام مختيار جي حيثيت ۾ خدمت سرانجام ڏيندا رهيا. سندن انتظام، سنڀال، وقت سر درست فيصلو ڪرڻ مالڪن سان سچائي ۽ وفاداري جا مثال اڄ به ڏنا ويندا آهن. پاڻ مخدوم صاحب جي ڪارخاني آخر دم تائين باقائدي عملي طور خدمتون سر انجام ڏيندا رهيا قبلع طالب المولیٰ سائين جن جو مٿن ڪلي اعتماد هئو. مخدوم صاحب طرفان ڪيس اهڙا اختيار مليل هئا جيڪي ٻئي ڪنهن به خليفي يا مئنجر کي حاصل نه هئا. ان ڪري مخدوم صاحب جن جي اسٽيٽ ۾ ڪن ماڻهن کي ساڻس حسد به ٿيندو هئو ۽ بعضي مخالفت وارو ماحول به پيدا ٿيندو هئو پر پاڻ سيني ڳالهين، مخالفتن جي پرواهه ڪانه ڪيائين.

سال 1941ع ۾ فقير صاحب محمد سائين جي وصال کان پوءِ شروعاتي مٽان چوڪنڊي جي تعمير ۽ پهريان به سال وارو ميلا، قبلع مخدوم غلام محمد سائين جن پنهنجي خرچ تي ڪيا. ان بعد درگاهه جي تعمير توسيع، درگاه جي حد اندر ٻيون جايون ٺهرائڻ وڻ ٻوٽا رکڻ، پاڻي جي کوهه جي مرامت، بجلي جو خرچ سڀ پاڻ دوست علي خان ڪيو هر مهيني جي ستين تاريخ تي ڏهاڙو به ملهائيندا هئا ۽ ساليانه ميلو تمام شوق ۽ اهتمام سان لڳائيندا هئا.

رئيس دوست علي خان ڪنياڻ ڪي فقير رنگ تہ جواني کان ئي لڳل هئو. مر آخر عمر ۾ پاڻ لباس، پوشاڪ ۽ رهائش ۾ بہ فقيري رنگ اختيار ڪيائون. ڪيس فقير دوست علي خان ڪري سڏيندا هئا. گيڙو پٽڪو، گيڙو پهرياڻ، سفيد سلوار جو لباس مستقل طور پائڻ لڳا مگر طبيعت ۾ شوخي، رعب ۽ دٻدٻو موجود ۽ برقرار رهيو. پاڻ چوندو هئو تہ مونکي صرف هڪ شوق آهي. فقرائي ميلا ملهائڻ. فقرائي راڳ جي محفل منعقد ڪرڻ يا ان ۾ شرڪت ڪرڻ پاڻ ان شوق جي پورائي لاءِ ڀرپور نموني ڪوشش ڪيائين خاص طرح فقير صاحب محمد ڪنياڻ جي ميلي ڪي تمام گهڻي زور ونڙايائين. تمام سنا فنڪار ۽ فقراءِ جا بهترين راڳيندڙ ٽولا هتي حاضري لاءِ ايندا هئا. ڪيترين درگاهن جا گادي نشين پڻ هن ميلي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. پاڻ سڀني جي حيثيت مطابق رسائي ۽ خدمت جو اهتمام ڪندو هئو. لنگرخان عام وخاص لاءِ هڪ جهڙو چالو رهندو هئو مطلب تہ فقراءِ ڪي هر طرح سان خوش رکڻ ۽ سهوليت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن پاڻ هن ميلي تي ايندڙ هئا. تاج پور مان درگاهہ فقير ناوب ولي محمد سائين جن جا گادي نشين نواب غلام شبير خان ۽ بيان نواب صاحبان بہ هر سال باقائده ايندڙ هئا ۽ اهيو سلسلو جاري آهي. ان کان علاوه سنڌ جي ديگر درگاهن تان پڻ بزرگ پير. فقير وقت بہ وقت هتي حاضري ڏيندا رهيا.

تاج پور ۾ هر سال تاريخ 4 کان 6 رمضان المبارڪ تي حضرت فقير نواب ولي محمد سائين جن جو عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. فقير گل محمد ڪنياڻ. فقير دوست علي ڪنياڻ پنهنجي فقرائي ٽولي سان هر سال باقائده وڏي احترام ۽ عقيدت سان هتي حاضري ڀريندڙ هئا. ٽيئي ڏينهن درگاه جي صحن ۾ رهندا هئا.

سيوهڻ شريف ۾ سنڌ جي شهنشاهہ حضرت قلندر شهباز جي ساليانہ عرس مبارڪ جي موقعي تي بہ فقراءِ سميت ضرور حاضر ٿيندا هئا. سندس رهائش فقير سڪندر بودلي جي مزار پرسان پنهنجي ڪافي تي ٿيندي هئي. درگاهہ جهوڪ شريف تي پڻ ساليانہ ميلي تي سندس حاضري ٿيندي هئي ان کان علاوه اتر لاڙ جي ديگر درگاهن، سهڪجي، انباهہ شريف، شاهہ پور جهانيان يا شڪارپور، سکر ڏي پڻ فقرائي ٽولي سميت ميلن ۾ شرڪت ڪيائون.

فقيري رنگ سان گڏ دوست علي خان زماني سازي جي ڪمن ۾ بہ ڪافي تجربو رکندڙ هئو. خاص طرح زمينداري ڪم ڪار حساب ڪتاب جي ديک ڀال ۾ چاڻ رکندڙ هئو. واپاري ۽ منشي ، ڪمدار سندس مهارت ۽ انتظامي صلاحيتن سببان نهايت چست ۽ فرمانبردار نظر ايندا هئا علم طب جي معلومات بہ رکندو هئو. حڪمت سندس پيشو نہ هئو نہ وري پاڻ ان کي پين حڪيمن وانگر ڪمائي جو نہ ذريعو بنايائين. اڪثر سندس دوائون مفت تقسيم ٿينديون هيون. خاص طرح زهر ڪو چلد مدبر وارو نسخو اڌرنگ جي بيماري لاءِ ڪافي فائيمند ثابت ٿيو.

آخر عمر ۾ ڪيس گردن ۾ پٿريون پيدا ٿيون. ذاتي علاج ڪندو رهيو. ڊاڪٽرن آپريشن جو مشورو ڏنو پاڻ قبول نہ ڪيائين. ان ڪري جسم ڪمزور ٿيندو ويو. سال 1989 ۾ سيوهڻ شريف ڏي حضرت قلندر شهباز رحمت الله عليہ جن جي عرس مبارڪ تي فقراءَ سميت حاضر ٿيا ڌمال واري وقت کان پوءِ روضي ۾ حاضري ڏيڻ ٻاهر نڪتا. رش، گهٽ ۽ گرمي سبب طبيعت بگڙي وئي. مگر همت سان برداشت ڪيائون. واپسي دوران شهيد سڪندر بودلي واري رهائش گاهہ ڏي موٽندي، هلندي، هلندي، حڪيم محمد مراد صديق جي دواخانہ واري جاءِ وٽ سندس روح پرواز ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو.

وصال جي تاريخ 18 شعبان 1419 هجري مطابق 27 مارچ سال 1989ع آهي. فقير حسين بخش خادم سروري. جيڪو پڻ سيوهڻ شريف ۾ ان فقرائي ٽولي ۾ گڏ هئو. سچي واقعي کي نظم جي صورت ڏيئي ڪافي ٺاهي جيڪا هتي درج ڪجي ٿي.

ٿل:- سڱڪَ سينگاري هليا. محب مٺا موچارا

ٿلهہ:- ويراڳين وايون وحدت جا وڻجارا

1 قرب جا قدم ڀري پير پرت جا پايا

نيهن نڀائڻ لاءِ مينڌي ملهائڻ آيا بيشڪ بودلائن ڪيا هوُ هوُ جا هونڪارا

2 عشق اجل ٻئي گڏ هئا اجل ڇڏيون ٻئي ٻانهون اجل ادب سان بيٺو هو

جهلي رمضن جون راهون راض رباني سمجهي ساٿ ڇڏيائون سارا

3 قلندر جي روضي تان فيض وٺي ٿيا راهي ويراڳين وچ تي ڪانہ ڪنئي

ڪاساهي گيڙو گهوٽن سرتي ٻڪ تائي جا يڪتارا

4 موت کي ماري مردن واڳ وطن ڏي موڙي دوست علي جي هنج ۾ جاءِ

وچي جوڙي محمد جي مٺخاني وهواه وڃائي وارا

5 خادم فقر جو خادم نيهن نيائي نيندو حال ناهيءَ ۾ هردم سرور سائي ٿيندو مولا ڪندو وسندا اڳڻ وهڻ اوطار

مٿي لکي چڪا آهيون تہ فقيرو دوست علي خان جي پهرين شادي فقير صاحب محمد ڪنڀاڻ جي دختر صاحب سان ٿيل هئي. انهن جي وصال کان پوءِ سال 1972ع ۾ سندس ٻئي شادي رئيس جان محمد خان ولد حيدر خان ڪنڀاڻ جي نياڻي سان ٿي. ٻنهي شادين مان ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو پوءِ آخري سالن ۾ جڏهن پاڻ مخدوم صاحب جي اسٽيٽ جي سنڀال ۽ ٻي مصروفيت سبب ڳوٺ سليمان ڪنڀاڻ ۾ گهٽ ايندا هئا. تڏهن پويان ڳوٺ ۾ درگاه جي سنڀال، لنگر خانو هلائڻ راڄ برادري ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ ڳوٺ واري زمينداري توڙي اوطاق جي انتظام کي هلائڻ لاءِ پنهنجي سالي احمد خان ولد جان محمد خان کي مقرر ڪيائون.

ڳوٺ سليمان خان ڪنڀاڻ ۾ درگاهہ فقير محمد سائين تي تاريخ 28 ذوالحج هر سال باقائدي مخدوم غلام محمد سائين عليہ رحمت جن جو ساليانہ ڏهاڙو، فقير دوست علي پاڻ ملهائيندو هو. حصرت طالب المولىٰ پاڻ بہ ان ۾ شريڪ ٿيندا هئا. سال 1986ع ۾ ساڳئي ڏهاڙي تي سائين طالب المولىٰ جن تشريف فرما هئا. ان موقعي تي فقير دوست علي خان جي چوڻ سان سندس سالي احمد خان ڪنڀاڻ کي جناب مخدوم صاحب جن جو دست بعيت مريد ڪيو.

فقير دوست علي خان جي وصال کان پوءِ ستت ئي اٽڪل ڏيڍ مهينو گذرڻ بعد فقير گل محمد ڪنڀاڻ فالج جي حملي ۾ بيمار ٿيو ۽ راجپوتانہ اسپتال ۾ وصال ڪري ويو فقير گل محمد جي وصال جي تاريخ 3 رمضان 1419 هجري آهي. گل محمد فقير کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ هئو. نواب غلام شبير خان، سجاده نشين درگاهہ تاج پور شريف ۽ قبلہ مخدوم صاحب سائين طالب المولىٰ جن جي باهمي مشورت سان فقير احمد خان ڪنڀاڻ کي درگاهہ فقير محمد ڪنڀاڻ جي سجاده نيشيني لاءِ منتخب ڪيو ويو. پڳ ٻڌائڻ واري رسم ۾ قبلع طلاب المولىٰ سائين پاڻ طبيعت ناساز هئڻ سبب نہ پهچي سگهيا. البتہ سندن صاحبزاده سائين سعيد الزمان عاطف پاڻ آيا. تاج پور درگاهہ شريف تان نواب غلام شبير خان سجاده نشين نواب غلام مصطفيٰ خان، نواب ولي محمد خان، نواب امداد علي خان شريڪ ٿيا. برادري مان پير محمد خان ڪنڀاڻ، محمد بخش خان ڪنڀاڻ ۽ فقيرء مان ڪافي تعداد شريڪ ٿيا فقير احمد خان ڪنڀاڻ، جيئن تہ فقير دوست علي مرحوم جي وقت ۾ ئي سڀني ڪمن ڪارين کان واقف هئو اهو هاڻي بہ سڀني ڏهاڙن، ميلن ۽ ديگر رسمات کي بطريق احسن ملهائيندو ۽ نڀائيندو رهي ٿو.

الصوفي لامذهب

منطوق محمدي احوال احمدي

روپ	ڪافي	آسا

تـل:- نئينـان دي نيشـان نـڄ نـڄ ٽيـنـدي نـانگي نيهـي
1-ڏڪـڙ خنجريـان سـاز سـپيئي تـن مـن طبلـبي تـان
رمز انهي دلڙي ريهي
2- سـر سـينگار سـوريءَ تـي آون سـوره سـي سـلطان
ڳالهہ ڪران مئن تهاندي ڪيهي
3- ابـرو سـيف سـنگينان پـالي گهـورا نـدي گمسـان
درسن والي دم دم ديهي
4- مئـي پـي محمـد مـوج مچـائي چشـماندي چـالان
احسن الڪ عجائب جيهي

روپ	ڪافي	آسا

* تـل :- بـره سـٽائي بـانگ شـاهي طبـل وڄـانوڻ دي
1- مـام بـره دي مـرد پـروڙن ڇـوڙ سـري دا سـانگ
توڪل تند بجانوڻ دي
2- جا وڪچاوين سا وڪ اڳتي طلـب رکيـن هـڪ تانگهـ
نازڪ نينهن نپانوڻ دي
3- الـڪ عجـائب آتـش لائـي نينهـن نرالـي نـانگ
فنان فرض پڙهانوڻ دي
4- محمـد مـن وڄ سـرت سمـائي چـن دوئـي دي چـانگ
هودي هل هلانوڻ دي

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:- پنهنجو سڄاڻج پاڻ انحد واري بين بجائي

1- ونحن اقرب الت اشار ڄاڻ اهو تون ڄاڻ
2- موت قبلل انت موتو سالڪ سر سڄاڻ
3- اني اناالله سئير سريءَ جو بره واري پاڻ
4- محمد تڪيوتوم تنهنجو طرف ٿئي ناڻ

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:- بره سٽائي بيحد بين ڪين ڪمائي ٿي تون ڪين

1- مست پيالي جي مخموري دم ڪي دائم سمجهي دين
2- صورت ڪان بيصورت ڪهڙو عشق عجائب اصل امين
3- سازوجودي سرجي سر ۾ ڳيت اناالحق تا ڳائين
4- محمد رمز انهيءَ جي رنگ ۾ هردم حاضر حال حسين

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:- ناز جي ناتي ڪيس نهال صورت ۾ ٿيو سئير حسن جو

1- ناز نهوڙي نظر جي نيڙو پيوند پيچي پرت جو پيڙو
هئيڙو حيران حيرت ۾ ٿيڙو ڪاڪل ڪيڙو قرب ڪمال
دام زلف ۾ ذوق ذهن جو
2-دم دم دل ۾ ديد اڙائي پير پتنگ جيئن پڙ ۾ پائي
خيال ۾ گر ٿي خيال ڪمائي جام پيتائون جزب جلال
نينهن نيائي ناز وارن جو
3- نانگا ناث نهاري نيهي، پاڻ ۾ پنهنجي نئين ويڙا پيرا پيهي
ڳالهه ڪبي ٻي تن جي ڪيهي پرتئون پلپل ٿيا پئمال
رمز انهيءَ ۾ راز رندن جو
4- عشق عجائب واري بازي سمجهي محمد گنوريا غازي
ترڪ ڪيائون قبلل ماضي حاصل ٿيڙن هردم حال
پور انهي ۾ پسڻ پرين جو

آسا	ڪافي	روپ

تل- برسر باغ بهار يار بره بهادر پيد بتايا
1- ترنم ڪول تراني تحدل تياري ڪر تنتار يار
2- حاضر ڪر هيڪار حسن دي هردم تي هسوار يار
3- چونا چون بيچوني چرچي چشماندي چمڪار يار
4- محمد ماير ملا تي موڪي مستي دي مختيار يار

آسا	ڪافي	روپ

تل:- وٺ رمز رنديءَ جو چارو ڪٽي بار ملامت وارو
1- اول سانگو سر جولاهي پوءِ پرين ڏي وڃ تون ڪاهي
ويهڻ واجب توکي ناهي سمجهي ڏس سر سارو
2- ڪري هٽ ۾ لاجي ڪاتي پاءِ وجود ۾ جوڙي جهاتي
اسم صورت ڪر اثباتي عاشق تي رکي آرو
3- پنڌ عشاقي اوکو اهنجو سڪ وارن لاءِ سوکو سنهنجو
ناهي ڪم ڪچي ٻئي ڪنهنجو ات نيهي هٺندا نعرو
4- چڏي محمد جي جو جهيڙو سرڏئي ڏس وحدت ويڙهو
اصل عشق الاهي اهڙو ڊول هٺي تو ڊارو

آسا	ڪافي	روپ

تل- مرد پروڙن مام منصوري آهي مڪان منهنجو
1- ٽڳا دين ڪفر جا ٽوڙي صورت جي ٻئي سام
گهور ۾ ڏس گيان منهنجو
2- تي سيلاني سر ۾ آيس هٽي هر هر هام
ديد ۾ آهي ڊيان منهنجو
3- صحيح سجدو ثابت ڪيڙم عشق واري اسلام
قرب ڪل آهي قرآن منهنجو
4- سٹڻ سمجڻ محمد آيو تي پنهنجو پاڻ امام
صوفي سر سبحان منهنجو

روپ	ڪافي	بلاول

موتـــو واري مـــوج انـــالحق آواز منهنجـــو
1- پـاڻ سـچاڻ پنهنجـو آيـس، ناهيـان اصـل پوڄهــ
نينهن ۾ آهي نياز منهنجو
2- ال انسـاني برقعــو پـايم، سـرت سـيني ۾ سـوجهه
نظر ۾ ڏس نواز منهنجو
3- شاهنشـــاهي طبــل وڄـايم ڪـــري النّـــي اوج
پتنگ جيئن پرواز منهنجو
4- محمــد هــر مظهــر جــو مــالڪ حســن واري فــوج
قم باذني قواز منهنجو

روپ	ڪافي	بلاول

ٽـل:- هـٽ ڪـر اپنـا خيـال عشـق اصـل اڙبنـگ ڏنـو سـي
1- عـــارف بـــازي اڪيـــان والـــي آوازي احـــوال
الف اسم هڪ انگ ڏنوسي
2- اســم جســم وچ ڪرڪـي جـاري جڳـا جـوش جـلال
جوڙ جگر وچ جنگ ڏنوسي
3- ســاقي والـــي ســاغر ســازي سمجهـــ آپ ســـنيال
سئير صورت دي سنگ ڏنوسي
4- محمـد تـي متـوالا محڪـم مئـي دي مسـت مقـال
مستو مست ملنگ ڏنوسي

روپ	ڪافي	بلاول

ٽـل:- تـن مـن طبلـي تـان تـازي تـال طنبـور ڏنوسـي
1- اسـم جسـم دي جلـوه جنگـي چشـم دي چـالان
گني گر گهنڊ گهور ڏنوسي
2- ڪيئيـن سـاز سـخن سـروردي صـورت دي سـامان
پيد بره پرپور ڏنوسي
3- وڄـا نوبـت نـوڪ نظـر تـي نظـاري نيشـان
نسنگ تي نر نور ڏنوسي
4- مسـتي والـي مـوج مچـاڪي محبـت دي ميـدان
محمد مک منصور ڏنوسي
خــودي دي خمــار خويــان خــوب خيــال ڏنوســي

روپ	كافي	بلاول

1- اســـم جســـم دي اثـــر اول ثـــي، الاهـــي اســـرار اكيان دا احوال ڏنوسي
2- پرهـــ والـــي بـــازي بـــالم بـــزم بـــاغ بهـــار برابر بر حال ڏنوسي
3- حســـن والـــي هولـــي هـــر جـــاء حقيقـــي هســـوار حاضر همدم حال ڏنوسي
4- لا وجـــود وجـــود جنهيـــن دا لحـــن دي للكـــار لاکي لالي لعل ڏنوسي
محمـــد ســـيئر سراســـر ســـهڻي ســـرودي ســـينگار سرخ سر سنپال ڏنوسين

روپ	كافي	بلاول

دائـــم دم دي ڏيـــان، درســـن دي دربـــار ڏنوســـي
1- اكيـــان انـــدر عشـــق الاهـــي، عجـــائب عريـــان عاشق ثي اظهار ڏنوسي
2- بـــزم بيـــک بحـــال بقـــائي بـــره دي بـــاران بهادر بردار ڏنوسي
3- نقـــش نقاشـــي نـــور نظـــاري نينـــان وچ نيشـــان نينهن نسنگهہ نروار ڏنوسي
4- محمـــد بـــار ملامـــت والـــي مظفـــري ميـــدان محبتي مهندار ڏنوسي

روپ	كافي	بلاول

ثـل:- بـي مثـال مثـل وچ مـاهر ثيـا بيـک بحـال مولـيٰ
1- مئيـن خيـال خيـالدا خـالق، پهريـم شـاهي شـال مولـيٰ
2-كثـان ڳيـت انـاالحق ڳـايم، كثـان جهـول جهپـال مولـيٰ
3- گونگهٹ والي گر ثي گهروچ ، كيتم كفر كمال موليٰ
4- محمـد مئي پـي مـام سـجاتي كلـي قيـل مقـال مولـيٰ

بلاول	ڪافي	روپ

ٿل:- حسن ٿي هسوار شاهي شور مچايو
1- بڏي شملو شاهنشاهي، مالڪ مڪ مختيار
عشق اسان وٽ آيو
2- فوج حسن جي فالم ڪيڙي، سپهه جي سالار
حاڪم هل هلايو
3- ڪري قابو دلبردلڙي، بره جي بازار
نسنگ ناد وڄايو
4- محمد اسماعيل عجائب ، صورت جي سردار
الڻ پيد بتايو

بلاولي	ڪافي	روپ

ٿل:- خيال جي خاني آهيان خيال خيال بنان بيو خيال نہ چاڻان
1- هو الاول هو الاخر ظاهر باطن جوش جلال
2- خيال ڪمائي خيال ٿي خالص، خوبان خوب ختم خوشحال
3- ڏيان جي ديري ڏيان درس ٿي، ڳجهي ڳجهہ جي ڳالهہ
4- خيال خدائي ڪيل خوديءَ جي محمد مستو مست مقال

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- منهنجو ملڻ لاءِ منڙو ماندو، هوت ڪري ويو هنيون حيران
1-آئون جا برهمڻ پينر پوري، گهوٽ پنهل جي آهيان گهوري
بره بيوس ڪيس بيران
2-ڏي ڪي دلاسادلئيون دلبر، محبوبُ من جا مٺا منور
آگا اچڻ جو ڪر احسان
3- بره بيرنگ بيحد باري، سرت وڃائي سڪڻ ساري

جوش جلالي ڪيا جولان
4- محمد من ۾ ڪري آزي دام دوئي جي پڇي بازي
فڪر فن جو پڙهہ فرقان

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- مان بندياڻي بيوس باندي، قسمت قيد ڪري هت آندي

1- سڪ مان سانگيڙن ڪي ساريان گوندر جي گهر گهڙيون گهاريان منهنجي ملڻ لاء دلڙي ماندي

2-راتو ڏينهان هوري توري جهانگيڙن جي جي منجهہ جهوري وار ناهيان هڪ وره ڪان واندي

3- زيور زهر پانيان ٿئي زر جا مولا ميلج مير موهر جا ڪين وڻن ٿا چنيل چاندي

4- محمد چئي ملي ماڙيچن سان پرتئون پنهنجي پاڙيچن سان حب مان هيڪر ٿيان هيڪاندي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:مئين وچ مئين ناجهاتي پاتي مئي وچ مئين ڪيتي اثباتي

1-مئين وچ مئي دي سوره ساقي سرڪ پلائي بيرنگ باقي منجهہ اڱئي محڪم بانگ صلواتي

2-مئن وچ مام سجاتم ساري ويک حسن دي ميکهہ ملاري ثابت ڪيتم صاف صفاتي

3-مئين وچ موج محبت والي جوڙ جڳايا جوش جلالي ظاهر ٿيڙا ذوقئون ذاتي

4- مئين وچ محمد ماريا غوطا دوئي والا پن سپ بوتا حاصل ڪيتي حال حياتي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- مست پيالو محبت وارو محمد پي هنيو نيهن جونعرو

1-محمد آيو عشق اندر ۾ جام جلالي ساڻ جگر ۾ اثر اکين جي الٿ اوپارو

2- محمد مست ٿيو متوالو پي پئيماني پاڪ پيالو پيچ پسڻ جي پاڻ پاڳارو

3- محمد مئي جو ماڳ ملهايو سرڪ سڪرسان سرس سوايو ثابت سمجهي هي سر سارو

4- محمد مئي جي مستي ماڻي صاف صفا ٿيو سير سجاڻي منصف موکي مير متارو

روپ	كافي	پيروي

تل:- سيئي سانگا ست يار پسڻ لاءِ پرين جي
1- مر چڪن پيا چت ۾ فيراقن جا ڦٽ يار
2-محبت جي مئيخان ۾ پيءُ پرت جا پٽ يار
3-ڪاڻي رڪ ڪلهن ڪان مٿو موڪي وٽ يار
4- هلي محمد حب سان هڏن پوءِ تي هٽ يار

روپ	كافي	پيروي

تل:- رهان ٿو رازي يار رندن واري رنگ ۾
1- پي باغ بزم سان بهاريل بازي يار
2-ڪري ترنم تار جي تيارڙي تازي يار
3- غمازي غز لات جو غواصي غازي يار
4- محمد ميلي مٿي جي قبل نا ماضي يار

روپ	كافي	پيروي

تل:- بيسر بدل ڪيو برقعو بشر جو
بيرنگ بقا ٿيو بيخود-بحر جو
1-برسر بهاري بيشڪ بحالي قائم قدم سان ڪيو ڪلالي
مٿي جي مٿي تي محڪم موالي شوريل شرابي شائق شهر جو
2- پرٿون پريمي پر پي پيالو ناچو نظاري نر تي نرالو
تيرهن سوُ ڇوئيتاليهين ڇولي ڪيو ڇالو تاريخ تيرهين مهينو صفر جو
3- پيريمغان ۾ پيهي پڌر ٿي برسيوبزم ۾ بنرو بدر ٿي
ساقي سويارو سوره صدر ٿي لاشڪ لقائي لائق لهر جو
4- محمد يوسف جو ياور يرانون يڪدم يسر ٿيو ياقي يگانون
بازي بره ۾ بيسر بهانون احمر اڏيءَ تي عاشق اَثر جو

روپ	كافي	اسا

تل:- سهڻون سراسر سرور سونهارو
سرمست صوفي سوره سويارو
1-موڪي مدامي مهندار منور احمر اڏيءَ تي اظهار انور
سلطان ساقي سبحان سرور سرڪي صفا جو سردار سارو
3- فائض فقر ۾ في الحلال فالم عاشق عدم ڪان انوار عالم
بيخود بهادر برهال بالم بازي بره ۾ بيشڪ پلارو
3- تازي طبل سان سرتاج شاهي صمصام سر سان ساغر صراحي
اثبات عادل عارف الاهي اڪبر اڪين ۾ اظهر اشارو
4- مرڪي محمد مڇي مچ مچائي رمز علي سان رچي رنگ رچائي
نيزي نظاري نچي نر نچائي نيشان جهنجو نروار نعرو

روپ	ڪافي	آسا

ٿل:- صورت صفا ڪيو سينگار سر جو
ڏرپد ڏڪڙ سان ڏن ڏيان ڏر جو
1- سهڻي سراسر صورت صفاتي ظاهر ظهورو زابر ٿيو ذاتي
حق حق هميشہ همدم حياتي، حملو حسيني هلڪار حر جو
2- صورت صحيح سرساقي سوپارو آيو اکين ۾ الٿو اوپارو
پيريمغان ٿي پرور پاڳارو پندار پدرو پشيمان پر جو
3- صورت صراحي سرساڻ ساري بيشڪ بزم ۾ برسر بهاري
برسيو بغل سان برحال باري گياني گگن ۾ گلزار گرجو
4- مٺي جو مدامي محمد موالي دولهہ دلاور درگاهہ عالي
دائم درامي دانہ ڏمالي درباردم جي ديداردرجو

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- جوڳي جسم جلايا جهلڪار ڪي جشن ۾ عهدا عظيم پايا
بسمي لڳا ڪي بن ۾
1- اثبات عشق اندر مهندار مهت مندر
برسر بحال بندر بيشڪ بقا بدن ۾
2- جوڳي جلال جنگي نروار ناٿ ننگي
سهڻا سهاڳ سنگي ثابت صفا صحن ۾
3- عاشق اسم ڪمايا صورت اندر سمايا
آڏوت ان الايا گلزار هوُ گگن ۾
4- جوڳي جناب عالي خوبان ختم خيالي
مستان مٺي موالي محمد مندبل منگهن ۾

روپ	ڪافي	آسا

ٿل:- ڪلنگي ڪلاہ پائي پڳدار ٿيو پاڳارو
هرجا حڪم هلائي هسوار ٿيو پاڳارو
1- صورت سچي سينگاري شوقئون شراب پياري
ديدن واري دواري دلدار ٿيو پاڳارو
2- سهڻون صنم سچارو سبحان صاف سارو
سوره سخي سوپارو سردار ٿيو پاڳارو
3- بيشڪ بزم ۾ بالم فائض فقر ۾ فالم
اثبات عشق عالم اظهار ٿيو پاڳارو
4- نانگا نسنگ نچائي رمزن جو رنگ رچائي
محمد مندبل مچائي مهندار ٿيو پاڳارو

روپ	كافي	پيروي

ٺل:- گر ٺي گگن کي گاڏي گن گيان هو رها هون
دم دي ڏمال دائم ڏن ڏيان هو رها هون
1-نينان والي نظاري نٽکي نقاب نياري
نروار ناز نعري نيشان هو رها هون
2-پيريان بگل بحالي نوبت وڄا نرالي
مخمور مئي موالي مستان هو رها هون
3-انا انا الاکي همدم حکم هلاکي
ڇهري چشم چلاکي چالان هو رها هون
4- تن وڄ طبل تياري کر کر ثبوت ساري
محمد معني ملاري مئيخان هو رها هون

روپ	كافي	پيروي

عدم کان هت قدم پائي وڃان واقف وطن ۾ تو
بره بيچون جي بازي بنان برسي بدن ۾ تو
1- ازل کان هت هلي آيس، کري سينگار صورت جو
صحي سرصاف ٺي صوفي، سٺايان سر سکن ۾ تو
2- اول آخر هاٺي آهيان، سراسر سير سبحاني
صفاتي ذات جا ظاهر، چوان سهرا صحن ۾ تو
3- اصل لاقيد لاهوتي مکاني لامکاني ٺي
چشم چمکار جي چالي، چلان چالا چمن ۾ تو
4- محمد مست ميثاقي ساري مظهر سندو مالک
خودي خود خيال جو خالق گهمان گر ٺي گگن ۾ ٺيو

روپ	كافي	پيروي

ٺل:- گوهر گرنات دي گٽي گگن گجکار هي کيتا
عجب گمسان کر گوڙان وحدت وسکار هي کيتا
1- ڏکڙ ڏريد ڏمالان ڏن قائم کڙکي کپاري کن
گونا گوني گرامي گن گياني گلزار هي کيتا
2-سرودي ساز ٺئي ساڄي وڳي ويراڳ دي واڄي
اسم اعظم ٺاهو ٺاڄي اثر اذکار هي کيتا
3-نقاري ناد نعري نر تراني تار تازي تر
بتاکي پيد بازيگر جنگي جنسار هي کيتا
4- انا الحق عشق کر اوجان کيتيان فالم فهم فوجان
محمد منور مچا موجان منڊل مختيار هي کيتا

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- ظهورا ذات انور ڪا چشم چمڪار هي ڪيتا
حسن والا هڪاما هل رنگي رخسار هي ڪيتا
1-نفي اثبات ڪي نوبت مچائي موج هي محبت
سراسر سير سر صحبت وصل واپار هي ڪيتا
2- نفي قلبي روحي سري خفي اخفا ڪسب ڪري
قتل ڪر شوق شڪ شري انا الا قرار هي ڪيتا
3- صورت والي صفا سازي قدم ڪڍيا قبل ماضي
بره بازار دي بازي عجب اسرار هي ڪيتا
4- مورت محلات وچ ماهر محو محمد ٿيا ظاهر
جيها اندر تيها باهر نظر نروار هي ڪيتا

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق اجهل الست انل ڪيتي اول اثباتي
تيز طبل ميگهه منبل هيڪ هڪل همناتي
1- عشق اوپوي اظهر ڳيت انا الحق ڳايا
پير مغان ٿي پترا پير پسڻ وچ پايا
راڳ رقص دي رهبر رمز رندي رنگ لايا
ڪار قتل وار وصل آر اصل اسماتي
2- عشق حقيقي حاضر حال حسن دي هولي
لعل لڪائي لاتکهي لات لطيفي لولي
ناد نقاري نعري بي نه سڌاوي بولي
وحدت وس راڳي رس حق هس حرفاتي
3- عشق الاهي احسن اکيان والي اولي
پيد بتاوي بيخود پن سوئي پولي
خيال خدائي خاصي ڪيل ڪيتاري ڪولي
پاڪ پدر صاف صدر باغ بدر برساتي
4- عشق عجائب انور اولي آ انساني
سير صفت دي سهڻي صورت بن سبحاني
موج مچا ٿيا محمد محڪم مچ مڙگاني
بيڪ پشر نيڪ نظر ايڪ اثر اصلاتي

پيروي	ڪافي	روپ

ٺل:- عشق اساڏا هي اسلام دين ڪفر وچ ڪيها ڪام
1- نڪو مذهب ملت ڇاٽي تارطلب دي تن وچ تاٽي
صحيح صورت صاف سڄاٽي ٺوڙ دوئي دي دائم دام
2- عشق ڪريندا سير حسن دا دم دم ديد اڑادرسن دا
هستي هوڏ پائڻ پئو پن دا تنهندي همدم هون لڙه لام
4- ناز نظر دانيهن نزاڪت ڏيندا پيالا شوق شهادت
راز ربو بي سروچ ثابت مرد پر وڙن مخفي مام
4- بره بنائي محمد بازي ظاهر ذات صفاتي سازي
ڪڏهن مومن ڪافر قاضي اصل عجائب آپ امام

پيروي	ڪافي	روپ

عڪ"- عشق مچايا شاهي شور ويک حسن دا حملا هور
1- ڪاليان اکيان ڪنديان ڪجليان بره ديان پڑکان بجليان
تار طلب ديان تکيان تجليان ڪرن ظاهر زور
2- چشما والي چاڪ چکيو سي مذهب ملت پل ڳيو سي
اپني آپ وچ آپ پيوسي ذاتي سنگ سنڌور
3- الٽ اندر وچ الٽي بازي الٽ فتوئ ڏيندي قاضي
ڪرن سودا سردا غازي ساجد ٿي سر گهور
4- عشق محمد آتش لائي وسر ڳئي بي سيڪا وائي
قلب ڪونتل قرب ڪڏائي ويک الٽ انحد اور

پيروي	ڪافي	روپ

ٺل:- تنهنجي نيڻن نئون رنگ لايو قيد ڪرڻ جو اصل اٿن الا
مشتاقن ڏي رايو
1-چشمن تنهنجن جا چمڪارا عشاقن تي ڪن ٿا مارا
بيحد بيوس ٿيا ويچارا تڏهن سوريءَ سير ڪرايو
2- جامون جانب پائي جنگي رخسار ڪري آيو رنگ برنگي
ڪڙي ڪاڪل سان دل ونگي اتي علم عقل هارايو
3- علم عقل مت شرم شريعت عشق نہ ڇاٽي انجي ڪيرت
بره بهار ٿو ڪري سيرت وره وارن سان ورايو
4 - مست پيالو محبت وارو محمد پي هنيو نيهن جو نعرو
جتي دين ڌرم جو ناهي چارو اتي پريت پير پرايو

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- اکيون اکين سان ڪري آر اڙيون اڙيون ڪولي ڪيل ختم ڪيون
خيال ڪڙيون ڪڙيون
1-عشق حسن جي حاضر حملي جوش جلالي واري جملي
جادو جوڙ جنگي جوڙي جيءَ ۾ جڙيون جڙيون
2- گھوران گرڪئين گياني گھائي گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ گھوٽ گھمائي
پري گام گرم گھارن ڪين گھڙيون گھڙيون
3- چشمان چلبل چيٽڪ لائي چون پيچوني چال چلائي
چاڙھي چوٽ چڪين چوريون چٽ ۾ چڙيون چڙيون
4- مڙگان محمد ماري منتر صاف صورت جي سهڻي سنتر
لھي لعل لقب ڪري لاڏ لڙيون لڙيون

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- اکيون ڪار ڪجل سان ڪري ڪاھ ڪٽيون ڪٽيون
جيئن نانگ ڪاوڙ ڪانڌي جھڙپ جھٽيون جھٽيون
1- اکين وارا الٽ اشارا سرتي سرخ ڪري سٽڪارا
پائي پيچ پڪو پڌن ڪين پٽيون پٽيون
2- اکين ۾ ڪيو عشق اوتارو ڪر ڪاريهل جيئن ڪٽي ڪارو
ويڙھي وحدت جي پري وه جون وٽيون وٽيون
3-چشمن واري چھري چولي دم دم دم جو درسن ڪولي
آيو عشق عجب گھمين گام گھٽيون گھٽيون
4- نيڻن واري نوڪ نرالو محمد مست ڪيو متوالو
ميلي محبت جي پي مئي جون مٽيون مٽيون

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- رمزان رمزن جي رندي رنگ ۾ رتيون رتيون
ڪري راڳ رقص ڪولي گرام گتيون گتيون
1- رڱڻ رمزان مست مچائي راز روحي سان رنگ رچائي
بازي پيچ پني ٻاري بدر بتيون بتيون
2- رمزان لائي رنگ ٿي رهبر صاف صورت جي سهڻي سرير
اولي انس واري- چوڙي سرتي چتيون چتيون
3- رمزان ڪيف ڪڪوريل ڪيفي سرس سنگينون سرخي سيفي
سٽي سرواهيون ڪيون سخن ستيون ستيون
4- رمزن جو رنگ محمدلائي پير پسڻ جي پڙ ۾ پائي
هولي حسن واري ڪولي مئي جون متيون متيون

روپ	كافي	پيروي

تل:- دم جي درسن جي كولي درد دري دري
هردم حاصل ٿيو حاضر حال هري هري
1- پتنگ واري پر درد كولي در
هٽي نعرونر ڳائي ڳالهه ڳري ڳري
2- درد واري جهڻ گهمين گياني گهڻ
پي پي پيالا پڻ پوري پرت پسري پري
3- ثابوتي جي سنگ دم جادائم دنگ
پين جو ڳي جنگ موتو قبل مري مري
4- محمد ماهرمک ديدن وارو دک
سمجهي سارو سک پائي سچ جي سري سري

روپ	كافي	پيروي

تل:- هردم حسن واري هولي حال هلي هلي
هسي حاصل كئي ڳولي ڳوٺ ڳلي ڳلي
1- حسن حقي هڻ نيڻن واري نڻ
پهري كلنگي چڻ آيو عشق علي علي
2- حسن حضرت حر گني گياني گر
كري سهڻو سر عجب چال چلي چلي
3- ٻڌائي ٻولي جهليو چند جهولي
لحن جي لولي جهليئي كنهن نہ جهلي جهلي
4- محمد مكہ موجان فالم فڻ فوجان
كري اناوجان سچي ڳالهہ سلي سلي

روپ	كافي	پيروي

تل : نانگا نات نچن رندي رنگ رچن
مستي ۾ مخمور تي مانجهي مرد مچن
1- سرت جا سالم فقر سان فالم
عجب تي عالم عاشق الڻ اچن
2- پسي رخ جو رنگ اكين ۾ اڙٻنگ
صورت واري سنگ سهڻون سير سِچن
3- حبيباٽي هڻ مستي واري مڻ
پي پي پيالا پڻ پتنگ جيئس پچن
4- محمد تي منور پرت جا پرور
سوره سي سرور سوريءَ تي سرچن

روپ	ڪافي	پيروي

تل:- پيون پيالا پڻ مچي مئي جي مڻ
حق حق جي حرفات سان حسن واري هڻ
1- اڪين ۾ اثبات جهاتي اندر جهات
ڪري ظاهر ذات وحدت واري وڻ
2- چڏي شوخي شڪ پهي پوري پڪ
ڪري حاصل حق گهمين گياني گهڻ
3- هٺي نعرو نر ڪولي پنهنجا پر
ڪٺي قربئون ڪر قتل واري ڪڻ
4- محمد تي ماهر طبل سان طاهر
ذڪائي ظاهر پهري ڪلنگي چڻ

روپ	ڪافي	پيروي

تل:- لنگ بند لعل لاتگو ٽيا لاهو تي لاٽان
1- آيا اگڙ اسانجي عاشق عاليشان
2- سنبري آيا ساز سان صاحب سرت سجان
3- هٺي نعرو نيهن جو نسنگ تي نيشان
4- متا مئي پي مڻ تي محمد جي ميخان

روپ	ڪافي	پيروي

تل- ثابت سرسبحان سرجي سرڪ صفا ڪيو
1- ديدن واري دارتي دم دم جو ڏيان
2- صراحي جي سازسان صورت جو سامان
3- شرابي شغلات سان شاهنشاهي شان
4- مستي واري موج جو محمد مڪ ميزان

روپ	ڪافي	پيروي

تل: لاجا لائي لسنگ يار لائق لعل لقائي
1- جاري جوش جگر ۾ جلي ويڙا جنگ يار
2- دائم دم جي دار تي پين دهرا دنگ يار
3- رنگ برنگي راز سان وٺي رئي رئي رنگ يار
4- محمد صورت سيرجا ڪري سهٽا سنگ يار

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:- الٽي آر ٽئي اظهار دلبيدار دلبردي
شوق شراب ڪوڏ ڪباب راڳ رباب رهبر دي
1- شاهي شوق زابر ذوق فالر فوق في الحالي
ظاهر ذات ٽي اثبات برسي بات برحالي
پارث پاس رنگي راس خاص الخاص خوش حالي
حاضر حال خوب خيال ساري سال سروردي
2- نقش نجاب نينهن نواب ڪول نقاب نوراني
نرمل ناز رندي راز ساري ساز سبحاني
ڪيفي ڪيف ريفي ريف سيفي سيف سلطاني
شاهي شور زوران زور عاشق اور انوردي
3- چشمان چوڪ مڙگان موڪ نينا نوڪ دي نعري
چمر چمر چير گر ڪر غيرڪيتي سير سر ساري
جوشان جوش نوشان نوش پوشان پوش پاساري
نٽڪي نور گهري گهور پلٽئي پور پروردي
4- شاهه منصور دي مذڪور مدمخمور مئي محبت
مڪ ميزان وچ مئيخان سر ميدان صف صحبت
محمد مير صاف سڌير بي نظير هڻ نوبت
پي پڳدار ٽي مختيار مٽ مهندار منوردي

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:- دمر دي درس پيتمر برس سرڪي سرس سبحائي
مئي دي ماڳ ڪيتمر راڳ سير سهاڳ سلطاني
1-دمر ديدار تي انوار ڪر اظهار آزادي
درسن ديد احسن عيد شوق شهيد دي شادي
ذوق ضمير عشق امير ويڪ حمير هس حادي
ڪيليمر ڪيل مئي دي ميل گوهر گيل ڪر گياني
2- دمر دي ڏيان عاليشان تي لاٽان لاهوتي
جوش جلال ڪوڏ ڪلال هوش هلال هاهوتي
برس بزار برسردار باغ بهار باهوتي
بيخود بات دي برڪات بسن برسات باراني

3- نوبت نيهن راتو ڏينهن محبت ميهن مئيخاني
درس ڏمال قرب ڪمال خوب خيال خمر خاني
رندي ريت ٿي محيط ڳاير ڳيت ٻڌ ڳاني
سهڻي ساز دي آواز ويڪير ناز نوراني
4- محمد موڙنيزي ڪوڙ ٻڌي جوڙ جنساري
ڪجل ڪار والي ڏار ڪر سينگار سرداري
انحد گهور شاهي شور اوران اور اظهاري
عشق امام دي اسلام محڪم مام مرداني

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- مئي مدموري جو مخمور مرڪي مرد پين منصور
طبل وڄائي شاهنشاهي مانجهي ٿيا مشهور
1- سر سنپاهي سورد صادق سنبري ٿيا ساڄا
يار ساز سرود وڄائي هليا وحدت جا واڄا
ڏڪڙ خنجريون دهل دماما ٿاهن ڪيا ٽاڄا
مرد متا ميدان مدامي دوئي ڪان ٿي دور
2- انا الحق جا هل هلائي صاحب سرت سجان
يار تاج ڪلنگي صاف سرويا پهري ٿيا پروان
ايري آيا آر اڏيءَ تي عاشق عاليشان
فالر فوج فقر جي ڪيڙو حاصل حال حضور
3- عشق حسن جي حملي هنيڙو نعرو نيهن نواب
يارگگن منڊل جي گلشن اندر ڪولي راڳ رباب
صوفين سارو سير صحي ڪيو همدم هوش حساب
بيشڪ ٿيا برحال بهادر دان ڪنهن دستور
4- مردن مرڪي موج مچائي محڪم ٿي مختيار
ياردم قدم اٿائي اڳتي الٿو ڪن آچار
الٿي بولي الٿي چالي الٽ عجب اسرار
احمد واري مير منور محمد ڪيو مذڪور

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- پوش پريمي پيانئو شاهي طبل وڄايانئو
الڻو ڏيئي الڻ اشارو ڳيت اناالحق ڳايانئو
1- صورت جي سرداري وحدت ڪثرت واري
اڪين جي اسرار اوياري اصلاتي اظهاري
هٺي ناز نظاري نعرو ناٿ نظر سان نايانئو
2- بيرنگ برسي بازي بشري بيڪ بياضي
ظاهر ذات صفاتي سازي غمزي ۾ ٿي غازي
ثابت سير سينگاري سارو گهوٽ گهورن سان گهايان ٿو
3- محڪم مئي مصلاتي عشق ڪري اثباتي
پوري پيچ پسڻ جي پاتي جهاتي اندر جهاتي
پسي پنهنجو پاڻ پيارو پول نه پيو ڪو پايانئو
4- نانگا ناٿ نچائي رندي رنگ رچائي
محمد محبت مچ مچائي پختو پاڻ پچائي
سوره ٿي سردار سو پارو سهٺا سخن سٺايان ٿو

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- صورت صاف سينگاريان ٿو وحدت وائي واريان ٿو
ناچو ٿي نروار نچڻ جو نازن ساڻ نهاريان ٿو
1- صورت مورت سائي سر ۾ صاف سمائي
لامڪاني لعلي لائي ايڪو ايڪ ايڪائي
پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو پيالا پر پياريان ٿو
2- چشمن جي چوؤ ياري عشاقي اظهاري
وائي واءِ وصالي واري همذاتي هشياري
هر دم هسوار هسڻ جو، گام گگن ۾ گهاريان ٿو
3- شاهي شوق شرابي نوبت نيهن نوابي
قائم قادر ڪوڏ ڪبابي رنگي روپ ربابي
راڳ رقس رس راز رچڻ جو برسر باغ بهاريان ٿو
4- محمد مست موالي نيزي نوڪ نرالي
پي پتر ٿي پرت پيالي بيشڪ بي مثالي
مسيحائي ميدان مچڻ جو جگري جوش جياريان ٿو

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- ويڪو ديد درس دلبردي سردار سخي سروردي
1- ڪٿان ناز نيازدي نٽڪي، ڪٿان سرخ سِنگينيان سٽڪي
ڪٿان جهڳمڳ جهڙ جهڙ جهڻڪي، ڪٿ ڪيفي ڪار ڪڪردي
2- ڪٿان النّي عشق اشاري، ڪٿان نوبت ناد نقاري
ڪٿان نيزي نوڪ نظاري هي عالي اڪ انوردي
4- ڪٿان شور شرابي شادي ڪٿان گيان گگن گن گادي
ڪٿان مٿي دي موڪ منادي هي پاڪ پتر پروردي
4- ڪٿ غلام محمد غازي ڪٿان ڪثرت قبلل ماضي
ڪٿان ساقي ساغر سازي مت مست موڪي منوردي

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- اڄ لاالله اثبات ڪر اقرار سان الاالله چئي
1- قلب ڪي ڪعبو ڪري سجدا تنهين ۾ ڏي صحي
عين ڪي عرفات ڪر بره بني باالله چئي
2- سوزڪي سانڍي سيني ۾ رمز رنداني رکي
جان جوڙي جهات ڪر انس ڪي الله چئي
3- ڦٽڙا جي فيراق جا، ديدار لاءِ چڪيل چگان
بره واري بات ڪر، وحد هو و الله چئي
4- محمد مٿي محبوب جي صورت آهي ساري سفا
لون لون لڳائي رات ڪر فنا پڙهي في الله چئي

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- تيرٿ تڪيو تو ۾ تنهنجو پهه پهين تو هنگلاج هلڻ جو
1- سناسين صحي ڪئي صورت منجهان منجهه پروڙي موزت
هر رنگ منجهه وٺن تا حيرت ورق وساري ويهڻ جو
2- جوڳي جٽيان لاهوتي لاهن گنگا جمنا من ۾ پائن
رمزرنديءَ سان رام ريجهائن مُنهه رکن تا ملڻ جو
3- نانگاناني ناٿ پچائن سمر سڪ ڪيو پاڻ پچائن
ورق وجوديءَ ۾ تاجاٽن سير سيوئي گهمڻ جو
4- ڪعبو قدسي من ۾ ڳولي حق موجود وجود ۾ ڪولي
محمد ڏس تون ڪير تو بولي رمزرنديءَ جي رهڻ جو

پيروي	ڪافي	روپ

ٽـل:- عشـق عجيـب اسـان وٽ آيـو انـا الحـق آواز ڪـري
صـورت وارو سـانگ بنـائي سـيف صراحـي سـاز ڪـري
1-ڪويـو ٽـي ڪلتـار قوالـي ڪـامل قـادر قـرب ڪمـالي
قـائم ڪلنگـي ڪـار ڪلالـي ڪـوڏ قـدم قـواز ڪـري
2- اڪين واري الـٽ اشـاري صـورت سهڻي صـاف سينگاري
پيـالا پـر پريـم پيـاري پتنـگن جـان پـرواز ڪـري
3- ظـاهر بـاطن ذات صفـاتي اول آخـر جـي اثبـاتي
جهـاتي انـدر پـائي جهـاتي راڳـ رقـص جـو راز ڪـري
4- محمد مئـي جـي مـوج مچـائي رمـزن وارو رنـگ رچـائي
نانگـانر نـروار نچـائي نـوڪ نظـر تـي نـاز ڪـري

پيروي	ڪافي	روپ

ٽـل:- عشـق ڪيـو آواز اويـڙو انـا الحـق الائـڻ جـو
انسـاني جـي اولـي انـدر الـٽي پيـد بتـائڻ جـو
1- بيرنـــگ بيڪـــ بحـــالي، خوبـــان خـــوب خيـــالي
نيڻـــن واري نـــوڪ نرالـــي، دم جـــو درس ڏمـــالي
تـــرنم ترتنتـــار تونـــگر، تـــازي طبـــل وڄـائڻ جـــو
2- ســـرتي نرتـــي ســـاري عشـــاقي اظهـــاري
چشـــمن جـــي چمڪـــار چـــوڏاري، واصـــل وحـــدت واري
سـاقي ٽبـي سرشـار سـڪندر سـهڻي سـخن سـٽائڻ جـو
3- عشـــق ڪـــري اثبـــاتي جهـــاتي انـــدر جهـــاتي
ظـــاهر زور ظهـــور و ذاتـــي اثـــر عجـــب اوقـــاتي
قـادر ٽـي ڪلتـار قلنـدر قـائم قـدم ڪـڏائڻ جـو
4- گيـــان گـــگن گـــن گـــادي عشـــق ڪـــري آبـــادي
محمـــد مئـــي جـــي مســـت منـــادي شاهنشـــاهي شـــادي
مـاهر مڪـ ميخـاني منـدر ڳالهـ ڳجهـي ڳجهـ ڳـائڻ جـو

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- تنهنجي دامِ زلف زنارو جهي اظهار ڪيو ارشاد اسم
ڪاڪل ڪنڍڙا ڪيف ڪڪوريل ڪاريهل جيئن ڪار قسم
1- زلف زوراور زابر زنگي زهري ڪنتا زور ظلم
ظاهر ذات ظهورو ذاتي ذوق زنخ جو زم زم زم
2- ناز نظر نيشان ڪري نرناد وڃايو نيهن نظم
نور نظاري نيڻن واري مست پياريو مئي جم جم
3- ابرو سيف سنگينون ثابت سيني سنپاهيون صاف صنم
هرجاءِ هل حلاجي هليو حسن هلايو حال حڪم
4- سير محمد صورت واري چست ڪيو چمڪار چشم
محبت مد جي موج مچائي الست اويڙي عشق اتم

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل- سانون عشق لڳا اظهار يدا، اظهار يدا انوار يدا
1- برس بهادر باه بره دي پيد بتا بردار يدا
2- پاسروپا سرڪش سرتي ڪول سخن سرداريدا
3- ڪرنظاري نوڪ نظردي نازنسنگ نروار يدا
4- محمد مير مليا ميخانه ماڳ ملها مهندا ريدا

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- اپني نينهن نيانوڻ ڪيتي قدم اٺايا مئين وومئين
عاشق تي اثباتي والا تلڪ لڳايا مئين وومئين
1- اولاً ڪر انساني آڪي قرب ڪمايا مئين وومئين
انا احمد بلا ميمي فن فرمايا مئين وومئين
2- مذهب ملت مسجد مڙهيان حڪم هلايا مئين وو مئين
حيدر هوڪي حملا ڪيتم ڪفر ڪنبايا مئين وو مئين
3- بازيگر تي بازي پٽري بيڪ بنايا مئين وو مئين
وحدت والي ويڙهي ول ول نادبجايا مئين وومئين
4- محمد هر مظهر وچ ماهر آپ ڇپايا مئين وومئين
الانسان سري وان سرهو پيد بتايا مئين وومئين

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- مئين دي موج محبت والي مام سٽائي مئين وومئين
1- مئين دي محڪم ماڳ مدامي سرت سمائي مئين وومئين
ثابت ٿي سينگار صفت وچ صاف سچائي مئين وومئين
2- مئين مختيار منور مئي دي سرڪ پلائي مئين وومئين
قريئون ڪيف ڪلال ڪل دي ڪار ڪمائي مئين وومئين
3- مئين مشتاق دورني دم دي بين بجائي مئين وومئين
اندر هو هو ٻاهر هو هو ايڪ ايڪائي مئين وومئين
4- مئين مخمور محمد مئي دي رمز رلائي مئين وومئين
فالم ٿي في الحال فهم دي فوج چڙهائي مئين وومئين

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- ڇئو ڪير پلاتون آهن ڇئو آهين يا تون ناهين
1-اصل عدم ۾ تنهنجو آسڻ هاٽي راڳ روحيءَ جوراسڻ
ناه عجب سان ناهين
2- اڪين وارو عشق ڪمائي صحي سهٽا سخن سٽائي
چاڪي چاهيو چاهين
3- اول آخر جي اثباتي ڪري سرهو سير صفاتي
ڪاهيو ڪنهن لاءِ ڪاهين
4-محمد ڪوڏ قدم سان قائم دمي دْم ڪي دم سان دائم
چاڙهيو چو ٿو لاهين

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- آئون ناهيان ناهيان ناهيان آئون ناهيان اندر آهيان
1- شاعر ٿي مان شعر ٻڻائي شاهنشاهي طبل وڄائي
ڳايان ڳايان ڳايان
2- ونحن اقرب واري وائي هري حال هماءِ جيئن هوائي
چاهيان چاهيان چاهيان
3- عدم ڪان انساني اولي ڪن فيڪوني ڪل ڪي ڪولي
ڪاهيان ڪاهيان ڪاهيان
4- لامڪان محمد اصل ان آواز احمد
ناهيان ناهيان ناهيان

روپ	ڪافي	پيروي

ٿـــل:- ديـــدان دي دربـــار دم دا ڏيـــان ڏريـــو ســـي
1- ويڪ ڪجل ديان ڪيف قطاران ڪول صراحي ساز ستاران
ســـاغر دي ســـينگار صـــورت داســـير سريوســـي
2- پي پي پريمي پرت پيالي ويڪ نظر دي نـاز نرالـي
نينـــان وچ نـــروار گهـــوران دي گهيـــر گهريـــو ســـي
3-ديـدان والـي درســن دائـم دوردر يـاهي قـلزم قـائم
اڪيـــان وچ اظهـــار، تـــارو ڦـــي تـــار تريـــو ســـي
4- محمد مئي دي مست منـادي شـوق شـرابي والـي شـادي
پســـڻ دي پاتـــار پـــڌرا ڦـــي پيـــر پريـــو ســـي

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:- ڪٿان هي قاضي ڪار ڪتابي، ڪٿان هي شائق شور شرابي
ڪٿـان هي زاهد زور ذڪـر دا، ڪٿـان هي فـائض فيض فڪـر دا
ڪٿـان هي مـالڪ مـول مڪـردا، ڪٿـان هي سـائل سـود ثوابـي
2- ڪٿان هي نوڙت نيڪ نمازي، ڪٿان هي غـَمز غواصي غازي
ڪٿـان هـي تـان تيـاري تـازي ڪٿـان هـي غمـز غَواصـي غـازي
ڪٿـان هـي تـان تيـاري تـازي، ڪٿـان هـي راڳـي راس ربـابي
3- ڪٿان هي عاشق اڪ دا عالي، ڪٿان هي چشمان چينڪ چالي
ڪٿان هي مئي دامست موالي ڪٿان هي ڪـاج ڪلـ ڪبـابي
4-ڪٿان هي محمد مئي دامالڪ، ڪٿان هي سير ساري داسالڪ
ڪٿـان هـي خـاص خلق داخـالق، ڪٿـان هـي جـوش جـلال جوابـي

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:- نهوڙي نظر سان نسنگ ناز نيڙو مرڻ ۽ جيڻ جو چڏي خيال ويڙو
1- پنبٽين پٽرَ ڪيو پرواز پهري پسڻ ڪي پسڻ جو پڪو پورپيڙو
2- حســـن ســـاڻ هڪـــدم هلائـــي حڪـــم ڪـــي
ڪيـــو هـــوش هـــٿ ۾ حبيبـــن پيـــو هنيـــڙو
3- ڪـــا ڪـــل وار ڪنـــيڙا ڪـــاريهل جيئـــن ڪـــارا
ڪـــري ڪـــاه ڦهـــري ڪجـــل قيـــص ڪيـــڙو
4- مقـــابل مداميـــن مســـيحيٰ مثـــالي
پســـي مـــوج مژگـــان محمـــد مســـت ٿيـــڙو

پيروي	ڪافي	روپ

ٹل:- قلندر قلندر قلندر علي جنهن جو ڏاڏو نانو پيغمبر
1- ڪري ٿيو اڪن ۾ ازل ڪان اوطاقي احوال اعليٰ اوقات اندر
2- بحالي بره جي بازي برابر بنرو بقا ٿيو برحال بندر
3- سردار سهڻو سوره سوپارو سلطان سڀ جو ساقي سڪندر
4- مهندار موڪي محمد مدلل مئيخان مسجد مسجود مندر

پيروي	ڪافي	روپ

ٹل:- صورت صنم جي ڪعبو ڪعبو بيو نه چاڻان
اسرار عشق واري اوقات بيو نه آٿا
1- احوال عشق جي سان أنفس اتي تي عاشق
اڪبر ڏيان اڪين ۾ آواز جا اولاٿا
2- پر پاڪ پي پيالو پئمان ۾ پريمي
پوري پسي پيشاني پنهنجو پسڻ پچاڻان
3- ثابت ڪري صدق ڪي سرسار سان سراسر
صورت اڳيان تي ساجد سينگار سڀ سڃاڻان
4- محمد مڪو مدينون محراب منهن منور
محڪم متس مدامي مئي ميکهه جا منداٹان

پيروي	ڪافي	روپ

ٹل:-آهي جو محرم من جو ناهي ڪنهن ڪي سڻايان
ڏيهي ڏسي ڏسڻ جي ڏاهي ڪنهن ڪي سڻايان
1- عارف اڪين جي بازي احوال عشق جي سان
آواز جو اشارو ناهي ڪنهن ڪي سڻايان
2- سڀ ۾ سمايو سهڻون سينگار ساز سر سان
سرڪش ڪري سيني ڪي ساهي ڪنهن ڪي سڻايان
3- چيتن گيان چر چي چودار چون چالو
چشمن واري چٽائي چاهي ڪنهن ڪي سڻايان
4- قدسي قدير قدرت قائم قدم قوازي
محمدُ ڪلام قادر ڪاهي ڪنهن ڪي سڻايان

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- محبوبن جي ميلي ۾ مست منگهڻ مان آهيان
1-پاڪ پيالو پورو پريي ڳلپيشوا زان پا يان
2- ڳجهي ڳجهه ڳجهي جي ڳجهڙي ڳالهه ڳڻن سان ڳا يان
3- سهڻي سرخ صراحي سرسان سرهي سيج وڃا يان
4- محبت جي ميزان محمد مئي جي موج مچا يان

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- عشق عجب رنگ لاياهي اپني آپ تي آپ ٿي عاشق
1- عدم ڪنون ٿي عشق آوازي انا الحق الاياهي
2- عشق الف انسان اسم ٿي عاشق بن بن آيا هي
3- وحدت ڪثرت سرت نرت دا سهڻي سانگ بناياهي
4- عشق محمد مير مغان ٿي سڀ وچ آپ سمايا هي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- ٿيا خيال برحال في الحال فالم ڪن ڇير مهمير اڪسير عالم
1- خود خيال متوال احوال عالي اصلات خصلات وصلات والي
حسنات حرفات حضرات حالي بيدار بازار بردار بالم
2- پلڪار پٽدار پڳدار پيارا گفتار گلزار نروار نعرا
سامان سلطان سبحان سارا سرڪار سرشار سردار سالم
3- احباب ارباب القاب احمد اسمات جسمات سخنات سرور
اتحاد آباد ارشاد انور اسرار اظهار زنار ظالم
4- مسجود مشهود معبود محمد سرصاف مصحاف انصاف احمد
لاهوت آذوت ثابوت سرمد مخمور مشهور مذڪور معالم

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- منهنجي دل اوهان سان الائي ڇو اڙي آه
قابو تو ڪجل جي ڪڙي سان ڪڙي آه
1- اکين جي اشاري منهنجي دل ذتاري
صورت تو سينگاري جادوگر جڙي آه
2- تنهنجي سونهن ساري ڪري جوش جائي
بره باه ٻاري بدن ۾ ٻڙي آه
3- صنم تو سنيائي صفائي سچائي
سراسر سوائي سکي سڌسڙي آه
4- محمد سان ملاقي اچي ٿي اوطاقي
رهون ياقي يار جدا نا گهڙي آه

روپ	ڪافي	پيروي

تـــل:- آيـــا مـــرد مرڪـــي مدامـــي مٺـــيءَ تـــي
هٺـــي هـــام همـــدم هلاڄـــي هٺـــيءَ تـــي
1- سـٺـي سـانگ سـرجو پيـــن صـــاف سـرڪي
ڪئيـــن ويـــر وارث وهاڻيـــا وٺـــيءَ تـــي
2- قـــدم ڪـــل ڪـــڏائي قريـــدار قـــادر
ڪـــري ڪـــوڙ آيـــا قتـــل جـــي ڪٺـــيءَ تـــي
3- عجـــب ڪيـــل ڪيلـــي وٺـــي واس وحـــدت
ڪٽـــن گـــوءِ غـــازي غزائـــي گهٽـــيءَ تـــي
4- پريمـــي پيـــالي ڪيـــا مســـت محمـــد
پســـن ٿـــا پســـڻ ڪـــي جلالـــي جهٽـــيءَ تـــي

روپ	ڪافي	پيروي

تـــل:- بنيـــو بيڪـــ برســـي بـــره جـــو بشـــر تـــي
هنيـــو نيهـــن نعـــرو نســـنگ ٿـــي نظـــر تـــي
1- ڪجـــل ڪـــار ڪـــاري قتـــل ڪـــات واري
ڪيـــو جـــوش جـــاري ڪلالـــي ڪٺـــر تـــي
2- نـــوان نيـــڻ ننڪـــي جوڙيـــا جـــوڙ جنڪـــي
ڪليـــا روپ رنڪـــي اکيـــن جـــي اثـــر تـــي
3- ڪـــري ســـانگ صحبـــت هئيـــن نيهـــن نوبـــت
متـــي مـــوج محبـــت خدائـــي خبـــر تـــي
4- محمـــد ديـــد دائـــم ڪيـــا ڪـــوڙ قـــائم
اهـــا ڳالهـــ ڳـــايم بهـــاريل بنـــدر تـــي

روپ	ڪافي	پيروي

تـــل:- زهـــردار ظـــالم زلـــف زور زنڪـــي
واســـينڪي ورن ســـان عجـــب روپ رنڪـــي
1- ظـــاهر زلـــف زابـــر ڪـــري ڪـــوڙ قـــادر
بـــره ســـان برابـــر جـــوڙن جـــوڙ جنڪـــي
2- هلاڻـــي حقـــي هـــل واري واءُ واصـــل
ڪـــرن ڪيـــس ڪـــاڪل پـــائي ڪـــج ڪلنڪـــي
3- ڦهـــري ڪـــار ڪنـــڊڙا وٺيـــل وار ونڪـــڙا
هٽـــن موهـــ منـــدڙا ڪولـــي نـــاز ننڪـــي
4- محمـــد خـــوب خـــم خـــم وجهـــي دام دم دم
ڏيئـــي جـــام جـــم جـــم ٿيـــا صـــاف ســـنڪي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- بـڙودي برانـدي ڪٿي بوتل بهاري
ٿٿي خوب خاصي خوديءَ جي خماري
1- براندي بزم جي بحالي بقائي
ڪيو بيڪ بيرنگ بره ٿي بزاري
2- صراحيءَ سان ساقي سخي ساز سر مان
ڏيئي صاف سهٽي سرس سرڪ ساري
3- پريمي پيالو پين پر پدر ٿي
پسي پان پنهنجو پرت جا پساري
4- مٽيءَ تي محمد مدامي مسيحيٰ
ڪٿي موج مستي منگهن مٿي ملاري

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- نشي سان نيارو نسنگ ٿي نچان ٿو
پهري پيشوازن پسڻ ۾ پچان ٿو
1- اصل عشق آهيان اول ڪان اوڙو
ڪري الٽو اڪين ۾ اچان ٿو
2- بره جي بهاري بزم بيڪ بازي
بحالي بڪل سان بقا ٿي بچان ٿو
3- رڪي راس رايو رندي راز وارو
ڪري راڳ رنگي رقص سان رچان ٿو
4- محل ماڳ مٿي جي محمد مدامي
ڪري موج مستي منگهن ٿي مچان ٿو

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- هڪل هڪ حسن سان هلي آهه هلي آهه
چڱي چال چوڏس چلي آهه چلي آهه
1- هڪل هڪ حلالي دگن سان ڏمالي
برابر بحالي پلي آهه پلي آهه
2- آوازي اشاري عشاقي اوطاري
پسڻ جي پساري پلي آهه پلي آهه
ڪنف ڪل قوازي نظاري نوازي
صحي ساز سازي سلي آهه سلي آهه
4- محمد مام مظهر اصل عام اظهر
ٿيو عشق اظهر علي آهه علي آهه

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل- عشق مچايا شاهي شور ويڪ چشم دا چالا چور
1- عشق الاهي عين شريعت ظاهر دي وچ ڪفر طريقت
سجدا صاف صحيح وچ صورت ڏيندا لادي نال ٽڪور
2- حال حقيقت وحدت والا سارا سمنجهہ نيهن نرالا
اهو ڳجهہ اصل هي اعليٰ جٿ گهوران والي گهور
3- معرفت دي وچ موتي من دا ڪري سارا سير صحن دا
هي اشارا انا ان دا حسن حملي هور
4- محمد مورت مخفي معنيٰ هي سراسر شاهہ شهانا
بره دا اهو بيڪ بهانا ڪيا چاٽي عالم اور

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- آيم سرتي سنبري عشق ڪري اظهاري
ڳيت انالحق ڳايم گلشن جي گلزاري
1- عشق اڪين جي اولي خيال خدائي ڪولي
ڀهڳڻ ٻولي ٻولي ثابت ڪئي سرداري
2- ديد دمامي دائم قرب ڪڏائي قائم
لاڳ لقائي لايم احسن تي انواري
3- عشق عدم ڪان اطهر پير مغان تي پرور
موج مچائي مظفر چوڙ طرفين چوڏاري
4- بيسر واري بازي طلب ترازي تازي
ڪات ڪلالي قاضي محمد جي مختياري

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- ڳجهي ڳجهہ ڪي ڳايان سخن سر سٽايان
حسيني هڪل سان حڪم هڪ هلايان
1- عدم ڪان تي عاشق اڪين جي اثر جو
اوران اور آخر اول تو الايان
2- پسي پاڻ پنهنجو پيان پر پيالا
پريمي پڪو تي پسڻ ڪي پچايان
3- نظر جي نظاري هٽي نينهن نعرو
نگاري نظر سان نسنگ نر نچايان
4- محمد تي مصور مورت مڪ صورت جو
معنيٰ جي ملت سان مندبل مئي مچايان

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- جيڪا وٺئي سا واه ڪر مهر محبوب ملڻ جي
1- سڪ سچيءَ جي سائل آهيان رهبر رندي راه
چشمن واري چاڙ چڙهڻ جي
2- هيءَ نماڻي عيبن هاڻي تون آهين شاهنشاه
آهيان پياسي پاڻ پسڻ جي
3- هن ڪميڻيءَ ڪين ڪمايو نڳيءَ وارو ناه
ڪٽي خواري خلق ڪلڻ جي
4- محمد تي ڪر ماڙ مدامي حادي حزب الله
وره جي ويراڳ وسڻ جي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- چم چم چنن ڪر چمڪار عشق اويڙا ٿيا اظهار
1- طبل تال تماشي تازي توم نوم تتنن والي تار
2- جيي نام ٿي جوڳي جڳ جڳ جهوم جهوم جهنن دي جهونگار
3- ڏري ڏيان ڏمالي ڏن دا ڏو ڏو ڏنن ڏي ڏار
4- گهمين محمد گام گگن دي گهڻ گهڻ گهنگهرودي گهڻڪار

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- دم دم دم داڪر ديدار ماريم نعرا انا الحق دا
1- چينڪ چال چشم ري چرچي چوطرفين آءُ ٿي چوڌار
2- درسن دي وچ دم ٿي دائم دم دلاور دي دربار
3- ساز سهاڳ صراحي سردي ثابت سهٽا ڪر سرشار
4- مظهر وچ موجود محمد محڪم مئي دي ميگهه ملار

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- مئيخاني وچ ٿي مخمور ماريم نعرا انا الحق دا
1- محويت دي مام ملاڪي ملڪ معني دي ٿي مسرور
2- مئي پيالي محبت والي موج منگهن ڪون ڪر منظور
3- بي مثل دا مثل بناڪي مرد مدامي ٿي مشهور
4- محمد ماڳ مئيءَ تي محڪم مست موڪي مڪ ٿي منصور

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- حضرت عشق حسن دي هولي حاضر هڪ ٿي هلداهي
1- هردم ڪر هيڪار حسن دي چال عجائب چلدا هي
2- سرتي ڪر سينگار صورت دا سير سراسر سل داهي
3- ونحن اقرب وحدت ويڙهي نال وصلدي ولداهي
4- مڙگان والي پڏڪي مرجي محمد مئي پي ملداهي

ڏناري	ڪافي	روپ

ٿل:- بي پليون بي پير اکيون گهائن گهوٽ گهورن سان
1- آڙنگ ڪن ٿيون عشق وارن تي عجائب اڪسير اکيون
2- دائم ديري درسن واري دانا ۽ ڪن دلگير اکيون
3- ڪجل سان ڪن قابو ڪنديون ڪاپڙي ڪنچير اکيون
4- مچي مڙگانن سان ماري محمد مڪ مهمير اکيون

ڏناري	ڪافي	روپ

ٿل:- جوڳي ويا ان جوء جوان ملڪ فلڪ جي جاء نہ جا ٿي
1-جوڳي سنڌ سنڌ ساز سنيائن صاف سٽائن سر سبحان
2- جوڳين ڪيو جهلڪار جمالي جام جلالي جي جولان
3- جوڳي جاڳي جوڳ ڪمائي جوش جڳائي ٿيا بي جان
4- جوڳي محمد جان جلائن مام ملائن منجهہ ميزان

پيروي	ڪافي	روپ

وه صورت سير سالاريندا تي نينا دا نيشان ڏيئر
شاهنشاه شتابي ڪيتا عشق عجب اظهار يدا
جوش جگر جولان ڏئر
لون لون دي وچ لعل لايا نيهن نسنگ نرواريدا
چشمان دا چالان ڏئر
عشق اويڙي آتش لائي لڳڙا نيهن نظاريدا
قربئون تي قربان ڏئر
هر دم حيرت دي وچ وسدا محمد ميگهہ ملاريدا
گهوران دي گمسان ڏئر

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- ڏاڍا گهنبڙا گهيتيءَ دل گهانوٽڻا ابرو سيف زنگي ڪُل چانوڻ دا
1- جوڙيئي آدم ذات صفات وچون ڪڍ آپ عجب اثبات وچون
رکيئي رمزمن الروحي دي ذات وچون ڪر حڪم صحي سر نانوڻ دا
2- جتان هل حلاج دا هلدا هي تتان تورا عشق دا تلدا هي
جو ويندا سونهين ولدا هي، ڪنڌ ڪاتي ڪوڏ ڪمانوڻ دا
3- گهنڊ کول نقاب شتاب منا مئين هي تن وچ طلب دا تاب ڏنا
ٿيا بره والاهي بارا ڪنا من مشتا قان نهين مانوڻ دا
4- محمد مانڊي من موهيا رندي راز رنگيني وچ ريها
لڳا نيهن نيٽاندا هي نيها بيرنگي رنگ رلاتوڻ دا

توڙي	ڪافي	روپ

ٽل:- پيالا پيتم، ناز نگاه ڪنون تي شائق شاهنشاه ڪنون
1- ناز نهوڙ نظر دي نيتا شوق شراب شهادت پيتا.
سرڪون سجدا ثات ڪيتا آءِ خيال اسم تي الله ڪنون
2- هٿ ڪر خيالدا خيماکوڙيم جزبي والي جامي جوڙيم
تڳي دلق دوئي دي توڙيم ڪڍ قرب دي ڪاه ڪاه ڪنون
3- ڪاه قرب دي قادر قائم دل وچ ڪيتي دلبر دائم
پيرمغان تي سر سمجهايم چڙه چاه زنخ دي راه ڪنون
4- راهه رمز دي ناز نظاري ويک چشم دي التي چاري
محمد هڻ تون ناد نقاري تي بيرنگ بره دي باهه ڪنون

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:- ڪليا خيال خودي دي خمار ڪنون
تي بيخود بره بهار ڪنون
1- صورت دي وچ صورت هوئي موج اها سر ماٽي ڪوئي
سالڪ سمجهن سير سيوئي اهين ڪاڪل ڪنيڙي دي ڪار ڪنون
2- بي مثل دا مثل بنايم ظاهر باطن خيال ڪمايم
اپنا آپي آپ سجاتم چڙهه چشماندي چمڪار ڪنون
3- خيال دا خالق خادم خيالي موتو قبلل همدم حالي
ڳجهي ڳجهه دي ڳجهڙي ڳالهي تي ظاهر ذوق زنار ڪنو
4- سمنجهه محمد صورت سازي التي الت دي التي بازي
آپ غواصي گوهر غازي ٿيا ثابت سر سردار ڪنون

ٽوڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- جڏهه خيال تي غالب خيال ٿيا تڏهه حاصل هردم حال ٿيا
1- عشق اويڙي آتش لائي خيال تي ڪيتي خيال چڙهائي
درد دلاور ڏوم مچائي ڪڏ قادر قرب ڪلال ٿيا
2- طلب واليان چاتڪيان طبران ذوق پڙهايان زيران زيران
خبر اندي وچ ڪليان خبران آءِ اندر عجب احوال ٿيا
3- لاحد والي لا مقصودي سمنجهه صحي ڪر شوق شهودي
حاضر هردم حق موجودي، هڻ نعرا نيهن نهال ٿيا
4- بيسر بازي پيد بتايا مٺي پني محمد قرب ڪمايا
سروچ سارا سير سمايا بن روپي بره بحال ٿيا

ٽوڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- آيا عشق اسان ڏي جهولي جهل ، ڪر حال حلاج دي حملي هل
1- چانيهن دي نيزي نيهي نس، پهه پتنگان والي پهلي پر
تي تاب حسن وچ تازا تر، تند تان تماشي دي توري تل
2- آءِ عشق انس اظهار ٿيا، اثباب عجب انوار ٿيا
گهل گلشن وچ گلزار ٿيا، گهم گڪن گبندي گياني گل
3- پاڳلپيشوا زان پاڳ پتن، برحال بهاريل بزم بدر
تي صوفي صاحب صاف صدر، ڪر ڪوڏ ڪلال دي ڪيفي ڪل
4- مٺ مستي دي مخمور هويا، مچ مست مگهن منصور هويا
مٺيخان مثل مشهور هويا، جنهن دي مٺي دا نڪو هي محمد ملهه

ٽوڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- اسان رمز دي وچ رهندي هون، سؤ سهمين سرتي سهندي هون
1- پاچير پيرين چمڪار ڪرون، چادم دادم وچ ڏيان ڏرون
تي پورا پيري پير پرون، ناپور بيا ڪو پهندي هون
2- بن بيڪ بشر دي بازي دا، تي ساقي ساغر سازي دا
چن خيال قبلل ماضي دا، ڪڏ قيل ڪلالي ڪهندي هون
3- سپ سانگ صفاتي ساري سٽ، پي پاڪ پريمي پيالي پٽ
هر حال حلاجي والي هٽ تي وحدت وادي وهندي هونْ
4- مخمور محمد موڪي مچ، نروار نشي وچ نيهي مچ
ڪر ثابت سهٽان سارا نچ ، بڏ شملي شاهي بهندي هون

توڙي	ڪافي	روپ

تل:- سانون لڳڙا نيهن نظاريدا جيوين بادل بوند بهاريدا
1- بي مثل دا مثل نڪوئي ذاتي ذات صفاتي سوئي
رمز انهين دا واقف جوئي پاوي پوش پياريدا
2- اڪيان عاشق دلبر دل هي اڳون خام خودي داخلل هي
رازانهيندي ڪنهن ڪون ڪل هي اندر الف اشاريدا
3- جيڪو اپنا آپ گنوا وي بيرنگي دي رمز رلاوي
من دا مطلب من وچ پاوي ڪجل ويک ڪناريدا
4- محمد مخفي ماڳ مورت دا وفي انفسڪم پوش پورت دا
سمجهه سارا سير صورت دا پارٿ پيچ پاڳاريدا

توڙي	ڪافي	روپ

تل:- پاجون آيا چوراسي تي بره بدل بن واسي
1-وجته اللهي شان جهيندا پهريس پوش پياسي
2- ڪل شيئي محيط الاڪي ثابت ٿيڙا ساسي
3- هرجاءِ ذات ظهورا ظاهر ڪعبا قائم ڪاسي
4- محمد خود تي خيال ڪمايا غازي غور غواصي

توڙي	ڪافي	روپ

تل:- بادل برس بهاري لائي بوندان بره ديان پئيان وي
1- شهر بحر برباغ پٽان تي ڪول لحن ديان لئيان وي
2- گوڙان ڪئين گمسان گهٽيري ناه عجب ڪر نهيان وي
3- پره بن برساتان لايان نوڪ نظر تي نئيان وي وي
4- ميگهه محمد موڪ ملاران ٿيان ٿئيان ڪر ٿئيان وي

توڙي	ڪافي	روپ

تل: اڪيان نال اڪيان دي اٽڪيان جهل پل ڪنهن نان جهليان وي
1- آڙنگ ڪرڪر عشق واليان تي، نال وصل دي وليان وي
2- عاشق مار ڪباب ڪرينديان، تاهه ڪهين نا تل يان وي
3- گونا گوم گرم ڪر گهيري گهور چڙهايان گهليان وي
4- مژگان واليان مست مقالان محمد صاف تي سليان وي

روپ	ڪافي	سارنگ

تل :- عشق اڳڻ تي آياهي وحدت والا ڪر وسڪارا
1- چوطرف چوڌاري چمڪي چلپل چر چالايا هي
2- گجہ گجہ گوڙان ڪر گجڪاران گلشن گيان گهالايا هي
3- رنگ برنگي رنگپور اندر رم جهم رنگڙالا يا هي
4- محمد ملڪ معنيٰ دي محڪم محبت مينهن وسايا هي
تل:- ويڪو ڪئسا ڪئسا ناد بجايا صورت صاف سمايا
1- عاشق بڪرا معشوق قصائي ائيسا پيد بتايا
2- ونحن اقرب نت نت نيڙي فائق فن فرمايا
3- بيسري دي مطلب والا سارا سانگ سجايا
4- ميم دي مٺئين محمد من وچ محبت مچ مچايا

روپ	ڪافي	سارنگ

تل:- ڪوئي ائيسا ائيسا پيد بتاوي جٿ صورت ڪانہ سماوي
1- اپني آپ وچ ويڪہ تماشا مام وچ مام ملاوي
2- نقش نقاش دي ناز نظاري بيرنگ بيڪہ بناوي
3-التي بولي التي چالي التا الٽ الاوي
4- عشق محمد والي آتش ڪين وچ ڪين ڪماوي

روپ	ڪافي	سارنگ

تل:- آهي جيڪي اڄ ميان چنڊ سپاٽي جي سار
1- ڏس مورت ۾ صورت ساڳي وڃائي دم واري تار
2- پڌي سندرو سچائي وارو قول الستسي پار
3- موتو واري ماڳ ۾ آهي وصل جو واپار
4- محمد رمز انهي ۾ ره تون پائي حلاجي هار

روپ	ڪافي	سارنگ

تل: ڪيا عشق تماشا لايا هي محبت ميگهہ ملاري والا
1- بن برساتي برسر برسيا، بادل بيڪہ بهاري والا
2- ڪيتا گوڙگگن وچ گهيرا گلشن دي گلزاري والا
3- ڪيليا ڪنوٽين ڪيل لڪڻ دا چوطرف فين چوڌاري والا
4- منڊل محمد مينهين ڪيتا محڪم مڪہ مختياري والا

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿــل:- ســجڻ لهندئـــي ســـار متـــان لئيـــن مـــاندي
1- اصـــل نيهـــن نظـــاري آهـــي قـــوي قـــاتل ڪـــار
2- محبـــت وارن مرڪمدامـــي ملامـــت جـــو بـــار
3- ســـرڏئي ڏس ســـڄڻن ڪـــي ڪلهـــن ڪـــان ڪاپـــار
4- محمـــد عشـــق اڙانگـــو اهـــڙو خـــزان بعـــد بهـــار

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿـــل:- بـــره جـــي برســـات بقـــا ٿـــي برســـي
1- پئونـر غفـام ڪوئـل ٻولـي تـاڙي ڪئـي ٻـي تـات
تڙن تي ترسي
2- ڪـري وحـدت جـا وسـڪارا ظهـورو ڪيـو ذات
وصل سان ورسي
3- سـرخ سـبزي سـاوڪ لائـي پـاتين پـاتين پـات
سراسر سرسي
4- پسـي محمـد ميگهـ مـلاري محبـت جـي مصـلات
رڄي ٿيو رقصي

روپ	ڪافي	ملار

ٿـــل:- ســـر ڏيئـــي ســـردار پيـــن ٿـــا ســـرڪي
1- آڏيءَ واري آرتـــي عاشـــق اصـــل ڪـــان اظهـــار
ڦرن ٿا ڦرڪي
2- هٽـي ڍارو پئـون ٻـارهن جـو چشـم جـي چمڪـار
ڏڄن نا ڍرڪي
3- ڪـڏي ڪوپـا ڪنـد ڪپـائن قتـل واري ڪـار
ڪڏهن نان ڪرڪي
4- محمـد ميگهـ پسـي مئـي خـاني مچـي ٿيـو مهنـدار
مٽن تي مرڪي

روپ	ڪافي	ملار

ٿل:- پورب ڪيا پروازپٽن تي ڪڪرن ڪئي آهي ڪارميان
1- پيـچ پنـي برسـات بقـائي برسـي بـاغ بهـار ميـان
2- پـورب مـان ٿيـو پيـدا پـڏرو وحـدت جـو وسـڪارميان
- وه سان ڪئين واسـينگ وهائيا تليهـر ٿيا تـر تـار ميـان
4- موسـر منـد مينهـن جـي آئـي محمـد ميگهـ ملارميـان

روپ	ڪافي	ملار

ٿل:- ويکهون نوڪ نظردي نٽڪي ڪرنام جپڻ دي جهنڪي
1- پسڻ دي پيئمان پنڌر تي ٻٽيپچي پختي پٽڪي
2- ڪنڌي ڪيف ڪڪوريل ڦهري جهلڪار ڪجلدي ڪنڪي
3-هڪل هڪ دي حملي حاضر سهه سيف حسن دي سنڪي
4- مڙگان والي محلي محمد پي محبت مئي دي منڪي

روپ	ڪافي	ملار

ٿل:- سر ريڪب گنڌار منڌهم پاڌيوت نڪاد سرگم
1- پيرومالڪوس هڊول سري ميگهه ديپڪ ترنم
2- تال طبل سي گاوي بجاوي حال حقيقي هردم
3- تين گرام سناوي سات سر چير بجا ڪر چم چم
4- بسنت محمد سارنگ گاوي پرجهه پريمي پنچم

روپ	ڪافي	ملار

ٿل:- تلڪ لڳائي جٽيون پائي عشق اناالحق ڳيت تو ڳائي
1- نيزاناز نظاري ڪوڙي شاهنشاهي طبل وڄائي
2- محبت جي مئخاني محڪم بيخوديءَ جاباب پڙهائي
3- ڪري سينگار صورت جوسهٽون نظر سان نرناٽ نچائي
4- پيريمغان تي محمد آيو قم باذني حڪم هلائي

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿل:- چٽ تي ويا آهيون چٽ تي ويا آهيون
پاڙن سوڌا پٽجي ويا آهيون
1- دنيا عقبيٰ طلسم بازي موه انهين ڪان مٽجي ويا آهيون
2- سهٽي صورت واري سرجي ڪيل عجب ۾ ڪٽجي ويا آهيون
3- ناد نفيلان بگل بجائي لاسين لائي لٽجي ويا آهيون
4- موج محمد مظهر واري جوش جگر سان جهٽجي ويا آهيون

روپ	ڪافي	ملار

ٿل:- ويکو ناز نئينا دي نٽڪي چڪ چشمان والي چٽڪي
1- تار طلب وچ تننن نن نن، چير بجائي چم چُننن نن نن
صورت والي ساز سراسر فوج حسن دي چٽڪي
2- ديد اڙائي ڏوم ڏننن نن نن، رمز رلائي جهوم جهننن نن نن
بره محمد بگل بجايا جوش والي ڏي جهنڪي

روپ	ڪافي	ملار

ٽل:- سونهن ساري سرڪي گائون ست سنگ ڪر

1- خب هر هر ڪني ڏن دم دم ڪي

جهوم جهوم جهنن ڏنن ڏن ڏر

2- مل مل محمد گائون گن احمد

چم چم چنن تنن ڪر ڪر

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- بغض حسد ۽ ڪيني ڪون لادي نال تڙيجي يار

سهڻي صورت صاف صنم دي من دي وچ مڙ هيجي يار

1- عشق حسن دا ٽيڪي طالب خام خيال چوڙيجي يار

مار نقارا انا الحق دا سوري سر چڙهيجي يار

2- محبت دي مئيخان مدامي ڪول نقاب ڪڙيجي يار

چوڙحجاب دوئي داد لٽئون غبغب گهيڙ گهڙيجي يار

3- احديت دا سمنجهه اشارا اڪيان عشق اڙيجي يار

دائم دريا وحدت والي بيائي بوڙ بوڙيجي يار

4- محمد ملحد نال مدامي لاه لقاب لڙيجي يار

اندر گهور نفي اثباتي پختا پيچ پڙيجي يار

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- بار بره جو بيشڪ باري پي مٿس جا خلق جي خواري

1- جتي تاب تڪا ڪن تارا اتي ڪيڙا عشق اوطارا

وسائي وير وره جي واري

2- طعنا تنڪا جهيڙا جنيون سڪ وارن تي سرتي سئيون

چڏي هستيءَ جي هسواري

3- جوڙي جوان پائن ٿا جهاتيون رندي رمز سان ڏينهان راتيون

نڪا گهوٽ وجهنتا گهاري

4- محمد مست پيالو مد جو پوءِ پياري تو لاحد جو

دلئون دوست ڏيئي دلداري

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿل:- اناالحق اظهار هوڪا هليا هي عشق اوڙا نويميان ٿيا اثباتي
1- خيـــال ديِ خرقـــي نويميـــان خيـــال سمـــا يـــاالا
صـــورت ڪـــر ســـينگار ســـهرا ســـليا هـــي
2- واءِ وصـــل دا نويميـــان وهـــدت ويڙهـــي الا
بـــره دي بـــازار جهوتـــا جهليـــا هـــي
3- ذات صفـــت وچ ويميـــان فـــرق نڪوئـــي الا
انـــا ان انـــوار تـــورا تليـــا هـــي
4- مســـت محمـــد ويميـــان ڪيـــل خدائـــي الا
گلشـــن دا گـــلزار گهـــرا گهليـــا هـــي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿـــل:- آدم ٿـــي اثبـــات اٿـــان آيـــا هـــي
آنـــوڙ ســـيتي نويميـــان ان الا يـــس الا
1- ويڪـــڙ آيـــا نويميـــان آپ تماشـــا الا
درســـن دي درجـــات گهـــوران گهايـــا هـــي
2- ونحـــن والـــي نويميـــان پيـــد بتـــاڪي الا
بيرنـــگ بـــن برســـات رنگـــڙا ليـــا هـــي
3- نقـــش نيـــازي نويميـــان صـــورت والـــي الا
ســـرڪي آب حيـــات ڳوڙهـــا ڳايـــا هـــي
4- احمـــد والـــي نويميـــان احســـن اولـــي الا
محمـــد دي محـــلات مســـتي مايـــا هـــي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿـــل:- ســـارا جوڙجهـــان جنگـــي جمـــلا هـــي
عشـــق حســـن دا نويميـــان بيـــڪ بنايـــا
1- جـــوڙ جنـــس دا نويميـــان بيرنـــگ بـــازي الا
بـــره دي بوســـتان بـــاري بنگـــلا هـــي
2- شـــوق شـــتابي نويميـــان شـــور مچايـــا الا
شمـــع والـــي شـــان شـــاهي شملاهـــي
3- وجـــہ الاهـــي نويميـــان هوڪـــا هليـــا الا
ڪتـــان ســـرت ســـجان ڪتـــان ڪمـــلا هـــي
4- اســـر الاهـــي نويميـــان جســـم فقيـــري الاه
محمـــد دي مئيخـــان حقـــي حملاهـــي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- بودلو بهار يار سرسڪندر صاف سارو
1- ازل ڪان اظهار اعليٰ عشق جي احوال جو
آيو اصل اثبات ٿي احمر ڪري آنوارآر
اسم جو ڏيئي اشارو
2- تازي طبل تولان سان تن من طنبورا تان تر
توحيد جا تجلا ڪري ترنم ڪولي تنتار تار
سرخ سر سهڻون سوپارو
3- ڪوپو ڪلالي ڪوپ تي قائم قلندر ڪامياب
ڪلتار ڪيو ڪلنگي ڪري قاتل واري ڪجڪار ڪار
ڪنڌي نا جنهنجو ڪنارو
4- نامور نيزي نظر ناطق نظاري نوڪ تي
نانگو نسنگ نيشان ٿيو نيٽن واري نج نار نار
نر هٿي نر وار نعرو
5- محمد مغان مئيڳون سان محبوب علي ميدان ۾
مسيحيٰ موڪي مقبول ٿيو منصور جان مهندار دار
مٿس مڪ منور منارو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- گهوران والا ڪر گمسان گيان گگن دا گر تي گهليا
1- بيرنگي تي رنگپوراندر ڪول بره دي پيد بيان
2- وفي انفسڪم فرق نکوئي فالم فائق دي فرمان
3- جوئي اندر سوئي پاهر اولي آنور آ انسان
4- محمد منصف ملڪ معنيٰ دي عشق عجائب عاليشان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- سهڻي صورت دي سامان ثابت ڪيتر سر سبحاني
1- الا انسان سري وان سره فائق فرمودي فرقان
2- ديد اڙاڪي درسن پاڪي دائم دم دم دي ڏيان
3- مار نقارا اناالحق دا عاشق افضل تي عريان
4- نينان والي نتڪي نت نت نوڪ نظر تي تي نيشان
5- محمد مرد مڪمل موڪي مستي دي وچ تي مستان

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- تورڙي ڪنڌ ڪپايان قدم پنتي نہ پايان
ا- اڪين واري اوڙي آتش اندر ويميان
انالحق الايان
2- ڳجهي ڳجهہ ڳجهي جون ڳجهيون ڳالهيون ويميان
ثابت سر سان سٽايان
3- سچ جا صاف سرودي سخن سٽائي ويميان
سوريءَ سرچڙهايان
4- ملڪ محمد معنيٰ وارو ماٽي ويميان
اڳتي وڪ وڌايان

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- دم جو درسن پايان پر گهر ڪيم پڇايان
1- احمر عين اثر سان آنبہ پاري ويميان
پنهنجو پاڻ پڇايان
2- ديدن وارو دلاور ڏيان ڪمائي ويميان
رمزن جو رنگ لايان
4- سانگ صفاتي سارو سمجهي ذاتي ويميان
شاهي طبل وڄايان
4- محمد مام ملڻ جي مئي پي ماٽي ويميان
منور موج مچايان

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- هردي ۾ هرنام حاضر تيرٿ تنهنجو تو ۾ آهي
1- هري هر چند هندو مومن هنگلاچي هاگام
2- ڪبير ڪرشن ڪاشي ڪعبو قل قل وارو ڪام
3- پنڊت پوٿيون پير پيغمبر پنبٽين جي پيغام
4- مندر ممبر مسجد مڙهيون محمد واري مام

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- تو ۾ مندر مسجد مڙهيون تو ۾ مست مڪان ميان
1- تو ۾ ڪعبو قدسي قبلا تو ۾ قرب قرآن ميان
2- تو ۾ طالب تيرت تڪيا تو ۾ طبلا تان ميان
3- تو ۾ گنگا گرگن گياني تو ۾ گورک گيان ميان
4- تو ۾ سير سمايل سارو تو ۾ سر سبحان ميان
5- تو ۾ محمد ملڪ مڪي جو تو ۾ مد مئيخان ميان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿـل:- پـاڻ پـروڙي پنهنجـو ايـس منصـوري ميـدان ميـان
1- هرجاءِ ذات ظهـور ويڪـائي مظهـر ڪيـم مئيخان ميـان
2- ڪـاتي نجفـي نـام سـڏايم شهنشـاهي شـان ميـان
3-ڪـاتي شمـس الحق هلايـم ڪـاتي شـاهہ صنعـان ميـان
4- ڪـاتي محمـد مـوج مدامـي ڪـاتي گوهـر گيـان ميـان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- عدم ڪان ٿي ايو اهيان سير صورت جي سانگي سانگي
1- لامڪـاني لقـب اسـان جـو لاوجـودي لانگهـي لانگهـي
2- بيصـورت جـي بـازي پٽـري بـره بهـادر بـانگي بـانگي
3- هنيـو نـر نـروار ٿـي نعـرو نيهـن نرالـي نـانگي نـانگي
4- محمد مست موڪي متوالو طرف نہ ٻئي ڏي تانگهي تانگهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:عـدم ڪـان ٿـي ادم ايـو اڳـ آدم ڪـان عـدم ۾ چـا ٿيـو
1- قصد ڪن فيڪوني قائم ڪوڏ قديمي قدم ۾ چـا ٿيـو
3- بيرنگيءَ جي رنگ زنگيني بيڪ بشر جي بزم ۾ چا ٿيو
3- علـم لدنـي عشـق عجـائب نـور نظـاري نظـم ۾ چـاٿيو
4- احـد احمـد ميـم محمـد فيـض فقيري فهـم ۾چـا ٿيـو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- هيءَ اهي هو ناهي نـاهي هـو اهي هـيءَ نـاهي نـاهي
1- هن هن وچ ۾ فرق نہ ڪوئي چال چشم ڏس چاهي چاهي
2- ڏسڻ ڏسجڻ ڏيـہ ڏسڻ جـو ڏانـوءَ رڪيـو اهـو ڏاهـي ڏاهـي
3- اڪيـن واري آتـش بـازي ڪيـر قـدم ٿـو ڪـاهي ڪـاهي
4- ڄاڻون ٿي ٿو ڄاڻ ڪي ڄاڻي سانگ صفاتي لاهي لاهـي
5- احمـد محمـد احد اهـو ئـي رٻءَ الله ٻيـو چـاهي چـاهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿـل:- چـا اهيـان چـا اهـي اهـي رٻءَ الله ٻيـو نـاهي نـاهي
1- ڏسڻ ڏسجڻ ڏيهہ ڏسڻ جـو نفـي ٿـي اثبـات اچڻ جـو
ڏانوءَ رڪيو اهو ڏاهي ڏاهي
2- چامنجهان هت چاتي آيس گيان گگن جي گهائي گهايس
ڊاوءَ سيپئي ڊاهي ڊاهي ٠
3- عـدم ڪـان ٿـي آدم آيـو ذات صفـات جـي سـير سمـايو
ٺاهہ عجائب ٺاهي ٺاهي
4- ماڳـ مثـالي محمـد مظهـر ٿيـو عشـق اويـڙو اظهـر
قدم قديمي ڪاهي ڪاهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- دم قدم جي سمنجهي بازي سر ۾ ڏس تون سرت پچائي
1- پي پيالو محبت مدجو رمزن سان ڏس رمز رلائي
2- شوق جي ڪٽڻ شمشير مدامي توڪل واري تند وڄائي
3- پاڻ پروڙي پنهنجو پس تون دم دم ۾ ديد اڙائي
4- محمد رهه مخمور حسن ۾ محبت وارو مچ مچائي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- خيال ۾ گر ٿي خيال ڪمائي
خيال جو مطلب خيال ۾ آهي
1- سهڻي صورت يار سڄڻ جي قلبي قرب ڪمال ۾ آهي
2- پاڻ وڃائي پاڻ سڃاڻ حيرت واري حال ۾ آهي
3- ناز نظر جو بيرنگ بازي جذبي جوش جلال ۾ آهي
4- موج اها ڏس محڪم محمد بيحد بره بحال ۾ آهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- ايندڙ قبلل ويندڙ ماضي حاضر آهي حاصل حال
1- حسن حقي هيڪار حقاني پسڻ پسجڻ پاڪ پيشاني
خاص خدائي خوب خيال
2- حال جي حملي حڪم هلايو چشمن چالو چست چلايو
چون بيچوني چيٽڪ چال
3- چڏي قبلل ماضي بيئي هال ۾ هڪ ٿيا سوره سيئي
ڌري ڌياني ڌن ڌمال
4- بي مثل جو مثل سڃاڻي موج مدامي محمد ماڻي
هٺي گهرا گهنب گهڙيال

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- قبلل ماضي مقصد بازي لامقصودي حال حيات
1- لامقصود لاهوتي لائق شاهنشاهه شرابي شائق
لاحد جي سي ڪنتا لات
2- قبلل ماضي وچ ۾ وحدت ساز صراحي سرجي صحبت
هوش هلاجي حق حالات
3- ترڪ تقويٰ طاعت تازي گيان گڳن جا گرڪن غازي
تن من تنجو ٿيو تجلات
4-محمد جي ٿيا موتو قبلل حال همه جا هادي مدلل
مست تني جي مئي مصلات

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- فنان بقا دي سير سراسر بنيا بيک بحالي ڪيل خيالي
1-وحدت ڪثرت ظاهر باطن وهواهہ ويس وصالي موج مثالي
2-جلويگر جنسار جسم دي جوڙئي جوڙ جمالي جوش جلالي
3-دم قدم دي بيخود بازي ڪيتي قرب ڪمالي ڪوڏ ڪلالي
4- محمد مڪ ميزان منڊل وچ ڪيتا پرت پيالي مست موالي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- قبلل ماضي دم قدم دا سير سجاتم سارا مار نقارا
پي پريمي پيالا پر تي پرجهيم پرت پسارا پاڪ پيارا
عاشق تي اثبات ڪيتوسي احسن عشق اشارا الڻ اويارا
مستومست حسن دي حملي چشماندا چمڪاراچم چمڪارا
حال محمد حاصل هويا هردم تيا هبڪارا گل گلزارا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- جپ الف اسم دم دم ڪري نقش صورت نيشان ۾
1-دم دم نيهن نظارو لائي پارث پوش پرين جو پائي
گر تي پنهنجو پاڻ وڃائي قربئون ڪڻ ڪلالي قدم
پي محبت مد مئيخان ۾
2-مئي پي مانجهي مست ڦرن تا سري سجدي صاف ڏرن تا
چشمن واري چاڙهہ چڙهن تا پسي نور نظر هردم
آيا مرد مچي ميدان ۾
3- مرد مچي تا خيال ڪمائن انحد گهوز گڱن ڏن لائن
ڳيت انا الحق ڳايو ڳائن ڪري سير صفائي عدم
تيا ساڪن سر سبحان ۾
3 سر سجاڻج محمد من ۾ پسي راز رندي رمزن ۾
تي نفي اثبات اکين ۾ چڏي ريت ريا جي رسم
گهڙ گونگهٽ جي گمسان ۾

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- جودم غافل سودم ڪافر سمجهيم هوش حساب ميان
1-دم دم درسن دم دا هو يا ڪيها ڏوهہ ثواب ميان
2- طلب ترازي توڪل والي گر تئي سوال جواب ميان
3- ول چل پيچ پسارا پرجهيم گهوران دي گرداب ميان
4- محمد ساقي سرڪ پلائي شاهنشاهہ شتاب ميان

تلنگ	کافي	روپ

ٹـل:- حسـن حقيقـي هـل هلايـا عشـق عجـب اسـرار دا
ماهي يار دا
1- بـاربدل كـر بـر سـر آيـا بـاري بـره بـزاردا
ماهي يار دا
2- بـره بهـادر بگـل بجايـا جنگـي جلويـدار دا
ماهي يار دا
3-هيـر حسـن دي حملـي هـر هركيتـا شـوق شـكار دا
ماهي يار دا
4-ويكـ محمـد مـوج مدامـي كليـا بـاغ بهـار دا
ماهي يار دا

تلنگ	کافي	روپ

ٹـل:- آتـش عشـق اويـڑي واري عاشـق ٹيـا عريانـان
1- قـدم كـڏائي كوپاكـاهي قربئـون ٹيـا قربانـان
2- نيٹـن واري نـوك نظـر تـي نيهـي ٹيـا نيشـانان
3- پيچـي پيـچ پسـڻ جـي پـڙ ۾ پـڏرا ٹيـا پروانـان
4-محمـد مشـرب محبـت واري محكـم ٹيـا مردانـان

تلنگ	کافي	روپ

ٹل:- پيري مغان پگدار پگاري پيالا پرت پلايا سر سمنجهايا
1-صـورت دي وچ ثـابت سـارا نفـي ٹيـا اثبـات نظـارا
بيرنگ پيد بتايا كيل كلايا
2- فنـائي ۾ فـرض پڑهيوسـي موتـو قبلـل چـاڙهچڑهيو سـي
هوكا حال هلايا طبل وڄايا
3-جـام جلالـي پـر پلايـس مسـتي والـي مـام ملايـس
نئينان ناد بجايا ناچ نچايا
4- شـوق والا بـڌ محمـد شمـلا ويكـ حسـن دا همـدم حمـلا
انا عشق الايا ڳانوڻ ڳايا

تلنگ	کافي	روپ

ٹـل:- نـاز نظـاري نـاد بجايـا سـوري دي سـينگاردا سـالاردا
1-سـاقي ٹـي سـردار سراسـر عشـق آيـا اظهـار دا انـوار دا
2-وحدت والـي ويڑهـي گهليا واءِ وصـل وٹكـار دا وهنـواردا
3- نيهن ننگي نر نيهي نعرا ماريا مئي مختيار دا مهندار دا
5- محمـد ٹيـا هسـوار هميشـان ديـدان دي دربـار دا بـردار دا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- بيسر والي بازي بنيا بيڪ بقا باالله دا الله دا
1- قائم ڪار قلب دي ڪيتا قرب ڪلام الله دا الله دا
2- اسم جسم دي جلوي جنگي جوش جلال الله دا اللدا
3- انا احمد بلاميمي راز رسول الله دا الله دا
4- هردي اندر هوڪا هليا هردم جذب الله دا الله دا
5- حال حقاني حڪم هلايا فسم وَجہ الله دا الله دا
6- محمد پيچ پسڻ دي پڙهيا فرض فنا في الله دا الله دا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق اوڙا قدم ڪڏا يا، ڪيفي ڪيف ڪلال دا ڪمال دا
1- حسن هلان ڪر حڪم هلايا، جلوه ڪول جمال دا جلال دا
2- قلب قتل دا قرب ڪمايا، فالم ٿي في الحال دا برحال دا
3- صوفي ٿي سرصاف سجاتا، دلبا ديد دلال دا ڏمال دا
4- گم ٿي محمد ويک تماشا، بيسر بيڪ بحال دا خيال دا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- پيريمغان پس پارٿ پرور
پرت سندو پئيمانون ٿي پروانون
1- سهڻي صورت سر سبحاني ونحن اقرب نور نيشاني بشري
بيڪ بهانون شوق شهانون
2- سپ سينگار صفاتي سارو پهري آيو پوش پڳارو
ياقي ياريگانون رازرندانون
3- انساني جي اولي اندر بره بنايو بيرنگ بندر
عرش وارو آشيانو تان ترانو
4-محمد مست منگهن متوالو پي پريمي پرت پيالو
مظهر ڪيو مئيخانو شاهہ مردانو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- تاج ڪلنگي صاف سرويا پهري ٿيو پڳدار ميان
1- حورون ڪيون حيران حسن ۾ جلويگر جنسار ميان
2-پريون جن ملائڪ ماٿهون مڙني جو مهندار ميان
3-پيڊرو پاڻ پاڳارو ٿيڙو درسن جي دربار ميان
4- محمد مرشد مالڪ مولئِ صورت جو سردار ميان

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- ساڳيون سر سبحان آهيان ڪيئن چوان مان ناهيان ناهيان
1- رڳ رڳ اندر رمز رلائي راڳ رقص رنگ لايان لايان
2- ڪري پاڻ پسڻ ۾ پڌرو پير پري ڪيئن پايان پايان
3- الانسان سري جي سرسان ڳيت اناالحق ڳايان ڳايان
4-محمد منصف مير ميثاقي پول نہ بيو ڪيو پايان پايان

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- رنگ برنگي راه بيرنگ بيڪ بنائي آيس
1-ري الله پيو جيڪي آهي نڳي وارو ناهه
سخن صاف سڻائي آيس
2- اول آخر ذات صفت ۾ ڪري ناز نگاه
حقي هل هلائي آيس
3- انساني جي اولي اندر عشاقي ارواح
ڪلي قرب ڪمائي آيس
4- محمد جي مئيخاني محڪم درسن جي درگاهہ
هري نام سڏائي آيس

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- آهيان سر الله پنهنجو پاڻ پسائي آيس
1-ال انسان سري واناسره عجب ٿاهي ٿاه
انا ان الائي آيس
2- ونحن اقرب واري ويڙهي وحدت جي ويساهہ
وصل واڳ ورائي آيس
3- وفي انفسڪم سيرصورت جي صفت واري ساهہ
ڳجهو ڳجهہ ڳالهائي آيس
4-محمد ماڳ مورت جي محڪم شاهن جوتي شاهہ
شاهي شور مچائي آيس

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- هجر وصل دا سير سجاتم لاشڪ ٿي لاثاني گوهر گياني
1-پڌرا پرٽ پسارا ڪيتا اولي آءِ انساني اعظم شاني
2- هردي اندر حاصل ڪيتم حاضر حال حقاني ڇوڙ حيراني
3- بازيگر بن بازي پٿري صاحب سرت سجاني راز رنداني
4- سير محمد ثابت ڪيتا ساڪن ٿي سيلاني سرسبحاني

سارنگ	کافي	روپ

ٹل:- رمز رندي دارايا گھن ھاڑ ھي ڈي ھل ٹون
1- عشق حسن دي بازي سمنجھ سراسر ساري
سک سچي داسعيا کر محبوبان مل ٹون
2- فکر فيراقي فن دا سانده سيني وچ سارا
ذوق نہ ٹي وئي ضايع جوش جگر دا جھل ٹون
3- بار ملامت والا سرتي سھ صابر ٹي
ٹاھتہ اھو جنھن ٹاھيا ويک تنھيندا ول ٹون
4- مست پيالا محمد پي مدمئي محبت دا
فائق ھي فرمايا لَہ قلب دي کل ٹون

تلنگ	کافي	روپ

ٹل:- عاشقاندا الٹا آر الٹ اٹاون قدم کلالي
1- عاشق الٹا قدم اٹاون بيسر والا مطلب پاون
برھ والي بازار مئي پي ڦردي مست موالي
2- رازرندي وچ رندھن رچدي سرت صحيح کرساجد سچدي
رمز رلا رخسار چلپل ويکن چشمان چالي
3- نقش نقاش دا ناز نظارا سوره ويکن سروچ سارا
عاشق ٹي اظھار بولي بولن وحدت والي
4- جام محبت محمد پيندي موتو ٹي ڦر جگ جگ جيندي
جوش والي جنسار جوان جگاون جذب جلالي

تلنگ	کافي	روپ

ٹل:-عاشقاندا الٹا خيال الٹ کمانون خيال خدائي
1 عاشق الٹي رمز رلاون محبت والي موج مچاون
فالم ٹي في الحال سر ڈي پيون سرک سوائي
2- عاشق آر اڈي ٹي آوٹدي خام خودي کون خود ٹي گانوٹدي
کر کر قرب کمال ڈيندي گوھر الٹ اوگاھي
3- خيال خفي وچ عاشق کوڑن دوئي والي ٹگي ٹوڑن
سر وچ سرت سنيال ھمدم تيزي حکم ھلائي
4- مرد محمد جذبئون جنگي پاون سر ٹي تاج کلنگي
بره کيتي برحال عشق انا الحق بين بجائي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- خيال جون خبرون خيال سڻايون
خوبان خوب خيال سان خوشحال سان
1-ونحن اقرب نور نيشاني سارو سرور سر سلطاني
اڪين جي احوال سان برحال سان
2- ڳلپيشوازان چيريون پائي سنڌ سنڌ ساز سرود سڻائي
ترنم تازي تال سان ڏمال سان
3-سرتي نر تي ڪيل خيالي بيحد بشري بيڪ بحالي
قائم ڪوڏ ڪلال سان ڪمال سان
4- محمد مڪ مشتاقي محبت نيهن نرالي واري نوبت
مئي جي مست مقال سان متوال سان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-چشمان چلپل چرچا لايا چيرياندي چمڪارا دا چمڪاردا
1- جوت جلالي جلوه ڪيتا جادوگر جنسار دا جهلڪار دا
2- پنبٽيان ڪر پرواز پسايا پيچ پسڻ پاتار دا پڳدار دا
3- ثابت ٿيڙا سانگ صفاتي صورت دي سينگار دا سردار دا
4- مستو مست مدامي محڪم محمد ميگهہ ملاردا منهندار دا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- اسم جسم دا چوڙ بهانا .هي سڀ ايڪ اڪائي نهين جدائي
1- اسم جسم دي جوڙ جلالي ونحن اقرب ويس وصالي
بيرنگ بابت بتائي وحدت وائي
2- اڪيان والي اور اشاري ظاهر ذاتي سهڻي ساري
لادي لعلي لائي صاف صفائي
3- چشمان والي چال چلاڪي حاضر حق حق حڪم هلاڪي
سروچ سرت سمائي نرت نوائي
4- محمد وچ ميزان ميثاقي عشق عجائب ٿي اوطاقي
سهڻي سرڪ پلائي سرس سوائي

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:- اٽ اوئي او اٽ اوئي عشق هي الينداالينـدا
1- ڪٿان ملان ممبر اتي ڪٿان ڪل ڪليندا ڪليندا
2- ڪٿان عاشق صورت اتي ڪٿان دم جهليندا جهليندا
3- ڪٿان حڪم حال هادي حسيني هليندا هليندا
4- ڪٿان ساق سرخ ساغر ڪٿان سر سليندا سليندا
5- ڪٿان محمد مست موڪي ڪٿان مٽ مليندا مليندا

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:- ڪٿان قبل ڪٿان ماضي ڪٿان رنگ رچيندا رچيندا
1- ڪٿان سرخ سيف سازي ڪٿان سنگ سچيندا سچيندا
2- ڪٿان قائم ڪوڏ قدم ڪٿان ڪم ڪچيندا ڪچيندا
3- ڪٿان نظر نوڪ نيزي نسنگ نر نچيندا نچيندا
4- ڪٿان محمد مير مغان ڪٿان مچ مچيندا مچيندا

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:- خنجريءَ جي خمار انا الحق آواز آهي
1- گور ڪناٽي ناد وڃي تو برد جي بازار
پرت جو پرواز آهي
2- سوين ساز وڄن تا واڄا اڏيءَ واري آر
قدم وارو قواز آهي
3- ڪيئي ناچو ناٽ نچن تا درسن جي دربار
نظر جو نواز آهي
4- حبيباٽي هٿ ني هردم محمد مئي مختيار
رنگ بيرنگي راز آهي

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:- اسان عشق الاهي اندر هون ڪٿ ڪات ڪلال قلندر هون
1- مومن هون ڪٿ ڪافر هون ڪٿ شاهه سلطان سڪندر هون
2- بلا هون ڪٿ بيدل هون ڪٿ بيسر والا بندر هون
3- نانڪ هون ڪٿ نجفي هون ڪٿ سچل صاف سمندر هون
4- موڪي هون ڪٿ مظهر هون ڪٿ گورڪناٿ مڇندر هون
5- احمد هون ڪٿ محمد هون ڪٿ موج مدامي مندر هون

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- مڙگانن جي محلي مئي پي منور منهن مصحاف ڏنم
1- ايميون سخن سيپارا سورون سورت ۾ سپ صاف ڏنم
2- ڪعبو قدسي مڪو مدينو اکين جي انصاف ڏنم
3- ڪاڪل ڪنڍڙا ڪار ڪجل جي، سر تي مثل غلاف ڏنم
4- محمد مورت صورت ساڳي تهدل ڪري طواف ڏنم

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- سوره سانگا سردا چوڙ انالحق دي ڏي تون گوڙ
1- وحدت والي وادي اندر بيائي والا بائڙ بوڙ
2- ديدان دي دربار درس تي دام دوئي دي ٽڳي توڙ
3- سرت نرت دي صاف صحن وچ جوش جلالي جنگي جوڙ
4- محڪم بڌ مردان مدامي محمد مئي پي مونگهڻ موڙ

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- آءِ عشق والي اظهاري ڪر آنبہ آتش آئي هي
يار بر حال بره ڀڙڪائي هي
1- باهہ بره دي ڀڙ ڀڙ ڀڙڪي جوش جلالي جهڙ جهڙ جهڙڪي
جنهن ڪيتي ايڪ ايڪائي هي
2- آتش عشق اويڙي والي خويان خوب ختم خوش حالي
نچ نوبت نيهن وڄائي هي
3- عشق عجائب آتش بازي طبل تيز تياري تازي
سپ سهٽي سرس سوائي هي
4- عشق محمد الله اشاري صورت والي صاف ستاري
مچ مئي دي موج مچائي هي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- اڇي عشق تيو امام ڪولي جوش جنگي جام
1- پيشوا زان پاڻ پهري پدر ڏئي پيغام
2- ديدن واري دارتي دائم وجهي دام
3- سهٽي سرخ سيج تي سوري جي سرانجام
4- محمد جي مئيخان ۾ ڏيئي مست منگهن مام

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- پيـان شـوق مـان شراب ڪـائي ڪـوڏ سـان ڪبـاب
1- اڏي واري آر تــــي بـــــره پڙهـــــي بـــــاب
2- تازيــــ تــــازا تيزتـــر طبـــل ڪـــري تـــاب
3- شاهنشـــاهي شـان ســان شـائق ٿـــي شـباب
4- محمـــد صــورت سازســان مـــورت جـــي محـراب

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿــل:- پڇــي ڏوه ويــو ٿــواب نچــي نيهــن ٿيــو نـواب
1- شاهنشـــاهي شـــور ســـان شـــجاع ٿـــي شـتاب
2- پـــائي ڇيريـــون پيـــر ۾ ڪولـــي رنـــگ ربـــاب
3- قلـــب قـــالب ڪـــوڏ ســـان ڪـــري ڪـــل ڪبـــاب
4- محمـــد مثـــل مـــوج ســـان مـــورت جـــي محـــراب

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- ڇت ڇال ڇلياڇيتن سي ڪري ڇم ڇم ڇنڻن ڇاتي
1- الــٽ اويــارا تــري لهــوارا پاجهــاتي ديــوڄ جهـــاتي
2- عشق آوازي پيد بياضي بـــن بـــانگ بلنـــد برڪـــاتي
3- جـوش جلالـــي ڪـــوڏ ڪلالـــي ڪـــر حـــاصل حـــال حيـــاتي
4- مست موالي ميل مثالي مـــع محمـــد دي مصلاتـــي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل: ست صاف صورت ڪـي سنگ هـي سرساقي سرور سـار
1- ڇون بيڇوني گونا گوني ڇنـــد ڇشـــماندا ڇمڪـــارا
2-عشـــق اوقـــاتي ســـير ســـوغاتي پٺـــون پـــارهن پـــورا ڍارا
3- عيـــن عنـــايت نيـــن نزاڪـــت نرنيهـــي نـــور نظـــارا
4- موڪـــي منـــور عاشـــق انـــور مڪـــ محمـــد ميـــر متـــارا

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٿـــل:- لاهـــي بـــار مشـــاخيءَ وارو قـــول الســـتي پـــار ميـــان
ويهي ورم وسارميان
1- دنيـــا دولـــت مـــال خزانـــا ســـاڻ نـــ هلنديـــي يـــار ميـــان
ڇڏي خـوديءَ جـــو خلـــم خســـارو بيـــائي پـــن ۾ بـــار ميـــان
2- فڪر فراق بره جي بازي گهـــري ايءَ گفتـــار ميـــان
سمجهـــ صحـــي ڪـــر عيـــن اشـــارو نيٽـــن ۾ نـــروار ميـــان
3- علـــم عقـــل جـــي حـــاجت نـــاهي ايءَ پـــڙ بـــاري بـــار ميـــان
ســـير ســـري جـــو صـــاف ســـتارو ڇشـــمن ۾ ڇـــودار ميـــان
4- ســـڪ ســـڇي جـــو محمـــد ســـائل بـــره جـــي بـــازار ميـــان
پـــاٽهين اينديـــي پـــاڻ پيـــارو وحـــدت جـــو وينجهـــار ميـــان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿـــل:- ســيرجو ڪيـــڙو ســڄڻن ســانگ اڏر اوڏا هيـــن
قربئون ڪانگ
1- عرض احوال پهچائج پرين کي نينهن جي ڪاڏي آهيان نانگ
2-ڪانگل ڇڄڻ ڪيچ ڏٺين کي ڇني نـ ڇڏ جو ڇوري ڇانگ
3- راتــو ڏيهـان روح انـدر ۾ طلب اوهـانجي آهـي تانگهـ
4- محمـد مسـت ڪيـو متوالـو بـره بهـادر واري بـانگ

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:- حســن هزاريـن ڪيـا حيـران حـورون پريـون جـن غلمـان
1- ديو ملائڪ ماڻهون منور مست قرن ٿا ڪئيـن مسـتان
2- ابـر وسيف سـنگينون سـهڻيون صـورت واري سـپ سـامان
3- نــور نظــاري نيڻــن واري نــاٽ نهــوڙي ڪيــا نيشــان
4- ساقي سرڪ پياري مرڪي محمـد موهيـا ڪئيـن مـردان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿـــل:- بـــره بڇايـــا بحـــري بـــاز نيڻـــن واري نٽڪـــي نـــاز
1- ديدن واي دنگ ۾ دائم درســــــن ڪولـــــــي درس دراز
2- پلپـل پيـچ پسـڻ جـي پـڙ ۾ پنبڻيـن واري پـڪ پـرواز
3- رمـــزن جـــي رفتـــار رڇـائي رنـــدن واري رنگـــي راز
4- محمـد مسـتي مئي جي مـاٽي سـرڪ صراحـي واري سـاز

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:- حسـن واري هـل حملـي هـور عشق اثـر ڪيـا اوران اور
1-عاشـق ڪـن اثبـات اڏيءَ تـي سـرامالڪ گهـوران گهـور
2 ديـدن جـي دربـاز ۾ دم دم طلــب تـرازي تـوران تـور
3- سـرخ سينگار صورت جي سـهڻي ذوق زنـاري زوران زور
4- محمـد محلـي مڙگـانن جـي شـوق شـرابي شـوران شـور

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿـــل:- ڏانهـ ڪيـا ديوانــان ديـدن واري درسـن دم دم
1- ســـسئي پنهـل هيـر رانجهـن ٿيـا رمـز پسـي رحمانـا
راڳ رقص جي رنگ ۾ رم رم
2- زابـــر ذاتـــي ذوق زلـــف ڪيـــو ســوئرن ســان ســنعانان
زوران زور زناري زم زم
3- يوســـف ڪــاڻ زليخــان ظــاهر قــائم ڪيــا ڪنعانــان
خويان خوب خماريل خم خم
4- مجنـــون محمدميهـــر مرڪـــي مئـــي پـــي ٿيـــا مســـتانان
جام جلالي جنگي جم جم

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق ڏنا اولاٽا الٽ اوڙي آتش لائي
1- عشق اندر ۾ انب پاريو اڪر عقل جا اڏاٽان
اپري عدم ڪن اورالائي
2- عشق اچي ڪيو ديرو دل ۾ ويرو ڇائي وڏاٽان
وحدت واري واڳ ورائي
3- عشق اوپارو آڙنگ ڪيڙو وسريا ٽول ٽڪاٽان
بيشڪ بشري بيڪ بنائي
4- عشق مچايو مچ محبت جو من ۾ ميگهه منداٽان
محمد مرڪي مام ملائي

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٿل:- ڪهڙو ڪريان بيان نازن ساڻ نهوڙي
لٽي ويو دل خان
1- سڪندي سال هينٽو ٿيڙم حال
پورل ڪندم پال ملڻ جو مهربان
2- ستيس سيج پلنگ ڀهڳڻ سان هٽي ٻنگ
چنون چوري چنگ جهوري ڏئي ويم جان
3- ڏسي حسن هل ويڙم هوش عقل
پوري ٿيس بلبل نيٽين جو نيشان
4- محمد چوي هاڻ سڪ جي سمر ساڻ
جڏي هلجئين چاڻ فڪر پڙهي فرقان

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٿل:- پنهل آيم پاڻ آرياٽي اڳواڻ
سانگي سڪندن جي سهٽي صراحي ساڻ
1- ساقي ٿي سردار ساغر جي سينگار
ڪڙي ڪيف قطار ڪري سنگهه سرهاڻ
2- حسن وارا هل ڪري ڪيچي ڪل
ڪولي گياني گل پنيورن جي پاڻ
3- رڪي روپي رنگ ڪري نيهي ننگ
هٽي ڀهڳڻ ٻنگ ڪولي روح رهاڻ
4- ڪري جلوو جت محمد مئي جي مت
سئي جي ست پري محبت ماڻ

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:- آهيان سر سبحان بشري بيڪ بهان
اولي آدم جي آيس ٿي انسان
1- جنساري جسمات انساني اسمات
اظهاري اثبات آڌوتي عريان
2- لاجا لائي لنگ درس پي مئي دنگ
ڪري سيفي سنگ ٿابو ٿي سلطان
3- اڪين جي اسباب ايس ٿي ارباب
پاڙهي بيخود باب بهاريل بوستان
4- محمد مڪ منصور مظهر ۾ مشهور
مستيءَ جي مذڪور مدامي مردان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:- پسڻ آهيان پاڻ ڪاهيان ڪنهن جي ڪاڻ
صورت واري سر ٿابوتي سرساڻ
1- درس دم جي دم شاهنشاهي شم
قدم واري ڪم حاضر آهيان هاڻ
2- پسڻ واري پر نسنگ نيهي لر
وصل وارو ور اڪين جي اهڃاڻ
3- پسڻ پائي پڳ جڙي جملي جڳ
ديدن واري ڏڳ چائڻ وارو چاڻ
4- حسن واري هٿ محمد مئي جي مٿ
نيڻن واري نٿ خبر واري ڪاڻ

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:- درازي دلدار درسن جي دربار
آيو عاشق ٿي عدم ڪان اظهار
1- درازي درگاهه وحدت جي ويساهه
سخي شاهنشاهه صورت جو سردار
2- سچو ساري سچ محبت پاري مچ
ناچو ٿي چئين نچ نظاري نروار
3- صاحب ڪولي سر ڏنو پيالو پر
گني گياني گر گلشن جي گلزار
4- مدامي مخمور موڪي مڪ منصور
مهيسي مشهور محمد ٿيو منهندار

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:- آيــاهي عشــق ڪــر آرا نســنگ نــروار هــڻ نعــرا
ســخي ســردار تــي ســاقي صحـــي ســينگار ســر ســارا
1- آيــا هـــي عشــق ٿـــي عـــالم بهـــادر بيريـــا بـــالم
صحـــن ســبحان صـــورت دي ســـخن ســـهٽي صفاســـالم
فهـــم فرمـــان فرقـــاني فقـــر وچ فيـــض ڪـــر فـــالم
ســـٽاڪي ســـاز ســـرگم ســـر ســـچا ســـلطان ســـويارا
2- ختـــم خومـــار خـــوش حـــالي بقابـــاالله برحـــالي
ڪڪوريـل ڪيـف قهري ڪـل ڪجـل ڪلتـار ڪـر ڪـالي
عــدم ڪنــو عشــق انــوردا عجــب اقبــال هــي عــالي
چشـــم دي چهچٽـــي چلپـــل چٽـــا چـــوڏار چمڪـــارا
3- عجـــائب عشـــق اثبـــاتي جنگـــي جنســـار جســـماتي
قديمـــي قـــاب قوســـيني قدوســـي ڪـــوڏ ڪلمـــاتي
هڪـــل ڪرحـــال دي حـــاضر حســـن هســـوار حضراتـــي
حســـيني هـــل تيــا هـــر جـــا همـــ همـــذات هبڪـــارا
4- محمـــد ميـــر مســـجودي مدامـــي مـــوج موجـــودي
منـــدبل مئيخـــان محبـــت دي منـــور ماڳـــ مشـــهودي
مغـــان منهنـــدار محڪـــم تـــي مچـــا مڙگـــان معبـــودي
مقـــابل مـــوه مشـــتاقان ڪريـنـــدا مـــام ڏي مـــارا

روپ	ڪافي	پيم پلاس

ٿل:- اي جي آئو سدا نچ گائون گگن محل ڪي باجي بجائو
1- سـير صـورت دي سـجدي ثـابت سـاز سـرود سـنائو
2- دمـــدم دم ڪـــي دا ڀر آڪـــي دائـــم درســـن پـــائو

روپ	ڪافي	پيم پلاس

ٿل:- گن مئين گائون سخن سر سنائون الٽ عجائب ڀيد ڀتائون
1- ســـرور ده ڪئيـــن گـــول ســـتاران ان آواز الائـــون
2- منـــدم محمـــد مرڏنـــگ مرلـــي مڪـــ ســي بيـــن بجـــائون

پيم پلاس	ڪافي	روپ

ٿل:- شوق جي شهيد کي شاهي شفايت ڇا ڪندي
شوريل شرابي شير کي شهرت شڪايت ڇا ڪندي
1- عشق جي آڙاه اندر اکين واري آرتي
عاشق اويسي کي اثر ايذاءِ علامت ڇا ڪندي
2- بيريا بانڪي بهادرکي بقا بردار تي
برسري بازار ۾ بشري بغاوت ڇا ڪندي
3- نيهن جي ناتي نياري نظاري نيشان تي
نسنگهه نانگي ناٿ کي نيڪي نزاڪت ڇا ڪندي
4- محيسي مسيحيٰ مثل مستي واري مستان کي
مئي جيمدامي موج سان محمد ملامت ڇا ڪندي

پيم پلاس	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق ڪيو عريان جنهن کي اکين جي ارشاد سان
سو ٿيو عاشق اويسي عجائب اتحاد سان
1- عشق چئي الله اڪبر الاسي آواز ڪيو
الستي احوال اعظم الاهي آباد سان
2- عشق اکين جي اوتاري اويڙا آچار ڪيا
انا ان اوقات اعليٰ انوري آزاد سان
3- شان شفقت شعر بازي شرف شم شغلات جا
تو ڪري شاطر شتابي شوق شاهي شاد سان
4- عشق محمد احد احمد ميم جي محلي مدام
مظهر سندو مسجود ٿيو محبت واري ميعاد سان

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٿل:- وچ وڇڻ کي ويڙه وحدت ۾ ورڻ وائي ۾ وار
وک وڌائي ويهه ۾ وڃ تي ورق ويسر جا وسار
1- وڃ وطن تي واڳ واري واٽ ويراڳي وٺي
وهٽ ويسه ڪان سواءِ ٻي وهم جي آهي ونگار
2- وه وظيفا ورد واري وقت سي واجب وڃاءِ
وير وارث ويجهڙي کي وندر جي وئي ۾ وهار
3- ونحن واري ويڙه وره جي وصل جو ووڙي وٺاڻ
وحدهو واحد وجودي وجه الاهي تي وچار
4- واءِ وصالي ٿي وڪايو وير سوئي واهرو
مست محمد موج مهدي وٺي م ويچو وار وار

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٿل:- مان وجي تڏه مان ٿئي اها خيال ڪان پڇ تون خبر
اثبات ڪر الله ڪي هڪ الف جو اوري اڪر
1- مان واري ڏس مام ڳولي الف جي اسرار ۾
سمنجهه صورت سير سارو هٽ ڪري خوني خنجر
2- خيال جو خنجر ڪٽي پئي دم قدم قربان ڪر
پي پيالو پرت وارو ڏي ٽبي بيخود بحر
3- بخوديءَ جي بحر ۾ پنهنجو پروڙي پاڻ تون
هڻ نسنگ نروار نعرو سرت جو سمنجهي سفر
4- سرصحي محمد سڃاتو عشق وارن عشق جو
پاڻ ۾ پسي پانهنجي پيا ڇڏي فاني فڪر

پيمر پيلاس	ڪافي	روپ

ٿل:- ڇا شريعت شان شاهي ڇا طريقت تار تان
ڇا حقيقت حال حاضر معرفت ڇاهي مڪان
1- ناسوت ڇا ملڪوت معنيٰ جبروت ڇا لاهوت لام
هاهوت ڇا همدم هنگامون ٻاهوت ڇا آهي بيان
2- ڇا فنافي الله فاني ڇا بقا ٻا الله ٿيو
ڇا نفي اثبات نعرو ڇا درڪ دم جو ڌيان
3- ڇا امارو نفس ڪافر ڇا مسلم روح راز
ڇا سراسر سير سارو ڇا ڳُهيلو گر جوگيان
4- ڇا محمد موج مهدي ڇا احمد خاص عام
ڇا احد اصلي اشارو ڇا بنيو باقي ٻهان

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- معنيٰ واري ميگهه ملار لامقصد ٿيو مقصد منهنجو
1- خيال جون خبرون خيال ختم ڪيون خيال خدائي جي خمار
2- راڳ رقص سان رنگپور اندر راز رنداني جي رفتار
3- لنگ بند لعل لاتڪوٽي لائق لات لطيفي جي للهڪار
4- لامقصد جو محمد مالڪ مير مدامي مئي مختيار

پوريا	ڪافي	روپ

ٿـل:- نيـزي سـر نيشـان نـر هٽـن تـا نعـرو نعـرو
1- انــاانــا انــوار الائــي آذو تــي عريــان
2- ڪري چيرن جا چمڪارا چــڏي غيـــر گمـــان
3- ثـابوتي جـي سـير صفـا تـي سـوريءَ تـي سـلطان
4- محمــد مسـت موالــي مئـي جـا ملهـائي ميـدان

پوريا	ڪافي	روپ

ٿـل:- سـاقي تـي سـردار آيـو صـورت وارو سـانگ بنـائي
1- ڪٺي خوب خيالي خنجر خــوديءَ جــي خمــار آيــو
2- صحيـ صـاف سمـايو سـپ ۾ صفـت جـي سينگار آيـو
3- ڪامراني قدم ڪڏائي ڪجــل واري ڪـــار آيــو
4- مچي محمد مئي پي مڻ تـي ڪري ميگهـ ملهـار آيـو

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- صـورت واري صـاف صحن ۾ قـرب ڪـڏي قـواز ڪيـو
1- سـڪ سچيءَ جـو سندرو ثـابت شـوق شـاهي شـهباز ڪيـو
2- ديـد اڙائــي درسـن پــائي پـرت پچـي پـرواز ڪيــو
3- برهـ بازيـگر بـازي پٽـري نيـڻ نرالـو نـاز ڪيـو
4- الـڻ محمــد انـاالحق جــو عشــق عجــب آواز ڪيــو

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- چشمان چرخا ڪيتا چور ڪيوين آتـڻ تـي مئيـن آوان
1- حسـن حقيقـي حـاضر هـردم حـاصل هـو يـا حـج حضـور
2- نقش نقاش دي نت نت نئڪـي ويڪـ نظـاري نيهـي نـور
3- ذاتــي زور زلــف دا زابــر ڪــول زنــاري ذوق ظهــور
4- صـورت مرشـد معنيٰ مظهـر محمـد والـي مڪـ مذڪـور

پوريا	ڪافي	روپ

ٿـل:- گـرو مـان نـا آهيـان چيلـو اصل عشـق اميـن اڪيلـو
1- وجهان شور شريعت اندر ڪٽــي شــاهي شــوق شــڪيلو
2- انــاالحق اظهــار الايــر عجــب عاشــق تــي البيلــو
3- ڪولـي سـاز صراحـي سرجو ڪيـان سـهٽون سـير سـويلو
4- مچي محمد ٿي متوالو ڪيــو محبـت مئـي جــو ميلــو

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- ڪٿ هويا هر ڪٿ هويا تر، ڪٿ همہ همذات هويا دم
1- ڪٿ قرب ڪل ڪن فيڪوني، ڪٿ بحر بر پيد بيچوني
ڪٿ برہ برسات هويا دم
2- ڪٿ ڪمال قديمي قدرت، ڪٿ ڪلام قلم ڪلُ ڪثرت
ڪٿ قلب قبلات هويا دم
3- ڪٿ الاهي عشق عدم دا، ڪٿ ڪرم ڪلتار قدم دا
ڪٿ حسن حضرات هويا دم
4- ڪٿ ظهورا ظاهر ذاتي ڪٿ ماٿيندا موج مماتي،
ڪٿ نفي اثبات هو يادم
5- ڪٿ مندبل ميزان محمد، ڪٿ اصل اسرار احمد
ڪٿ الف اسمات هو يادم

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- ڪٿ هويا حق ڪٿ هويا شڪ، ڪٿ ڪها ڪلمات اناالحق
1- ڪٿ ڪلالي ڪلم ڪريندا، ڪٿ دائم دم دار مريندا
ڪٿ درس دن رات انالحق
2- ڪٿ جزم شد پيش پڙهيندا، ڪٿ سوري سردار چڙهيندا
ڪٿ قتل ڪنڌ ڪات اناالحق
3- ڪٿ صفاتي سير صورت دا، ڪٿ منور ماڳ مورت دا
ڪٿ قهر ڪجلات اناالحق
4- ڪٿ احمد عشق انعامي ، ڪٿ محمد ميم مقامي
ڪٿ موڪي مصلات اناالحق

پوريان	ڪافي	روپ

ٿل:- ڳلي ڳلي ۾ ڳايانٿو ڦيريدار فقير تي فالم
1- عشق واري اوقات عجائب آڙنگ ساڻ الايانٿو
اظهر تي آوازي عالم
2- سرت نرت جي شهر بحر ۾ نوبت نيهن وڄايا نٿو
بيشڪ پيد بتائي بالم
3- ڳل پيشوازان پرتئون پهري چيرن ڪي چمڪايا نٿو
ڪولي ذوق زناري ظالم
4- محمد مطرب واري منصب سار سرود سٽايا نٿو
سمجهي سير صورت جو سالم

پوريا	ڪافي	روپ

ٿـل:- ڳلپيشوازان پايـان تـو صـورت وارو سـانگ بنـائي

1- عاشق تـي اظهـار اڪيـن جو ڳالهہ ڳجهي ڳجهہ ڳايان تـو انحد واري بين بجائي

2- جلويــگر جنســار جلالــي جــڳري جــوش جڳايــا نٿـو الٿ اوڙي آتش لائي

3-وحـدت جـي ويسـاہ وڃـن سـان اڳتـي وڪـ وڌايـانٿو واحد ورق وصال ورائي

4- محمـد تـي مشـهور مڪمـل مئـي جـي مـوج مچايـا نٿـو محبت جو ميدان ملهائي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- تـون بـہ هڪڙو خيـال خيال سان خود خيـال تـي ملنديـن

1-دم خزانــو هــٿ ڪــر هــردم پسـي جــوت جمــال جام انهين جي جوش ۾ جلندي

2- ســرت پيچــائي ســر ۾ ســاري ڪــري قــرب ڪمــال راہ انهي سان رمز ۾ رلندين

3- موتــو واري مــوج ۾ محڪــم فنــاتي فــي الحــال سير عجائب صاف تي سلندي

4- محمـد عشـق الله جـي پـاجهو بـي ڪـوڙي قيـل مقـال پائي هار حلا جي هلندي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿــل:- اڪيــن جــي ارواح عشــق ڪيــو آواز انــاالحق

1- بشــر وارو بــاغ بنــائي بــره واري بــاہ

2- رنــگ برنگــي راز رچــائي رنــدي رنــگ جــي راہ

3- ڪجـل واري ڪـار سـان قـائم ڪـري قـرب ڪـلاہ

4- مسـتيءَ جـي مهريـاڻ مدامـي محمـد مير مـلاہ

پوريا	ڪافي	روپ

ٿـل:- آهيـان پـاڻ خيـال خيـال سـان ٿـو خيـال سـڃاڻان
1- پسـي پـاڻ پسـڻ ۾ پنهنجـو پڇـي ٿـي پئمـال
پسڻ پسجڻ پيچ پڇاڻان
2- خويـان خـوب خيـالي خرقـي خدائـي خـوش حـال
صحي سهڻان سير ساماڻان
4- قـدم دم ڪـڏائي ڪمـال ڪـري قـرب ڪمـال
ڪڏه ڪوپا ڪين ڪوماڻان
4- محمـد ميـر محسـي مسـيحيٰ اويسـي احـوال
منگهن مٺي جي موج ٿو ماڻا

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- ڪير ٻولي ٻول ٻليندا هي ڪير اتنداول ول ٻهندا هي
1- سـٽڻ سمجهـڻ ڏيکـڻ ڏسـدا بيخـود پيـد بتينـدا هـي
2-چشـمان والـي چرچـي چلپـل بـازي بيڪـ بنينـدا هـي
3- رمـزان دي وچ رمزلاڪـي محبـت مـچ مچينـدا هـي
4- مظهـر وچ ٿـي محمـد مـاهر ڳيت انـالحق ڳئـو نـدا هـي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- تي عاشق عشق ڪميندا هي سب صورت سير ڪريندا هي
1- پيرين وچ گهنگهـرو ڳليپشـوازن ڳلي ڳلي وچ ڳئوندا هـي
2- توڪـل والـي تـار طلـب دي رنـدي رمـز رلينـدا هـي
3- شـاهي شـهر شريعت والـي هوڪـي هـٿ هـٿ ڏينداهـي
محمـد ٿـي مختيـار منـور النّـا الـتّ اليندا هـي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿـل:- پڇيـن پڇـرو ڪرپـرواز انحـد النّـي بيـن بجـائي
1- هـڻ نقـارو وحـدت وارو بيرنگـي جـي رنگـي راز
چشمن وارو چاڙه چتائي
2- چڙهـي چـاڙهي چشـمن واري انـاالحق جوسـڻ آواز
محبت وارو مچ مچائي
3- مٺي پي مانجهي مچ تي مڙيا صورت وارو سمجهي ساز

قم باذني حڪم هلائي
4- گهيڙ انهـي ۾ محمـد گهڙتـون نيڻـن واري ننگـي نـاز
بيسريء جو مطلب پائي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- سهڻي صورت سرسبحان مشرڪ ڀاڄهو ڪير سڃاڻي
1- ظـاهر ذات صفـاتي سـارو گونـان گـون گيـان
2- بيخـودي جـي بحـر بلاشـڪ بـره جـو بوسـتان
3- الانسـان سـري وانـا سـره فـائق جـو فرمـان
4- محمد عشق حسن جي بـازي نسـنگ تـي نيشـان

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:- سـامي سـانڌي سـور هليـا ويـا هنگـلاڄ ڏي
1- دلبـر نـاهي دل جـو ڏورينـدن ڪـان ڏور
2-محبـت جـي مٺخـان ۾ مـانجهي تـي مخمـور
- پـائي منهـن مونـن ۾ پسـي نيٹـي نـور
4- محمدهـن مشـتاق ڪـي پيـا اهـڙا پـور

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿـل: سـنگهارن جـي سـار راتـو ڏينهـان روح ۾
1-ويهـي ڪيئـن وسـاريان ڏڻ ونـد جـي ٽيـر ڏار
2-بـي وس هـن بنـديءَ ڪـي پريـن سـندي پچـار
3- پـائي پـاند ڳچـيءَ ۾ ڪريـان عـرض اپـار
4- محمـد مـارن ملـڪ ڏي اڪنـڊ ڪيـڙو آر

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:- سـتا اٿـي جـاڳ ڇـڏي ننـڊ نيـاڳ جـي
1- غفلـت جـي گـرداب ۾ ڪهـڙي آيئـي لاڳ
2- اوريـون اور الله سـان واري وحـدت واڳ
3- توهـي سـاڻيـ پـانئيو مانجهـاندي جـو مـاڳ
4- محمـد معنـيٰ ملـڪ جـو اٿـي جبـل جهـاڳ

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:- تـون تـ پڪي پـر ڏيهي ڪيئـن رهيـو آهيـن ويهـي
1- اصـل عـدم ڪـان نويميـان اڏري آئيـن الا
ڪل ڇپائي ڪيهي
2- سـانگي ڪهـڙي نويميـان سـفر سـنيابي الا
رمزانهي دل ريهي
3-اسـم جسـم جـي نويميـان اوٿ اويـڙي الا
عجب عجائب جيهي
4- ماڳـ محمـد ويميـان مظهـر واري الا
پاٺهين پاڻ ۾ پيهي

روپ	ڪافي	جوڳ

ٿل:- نينا والي نظاري ديد دنالي ٻه مئين هون
1- اڪياندي وچ ويميان اڪيان اٽڪيان الا
التي الٽ اشاري قرب ڪمالي ٻه مئين هون
2- گڳن منڊل دا نويميان گلشن گهليا الا
پارٿ پرت پساري جام جلالي ٻه مئين هون
3 ٻيسر ٻازي نويميان برسر برسي الا
احسن عين اوتاري مست موالي ٻه مئين هون
4- خود ٿي محمد ويميان سير سجاتا الا
لاحد والي لاري، لادي لالي ٻه مئين هون

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- صورت والي ستاري کيل خدائي ٻه مئين هون
1- ظاهر ڪيتم ويميان ذات ظهورا الا
چشماندي چمڪاري ڇوٽ چڙهائي ٻه مئين هون
2- هوش حلاجي نويميان حاضر هو يا الا
حسن دي هبڪاري حال همائي ٻه مئين هون
3- نوڪ نظردي نويميان ناز دي نٽڪي الا
وجدي ناد نقاري لعل لڙائي ٻه مئين هون
4- موج محمد وي ميان معنيٰ مئي دي الا
برسي برسر باري ايڪ ايڪائي ٻه مئين هون

روپ	ڪافي	جوڳي

ٿل:- عشق جي اسلام ۾ آباد آئون آهيان الا
دلشاد آئون دلشاد آئون دلشاد آئون آهيان
1-فارغ دنيا ۽ آخرت واري فڪر فڪرات کان
آزاد آئون آزادآئون آزادآئون آهيان
2- اسرار اکين جي عجب اظهر الف اثبات ٿي
ارشاد آئون ارشاد آئون ارشاد آئون آهيان
3- زلف جي زنار سان ظاهر ذڪائي ذوق جو
استاد آئون استاد آئون استاد آئون آهيان
4- عشق جي آتش اندر آخر اول آواز ٿي
اتحاد آئون اتحاد آئون اتحاد آئون آهيان
5-ثابت سخي سرور علي ساقي سرڪ جي سازجو
صياد آئون صياد آئون صياد آئون آهيان

روپ	ڪافي	جوڳ

ٿلھ:- عشق جي اسلام سان انسان مان آهيان الا
عريان مان عريان مان آهيان
1- بيخودي جي بحر ۾ بيرنگي برحال ٿي
بوستان مان بوستان مان آهيان
2- صاف سھڻون سير ساروسرمنڊل سامان سان
سبحان مان سبحان مان آهيان
3- نيهن جا نيزا ڪٽي نانگو نسنگ نروار ٿي
نيشان مان نيشان مان آهيان
4- مئيخان ۾ مخمور ٿي مست محمد موج سان
مستان مان مستان مان آهيان

روپ	ڪافي	جوڳ

ٿلھ:- خوب خود خمار سان خوشحال مان آهيان الا
خيال مان خيال مان آهيان
1- انساني اسمات سان اڪين جي اسلام جو
احوال مان احوال مان آهيان
2- پيد بشري بيڪ جو بره جي بازار ۾
برحال مان برحال مان آهيان
3- ڪيف جو ڪلتار قائم قتل واري ڪار سان
ڪلال مان ڪلال مان آهيان
4- مير مڪ ميدان جو محمد منگهن مئيگون سان
متوال مان متوال مان آهيان

روپ	ڪافي	جوڳ

ٿلھ:- عشق عجب اظهار الا الله آيو ٿي اثبات اسانوٽ
1- اڪين واري اولي اندر اول ڪان انوار الاالله
2-بشر وارو بيڪ بنائي بره جي بازار الا الله
3- هٽي نعرو نوڪ نظر تي نسنگ نر نروار الاالله
4- محمد ماڳ ملاري مٺي جي مدامي مهندار الاالله

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- صحي سر سبحان الالله صورت وارو سانگ بنايو
1- اکين واري آتش بازي اصل ٿي انسان الالله
2- ڪولي نوڪ نظر تي ناٽڪ نظاري نيشان الالله
3- اول آخر ظاهر باطن درس دم جي ڏيان الالله
4- محمد ملڪ معنيٰ جي مالڪ مصوري ميزان الالله

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- عجب عاليشان الالله ڪيسو عشق عقل ڪي اولون
1- ڪٿي سرندا ساز ستارون سرودي سامان الاالله
2-چٽي چقمق چوٽ چڙهائي چشم جي چالان الاالله
3- لنگهي لاحد وارو لانگهو لاهوتي لاٽان الاالله
4- محمد منور ماڳ مثالي ملهائي ميدان الاالله

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- شوق دي شاهي شور شور آيا ماهي ميڏي سانگي
1- ظاهر ذات ظهورا لايا زور ان زوري زور
زور آيا ماهي ميڏي سانگي
2- رانجهن سائين بازي پٽري ڪر عدالت اور
اور آيا ماهي ميڏي سانگي
3- تخت هزاري دي جوڳي جنگي ڪيتي حملي هور
هور آيا ماهي ميڏي سانگي
4- مرلي وڄا منڊ محمد ماريا انحد والي گهور
گهور آيا ماهي ميڏي سانگي

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق اويڙا تي عاشق عربي اوالا ڪر آيا
پير مغان تي پڌرا پارث پيرا هي پايا
1- عشق عدل دا عالم، فوج فقروح فالم
پيد بتا تيا بالم رمز رندي رڪ رايا
2-عشق عدم ڪنون آڪي لاڳ لقائي لاڪي
چشر چوڌاري چاڪي رهبر تي رنگ لايا
3- عشق عمل دي عامل شوق شرابي شامل
ڪار قتل تي ڪامل قدم ڪلالي چايا
4- عشق عجائب احمد، موج مدامي محمد
سير سراسر سرمد چام چٽيا نا چايا

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- ڳولان ڪنهن ڪون مئين ڳولان سڀ جاسهڻل سائين
1- عشق اوڙي دي اثباتي اعليٰ اکيان اندر
بار برهه دا بيشڪ باري بيرنگ والي بندر
تولان توري ڪيا تولان اول آخر تائين
2-ذات صفت دي سير سراسر جهاتي دي وچ جهاتي
هرجاء همدم هڪل حقاني حاضر حال حياتي
ڪولان خط ڪيامئين ڪولان خود ٿي ڪيل ڪلائين
3- وفي انفسڪم قول قرآني قائم قرب ڪلاهي
وحدت ڪثرت ويس وصالي فثم وجه الاهي
چولان چپ ڪيا مئين چولان اظهر آپ الائين
4- مظهر والي مام ملڻ دي محمد موج مچائي
ڪول سرود ستاران سرگر سهڻي صاف سچائي
پولان ڪنهن نال پولان ونحن واليان وائين

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- ياقي ياور يار ڪيواه ياراسانڪي يار بنان پيو يار نه چاٺان
1- عشق اصل ڪان ٿي اوقاتي، اکين واري آر ڪيو آه آر اسانڪي
آر بنا پيو آر نه چاٺان
2- پٽبٽين جي پالوٽ سان پورو پسڻ واري پارڪيو آهه پار اسانڪي
پاربنا پيو پار نه چاٺان
3- عشق حقيقي ياريگاني ترنم واري تار ڪيو آه تار اسانڪي
تار بنا پيو تار نه چاٺان
4- محمد مست مچي مئي مٺ تي مڙگانن جي مار ڪيو آهي مار اسان ڪي
مار بنا پيو مار نه چاٺان

روپ	ڪافي	جوڳ

ٿل:- ديدن واري ڏيان ڪيو آهه ڏيان اسانکي، ڏيان بنا پيو ڏيان نه چاڻان
1- شوق شرابي واري شوخي، شهنشاهي شان ڪيو آهه شان اسانکي
شان بنا پيو شان نه چاڻان
2- ڪيفي ڪيف ڪلالي قائم ، ڪجل ڦهري ڪان ڪيو آهه ڪان اسانکي
ڪان بنا پيو ڪان نه چاڻان
3- ڳونا ڳون ڳرامي ڳر ٿي ، ڳهور ڳرم جي ڳيان ڪيو آهه ڳيان اسانکي
ڳيان بنان پيو ڳيان نه چاڻان
4- مڙڳانن جي محلي محمد، مست ميثاقي مان ڪيو آهه مان اسانکي
مان بنا پيو مان نه چاڻا

روپ	ڪافي	مانجهه

ٿل:- پاڙيچن پرين سان پوري پرت پري
سرهي سونهن پري
1- قول الستي پاري پرت پيالا پياري
صورت سهڻي ساري پائي صاف سري
2- پيچ پرت جا پائي نينهن نظارو لائي
گهوٽ گياني گهائي ڳائي ڳالهه ڳري
3- پرت جني کي پوري سيج پائن سي سوري
نرت پسي ٿيا نوري واصل وير وري
4- محمد مستي ماٽي پاڻ پرين ٿيو پاٽهي
حڪم هلائي هاٽي موتو قبل مري

روپ	ڪافي	مانجهه

ٿل:- عشق وارا اکين تي کن ٿا آر اچي
پهرئين پور پچي
1- اکين تي ٿي عاشق فرق فنا کن فاسق
حڪم هلائي حاذق رندي رمز رچي
2- صورت جي سرداري سونهن پري سوياري
سازن سان سينگاري سهڻي ڳالهه سچي
3-سيف صورت جي سنڪي جوش جلالي جهنڪي
نيٽن واري ننڪي نانگا ناٽ نچي
4- جوڳي تي جڳ جڳ جي واصل ٿيا وحدت وي
مرد محيسي مئي پي محمد مير مچي

روپ	ڪافي	مانجهہ

ٿل:- ڪٿي عشق عجب اثباتي پائي جهاتي اندر جهاتي
1- ونحن اقرب حرف حقاني حاضر حال حياتي
2- زيب زنگولہ ذوق ذقائي ظاهر باطن ذاتي
3- وفي انفسڪم سانگ صوزت جي سير ثبوت صفاتي
4-محمد موحد ماهر مظهر ميم معنيٰ محلاتي

روپ	ڪافي	مانجهہ

ٿل:-هٽي اناالحق جو نعرو صوفي سر ۾ سرت پچائنتا
1- آتش بازي اڪين واري پسي آڙاه انب وارو
اڇي انحد بين بجائن تا
2- بار ملامت خلق خواري ڪٽسي سوره سرتي سارو
اثبات آواز الائن تا
3- سرت نرت جي ڪيل ڪي ڪولي رکي نيهي نور نظارو
نچي نانگا ناٿ نچائن تا
4- محمد سمجهي سير سوري جو صحيسهڻون سرس سوپارو
مچي مٺي جي موج مچائن تا

روپ	ڪافي	مانجهہ

ٿل:- سپ سير ڪيوسي صحي صحي سهٽي صورت جي سينگار سان
1- اڪين واري آتش بازي نام عجائب ٿهي ٿهي
اڇي اصلاتي اسرار سان
2- پسي پاڻ پسڻ ۾ پنهنجو پور پيا ناپهي پهي
پائي پيچ پسڻ پاتار سان
3- ڪولي راز رنگي رنگپور ۾ رچي رمز رندي ۾ رهي رهي
رلي رلمل ٿي رخسار سان
4-لامڪان مڪان محمد لعل لاهوتي لهي لهي
لاٿان لحن للهڪار سان

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:-حنائي هٿ ڪر هر دم حلاجي هار پايا مئين
انا الحق ڳيت ڳايا مئين
1- عدم دي ديس ڪنون آکي عجب الٽا الايا مئين
اناالحق ڳيت ڳايا مئين
2-سوري دي سيج تي ثابت سخن سهڻا سٽايا مئين
اناالحق ڳيت ڳايا مئين
3-بقابا الله تي باقي طبل شاهي وڄايا مئين
اناالحق ڳيت ڳيا مئين
4-محمد مست تي مانجهي منبل مٿي دامچايا مئين
اناالحق ڳيت ڳايا مئين

روپ.	ڪافي	مانجهه

ٿل:-هڪل هڪ حال دي حاضر حسن هڪار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
1- حسيني هل همت والي حڪر هسوار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
2-حلاجي هوش حق حق دا حرف همورا هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
3- همه همذات تي همدم حقي هلڪار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
4- همائي هال وڃ محمد هري هر وار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- سوڍل يار سياڻان رات رهي وڃ راڻان
1- صورت واري سير سان سهڻا سڪ جا ساز سماڻان
2- اکين واري آتش اندر ڏنا عشق اولاڻا
3- اڪنڊ اوهان جي آهي ازل کان ڳالهه نڪا ٻي ڄاڻان
4- محمد واري مام ملڻ جي محب منا چڏ ماڻان

بنس	ڪافي	روپ

ٿلھ:- ٿيو سرھو سانگ سجايو ويو وھم دوئي جو اجايو

1- عشق اناالحق ٻولي ٻولي ڪيل خيال، خودي جوڪولي
اڄي انحد ناد بجايو

2-عشق عدم ڪان ٿي اوپارو ڪيو سھڻو سير سو پارو
رکي رمز رنديءَ جو رايو

3-ڪري سانگ صراحي سرجو گھليو گيان گياني گر جو
ٿي سر سو سرس سوايو

4- محمد مھدي موج مچائي محبت جو ميدان ملھائي
ٿي ساقي سر سمنجھايو

بنس	ڪافي	روپ

ٿلھ:- سھڻي صورت جي سرداري اڄي عشق ڪئي اظھاري

1- ڳلپيشوازان ڇيريون پائي ڪئين گھوٽ گھورن سان گھائي
چلي چشمن سان چوڏاري

2- بره جي بازار بحالي درس ٿي دلدار ڏمالي
ڪري برسر باغ بھاري

3- نظرواري نوڪ نظاري نسنگ نيھي ناز نظاري
نچي نيڻن جي نرواري

4- احد احمد نام ڏرائي مير جو مضمون ملائي
مچي محمد جي مھداري

بنس	ڪافي	روپ

ٿلھ:- ناز وارن سان نيھڙ ولائي پير نہ پنتي پائج تون

1- درد فراق فڪر جي فن سان ڪين ۾ قرب ڪمائج تون

2- ھردي اندر جھاتي پائي خيال سان خيال جڳائج تون

3- پڙھي فرض فنائي وارو ھوجو ھل ھلائج تون

4- پاڻ سڃاڻ پنھنجو آيئين پول پيو ڪو پائج تون

5- محمدمحڪم مام انھيءَ ۾ ڳيت اناالحق ڳائج تون

روپ	ڪافي	بنس

ٽل:- يار پيارا تيڏي ڪارڻ دم دم پاوان جهاتڙيان
1- فذڪرولي قرب ڪمايم لون لون دي وچ لاتڙيان
2-سر داسو دا ثابت هويا منجهه ڳيان مصلاتڙيان
3-ناز دي نقطي هل هلايا بره بتا يان باتڙيان
4- التي مام محمد موهيا قرب وهايان ڪاتڙيان

روپ	ڪافي	بنس

ٽل:- مست اکيان محبوب ميڏي ديان ڪرن قتل دي ڪار ميان
1- شوق والا پڌ شملا چڙه ديان چشمان ڪر چمڪار ميان
2-نين نظر دي خوني خنجر مارن تي مهندار ميان
3- گهوران داڪر گهيرا آون عشق واليان تي آر ميان
4- ڪيڏ محمد بيسر بازي هردم تي هشيار ميان

روپ	ڪافي	بنس

ٽل:- مکه مصحاف صنم دي صورت ڪعبا سر سردار ميان
1- بيرنگ بازي يار بنائي رنگي ڪر رخسار ميان
2- ڪرن طواف تنهن ڪون طالب ويکه عجب اسرار ميان
3- عشق والياندا حج اڪبر هي، دلبر دا ديدار ميان
4- پاءِ غلاف زلف دا آيا محمد تي مختيارميان

روپ	ڪافي	بنس

ٽل:- منار مثل ياردي مئين تاري تڳيان نسنگ نين لڳيان
1-آيم يارڪر سينگار ٿيان ميگه ملاريان ڏنم يار جلويدار ڳير هوش اڳيان
2-شڪريار لڌم سارڳيان غير مديان
ڪليم بخت مليم تخت جنهنديان لعل چڳيان
3-مٿي يار دي ديدار لاٿي ڪي سال سڪيان
بي هال تي ڪر پال آيم يار ساڳيان
4-ساري لوڪ دي مئين ٽوڪ چاتم سر تي يديان
محمد محب ڪيتي ماڙ مهٽي ٿيا تاج پڳيان

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- سنگي ساز ننگي ناز رنگي راز رتيان
مڙگان مست متيان
1- طلب طور نظر نور پدر پور پتيان
هم جال دي خيال بن بحال بتيان
2-ڪجل ڪار والي ڏار سر سينگار ستيان
الف اوڙ گگن گوڙ ڪيتا جوڙ جتيان
3- بزم برس سرڪ سرس ترڪ ترس تتيان
جوڳي جهوٽ لقالوٽ چوڙيان چوٽ چتيان
طبل تال لحن لعل محمد ڳالهه ڳتيان
مئي دي مام وچ مدام گرام گتيان

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- اگڻ تي آيا عشق اگهور شاهنشاهي ڪرڪي شور
1- هرجاءِ حق حق حڪم هلاڪي ڪول حسن دي حملي هور
2- ڪول زناري زوق زلف دا ظاهر ذاتي زوران زور
3- اثراتي آواز الاڪي اول آخر اوران اور
4- محمدوچ ميدان مدامي اصل عجائب ٿل ٿل ٿور

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- جڙيل يار جاني ڪجل پائين ڪاني
سهڻن جي صفت ۾ تنهنجو مٽ نه ثاني
1- بزم جي بهاري سراسر سونهاري
ڪري سانگ سهڻا صورت تو سينگاري
ڪولي سرخ ساغر صراحي سماني
2- اکين جي اشاري نگاري نظاري
پهري پيشوازان پيالا پياري
وجهين ٽوڏسڻ سان ڪري ڏيهه ڏاني
3- حسن هل هلائي وصل وڪ وڌائي
پائي ڳل ڳراٽي ڳٽن سان ڳالهائي
نسنگ ناز نڙڪي نرت جي نشاني
4- مليو محب محمد سخن سيف سرمد
مليل مير معنيٰ اسم اوٽ احمد
فهم فوج فالم ڪري فرق فاني

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- سرت ڪئي سواري نرت ۾ نياري
پساري پسڻ جي پتر ٿي پياري
1- هڪل هڪ حسن سان ڌمالي دغن سان
سرن جي ثبوتي سٺائي سخن سان
ڪري تيز تازي طبل سان تياري
3- بره بن بنائي قدم ڪل ڪڍائي
نظارو نرت جو پرت سان پچائي
برابر بقائي بزم جي بهاري
3- عجب عشق عالم فتح فوق فالم
صفا سير سرجي ڪري سرت سالم
پياري ٿي ساقي سچي سرڪ ساري
4- محمد موج ماٺي اصل چاڻ چاٺي
نرت جي نشي سان سرت ڪي سڃاٺي
ٻڌي موڙ مونگهڻ ڪري مٺي ملاري

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- اصل عشق آهيان پيو چا ٻڌايان
آوازي اٿر سان انا اِن الا يان
1- عدم ڪان اوپارو لقائي لهوارو
ڪري سير سهڻو سراسر سوپارو
ڪلاهي قدح سان قدم ٿو ڪڍايان
2- نرت جي نظاري سرت ڪي سينگاري
گهمين گام گهٽيون گگن ۾ گذاري
ڪري گيان گر ٿي گهٽان گهوٽ گهايان
3- وره جو ويراڳي طبل تر تياڳي
سخن ساز سرسان سچو سر سهاڳي
صحي صاف سرگر سرودي سٺايان
4- محمد ماڳ مورت سارو سانگ صورت
پسڻ جي پسڻ ۾ پسڻ واري پورت
پهري پيشوازان پيالا پياريان

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:- صحي سر سجاڻي هسان ڇو نہ هاڻي
پسڻ جي پسڻ سان پسڻ ڪي پڇاڻي
1- الف جي اسم سان ڪلالي قسم سان
پيان جام جڳ جڳ جلالي جسم سان
جوڙي جوڙ جنگي اصل ڇاڻ ڇاڻي
2- صراحي جو ساقي بشربيڪ باقي
يڳانون ٿي يارو يڪو يار ياقي
الاسي اثر سان آوازي اولاڻي
3- عشاقي اشارو نظر جو نظارو
ڪولي ساز سر گر پسي سير سارو
سڻايان سخن تو ٽڳهڻ جي ٽڪاڻي
4- شهنشاهہ شرابي قدح سان ڪبابي
هٽي نيهن نوبت نقارو نوابي
ٿيو مست محمد محيسي منداڻي

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:- نيهن نواب پي شراب بره باب پڙهايو تہ بلند پيد بتايو
1-نسنگ نيهن راتو ڏينهن محبت مينهن وسايو
ڪولي گيان ٿي سجان عاليشان الايو
2- حقي حال ٿي بحال ختم خيال ڪمايو
رندي راز واري ساز ڪولي ناز نچايو
3- عشق عجيب نرنجيب منهن مجيب وڪايو
نرت نات ڪري هات سرت سات سنپايو
4- محمدمير ٿي منير سر سڌير سڻايو
رنگي راڳ جي سهاڳ مٺي جو ماڳ ملهايو

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- رنگ راهوندڙي ۾ رتو رتو آهي راڳهه رقص رفتار سان
1- پڪن واري پڙتي پترو پيو پاڻ پسڻ جو پتو پتو
پائي پيچ پڪو پڳدار سان
2-صحي ساز صراحي سرجو ڪري تاب حسن آهي تتو تتو
سهڻي صورت جي سينگار سان
3- صفت واري سير سو پارو تي ساغر سر ۾ ستو ستو
سنگ ساقي سر سردار سان
4- مچي محمد موج منڊل ۾ رکي محبت مٺي جو متو متو
ملي ماهر ٿي مهندار سان

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- سرساقي سرور سچو سچو سر ساغر جي سينگار سان
1- سڏي سرڪ پياري سهڻون چئي آراڏي تي اچو اچو
اڪ انور جي اسرار سان
2- پائي پيچ پڪو پر ورسان اچي بتنگن وانگي پچو پچو
پي پيالا ۾ پڳدار سان
3- ڪولي ناٽڪ نوڪ نظر جو تي ناٽ نظاري نچو نچو
نر نيهن نشي نروار سان
4- ملي محمد ماڳه مٺي تي تي مست مدامي مچو مچو
مڪ مستي جي مختيار سان

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:- پيو پور پسڻ جو پڪو پڪو آهي پنبڻن جي پرواز سان
1- سخي سرور سر سوپارو سپ صورت ثابت سڪو سڪو
سرسيف سراحي ساز سان
2- ڪري چيرن جا چمڪارا پٺون ٻارهن تي پيو چڪو چڪو
اچي اناالحق آواز سان
3- وحدت واري وادي اندر تي ياريگانو يڪو يڪو
نر نيڻن واري ناز سان
4- محمد محسن مير مصور ڪري محڪم منهنجي مڪو مڪو
رتو رمز رندي جي راز سان

روپ	ڪافي	ڪسوري

ٺل:- پڏراٺي پڳدار پاڳارا عشق الاهي آياهي

1- انا احمد بلا ميمي قادر قائم ڪوڙ قديمي
جنگي جوش جڳاياهي

2- شاهنشاهي شان جنهيندا لقب اصل لولاڪ تنهيندا
سر وچ صاف سماياهي

3- مهدي ٺي مختيار منور عشق اويڙي الٺ انور
هر جاءِ هل هلايا هي

4- محبت والي محمد مورت ويڪ حسن دي ساڳي صورت
بيرنگ بيڪ بنايا هي

روپ	ڪافي	ڪسوري

ٺل:- خوف خوشيءَ ۽ رنج راحت ڪان عشق ڪيو آزاد ميان

1- لامقصود ڪيو لٺون لاٺي نيهن ڪٺي نرناد ميان

2- ٺال طمع جا تڪبر وارا بره ڪيا برباد ميان

3- عاليشان اثر ڪيو اعليٰ اڪين جي ارشاد ميان

4- محمد ٺيو ميدان ملهائي آوازي آباد ميان

روپ	ڪافي	ڪسوري

ٺل:- عاشق چم چم سرتي چانون بار ملامت باري
طعني تنڪي سمين سهندي بي ول خلق خواري

1- چوڙ مصليٰ عصا ڪوزا وير وسائون واري
جوڳي جڳ جوڳ ڪماون جوش جگر ڪر جاري

2- صوفي سير صفت دي اندر صورت والي ساري
الف اسم اثبات ڪريندي اڪيان دي اظهاري

3- بديان ٺي بهتاني بيحد بره واليان دي بهاري
ييچ ٺي برسات بهاريل ييد بتا برداري

4- محمد مهٺي مرد قبولن محبت دي مهنداري
يڪدل ٺي يڪبار يگاني يار ڪرڪي ياري

پيلو	ڪافي	روپ

ٽل:- پهري ڳلپيشوازان يار آيو ڪري چيرن جو چمڪار آيو
1- هار سينگار ڪري سرسهڻون ڪولي درسن جي دربار آيو
2- رمزرندي جي رنگ جورهبر ڪري راڳ رقص رفتار آيو
3- اسم جسم جي جنگي جملي جوڙي جلويگر جنسار آيو
4- محمد مربي ميلي مئي جي ملي ماهر تي مهندار آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٽل:- آهي عشق اسانجو امام آيو. ويڙهي وحدت جي وريام آيو
1- عشق جا هل هلائي، هٽي حملي سان هڪ هام آيو
2- ڪاڪل واري ڪوڏ سان قائم ڪري ڪار ڪجل ڪم ڪام آيو
3- اناالحق جا پول پڌائي ڪولي اڪين جو اسلام آيو
4-محمد منور ماڳ مدامي ڏيئي مستي جي مڪ مام آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٽل:- آهي سهڻون سرسردار آيو ڪري صورت جو سينگار آيو
1- حڪم وارو هو ڪو هردم ڏيئي حق حق جو هسوار آيو
2- پسڻ واري پڙ ۾ پڌرو تي پير يمغان پڳدار آيو
3- نيڻن واري نوڪ نظر تي نچي نازن سان نروار آيو
4- محڪم مئي جي موج مچائي مچي محمد تي مختيار آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٽل:- ڪيا تاب حسن بي تاب مجهي دڪا نوڪ نظر ناياب مجهي
1- بره ڪيا بازي بنائي بحالي بردار ۾
بحر بيچوني بقا تا برسري بازار ۾
بتا بيڪ بشر ڪاباب مجهي
2- شاه حسن ڪي شور شاهي شمع تي سرشار هو
شان شفقت ڪر شجاعت شعر ڪا شومار هو
ديا شوق شتاب شراب مجهي
3- نين ني ڪولا نظارا نقاشي نذان ۾
نور نر نروار نتڪي ناز ڪي نيشان ۾
نيهي ڪول نچايا نقاب مجهي
4- مهلقا محمد منور مست هو مئيگون سي
مير مجلس مرد موڪي محبتي مضمون سي
ملا مام وڪايا محراب مجهي

روپ	ڪافي	پيلو

قل:- ڪيو عشق عجب عريان مونکي لاتي اتش عاليشان مونکي
1- عشـــق عيـــن جـــي آوازي ازل کـــان اظهـــار تـــي
انـــدر ۾ آڙاهـــ ٻـــاريو آتشـــي انـــوار تـــي
ڏيئي سوز سرس سامان مونکي
2- عشـــق ٻـــنري ٻاهـــ ٻـــاري ٻـــره واري ٻـــات ســـان
بـــدن ۾ پڙڪـــا بلنـــد ڪيـــا بقـــائي برڪـــات ســـان
پاڙهي بيخود پيد بيان مونکي
3-شمـــع تـــي شـــاطر شـــتابي شـــجاعت جـــي شـــور ســـان
شـــوق ڪيـــا شـــاهي شـــعل شمـــلا ٻـــڌي شـــهزور ســـان
ڪشي ڪجل وارو ڪان مونکي
4- عشـــق محمـــد مـــچ مچـــايو محبتـــي ميـــدان ۾
مـــاڳ مســـتيءَ جـــو ملهـــائي منصفـــي ميـــزان ۾
ڪري لاهوتي لاٽان مونکي

روپ	ڪافي	پيلو

ٹل:- اواز انس اولي اظهار عشق ڪيو اڪين واري اشاري انوار عشق ڪيو
1- اڪيـــن تـــي الـــٽ آرو آخـــر اول اوپـــارو
ســـينگار ســـرخ ســـارو ســـردار عشـــق ڪيـــو
2- لالـــي لبـــن ڪـــي لائـــي گهـــورن ســـان گهـــوٽ گهـــائي
چيريـــون پيـــرن ۾ پـــائي چمڪـــار عشـــق ڪيـــو
3- لاجـــي ســـٽائي لولـــي ٻهڳـــڻ ٻڌائـــي ٻولـــي
ڪولـــي چشـــم جـــي چولـــي چمڪـــار عشـــق ڪيـــو
4- زنـــار ذوق ظـــاهر تـــازو تيـــار طـــاهر
محمـــد مثـــال مـــاهر مهنـــدار عشـــق ڪيـــو

روپ	ڪافي	پيلو

تـــل:- مئيخـــان ۾ مدامـــي مذڪـــور عشـــق ڪيـــو
متـــوال مســـت موڪـــي مخمـــور عشـــق ڪيـــو
1- نـــانگو نظـــر نظـــاري وحـــدت جـــو ورق واري
پيـــالو پـــدر پيـــاري منظـــور عشـــق ڪيـــو
2- گهـــورن ســـان گيـــان ڪولـــي ٻولـــي عجـــب تـــي ٻولـــي
آواز انـــس اولـــي مســـرور عشـــق ڪيـــو
3- برســـر بنـــائي ٻـــازي صـــورت صفـــات ســـازي
قـــائم ڪـــلال قـــاضي منصـــور عشـــق ڪيـــو
4- محمـــد محيطـــ منـــور پڳـــدار پـــاڪ پـــرور
ســـردار صـــاف ســـرور مشـــهور عشـــق ڪيـــو

پيلو	ڪافي	روپ

تل:- ٻاين ٻلي ٻلي پر اولنگ وڃائي آڙو
پنهنجي پسي پيشاني پرجهي پريم پاڙو
1- اظهار تي آوازي محلي مڃي مجازي
قائم ڪري قوازي اثبات جو آڇاڙو
2- سهٽي ڪولي صراحي بيشڪ بقاباالله
احوال سر الاهي قُلقُلس ٻولي جيئن تاڙو
3- گفتار گر گياني رفتار رنگ رنداني
سرشار تي سيلاني ديدن جو هٽي ڏاڙو
4- عاشق اصل اويسي وحدت وصال ويسي
مشهور تي محيسي محمد مٿي اگهاڙو

پيلو	ڪافي	روپ

تل:- صورت ڪئي سواري سر ساز ساڻ ساري
ترنمطبل تماشي تنتار جي تياري
1- صورت ڪولي صراحي آواز ڪيو الاهي
بيخود بقاباالله برسر بزم بهاري
2- چالو چشم چلائي ساغر سرخ سنيائي
سرگرم سخن سٽائي سرشار جي ستاري
3- ڪاڪل ڪجل ڪمالي مژگان منگهن موالي
جزبا جنگي جلالي جلوو ڪري جباري
4- محمد رقص سان راڳي صورت صدر سهاڳي
سر تي ثبوت ساڳي مٿي ميگهه جي ملاري

پيلو	ڪافي	روپ

تل:- سهٽي صفات صورت سلطان سر چوانتو
سارو سينگار سمن جهي سبحان سر چوانتو
1- اڪين جي عشق بازي راڳي رقص سان رازي
اظهار تي آوازي انسان سر چوانتو
2-ونحن ورق ورائي جلوو جنگي جڳائي
لائي لبن ڪي لائي لاٽان سر چوانتو
3- نيهي رڪي نظارو ناطق هٽي نقارو
نروار تي نيارو نيشان سر چوانتو
4- اثبات عشق عالي قُلقُل قدح ڪلالي
محمد منگهن موالي مستان سر چوانتو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:- عاشق اصل اڪين جو اظهار ٿي اچا نٿو
اثبات عشق عالم انوار ٿي اچا نٿو
1- ٿڪ مڪ تيار تارا وحدت وصال وارا
سمن جهي ثبوت سارا سرشار ٿي اچانٿو
2- دم جو درس ڏمالي مشهور مئي موالي
جذبا ڪري جلالي جنسار ٿي اچانٿو
3- اکين اندر آوازي قادر قدم قوازي
ناچو نظر نوازي نروار ٿي اچانٿو
4- محمد منير مورت سردار صاف صورت
پنهنجي پسڻ جي پورت پڳدار ٿي اچانٿو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:- مئي دي موج مچائون نانگي ناث نچائون
قدم پنتي نہ پائون
1- ڳل پيشوازان مڪ پر مونگهٽ راڳ ربابي والي رونگٽ
ڪول گياني گن دي گونگهٽ سهٽي سخن سٽائون
2- پير يمغان ٿي پيچ پسڻ دي رنگ برنگي راز رسڻ دي
هرجاءِ حاضر حال هسڻ دي تازي طبل وڄائون
3- وحدت والي واٽ وصالي مستو مست منگهن متوالي
ويک چشم دي التي چالي التا الٽ الائون
2- عشق اويڙا اظهر عالم پيد بتاتي محمد بالم
فيض فقيري ڪر ڪي فالم فنا فرض پڑهائون

روپ	ڪافي	پيلو

ٿــــل:- آيـــا احمــــد آيـــا محمـــــد نـــام ســـڏايا
صورت صاف سمايا
1-صـــورت مـــورت ســهڻي ســاري ســاقي ســر سمنجهايـــا
نينـــان والـــي نـــور نظـــاري نـــت نـــت نـــاچ نچايـــا
مـــار نقـــارا انـــاالحق دا شـــاهي طبـــل وڄايـــا
2- اســر جســر دي جــوت جڳــاڪي بيرنــگ پيــد بتايــا
برســر برســا بـــاع بقــائي بيشـــڪ بگـــل بڄايـــا
ســاغر ســرخ صراحـــي والـــي ڪرڪـــي ســانگ ســجايا
3- عـــدم ڪنـــون تـــي عشـــق الاهـــي عربـــي ســاٿ ســنيايا
انـــا احمـــد بـــلا ميمـــي فـــائق فـــن فرمايـــا
خــاص الخــاص ختــم خوشــحالي خوبـــان خيـــال ڪمايـــا
4-موحــــد تـــي موجـــود منـــدل وچ مهـــرا مـــام مڪايـــا
مســـتي والـــي ملـــڪ مدامـــي مڙگـــان مـــچ مچايـــا
منصـــف مڪـــ ميـــزان معنـــي دي محمـــد مـــاڳ ملهايـــا

روپ	ڪافي	پيلو

ٿـــل:- نيڻـــن نـــاز نٽڪـــو ڪيـــو دل ڦـــري
هســـن فـــوج فـــالر ڪجـــل ســـان ڪـــري
1- ازل ڪـــــان آوازي اوقـــــاتي اصـــــل
آيـــو ســـوئي عاشـــق اڪيـــن جـــي اري
پيشـــاني پســـڻ جـــي پتنـــگ جـــان پچـــي
پســـڻ جـــي پســـڻ ڪـــان پســـي ڪئيـــن پـــري
3- نظـــاري نظـــر جـــي نســـنگ نـــاٿ نـــر
وحـــدت جـــي واديءَ ۾ ويـــل ڪئيـــن وري
4- مڙگـــانن ڪيـــو مـــارو مقـــابل مچـــي
محمـــد ميـــر مـــانجهي موتـــو تـــي مـــري

روپ	ڪافي	پيلو

ٽل:- اگر ساڻ اٽڪي اکين جي اٽي
هنيون نيون حيرت ۾ حسن سان هٽي
پلٽ پهلوانن پيڪانن پسي
پڇي تيا پسڻ ۾ بتنگ جيئن پٽي
گهٽان گهوٽ گياني گهائي گهات ڪيا
ڪري گون گرمي گهورن سان گهٽي
3 نهوڙي نظر سان نسنگ نازنين
ڪولي ڪيل خوبان ويو دل ڪٽي
4- محمد مرد مجنون مڙگان مست ڪيو
بهادر برن ۾ بيٺو بند بٽي

روپ	ڪافي	پيلو

ٽل:- اظهار عشق عالم انسان جي نموني
سرشار ٿيو سڪندر سلطان جي نموني
1- سهٽي صفا صورت سان سبحان جي نموني
عاشق ٿيو اکين تي عريان جي نموني
2- غمزو ڪري غماري غلمان جي نموني
قائم ٿيو قلب ۾ قرآن جي نموني
3- گهورن جي گرم بازي گمسان جي نموني
گهائي ٿو گهوٽ گوهر گرگيان جي نموني
4- مرچا پسي مقابل مڙگان جي نموني
مٺي پي ٿيو محمد مستان جي نموني

روپ	ڪافي	پيلو

ٽل:- ديدار درس دم جو دلدار جي نموني
سينگار سرخ سهٽو سردار جي نموني
1- آيو اصل اکين ۾ اظهار جي نموني
آواز عشق واري انوار جي نموني
2- سوره سخي سو يارو سرڪار جي نموني
صوفي صحيح صفا ٿيو سرشار جي نموني
3- جهڳمڳ جسم جلالي جهلڪار جي نموني
ڪلنگي ڪلاه قائم ڪلتار جي نموني
4- پوشاڪ پاڪ پوري پڳدار جي نموني
پٽمان ۾ پڌر ٿيو پٽدار جي نموني
5- محمد مدام موکي مختيار جي نموني
مخمور مست مانجهي مهندار جي نموندي

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق واري اسلام جلاليءَ پي مئي جام اناالحق الائي

1- رندن واري نويميان ره تون رنگ ۾ الا صبوح توڙي شام

2- ڪليءَ ڪڻ تون نويميان سوره سنبري الا صراحي صمصام

3- محمد مالڪ نويميان ملڪ معنيءَ جي الا مستو مست مدام

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٿل:- سانميڙا ساٿيهه ۾ تا پورب پند پڇن

1- سنگ سناسي سڪ ۾ ساري تا وحدت واس وٺن

2- جوڳيءَ جي جلائي پنهنجو تا رندي رمز رکن

3- پائي منهن محراب ۾ تا صدقئون سجدا ڪن

4- محمد شاهه حسن جي اوليءَ ٿا فنا فرض پڙهن

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٿل:- دوئي وارا ورق وسار پهرين پنهنجو پاڻ پروڙي

1- فذڪروني اذ ڪر ڪم ڪي هردم سيني منجهه سنيار

2- طلب واري تند وڄائي صورت سر جو ڪر سينگار

3- عبديت جو پولو ينج تون نسنگ نانگو ٿي نروار

4- محمد الفي عشق جي پائي بيائي وارو پاٽڙ پار

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٿل:صورت انساني دي اولي بره بدل ڪر آيا هي

1- عاشق ٿي معشوق منور عشق عجب رنگ لايا هي

2- انا احمد بلاميمي فائق فن فرمايا هي

3- ال انسان سري وانا سر هو سارا سر سمجهايا هي

4- محمد ٿي مشتاق مدامي قادر قرب ڪمايا هي

کاريهل	ڪافي	روپ

تل:- رمزان رنگڙا لايا هي صورت والي صاف صحن وچ
1- اکياندي اثباتي والا عشق اويڙا آيا هي
2- بيرنگ والي بازي بهتر برسر پيد بتايا هي
3- شاطر شوق شرابي شاعر شاهي شور مچايا هي
4- محمد ماڻ مدامي موجان گيت انا الحق ڳايا هي

کاريهل	ڪافي	روپ

تل:- اکيان آڙنگ لايا هي مڙگان والي محلي محکم
1- دم دم دم دا دم تي دائم ديدان درسن پايا هي
2- ڪارڪجل دي ڪيف ڪڪوريل قهري ڪوڏ ڪمايا هي
3- چاتي والي چو چو چم چم سرداسر سمجهايا هي
4- ساغر سرخ صراحي والا سر سا سرس سوايا هي
5- محمد مستو مست مدامي مستي والي مايا هي

کاريهل	ڪافي	روپ

تل:- چشمان چر چالا يا هي چو طرف چوڏار چمن وچ
1- اکيان اندر عشق اويڙا التا الت الايا هي
2- چون بيچوني چست چکونا چلپل چاڙه چڙهايا هي
3- گوناگون گهوران گن گفتي گهٽ گهٽ گيان سمايا هي
4- محمد ميگهه مندبل مڙگاني مهرا مول مکايا هي

کاريهل	ڪافي	روپ

تل:- ڪير ڏسي تو چاڏسجي پيو ڪير ڪري تو بات بيان
1- اٿڻ ويهڻ بولي بولڻ سڻڻ سمجهڻ ديد ڏيان
2- پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو گونا گوني گفت گيان
3- آدم تي ڪيئن عبد سڏايو صاحب صورت سرت سجان
4- مير محمد مام سڏائي احمد اولي عاليشان

کاريهل	ڪافي	روپ

تل:- صورت معنيٰ معنيٰ صورت مام پروڙي ڪو مرد مٽير
1- بيصورت ڪي صورت سمجهي سالڪ ڪن تا سر جو سير
2- لاهوتي لاشڪ لنگهيا ڪپيري جو پرچهي پير
3- نفي چا اثبات اشارو ويري نه ات ڪو آهي وير
4- معنيٰ واري مام محمد گر تي ويڙو سارو غير

روپ	ڪافي	ڪاريهل

ٿل:- نيڻن واري نور نظاري جيان نچي نام ميان
1- اکين جي اوصاف ازل کان عشق علي ٿيو امام ميان
2- ديدن جي دربار درس ٿيو دائم دم جو دام ميان
3- سرت نرت سان ثابت سارو صورت جو سر انجام ميان
4- محمد پر مئيخاني محڪم مستو مست مدام ميان

روپ	ڪافي	ڪاريهل

ٿل:- پاڻ پسڻ ٿي پاڻ پسي ٿو پاڻهين پنهنجو پاڻ ميان
1- ونحن اقرب نور نيشاني ڄاڻ اهو تون ڄاڻ ميان
2- هول اول هول آخر ظاهر باطن هاڻ ميان
3- سنڌ سنڌ اندر سهڻل سائين سرت نرت جي ساڻ ميان
4- مالڪ ملڪ محمد مظهر مڙگانن جي ماڻ ميان

روپ	ڪافي	ڪاريهل

ٿل:- صورت والا ڪر سينگار، نرت دي وچ سرت سمائي
1-وفي انفسڪم ويس وصل دي وحدت والا ڪر واپار
2- بيصورت دي صورت ساري، سمنجهه صحي ڪر سر سردار
3- نظر والي نور نرالي نسنگ ناچو ٿي نروار
4- مڙگان دي ميخان محمد مام ملڻ دي ڪر مهندار

روپ	ڪافي	ڪاريهل

ٿل:-من ڪون هي محبوب مدامي تيڏي درشن دي درڪار
1- درسن پاجهون دم دم دل تي وصل دا ويچار
2-وصل وارا سانگ سجايا نظر وچ نر وار
3- نازنظر نر وار نظاري مهر ڪر منٺار
4- مهر محمد منور منگدا عشق الاهي آر

روپ	ڪافي	حمير ڪليان

ٿل:- الٽي رمز عشاقان والي سمنجهه آپ سنيال
1- عاشق الٽي بازي کيڏن وڃا درد ڏمال
2- درد ڏمال وڃا سر واڃي ڪرتون قرب ڪمال
3-قرب ڪمال ڪيتي ڪل ڪاما، نظر تاٿ نهال
4- ناٿ محمد نيڙي رهندا وڃي نهين هڪ وال

روپ	ڪافي	حمير ڪليان

ٽــــل:- بـــودالا برحـــال ســـخي تـــون ســـلطان ســـڪندر
1- عاشـــق تـــون آڏ وت اويســـي، عشـــق والـــي احـــوال
اڪيان دي اثباتي اندر
2- رنـــگ برنگـــي راز تســـاڏي بيشـــڪ بـــي تـــہ مثـــال
برابر برداري بندر
3- قـــدم ڪـــل تـــي قـــادر تيـــڏا ڪيتـــا قـــرب ڪـــامل
قديمي ڪلتار قلندر
4- مٺـــي مـــچ هـــي محمـــد تيـــڏا محبـــت والا مـــال
مدامي مئيخاني مندر

روپ	ڪافي	حمير ڪليان

ٽــــل:- لعـــل قلنـــدر لعـــل دولـــہ دائـــم قـــادر قـــائم
1- در تيـــڏي تـــي ڪيـــڏن ديوانـــي دانـــاءِ درس ڏمـــال
2- چوطـــرف چـــوڏار تســـاڏي وڄـــدي گهنـــڊ گهڙيـــال
3- نســـنگہ نـــر نزديـــڪ ٿـــي نـــانگي نچـــدي نـــاٿ نهـــال
4- ملنگهـــہ ملمـــل محمـــد ڳـــانون تيـــڏي مســـت مقـــال

روپ	ڪافي	ايمن ڪليان

ٽـــل:- دلـــدار ڳولـــي لهـــہ دم ۾ تـــون ٿـــي لاسـي لاعـــدم ۾ تـــون
1- دم جيســـي ڏس ذات ۾ ذاتـــي، پـــادرو نـــي الٽـــي جهـــاتي
نظر واري نظر ۾ تون
2- صـــورت ۾ ڏس جهـــاتي پـــائي وحـــدت وارو ورق ورائـــي
اوري الف اسم ۾ تون
3- نســـنگ نـــاتو نيهـــن نيـــائج قـــدم پنتـــي مـــول نـــہ پـــائج
رندن واري رسم ۾ تون
4- محمـــد پـــاڻ پـــروڙي پـــر ۾ گهـــڙي ڳـــول گونگهـــٽ جـــي گهـــر ۾
حسن واري حڪم ۾ تون

روپ	ڪافي	ايمن ڪليان

ٿل: ڏس خيال خفي خم خم ۾ تون، ٿي بيخود بيڪ بسم ۾ تون
1- ڪري جوش جلالي جنگي پاسرو پاتاج ڪلنگي
فڪر واري فهم ۾ تون
2- گهمين گلشن جي گلزاري ڏس حسن جٖي ميگهه ملاري
چهريدار چشم ۾ تون
3- دم سجاڳي دم ۾ دائم ڪرقلب جي ڪل ڪي قائم
حضم ٿي هس هم ۾ تون
4- موج محمد مستي واري خيال جي ڏس خاص خماري
ڪيفي ڪيف قدم ۾ تون

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٿل:- ڏي ڪا دلدار دلداري پرين پرچي ڪر پوءِ واري
1- سڪندي سال ٿيم سهڻان ، ملڻ لاءِ محب من مهڻان
بدين جا بار سر سهڻا ، قبوليا دلڙي ويچاري
2- جڏه تو دل ڦري زوري تڏهن تنهنجي گهوٽ ٿيس گهوري
بيوس بي حال مان پوري ملڻ جي مونجهه آهيان ماري
3- پيوند تنهنجي پرت جو پيڙو جلي ويو جوش ۾ جيڙو
هوائي هوش سڀ ويڙو، يڪي رڪيم يار تو سان ياري
4- محمد جا وارث ور، سونهارا سونهن جا سرور
حقيقت حال ڇا هر هر، سڄايان سور جي ساري

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٿل:- مٺا محبوب سبحاني آهين تون غوث صمداني
1- پيغمبر پاڪ جو پيارو، سچو سالار سوڀارو
هنيو نر نيهن جو نعرو، نسنگهه نروار نوراني
2- يگانو يار ٿي ياقي پيارين سرڪ تو ساقي
بقا بـ الله تون باقي جنگي جنسار جيلاني
3- بره برحال بغدادي ڪئي اثبات آزادي
شهنشاهه شوق جي شادي پسائين پاڪ پيشاني
4- صنم سردار سر سرور اصل اسرار ٿي انور
محمد مير ٿيو منور لقا لولاڪ لاثاني

روپ	ڪافي	شام ڪليان

تل:- بنالا جي لڙائي جي ٿيڻ لاٿان مشڪل آه
1- چڙهائي چوٽ چشمن جي لنگهي لاحد وار لانگهو
ٿيڻ ميدان محبت ۾، الف عريان مشڪل آهي
2- حسن واري حقي هولي، الٽ اسرار اکين ۾
دائم دربار درسن جي، پيڻ پئيمان مشڪل آه
3- پياري سرڪ تو ساقي سينگاري ساز سوري تي
بدن بردار بازر ۾، ڪرڻ قربان مشڪل آه
4- موکي جي مٽ متي محمد ، مدامي ماڱ منصوري
ٿيڻ ديدار جي ڏوٽي، پتنگ پروان مشڪل آه

روپ	ڪافي	شام ڪليان

تل:- لذت وٺ لاجي ڪاتي جي، وجائي خيال نفساني
1- قلب ۾ پاءِ جهاتي جوڙي، نيزو نيشان ۾ ڪوڙي
متي محبوب کي ووڙي سري ڪر ساه قرباني
2- ايرادو عشق جو آهي، ڏسڻ محبوب کي ڪاهي
لاڳاپا لوڪ جا لاهي، نهاري نات نوراني
3-صورت ڪرياڻ سان شامل، اسم جو تي اندر عامل
ڪلالي ڪوپ تي ڪامل، لهندين لعل لاثاني
4- محمد منتار لاتي ماندو، وره ڪان پل ناهي واندو
اشاري عشق جي آندو، پسڻ سينگار سبحاني

روپ	ڪافي	شام ڪليان

تل:- اسان کون ياد تساڏي ياريدا، هي حرف صورت والي ساريدا
1- تي فنا بقا وچ وئيسان ، قدم پنتي مول نہ پئيسان
گيت انا الحق هڪ تي ڳئو سان، سپهہ دي سالاريدا
2- جيڪي اپنا آپ سڃاڻن بحر بقادا سيئي ماڻن
دوئي دل تي مول نہ آڻن نظر دي نرواريدا
3- بيخودي داراز رنگينا، ويکتون من وچ مڪامدينا
اندر گفت گوناگن گونان سارا سر سرداريدا
4- محمد عشق آيا جهل جهولي کولي چشمان چهري چولي،
سمجهہ سير انا ان پولي حسن ويکہ هالا ريدا

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿـــل:- عشـــق عجيـــب انـــس دي اولـــي انـــاالحق الايـــا
اکيـــان والـــي اوٽ اويـــڙي عاشـــق ٿيڪـــي آيـــا
1- ونحـــن اقـــرب نـــت نـــت نيـــڙا وحـــدت ورق ولايـــا
ٽـــوڙ دو ئـــــي دي دام دلاور دم وچ دود دڪايـــــا
2- ذات صفــت دي ســانگ سـجائي سـهٽان صــاف سمايـا
ســرگر ســاز صراحــي ســردي ســاقي ســر سمجهايـا
3- بيشـــڪ بـــات بقـــائي بـــالم بيرنـــگ بگـــل بجايـــا
بـــاري بـــار بـــره دي بيحـــد برســـر پيـــد بتايـــا
4- مســـتي والـــي محمـــد ميلـــي شـــاهي شـــور مچايـــا
ميـــر مغـــان مضمـــون معنـــيٰ دي مئـــي دا مـــاڳ ملهايـــا

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿـــل:- تـــن مـــن طبـــل تماشـــو ڏو ڏڪـــن ڏڪـــاهي
موجـــود حـــق مدامـــي مئيخـــان ٿيـــا مڪـــاهي
1- آواز ٿيـــــا الاهـــــي برحـــــال بادشـــــاهي
ويســـاه وجـــ الاهـــي پئـــون تـــي پيـــا چڪـــاهي
2- نوبـــت وڳـــي نرالـــي بـــازي بنـــي بحـــالي
بيچـــون بـــي مثـــالي بيرنـــگ بـــره بقـــاهي
3- لاهـــوت لامڪـــاني اســـرار الـــف ثـــاني
ســـلطان ٿيـــا ســـيلاني لاحـــد والـــي لقـــاهي
4- محمـــد منـــدبل مقـــالان ڏرپـــد ڏڪـــڙ ڏمـــالان
ڪـــر ڪـــر قتـــل ڪمـــالان يـــاقي ٿيـــا يڪـــاهي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿـــل:- مئيخـــان وچ مدامـــي مئـــي دامنـــدبل متـــاهي
پئيمـــان دي پســـاري پـــدرا پيـــا پتـــاهي
1- مخمـــور مـــوج مســـتي بيشـــڪ بحـــال بســـتي
وحـــدت ويراڳـــ وســـتي اســـرار ٿيـــا عطـــاهي
2- ســـهٽان ثبـــوت ســـارا نشـــان ٿيـــا نظـــارا
احمـــر اصـــل اشـــارا بيســـر بـــزم بتـــاهي
3- موجـــود مـــاڳ مـــورت ثـــابت صفـــات صـــورت
حشـــمت حقـــي حڪومـــت حملاحســـن هتـــا هـــي
4- گلشـــن گيـــان گـــادي شـــائق شـــراب شـــادي
محمـــد منگهـــن منـــادي رنـــدي رســـم رتـــاهي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- جا وک چاوين توڙ نياوين پير پچونتي مول نہ پاوين
1- اکيان دي اسرار اويڙي اڳتي اڙٻنگ عاشق آوين
2- وحدت والي واڻ وصالي وائي وير ويراڳ والا وين
3- نئينا والي ناڻڪ نيهي نوبت نچ نچ ناد بجاوين
4- محمد ماڳ محيسي مڻ تي ڳيت انا الحق ڳانوڻ ڳانوين

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- جوادم آوي سودم جاوي ايڪائي دا مطلب پاوي
1- شاهي شهر شريعت والي شوق شراب شتاب پلاوي
2- رازربو بي رنگپور اندر رمز رندي دي نال رلاوي
3- سير صفت داثابت ڪرڪي اناالحق اظهار الاوي
4- محمد ساز سراحي والي سهڻان سر سينگار سڻاوي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- الڻ الائون رمز رلائون ، نوڪ نظر تي نيزي چائون
1- جام جلالي والي جزبي جوش جگردا جوڙ جڳائون
2- پاڪ پيشاني دي پئيماني پيالي پر ڪر پرت پلائون
3- حال حسيني والي حملي حاضر حق حق حڪم هلائون
4- محمد مستي ديوچ ماهر منصف تي ميدان ملهائون

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- بار ملامت چم چم چائون اناالحق اظهار الائون
1- آتش اکيان والي اندر اولا آخر آئون جائون
2- بيرنگ پيد بقائي والي پيريان برسر بگل بجائون
3- ڳلپيشوازان چيريان پاڪي چلپل چشمان چوڻ چلائون
4-محمد وچ ميزان منڊل دي منصف مڪ تي مام ملائون

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- ويڪ حسن ديان هوليان اکيان والي اولي اندر
1- سرخ سخن دا سرڪر سهڻان بهڳڻ بولن بوليان
2- چلپل چون بيچوني چرچي ڪول چشم ديان چوليان
3- خبران ديوچ خبران خضري خيال خدائي ڪوليان
4- محمد لات لطيفي لائق لعل لحن ديان لوليان

شام ڪليان	ڪافي	روپ

تل:- سري ميدان ۾ صوفي اناالحق ڳيت ڳائن ٿا
چڙهائي چوٽ چشمن جي عجب چالا چلائن ٿا
1- لائي لانگوٽ لاهوتي بڪل برحال باهو تي
حڪم هرحال هاهوتي هڪل هڪ سان هلائن ٿا
2- بره بازار جا بانگا نسنگ نروار تي نانگا
لنگهي لاحد وارا لانگها لڱين لوهو لڳائن ٿا
3- سينگاري ساز صورت جو ڪري وسڪار وحدت جو
ندائي ناز نوبت جو ڪولي سر سان سٽائن ٿا
4- مچائي موج مخموري ڪري مذڪوره مشهوري
محمد ميدان منصوري مرد مئي پي ملهائن ٿا

پونپالي	ڪافي	روپ

تل:- چال چلت ڪي چاندبد ني يسي عينا ڪا اسرار عدني يي
1- لعل بدخشان موتي هيري هار گلي هبڪار چندني يي
2- سنگ سهيليان سهري گاون موج محمد معراج مدني يي

پونپالي	ڪافي	روپ

تل:- انند ننگر ۾ آئيي هون پريم ننگر ڪي تي پوچاري
1- پيرو مالڪوس هندول سري ميگهه ديپڪ گائيي هون
2- طبل تال تراني ترنم توم نوم تنتن تائيي هون
3- تين گرام سرو دي سرگم ست گرسر سمجهائيي هون
4- مندل محمد معنيٰ والي مر ڏنگ موج مچائيي هون

پونپالي	ڪافي	روپ

تل:- ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ ترڪ موليٰ ترڪ ترڪ
مقصد چڏي مخمور ٿيڻ مردن سندو آهي مرڪ
1-ترڪ تسبيح تال توبهه ترڪ طاعت طلسمات
ترڪ تقويٰ جي تماشي ترڪ ٿيا چوڏهن طبق
2-ترڪ تڪبر ترت تن من ترڪ تڪيو تخت تاج
ترڪ ترڪي ترڪ جي ڪيا غور ۾ غازي غرق
3- ترڪ تجلي تاب واري ترڪ تهدل طلب تات
ترڪ تازي جي طراوت ترڪ ڪيا فاني فرق
4- ترڪ محمد قبل ماضي ترڪ تون مان تور تڪ
ترڪ تقسيمين ترازي ترڪ ٿيا درسي درڪ

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿـل:- اڪيـان ڪيتـا الٽـا آر ويڪـ حسـن دي گـرم بـازار
1- سـهڻي صـورت والـي سـاز پـڙ وچ پلپـل ڪرپـر واز
ويڪـ نظـر دا نيهـي نـاز عشـق الاهـي ٿيـا اظهـار
2-عشق حسن دي بيرنگ بـازي سمجهـ صحي ڪرتن وچ تـازي
گـوءِ ميدانـون چـانون غـازي سـرڪي سـرداڪر واپـار
3- نـانڪ نـاز نيڻـا دا ڪليـا هوڪـاهڻ هـڻ حـق دا هليـا
مست پيـالا مٺـي مـد مليـا طلـب واليـان ڪـون تـارو تـار
4- ڳـل وچ جڻيـان تلـڪ لڳـانون پيـر پتنـگ ٿـي محمـد پـانون
ڪـڏ ڪـڏ ڪوپـي ڪنـده ڪٽـانون دلبـر والـي دم دم دار

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿـل:- سمجهـ صـورت سـير سـارو قلـب جـي ڪتـاب ۾
نيهـن نيڻـن سـان نفـي ٿـي نـاز جـي نقـاب ۾
1- وروڪـڙ واٽـن وجـڻ جـا سـور سمهـان سـر سـهڻ جـا
قـرب جـي ڪـاتن ڪهـڻ جـا قـول ڏس ڪبـاب ۾
2- بـره بـازي بيرنگـي سـان جـوان ڪـن جـاني جنگـي سـان
سـرجو سـودو نرنگـي سـان طلـب واري تـاب ۾
3- روز شـب بـاطون ظـاهر جهـڙو انـدر تهـڙو بـاهر
ڏس حسـن سـان ٿـي تـون مـاهر بـره بيحـد بـاب ۾
4- محمـد الـٽ اڪيـن جـو آرو وحـدت ورق وصـال وارو
عجـب ڍول هڻـي ٿـو ڍارو رمـز جـي ربـاب ۾

درباري ڪانرو	ڪافي	روپ

ٿـل:- عشـق جـو احـوال اعلـيٰ ڪوپڇـي عاشـق اڇـي
نـازنيڻن جـي نظـاري نـاٽ ٿـي نـانگو نچـي
1- سـپ سـٽي سـانگا صفـاتي صـاف ٿـي سـوره سـخي
سـاز سـاقي جـي سراسـر سـرڪ پٺـي سـهڻي سـچي
2-پـرت جـو پيـالو پريمـي پرپٺـي پٺيمـان ۾
پيـچ پنبڻيـن جـي پسـاري پتنـگ جـان پختـو پچـي
3- رنـد رهـي راضـي رضـا تـي روپ رنگينـو رڪـي
راز رهبـر جـي رسـالت رمـز رنـدي ۾ رچـي
4- ميگهـ محبـت جـي مـلاري مـن خدائـي مـوج سـان
مٺـي پٺـي محڪـم مدامـي مـرد ٿـي محمـد مچـي

كانرو	ڪافي	روپ

ٿـل:- نيهـن جـي نوبـت وڄـائي نـاد ڪئيـن نيهـي نـواب
نـاٿ ٿـو نانگـا نچـائي نـاز جـو کولـي نقـاب
1- نيهـن جـو نعـرو هٽـي ٿيـا نظـر جـي نيشـان تـي
نرپسـن نـا پيـد نيـارا نيـڻ نرگـس نيـم خـواب
2- نـامور نـادر نـرالا نـاٿ نـر نـروار ڪيـا
نـوڪ نيزي جـي نزاڪـت نيـڪ ٿيـا ننگـي نيـاب
3- نسـنگ ٿيـا نـاتي نگهـہ جـي نقـش جـا ناميـا نقـاش
نشـو پنشـو نـازڪ نظـارو نـور جـو ٿيـڙو نجـاب
4- نـج نفـي اثبـات نٽڪـي نـازنين محمـد نگـار
نظـم جـو نـاطق نفـارو نجيبـي ٿيـو نـاب نـاب

كانرو	ڪافي	روپ

ٿل:- پيچي پوشاڪ پياري پائي صورت والي سر سمجهائي
1- بـي مثـل تـي مثـل بنـايس ظـاهر بـاطن خيـال ڪمـايس
اپنـا آپـي آپ چپـايس اڪيـان گوائـي آئـي
2- چشـم چـراغ ويکهـو هـر مظهـر ڪـول وڪايا مکڙا منور
سـارا سـير سمجهـہ سـر سـرور انحـد بيـن بجـائي
3- حسن ڪليا جيوين گل گلزار چشمان چپ چپ ڪرجمڪار
عشـق عجـائب النـي آر چاسـيف سـيني سـٽڪائي
4- مـورت وچ تـي محمـد مـاهر ڏنـا ذات ظهـورا ظـاهر
جهـڙا انـدر تهـڙا بـاهر ڪـڙا شـور مچـائي

كانرو	ڪافي	روپ

ٿـل:- آعشـق ڪيتـي اثبـاتي ڪـر چـر چـر جنـن چـاتي
1- ڏي بنيـور ڪـون باهيـان بـاري بچـان اهـل عجـائب آري
سـڪڻ سـرت وڃـائي سـاري تـي بـره برهمـڻ پـاتي
2- مئيـن فراقڻ تـي هـان قـردي سـري قدميـن دم دم ڏردي
گهوري گهوران ڪيتس گهـردي پاجهـات وچ جـانب جهـاتي
3- بانهين بهڳڻ بارو چل دي مئيـن هـان دائـم دلبـر دردي
وحـدت وائـي ولـول ولـدي جـڌهن ظـاهر ٿيـڙا ذاتـي
4- محمد چوڙ سيئي سٽ سانگي لنگهہ تون لاحدوالي لانگهي
حتـان نـادو جنئيـدي نـانگي چاڪـامل قـاتل ڪـاتي

روپ	كافي	كانرو

ٹل:- ناهيان ۾ اهيان اهيان ۾ ناهيان اهو حال چاتي چا سان الايان
1- بيرنگ بحالي برسر بهاري بلند بين باجا بقائي بتايان
2- هر جاءِ حسن جو هوڪو هلائي حق حق هميشان هڪل هڪ هلايان
3- ذاتي صفاتي سرگم سرودي صورت سخن جي ڪنهنڪي سٹايان
4- محمد مثالي مظهر بنائي ميدان محبت مئي پي ملهايان

روپ	كافي	كانرو

ٹل:- هي هي هو هو هون هون هونڪارو نفي ۽ سري ڪان اخفا اشارو
1- ريڪب قلب ڪل گندهار روحي ، گياني گلي تيو پنچم پيارو
2- ڪرج تيو نفي ۾ منتم سري سر ، نڪاد اخفا نظر جو نظارو
3- گرام ٹيئي ست سر چهه راڳ ، سرگم سرودي سمجهه سازسارو
4- درس دلبريائي ڏريد ڏمالون ڏياني خفي ڏر ڏيوت دبارو
5- ترنم توحيدي تن من طنبورا ، بگل بين باجا نگاري نقارو
6- منتم موج مر ڏنگ مرليون مدامي ، مٺي ۾ محمد سرخ سر سوپارو

روپ	كافي	درٻاري كانرو

ٹل:- اوهنگ برهم ڪي ڏن ڪاهون ڏياني
گني گيت گائو مئين آتم گياني
1- مها ديو بم بم سنا ساز سرگم
گيلون ڪيل گٹ سم پد ڪا پراني
2- منگهن موڪ مڪتي شريماني شڪتي
پجن ميري پڳتي سرودي سجاني
3- ڪرون گيان سرون مها واڪ من نن
نرنجن نڌياسن ساڪياتي سڌاني
4- محمد ستوگن تماشا تموگن
پچانا رجوگن پريمي پيشاني

روپ	كافي	كانرو

ٹل:- رڄڪ پيانڪ يٿارت بتائون
رجوگن تموگن ستوگن سي گائون
1- رڄڪ سي رجوگن پيانڪ تموگن
يٿارٿ ستوگن ڪي مهما ملائون
2- پراپت پشعتي مڌماب پڳتي
ويڪري ڪي وستي ۾ پاٹي بنائون
3- ڪرم ڪل ويداني آپاشن سڌاني
گياني ويگياني ڪي سرمين سمائون
4- محمد ڪي مهما ورنن آشرما
پجن پيد برما ڪا سرگم سنائون

ڪانرو	ڪافي	روپ

ٿل:- ناب سي نام اتايا مئين ساس سرپ سمايا مئين
ٽڪهٽ ٽڪاني شبدبناڪي ڳڳن محل مين ڳايامئين
1- نام ڪي پورن پدپرماني ڌارن ڪرڪي ڌريد ڌياني
تين ڳرامي آتم ڳياني ساراسر سمجهايا مئين
2- ناب سي نرمل نام اتايا هردي اندر هل هلايا
ڪنٺ ڪنول آر پونر غفايا اوم ڪا انگ لڳايا منئين
3- نام ڪي نوبت ناد بجاڪي سندر سرڳم ساز سناڪي
اوهنگ سوهنگ برهم بلاڪي الٽا پيد بتايا منئين
4- سنت محمد صوفي سارا تين لوگ ڪا چاڙه هارا
سرت نرت ڪا پرچهه پسارا انحد ناد بجايا مئين

ڪانرو	ڪافي	روپ

ٿل:- ستگر هي ميرا ڌياني سوڳياني ستگر هي ميرا
1- مئيخان مورت سبحان صورت ثاني لاثاني
2- پئيمان پرڪا سيلان سرڪا باني بياني
3- دلدار دائم ڪلتار قائم فاني نه فاني
4- مهندار محمد انوار احمد جاني سجاني

سورٺ	ڪافي	روپ

ٿل:- نام والا دم چاڙه غنيمت نام بنان دم ناقص هي
فذڪروني اذڪر ڪم دا حڪم هلايا وارث هي
1- ڪوڙي دنيا ڪوڙي بازي سمجهن ڪي ڪي ڳوهر غازي
چوڙ مدامي محڪم ماضي حرص حوي سب حارص هي
2- اسم جسم وچ ڪرڪي جاري ويک تون صورت سيني ساري
بقائي دا باغ بهاري پوش پيارل پارث هي
3- عاشق عشق دي آتش آون قدم پنتي مول نه پاون
پرواني تي آپ جلاون بره دي لايا ڪس هي
4- محمد سوا فرض فنادي پئي ڪل ڪوڙي بيک بنادي
مارتون نعري آن انادي خيال اجايا واپس هي

سورٺ	ڪافي	روپ

ٿـل:- ڏس بـــره جـي بـــازار حســـن هبڪـــار لڳــي
1- حبيبـاٽي هـٽ تــي هـــردم اڏي واري آر درد ڏنــڏ ڪـارلڳي
2- سوره ڪنداسير سوري جو ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار ڪسڻ ڪڏ ڪار لڳي
3- ظـاهر آهي ذات صفت ۾ وٿــي نـاهي وار وصـل وهنـوار لڳي
4- موج محمد مئيخاني ۾ چشمن جي چمڪار عجب اظهار لڳي

ٻهاڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:- پسـي مـورت جـي محـلات صـورت سـبحان چـوان
1- ونحـــن افـــرب سمجهـــي ســارو ڪجـل واري ڪـــات
ڪڏي قربان چوان
2- ال انســـان ســـري جـــي ســـر ۾ ڪلالـــي ڪلمـــات
جنگي جولان چوان
3- هـــال حقيقـــي ســر سمجهـــايو منجهـــي ويئـــي مصـــلات
گوهر گن گيان چوان
4- عشـــق محمـــد عيـــن اشـــارو جلالـــي جســـمات
الف انسان چوان

ٻهاڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:- ســاري مظهـــر جـــو مختيـــار علـــي شـــاهہ آهـــي
1- لقب لقائي لحمڪ لحمين جوڙ جلوسي جسـمڪ جسـمي
صـــورت جـــي ســـينگار صنـــم ســـاه آهـــي
2- من لـہ المولئِ مڪہ معبودي ولہ الڪلي شـوق شـهودي
بيرنـــگ جـــي بـــازار بـــره بـــاه آهـــي
3- دمـڪ دمي دمدم دائـم روحـڪ روحـي ڪـل ۾ قـائم
رمـــزن جـــي رفتـــار رنـــدي راه آهـــي
4- محمـد مولـئِ مـالڪ مظهـر عشـق الاهـي اعلـئِ اظهـر
ثـــابت ســـر ســـردارٿهيل ٿـــاه آهـــي

بهاڳ	ڪافي	روپ

تـل:- عجـب عشـق واري اوقـات علـي الله چـوان
1- آدم صـورت سـر سـبحاني صحـي صـاف صفـات
صفي الله چوان
2- بـزم بيڪ برابـر برسـر بهـاريل برسـات
بقابالله چوان
3- هـردم حـال حسـيني حملـي حقـاني حسـنات
حبيب الله چوان
4- خـالق خلـق خيـالي خلعـت خدائـي خصـلات
خليل الله چوان
5- قـاب قوسـيني ڪـل ۾ قـائم ڪلالـي ڪلمـات
ڪليم الله چوان
6- محمـد ڪيـف ڪڪوريـل قهـري ڪجـل وارو ڪـات
ڪلام الله چوان

بهاڳ	ڪافي	روپ

تـل:- خـالص خـودي جـي خـاني خوبـان خيـال منهنجـو
حـاضر حسـن جـي حملـي هسـوار حـال منهنجـو
1- روحـي رسـولالله ويسـاه وحـد الاهـي
قـادر قـرب ڪـلاه قـائم ڪمـال منهنجـو
2- آواز ان الاهـي بيشـڪ بقـا بـاالله
شـهزور شـور شـاهي جذبـو جـلال منهنجـو
3- ثـابوت سـر سـوياري احمـر عجيـب آري
نيڻـن واري نظـاري نعـرو نهـال منهنجـو
4- محمـد مڪهـن موالـي اثبـات عشـق عـالي
بيچـون بـي مثـالي مظهـر مثـال منهنجـو

بهاڳ	ڪافي	روپ

تـل:- اخـر اول احمـد زمـان مظهـر مثـل مشـهور تيـو
مـالڪ ملـڪ هـر دو جهـان مظهـر ملـڪ مخمـور تيـو
1- معنـيٰ واري مضمـون سـان مسـجد منـدر مئيخـان ۾
منـور متـي مهنـدار جـو مقبـول مـڪ مذڪـور تيـو
2- مرشـد مڪمـل مهلقـا محبـت واري ميـدان ۾
محڪـم مدامـي مجتبـيٰ مشـلات جـو مغفـور تيـو
3- ميـزان مـاهر ميـم جـي منصـف محيسـي مـام جـو
مشـهور مصـور مـاڳ تـي مرڪـي مڪهـن مسـرور تيـو
4- مظهـر سـارو محسـن منـبل مسـيحيٰ مثـالي مـوج سـان
موجـود ۾ موجـود تـي محمـد مچـي منصـور تيـو

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿلھ:- عاشقن اثباب ڪيو الله ڪي انسان ۾
احد احمد مير محمد معنوي ميزان ۾
1- صورت سخي ساقي سندي سمجھي صفاتي ذات ۾
صوفن صحي صاحب ڪيو ثابوت سرسبحان ۾
2- دم بدم ديدار دم جو ديد جي دربار ۾
درسن پسي دلشاد ٿيا دولھ درازي ڏيان ۾
3- شافع شڪل شائق پسن شھزور شھنشاھ جي
شوريل شجاعي شوق سان شغلات شاهي شان ۾
4- احمد اسم الله سو مير ٿيو مظھر مغان
مذڪور معني مام جو محمد ظفر زمان ۾

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿلھ:- عشق جي اسلام سان اظھار ٿيو احمد زمان
اولي اچي انسان جي انوار ٿيو احمد زمان
1- بالا بخت بنرو بلند برسي بره بازار ۾
بيشڪ بقا باالله ٿي بيدار ٿيو احمد زمان
2- صاحب صحي صوفي صفا سھڻون ڪري سخنات سر
صورت واري سينگار سان سردار ٿيو احمد زمان
3- خلقت ال انسان من نوري چئي نيشان ٿي
نينھن جو نعرو هڻي نروار ٿيو احمد زمان
4- نحن اقرب نور نچ ناطق نظر جي نوڪ تي
پاڻهي پسڻ پنھنجو پسي پڳدار ٿيو احمد زمان
5- پيرن سندو پيران سو فائض فقيرن جو فقير
حاضر حقيقي حال سان هسوار ٿيو احمد زمان
6- درگاھ لنواري لعل جو لاريب لاثاني لقب
پيدا اتي قادر قوي ڪلتار ٿيو احمد زمان
7- احد مان احمد اچي بلا محمد مير چئي
مظھر سندو مسجود ٿي مھندار ٿيو احمد زمان
8- عشق ٿي امام علي احمدي القاب سان
ديدن سندو درشن ڏئي دلدار ٿيو احمد زمان

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:- الله عـالم جـو ڏٺـي احمـد زمـان اطهـر ٿيـو
ميـم جـو مولهيـو پـڏي موجـود حـق مظهـر ٿيـو
1- صـادق صـدر صوفـي صفـا صـاحب سـچو ثقليـن جـو
صـورت واري سـينگار سـان سـاقي سـخي سـرور ٿيـو
2- احمـد احـد اولـي عبـد اسـرار اعلـيٰ عشـق جـي
اڪبـر منجهـا اصغـر اچـي اصغـر منجهـان اڪبـر ٿيـو
3- دولهـہ دلاور دلربـا ديـدن واري در جـات سـان
درگـاه لنـواري لعـل جـو پيريمغـان پـرور ٿيـو
4- احمـد زمـان محمـد مغـان مشـهور معنـيٰ ميـم جـي
مـالڪ ملـڪ مظفـر ملـڪ مهنـدار مـڪ منـور ٿيـو

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿـل:مرڪـي مظـاهر مـن چيـو مهنـدار تـي احمـد زمـان
هرجـاءِ حسـن هيڪـار سـان هسـوار تـي احمـد زمـان
1- سمجهـي سـگهيا نـہ مولـوي هـن مـوج واري مـام کـي
آواز جـو اثبـات ڪيـو انـوار تـي احمـد زمـان
2- اسـلام اعلـيٰ عشـق جـو آبـاد ڪيـو ارشـاد سـان
اولـي اچـي انسـان جـي اظهـار تـي احمـد زمـان
3- فانمـان تولـو فثـم وجهـہ الاهـي ويـس جـو
سـهڻي سـخي سـينگار ڪيـو سـردار تـي احمـد زمـان
4- مظهـر سـارو محمـد خـدا موجـود حـق موجـود حـق
پـڌرو پريـن ڪيـو پـاڻ کـي پڳـدار تـي احمـد زمـان

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٽل:- عشق جي احوال سان اظهار ٿيو حضرت حسين
حملو ڪري حسنات جو هسوار ٿيو حضرت حسين
1- عاشق عدم ڪان عشق جو اڪين واري انصاف سان
احمر اڏي جي آرتي انوار ٿيو حضرت حسين
2- بيشڪ بزم جي پيد سان بنرو بلند برحال ٿي
بيحد بره بازار ۾ بيدار ٿيو حضرت حسين
3- پاڪ پرپيالا پياري پرت جي پالوڻ سان
پسڻ جي پئيمانہ ۾ پڳدار ٿيو حضرت حسين
4- دمبدم دولهہ دلاور دلربا داناءِ دلير
ديد جي دربار ۾ دلدار ٿيو حضرت حسين
5- نانو نبي بابو علي سڀ ڪان سرس سهڻون سخي
صورت واري سينگار سان سردار ٿيو حضرت حسين
6- نيهن جي نوبت وڄائي نامور نيهي نسنگ
نيشان نيزي نوڪ تي نروار ٿيو حضرت حسين
7- محمد مغان مخمور ٿي موڪي مدامي مير مئي
محبت واري ميدان جو مهندار ٿيو حضرت حسين

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٽل:- مقصد کهڙو مڪي وڃڻ پنهنجي صحي سرڪي سڃاڻ
1- تڪئي اندر تنهنجي آهي اسرار جو سارو جهان
سرڪي ڇڏي ٻئي ڪي مڃڻ سوعشق جو ناهي اهڃاڻ
2- قلب ڪي ڪري طواف خيال سان هڪ خيال ٿي
گولي ٿيڻ گسن گهمڻ سا رمز جي ناهي رهاڻ
3-قدسي قلب ڪعبو آهي ڇڏ غير جا لاهي گمان
پيالا پيڻ پنهنجو پسڻ وحدت واري ور جي وٽاڻ
4- صورت سهڻي سردار جي سر ۾ آهي ساري صفا
محمد حقي حب ۾ هلڻ آهي طلب تند توڪل جي تاڻ

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- نانڪ نيڻن جي ناز جو آهي دلڙي واري ديدار ۾
1- هنيڙو منهنجو حيران ٿيو چشمن سندو چنڪو چڪي
سنگي سيني جي ساز جو صورت صفا سينگار ۾
2- حيرت پرئي هن حال جي کهڙي ڪريان مخفي مقال
رهبر رنگيني راز جو تڪيو توڪل تار ۾
3- ڪجليون ڪنيون ڪاريون اکيون تڪمڪ تڪا تارا تمام
نيهي نظر نواز جو آيو عجب اسرار ۾
4- محمد سري جي سير ۾ سجدو ڪري ثابت صحي
پتنگ، واري پرواز جو سڪ نينهن نيڻي نار ۾

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل: ڪويا ڪڏي ڪاهي آيا عاشق اڏي جي آر تي
1- مٺي مست پي مئيخان ۾ مانجهي مڙيا ميدان ۾
جذبو ڪري جولان ۾ ديدن سندي دربار تي
2- سوره سپر سينو ڪري سجدي صحي سرڪي ڏري
پروان جيئن پيرا پري نانگا نظاري نار تي
3- نانگا نسنگ نروار ٿيا هردم جيي هوشيار ٿيا
سوري مٿي هسوار ٿيا قربئون ڪلالي ڪار تي
4- رهبر واري رنگ ۾ رچي پختا ٿيا پڙ ۾ پچي
منصور جان محمد مچي دلدار واري دار تي

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- محبت واري ميدان ۾ نعرو هڻي نيشان ٿي
1- سانگو سٽي سر ساه جو رايو چڏي پي راه جو
عاشق ٿي آء الله جو مٺي مست پي مستان ٿي
2- مٺي مست پي منصور جئين تجلو پسي ڪوه طور جئين
پروان واري پور جئين قربئون ڪڏي قربان ٿي
3- قربئون ڪلالي ڪار سان عاشق اڏي جي آر سان
وحدت واري وهنوار سان صوفي صفا سلطان ٿي
4- صوفي محمد صاف سر سمجهي نظارو ناز نر
صورت وارو سينگار ڪر محڪم مچي مردان ٿي

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- موجود تون موجود تون بيشڪ بقا بهبود تون
نيشان نيزي نوڪ تي نروار نان نابود تون
1- اڪين واري احمر اثر عاشق عدم ڪان عشق جو
ساغر صراحي ساز سان سارو سراسر سود تون
2- سر تي نرت جي ڪيل ۾ ايذاءِ واري حد ڪان اڳي
خود خيال جي خمار سان خالق ختم خوشنود تون
3- وحدت واري ويساه سان واقف وصالي ويس جو
وجهه الاهي ويرور واندو ڪنان وجود تون
4- ميثاق ڪان مهندار مڪ مستي واري ميخان ۾
مئي جي مدامي موج سان محمد موڪي معبود تون

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- توڪل واري هٿ تار ڪر توحيد جي تجلات سان
ترڪ ڪرتون ترڪ ڪي تحقيق تر تصلات سان
1- سانگو سٽي سر ساه جو عقبيٰ ڪنان آزاد ٿي
اعليٰ عجائب عشق جي احوال ان اثبات سان
2-دورنگي ڪي دور ڪردم جو ڏمالي ڏيان تون
ديدن واري ديدار جي دائم درس درجات سان
3- ترڪي قبل ماضي بڻي حاصل حقيقي حال ڪر
همدم هسي هسوار ٿي حاضر هڪل حضرات سان
4- مقصد ڇڏي مخمور ٿي محمد مڇي مئيخانه ۾
ميڪون مستو مست پي محبت سندي مصلات سان

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- حسينن جي حسنات جو حبدار حر عبدالحسين
پرواز جو پيالو پيتو پڳدار پسر عبدالحسين
1- اولاد او صديق جو پيارو پرين پنجن سندو
سو خلد ۾ خوشحال ٿيو گلزار گر عبدالحسين
2-حسنين جي حب ۾ سدا ٿي ايڪونجهه عمر سندين
ماتم ڪنان مڙيو نه هڪ منثار مر عبدالحسين
3- پوٽو نه نوح فقير جو فالم فقيري فوج سان
رهبر رڄي رحلت ڪئي دلدار در عبدالحسين
4- پاڪ محرم ماه ۾ مغفور لٿون لاٿان سان
پرواز جو محمد ڪيو سردار سر عبدالحسين

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٽـل:- صــورت صحــي ســلطان هــي ســبحان الله ســبحان الله
درســـن والا ديـــوان هـــي ســـبحان الله ســـبحان الله
1- صــورت والــي ســينگار تــي دائــم درس ديــدار تــي
نانگــا نســنگ نيشــان هــي ســبحان الله ســبحان الله
2- صــورت والــي ســازي صفــا بيشــڪ بهــادر باوفــا
بــنرا بلنــد بيجــان هـــي ســـبحان الله ســـبحان الله
3- صورت سڻا سهڻي سخن هرجاءِ ڪيتــي حملــي حســن
شــاهي جنهينــدا شــان هــي ســبحان الله ســبحان الله
4- موڪــي مغـان مئـي جـام پـر منـور مکهـن مژگـان ڪـر
محمــد ڪيتــا مســتان هــي ســبحان الله ســبجان الله

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٽـل:- اثبـات ڪـر الله ڪـي پنهنجـي پريـن پسـاه ڪـي
نيـــڻ واري نگاهـــ ڪـــي نيهـــي نظـــاري نـــام ســـان
1- صــورت سـندو سـردار پـس سـاقي سـرخ سرشـار پـس
پيريمغــان پڳــدار پــس پئيمــان جــي پــر جــام ســان
2- هــٿ ڪرخدائــي خيــال تــون آخــر اول احــوال تــون
حــاضر حقيقــي حــال تــون هــر جــاءِ حــلا جــي هــام ســان
3- جذبـــو جـــلال الله جـــو روحـــي رســـول الله جـــو
ڪلمـون ڪـلام الله جـو سمجهـي قـدح جـي ڪـام سـان
4- ديــدن ســندي دربــار ۾ بيشــڪ بــزم بيــدار ۾
پيچــي پســڻ پاتــار ۾ محمــد محيســي مــام ســان

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿلهه:- شاهه مردان شير يزدان قوتي- پروردگار
لافتا الاعلي لاسيف الا زلفقار
1- آخر اول اظهار ٿي اولي اچي انسان جي
ارشاد سان آباد ڪيو اسلام اعليٰ آشڪار
2- تحليل جو طاهر طبل تازو هڻي تيار ٿي
توحيد جي تلوار سان تابع ڪيا تو تاجدار
3- پيارو پيغمبر پاڪ جو پيرن سندو پيران پير
پڙ ۾ تہ پڌرو پهلوان پيريمغان تون پاڳدار
4- حشمت حقيقي حڪم سان هرجا هڪل تنهنجي هلي
حسنين جو پرور پدر حضرت علي حيدر قرار
5- فائق فنان فاالله جوفائض فقيرن جو فقير
فرقان جي فرمان سان فالر فتح بافو جدار
6- نيهي نظاري نور جي نوبت وڄائي نيهن جي
نروار نر ناياب ڪيو نعرو اوهانجو نامدار
7- مظهر سندو مسجود تون محمد مدامي مرتضيٰ
موليٰ علي مشڪل ڪشا مهندار مالڪ مختيار

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿلهه:- جام وحدت جو پين واقف وصل ويساه جا
اثبات ڪناڪ جو علم عاشق اسم الله جا
1- باغ بشرت جي بلند برسيا بزم سان با وفا
بيحد بره بيدار ڪيا بنرا بقا با الله جا
2- صاف صورت جي صحن سانع ٿيا صوفي صدر
صادق صراحي ساز سان صاحب صحي صلاح جا
3- فاقہ فڪر فيراق ۾ فياض ٿيا فاني فدا
فالر فقر جي فوج سان فائق فنا فاالله جا
4- محمد ملي محبوب سان مسرور محبت ۾ متا
مالڪ ٿيا هردوجهان مظهر مثالي ماه جا

روپ	ڪافي	ٻھاڳ

ٿل:- ساقي سرخ سرشار ٿي ڇوءِ من خدايم من خدا
بيشڪ بلند بيدار ٿي ڇوءِ من خدايم من خدا
1- عاشق اکين جي عشق جو عارف عدل انصاف سان
عادل عجب اظهار ٿي ڇوءِ من خدايم من خدا
2-سمجھي صفاتي ذات کي صورت واري سينگار سان
سوره سخي سردار ٿي ڇومن خدايم من خدا
3- نيشان نيزي نوڪ تي نيڻن وارو ننڪو پسي
نانگو نسنگ نروار ٿي ڇوءِ من خدايم من خدا
4- محڪم مدامي موج سان محمد مچي مئيخان ۾
منصور جان مهندار ٿي ڇوءِ من خدايم من خدا

روپ	ڪافي	ٻھاڳ

ٿل:- عشق اڄهل ٻہ هجي سرخ سهٽل ٻہ هجي
سخن صيقل ٻہ هجي اتي اڪمل ٻہ هجي
1- عشق اعليٰ حسن کي عاشق جتي اثبات ڪن
ترڪ توڪل ٻہ هجي اتي تحمل ٻہ هجي
2- عشق بازي جو مزو ماڻن جتي مشتاق ٿا
صنم سنگدل ٻہ هجي اتي ول ڇل ٻہ هجي
3- عاشق اکين جي عشق جو احوال ڪن احسن جتي
بزم بل بل ٻہ هجي اتي جل جل ٻہ هجي
4- محمدجتي مهدي ملي متوال ٿي مئيخان ۾
منڊل محفل ٻہ هجي اتي سٽڊل ٻہ هجي

روپ	ڪافي	ٻھاڳ

ٿل:- ڪوڙئين پدم نيلن ڪنا هڪدم جيڻ اهي وڏيڪ
دم خزانون هٿ ڪري جڳ جڳ جئڻ آهي وڏيڪ
1- تصور ڪري صورت سندو تصرف طلب توحيد جي
ترنم تراني تار سان تهدل تپڻ آهي وڏيڪ
2- بيشڪ بزم جي پيد سان بيحد بلند بيدار ٿي
برسي بره بازار ۾ ٻي ڏڙ ٿيڻ آهي وڏيڪ
3- رأس رهبر ٿي رنگي رمزن واري رخ تي رسي
روحي ربوبي راز جي رنگ ۾ رچڻ اهي وڏيڪ
4- نياري نگاري نام سان نروار ناتي نيهن جي
نيڻن واري نج نوڪ تي نت نت نچڻ آهي وڏيڪ
5- معنيٰ واري مضمون سان منصور جان متوال ٿي
محمد سندي مئيخان ۾ مئي پي مچڻ آهي وڏيڪ

روپ	ڪافي	بهاڳ

تـل:- اسـر عشـق والا اظهـار ڪهـون مئيـن
آوازي اشـاري انـوار ڪهـون مئيـن
1- نينـا والـي نـاز نرالـي
نقطـي ڪيـا نگـاري نـروار ڪهـون مئيـن
2- عشـق الاهـي ڪـول صراحـي
ثـابوتي سـوپارا سـردار ڪهـون مئيـن
3- عشـق احوالـي پيـد بحـالي
پسـڻ دي پئيمـاني پڳـدار ڪهـون مئيـن
4- محمـد منـور سـاقي سـرور
محيسـي مئيخـاني مهنـدار ڪهـون مئيـن

روپ	ڪافي	بهاڳ

تـل:- منصـوري مئيخـان ۾ جيڪـي اچـن جيئـري مـري
جڳ جيـن جنـگ جـام پـي جـڳ ۾ نـه مٿا واصـل وري
1- عاشـق اڏي تـي آڪـرا احـوال ڪـن جـي انـوري
احمـر ڪيـو القـاب سـان حـاصل تنـي حـج اڪبـري
2- سـانگا سـٿي سر سـاھ جـا پـائي سرخ سـچ جـي سـري
ساقي واري صـورت پسـي سـاغر پيـن سـي سـروري
ڏڙ سسي ڪـان ڏار ڪيـا دم سـان رکـي جـن دلبـري
ال جـي خمخـان ۾ خوبـان خبـر ڪـن خوشـتري
وڪي واري مـٽ تـي مچـي محمـد پيـن مئـي منـوري
يحي مثـل مئيخـان ۾ مذڪورڪـن مڪـه مظفـري

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٽـــل:- پيــــر پيــــران بادشـــــاه دولـــــ دلاور دســــتگير

ڪوڙئيــن ڇــوان مــــان ڪيتـــرا تنهنجـــا ولـــي الله وزيـــر

1- عاشـــق اســـم الله جـــو صـــاحب صحـــي صـــلاح جـــو

بـــنرو بقـــا بـــالله جـــو بـــالا بهـــادر بـــي نظيـــر

2- آخـــر اول اظهـــار تـــون مولـــيٰ علـــي مهنـــدار تـــون

پيـــر پمغـــان پڳـــدار تـــون فـــائض آهيـــن فـــالم فقيـــر

3- تنهنجـــا مطيـــع شمـــس وقمرمـــاٺهون ملـــڪ جـــن وبشـــر

ارض وسمـــا تـــارا شـــجر تـــوڙي گداگهـــر ڇـــا اميـــر

4- موليـ محـــي الديـــن مرتضـــيٰقـــائم ڪلـــي تنهنجـــي قضـــا

رمـــزن واري رنـــدي رضـــا رهبـــر رنگـــي روشـــن ضميـــر

5- معـــراج تـــي دســـت خـــدا ســـردار ســـرور ســـان ســـدا

تنهنجـــو مليـــو منـــور مـــدا پـــردي منجهـــان پـــرور پزيـــر

6- امـــام تـــون آهيـــن علـــي هرجـــاءِ هڪـــل تنهنجـــي هلـــي

ڳـــائي ڳڻـــن ســـان هرڳلـــي مظهـــر ڪـــري محمـــد مليـــر

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٽل:- لوڪ لاڳاپا لاه ڇڏي لـــڄ لوڪ لاڳا پـــالاه ڇڏي لـــڄ

1- بيخودي جي بحر ۾ آهي عشق جي الٽي راهـ ڇڏي لـــڄ

2- راه انهـــي ۾ رمـــزن وارا ڪنتـــا ڪـــا هوڪـــاه ڇڏي لـــــڄ

3- اڪـ جو عاشق ٿي ڏس عبرت ٻي نـــ ڄـــاڻج واه ڇڏي لـــڄ

4- دمـ جو واقف ٿي تون محمد سمنجهي ســـارو ســـاه ڇڏي لـــڄ

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٽـــل:-دلبـــر جـــي ديـــدار موهيـــو مـــن دلبـــر جـــي ديـــدا

1- حسن جي حملي ڪئي هسواري ڪري الٽو آر موهيومـــ

2- عشق ڪفر جا ڪلمان پڙهايا وجهي زلف زنارموهيو مـ

3- نـــاز نظـــارو نيڻـــن واروآيـــو ٿـــي اظهـــار موهيومـــ

4- محمـــد اسمـــاعيل پهرايـــو صـــورت جوســـينگار موهيومـــن

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿل:- نـاچو ٿـي نـروار نچـانئو نـاچو ٿـي نـروار
1- پهري برقعـو بيـڪ بشـر جـو بـره جـي بـازار نچـانئو
2- صـورت وارو سـانگ سراسـر ڪـري سرسـينگار نچـانئو
3- هٿين پيرين گهڻ گهڻ گهنگهرو ڇيرن جي ڇمڪارنچانئو
4- موتـو قبلـل موجـان مـاڻي محمـد ٿـي مهنـدار نچـانئو

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿل:- محبـت جـي ميـدان مچـانئو محبـت جـي ميـدان
1- اڪيـن واري آتـش بـازي عاشـق ٿـي عريـان اچـانئو
2- پتنـگ وانگـي پـڙ ۾ پـڏرو پسـڻ جـي پئيمـان پچـانئو
3- رڪـي راز ربوبـي رنـگ جـو رمـز سـان رنـدان رچـانئو
4- محمـد مير مدامـي مئـي جـو نسـنگ ٿـي نيشـان نچـانئو

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿـل:- اڪيـن ۾ اظهـار آهيـان مـان اڪيـن ۾ اظهـار
1- اول آخـر عشـق الاهـي آوازي انـوار آهيـان مـان
2- بشـر واري بـازي بـالم بـره جـي بـازار آهيـان مـان
3- ٽيـرٽ تڪيـا تـازا تـرنم طلـب واري تـار آهيـان مـان
4- نسـنگ نيهـي نـور نظـر جـو نظـاري نـروار آهيـان مـان
5- صنحي ساز صورت جـو سارو سـهاڳي سـردار آهيـان مـان
6- محمـد مـام منير معنيٰ سـان مدامـي مهنـدار آهيـان مـان

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿلهه:- ڪــج عشــق عجــب اظهــار ڪيتــاهي آر،
آوازي انور ڪا وهوا
پر ساغر سرخ سينگار ٿيا سردار، سٽا سر سرور ڪا وهوا
1- ڪـــج اکيـــان اور اشـــاري ڪــج ابـــرو الـــٽ اوپـــاري
ڪــج چاهــ زنـــخ چمڪـــاري ڪـــج دانـــاءِ ڪيـــا دلـــدار
درس ديدار دلاور دلبر ڪا وهوا
2- ڪج ڪاڪل ڪيف ڪمالي ڪج ڪار ڪجل ڪي ڪالي
ڪــج لعــل لبــان ســر لعلــي ڪــج روپ روحــي رخســـار
رندي رفتار رنگي رنگ رهبر ڪا وهوا
3- ڪــج گفتــ گــون گيـــاني ڪــج ســر تـــي تـــاج شـــاهاني
ڪــج گهــوڙان گهنــڊ گمســـاني ڪـــج بـــرزخ دي بـــازار
ٿيا پڳدار پيالي پرور ڪا وهوا
4- ڪــج مژگــان محمــد مــاري ڪــج خــم خــم خــوب خمــاري
ڪــج نئينــا نــوڪ نيــاري ڪــج منهــن تــي ميگهــ مــلار
منڊل مهندار مدامي منور ڪاوهوا

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿلهه:- سرور پيـاريو سـاقي سـاغر تــ سـوايو سرشـار بڻـائي
احــوال عشـــق وارو اظهـــار الايـــو انـــوار بڻـــائي
1- ســـاغر پيـــاريو ســـاقي ســـردار صـــاف ســـهٽي
صـــورت واري صحـــن ۾ ڪولــــي ســـرود ســـرگم
ســـــخنات ســــٽايو ســــينگار بنـــــائي
2- پيـــالا پيـــاري پـــرور پئيمـــان جـــي پســـاري
پنهنجـــي پـــڌر پســـڻ جـــو برحـــال پيـــد بـــاقي
بـــر ســـر تـــ بتـــايو بيـــدار بنـــائي
3- اعلـــيٰ اصـــل اوقـــاتي عـــادل عجـــب عـــدل جـــي
آواز ان الاهـــــي اصـــلاح عشـــق اڪبـــر
اثبـــات ڪرايـــو اســـرار بنـــائي
4- ميگـــون مســت مــٽ تــي مســتي واري منــڊل ســان
موڪـــي اڳيـــان متـــي ڪـــي مرڪـــي متـــي محمـــد
مئيخـــان ملهـــايو مهنـــدار بنـــائي

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿل:- تماچي چام ڪيئن تڙتي مليو مٿي پـي مهـاڻن سـان
صراحي سـاز ڪـي ڪولـي ڪئـي صحبـت سـياڻن سـان
1- بنـدر بحـري بلنـد برسـيو بهـاري ٿـي بـزم واري
آوازي آرٽيو اعليٰ اثـــر انـــور اولاٽـــن ســـان
2- چڙهـي ڏولـي مٿـي ڳنـدري مهـاڻن ميـل ڪيـو مرڪـي
رقـص رس راڳــ رنــگ پـورو رتـو روحـي رهـاڻن سـان
3- عطـر غبـر گلابـيءَ گـل ڪِلـي خوشـبوءِ ڪتـوري جـي
سمين جـي سيج ٿـي سـرهي وصـل وارن وهـاڻن سـان
4- محمـد ميـر مجلـس جـو ملاحـن جـي مڇـي محلـي
ڪـري محصـول سـب معـافي ٿيـو مـاهر ميـاڻن سـان

روپ	ڪافي	ڪونسيہ

ٿل:- بيسر بازي ڪيڏن غازي نوڪ نظـر تـي نيـڪ نمـازي
1- قبلـل مـاضي چـوڙ ڦـٽي ڪـر ڦـر نـاپيدي مـلان قـاضي
2- رهبر ٿـي رس روحي رخ تـي راڳـ رقس وچ رهنـدي راضـي
3- صورت داسينگار سـرخ ڪـر ڪـول صراحـي سـاغر سـازي
4- ديدانـــدي دربـــار دلاور دولهـــ دم دي درس درازي
5- لامقصـد ڪرمقصـد محمـد مـام مـلاون مـرد مجـازي

روپ	ڪافي	ڪونسيہ

ٿل:- سـتگر ڪـاڳن جوئـي نـہ جـاني سـوئي پنڪـي پـولاري
1- پڳتـي ڪـر پڳـوان پڇـاني سوپرڪاشـي پـولاري
2-نرڳـن ڪـاڳن سمجهـي صـاحب سـچ ڪنـد اس ڪـاڪولاري
3- جوڳـ ويراڳـ سي نام جپياجس چاند اسي چت جهولاري
4- گيت گگن جو محمد گـاوي گيـان اسـي گهـرو گهـولاري

روپ	ڪافي	ڪونسيہ

ٿل:- سرت نـرت سچ سمنجهي صوفـي جوگيسـر لٽداري ڪـو
1- نـام جپـي جوجيتـن چـت سـي پـرت پـٽر ڪـر پيـاري ڪـو
2- پٽه سته جاني جوڳـي جـڳ جـڳ ڪلجـڳ ڪاڪلتاري ڪـو
3- پيـد بيـاس ڪـي بـات بتـاوي گـاروڙي گرنـاري ڪـو

4- گـگن منـدل کـي محمـد محلـي ڏيـان ڏري دربـاري کـو

روپ	ڪافي	ڪونسيہ

ٽـل:- آپ ہر آپـي آپ سمايـا صـاحب سـرت سـجاني ري
1- پرگهـٽ گهـٽ ہر گهـٽ پرگهـٽ ہر پيـدا نـا پيدانـي ري
2- چـاطر سـده ابناسـي نرگـن موركـہ کيـا ٻـڌ وانـي ري
3- روپ شـروپ انـوپ انيكـي آد پـرش ڏن ڏيـاني ري
4- محمـد آپ منـدر مسـجد ہر پـورا سـتگر گيـاني ري

روپ	ڪافي	ڪونسيہ

ٽـل:- نـام جيـون پرنـام پيـارا نـام جيـن بـن جوتـي بـات
1- نـام جيـون جب اوم اونكـارا ويـک سـروپي سـتگر سـارا
پرجهـہ پريمـي پـرت پسـارا پيـد بتـائون پـاتئين پـات
2- ناب كول سي نام اٺائون ٽگهـٽ ٽڪاني ڏيان كمائون
گـگن محـل ہر بيـن بجـائون تـوم نـوم تنـن والـي تـات
3- گرکـا سنكي گندرب گانا من کـي منشـامن کـو مانـا
نـام جيـن سـي آپ پچانـا جهـاتي انـدر پـاکي جهـات
4- نـام کـي محمـد مرلـي بـاجي طبـل ترانـي تـرنم تـاجي
گيـت گـگن گـن گفتـہ گـاجي سـرت نـرت ہر سرکسـات

روپ	ڪافي	ڪونسيہ

ٽـل:- ويـد يجـر رگـہ شـام آٿـرون برمـان مکـہ پرچـار کيـا
1- چار ويدون سي ويد يہ نكلي گنـدرپ گـن گفتـار کيـا
2- ويـد آيـو رڌ نـر آر ٽـا اوم هـري اونكـار کيـا
3- ويدون سي کٽ شاستر شده هو پيـد برهـم بيـدار كيـا
4- وشيشـيک ممنـس نيـائي پـر گهـٽ پـورن پيـار کيـا
5- پاتنجل سانكهہ ويدانت ورنـن كانڊ كرم كلتار كيـا
6- سـرون گيـان منـن نڌياسـن سـاکياتي سـينگار کيـا
7-واک وويـک ويراڳـي وديـا-کـٽ سمپـت پرکـار کيـا
8- چوتـي منـزل موکـش اچيـا محمـد ميگهـہ مـلار کيـا

كونسيه	كافي	روپ

ٿل:- پڇن ڪرون پڳوان هري ڪا ڏارو ڪرڪي ڏيان هري ڪا
1- نام جپون پرنام پيارا پورن ڪر پرمان هري ڪا
2- سرت نرت ۾ سندر سرنجن سرگم سر سامان هري ڪا
3- اوهنگ سوهنگ شبدسنائون صاحب سرت سجان هري ڪا
4- گگن منڊل ڪي محمد محلي گفته گنوت گيان هري ڪا

كونسيه	كافي	روپ

ٿل:- دم جي دم ڪي درس دلير شوق وارو ڪو سمجهي شير
1- وفي انفسڪم مام ملڻ جي پاڻ پسڻ جو پڌرو پير
2- ونحن اقرب نور نظاري ظاهر باطن آهي ڪير
3- وجہ الاهي عين اشاري ثابت سارو سڀ ۾ سير
4- دم انا الحق محمد هنيڙوچم چم چننن ڪيڙو چير

كونسيه	كافي	روپ

ٿل:- ناچو تي مئين لايانيهن ميگهہ محبت والي مينهن
1- تسبيح توبہ طاعت تقويٰ پورهيت تي ناپر گهر پينهن
2- چير ياندا چمڪار ڪيتوسي چم چم چننن والي چينهن
3- ويڪ تماشا اپنا آپي راتيان تحدل توڙي ڏينهن
4- مستي مئي وچ محمد ملياشوق شهنشاهہ شائق شينهن

كونسيه	كافي	روپ

ٿل:- مئين وچون جڏهن مئين تي پيدا
منجهہ ڳئي مئين بن بي مصلات
1- مئي پي مئين دي مام سجاتم، پير پتنگ تي پڙ وچ پاتم
فاني ڪيتم سڀ فڪرات
2- مئين انهين چا موج مچائي، هوئي هر جا ايڪ اڪائي
نفي ٿيا هي آءِ اثبات
3- مندر مئين دي مست مدامي ساز سهٽان سير سلامي
برسي برسر هي برسات
4- مئيخاني وچ مئين دي محمد ٿيا آواز انا ان احمد
بلا ميمي والڙي بات

کونسيه	کافي	روپ

ٿل:- شاچ سنا سا ستگر ساکهي ساچ برابر تاپ نهين
1- ساچي ستگر ساچ سنايا اوهنگ سوهنگ پيند بتايا
برهم گياني بگل بجايا جس مين کوئي جاپ نهين
2- سرت نرت کي نقش نقاشي روپ سروپي کعبا کاشي
پورن پرگهٽ پدپر کاشي جوٽ نہ جس مين پاپ نهين
3- هوني مين جو هونا هويا هونا سونا هونا هويا
آپ کو آبي جنسہ جويا آپ اندر سو آپ نهين
4- مرد محمد سرت سجاني سنکلپ وکلپ ڏن کا ڏياني
آدا نت مين آتم گياني گوجن کي کڇ کاپ نهين

کونسيه	کافي	روپ

ٿل:- سنت کي مهما ويد نہ جاني سنت کا پيند نيارا ري
سنت سناوي ساچ ستوگن ساچا سپ سنسارا ري
2- اوم هري کا هواد کاري درشن ڏارن کر درياري
ساچ سناوي سر سنساري ساکهي سنت همارا ري
2- آدانت کي ايکا ايکائي برهم گياني بات بتائي
ساکياتي سڌه سنت سنائي صاحب سپ جا سارا ري
3- ساسن ساس سروپي ساجن نرت نظاري سر تي ساڏن
نسدن نرمل نج نڌياسن ساکياتي سوپارا ري
4- کول سرودي سازسريجن ودِيا واک ويراڳي ورنن
شبد سناوي ستگر سرون پرگهٽ پرس پيارا ري
5- پد پرڪاشي پرجہ پدارٿ سنت سناوي گيان ڪٿا ڪٿ
انپت اجلي يگٽ يٿارت محمد ميکهہ ملارا ري

کونسيه	کافي	روپ

ٿل:- تريا وياپک اتپت اندر تريا جات مين جاتي ري
1- پراپشنتي مده ما ويکري تريا ساچ سکاتي ري
2- اوهون سوهون تريا ترنم تريا سر ساکياتي ري
3- تريا هرجا اوم هري هر تريا جهات مين جهاتي ري
4- مني محمد واک مهاسي تريا مک ملجاتي ره

ڪونسيه	ڪافي	روپ

ٿل:- اوم هري ڪا پيد نيارا اوم هري هرنام هري
1- اوم اونڪاري آدانت هي لڇمن سيتان رام هري
2-اوم اٿرون ويد ويراڳي اوم يجررگ شام هري
3- اوم برهم ڀڳوان ڀجن هي اوم گگن ڪي گام هري
4- اوم ڪي مهما محمد جاني اوم الک پرنام هري

ڪونسيه	ڪافي	روپ

ٿل:- سرون گيان منن نڌياسن ساڪياتي سرجاڻ جو
پورن آپ پڇاني سو
1- سندر ساز سرودي سرگم ڏين ڏيالي درشن دم دم
واڪ وويڪ ويراڳي ڪتسم موڪش مهما مياني جو
2- اونچا اجلا هو ابناسي برهم گياني پيدا اپياسي
گنوت گاوي پيم پلاسي ترنم تان ترانني جو
3- ٻڌه سڌه اندر ڏياني ڌارن تين گرامي سرڪا ساڌن
آتم گياني صوفي ساڄن گنين گاوسي گاني ڇو
4- اوهنگ سوهنگ اوم اونڪاري سرت محمد نرت نياري
پرس پڇاني پرت پساري جيتيئي مرجاني جو

ڪونسيه	ڪافي	روپ

ٿل:- اوهنگ برهم ڀڳوان هون سوهنگ سري سلطان هون
راما نند ڪبيرا ڪاشي ڪرشن ڪنهيا ڪان هون
1- دوران درشن ڏياني ڌارن بنسي باجي بين نجاون
لڇمن رام تي سيتا رانون لنڪائي هنون مان هون
2- سرت لرت ۾ ميرا مندر اونچا اجلا آنڪون اندر
چيتن چاطر چنتا چندر گورک ناٿي گيان هون
3- ميران ٻائي گر رويداس اوم اونڪاري اونچي اس
سندر سرجن ساسن ساس نانڪ شاهي شان هون
4- بلي شاهه ارداس گلاب سرشٽ ڏيانند ٻڌ پرتاب
وشن ننگرمين آپي آپ شنڪر شريمان هون
5- مڪا مدينا محمد متراً تيرٿ تڪيا پوڇا پترا
صاحب سنتا ساڌو سترا صوفي سرت سڄان هون

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٿلھ:- نسنگ نيهن ناتي جيپي نام نيهي
پرين جي پيشاني پسان پاڻ پيهي
1- جيپي نام دمدم حسن ساڻ همدم
سرخ ساز سرگر ڪولي سر صراحي
2- جيپي نيڪ نالو نچي ٿي نرالو
پيان پر پيالو پسي ديد ديهي
3- نگاري نظر جي بهاري بزم جي
حسن جي حڪم جي ڪيان ڳالهه ڪيهي
4- محمد ميشاقي اڪين ۾ اوطاقي
ٿيو ياريا ساقي ڪري شوق شاهي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿلھ:- ڪيان شوق شاهي شرابي شتابي
شغل شور بازي شهابي شبابي
1- عدم ڪان آوازي بره سان بياضي
غظنفر ٿي غاضي ڪبابي ربابي
2- اصل عشق آهيان چوان ڪئين ناهيان
عجب ٿاهه ٿاهيان ثوابي جوابي
3- نگاري نقارو نسنگ ناز وارو
هٿان نيهن نعرو نوابي نجابي
4- محمد موج لائي خبر سان خدائي
هڪل هڪ هلائي حبابي حسابي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿلھ:- ڪيان جوش جاري جمالي جلالي
پيان پر پريمي پيالي خيالي
1- ڪري سير صحري بچيان باز بحري
ڪٿي ڪات قهري ڪلالي ڪمالي
2- پسي عشق انور ڪولي راز رهبر
ڪيان موج منور ڏمالي دلالي
3- پسڻ جي پساري سچي سرت ساري
نرت جي نظاري نهالي نرالي
4- پرت جو پيغامي هڪل ساڻ هامي
محمد ٿيو مدامي موالي مقالي

روپ	کافي	پهاڙي

ٿـــل:- عشــق عجيــب انـــس دي اولـــي انـــاالحق الايـــا
اکيـــان والـــي اوٽ اويـــڙي عاشـــق ٽيڪـــي آيـــا
1- ونحـــن اقـــرب نـــت نـــت نيـــڙا وحـــدت ورق ولايـــا
ٿـــوڙ دو ٿـــــي دي دام دلاور دم وچ دود دکايـــــا
2- ذات صفـت دي ســانگ سـجائي سـهڻان صــاف سمايـا
ســرگم ســاز صراحــي ســردي ســاقي ســر سمجهايـــا
3- بيشــک بــات بقــائي بــالم بيرنــگ بگــل بجايــا
بــاري بــار بـــره دي بيحــد برســر پيــد بتايـــا
4- مســتي والــي محمــد ميلــي شــاهي شــور مچايـــا
ميــر مغــان مضمــون معنـيٰ دي مئــي دا مــاڳ ملهايـا

روپ	کافي	پهاڙي

ٿـــل:- تـــن مـــن طبـــل تماشـــو ڏو ڏکـــن ڏکـــاهي
موجـــود حـــق مدامـــي مئيخـــان ٽيـــا مکـــاهي
1- آواز ٽيـــــا الاهـــــي برحـــــال بادشـــــاهي
ويســـاه وجـــ الاهـــي پئـــون تـــي پيـــا چکـــاهي
2- نوبـــت وڳـــي نرالـــي بـــازي بنـــي بحـــالي
بيچـــون بـــي مثـــالي بيرنـــگ بـــره بقـــاهي
3- لاهـــوت لامکـــاني اســـرار الـــف ثـــاني
ســـلطان ٽيـــا ســـيلاني لاحـــد والـــي لقـــاهي
4- محمـــد منـــدبل مقـــالان ڏرپـــد ڏکـــڙ ڏمـــالان
کـــر کـــر قتـــل کمـــالان يـــاقي ٽيـــا يکـــاهي

روپ	کافي	پهاڙي

ٿـــل:- مئيخـــان وچ مدامـــي مئـــي دامنـــدبل متـــاهي
پئيمـــان دي پســـاري پـــدرا پيـــا پتـــاهي
1- مخمـــور مـــوج مســـتي بيشـــک بحـــال بســـتي
وحـــدت ويراڳـــ وســـتي اســـرار ٽيـــا عطـــاهي
2- ســـهڻان ثبـــوت ســـارا نشـــان ٽيـــا نظـــارا
احمـــر اصـــل اشـــارا بيســـر بـــزم بتـــاهي
3- موجـــود مـــاڳ مـــورت ثـــابت صفـــات صـــورت
حشـــمت حقـــي حکومـــت حملاحســـن هتـــا هـــي
4- گلشـــن گيـــان گـــادي شـــائق شـــراب شـــادي
محمـــد منگهـــن منـــادي رنـــدي رســـم رتـــاهي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- جا وڪ چاوين توڙ نپاوين پير پچونتي مول نہ پاوين
1- اکيان دي اسرار اويڙي اِگتي اڙبنگ عاشق آوين
2- وحدت والي واٽ وصالي وائي وير ويراگ والا وين
3- نئينا والي ناٽڪ نيهي نوبت نچ نچ ناد بجاوين
4- محمد ماگ محيسي مٹ تي ڳيت انا الحق ڳانوڻ ڳانوين

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- جو دم آوي سودم جاوي ايڪائي دا مطلب پاوي
1- شاهي شهر شريعت والي شوق شراب شتاب پلاوي
2- رازربو بي رنگپور اندر رمز رندي دي نال رلاوي
3- سٌير صفت داثابت ڪرڪي اناالحق اظهار الاوي
4- محمد ساز سراحي والي سهٹان سر سينگار سٹاوي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- الٹ الائون رمز رلائون . نوڪ نظر تي نيزي چائون
1- جام جلالي والي جزبي جوش جگردا جوڙ جڳائون
2- پاڪ پيشاني دي پئيماني پيالي پر ڪر پرت پلائون
3- حال حسيني والي حملي حاضر حق حق حڪم هلائون
4- محمد مستي ديوچ ماهر منصف تي ميدان ملهائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- بار ملامت چم چم چائون اناالحق اظهار الائون
1- آتش اکيان والي اندر اولا آخر آئون جائون
2- بيرنگ پيد بقائي والي پيريان برسر بگل بجائون
3- ڳلپيشوازان چيريان پاڪي چلپل چشمان چوٹ چلائون
4-محمد وچ ميزان منڊل دي منصف مڪ تي مام ملائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- ويڪ حسن ديان هوليان اکيان والي اولي اندر
1- سرخ سخن دا سرڪر سهٹان بهڳڻ بولن بوليان
2- چلپل چون بيچوني چرچي ڪول چشم ديان چوليان
3- خبران ديوچ خبران خضري خيال خدائي ڪوليان
4- محمد لات لطيفي لائق لعل لحن ديان لوليان

روپ	كافي	پهاڙي

ٿلھ:- پيرين پانوان ڇيريان درسن والي ديري دم دم
1- برزخ والي بازي بهتر بره بجايان پيريان
2- دم دم دم دي دارتي دائم دم ديان كر ناديريان
3-فالر كر في الحال فقيري ڦر ڦر ڏيوان ڦيريان
4- محمد مدلل مربي مسيحيٰ ميگهه مندل ديان ميريان

روپ	كافي	پهاڙي

ٿلھ:- شاهنشاهه منهنجو علي آه علي آه
علي علي آهه موليٰ علي آه
1- صفت واري سير سمايل سارو ساهه
منهنجو علي علي آه
2- جڳت جملي جوڙ جنس جي ٿهيل ٿاهه
منهنجو علي علي آه
3- لحمڪ لحمي جسمڪ جسمي رهبر راهه
منهنجو علي علي آه
4- مظهر واري مير مناري محمد ماه
منهنجو علي علي آه

روپ	كافي	پهاڙي

ٿلھ:- عشق امام اسانجو علي علي آه
علي علي آه موليٰ علي آه
1- مالڪ موليٰ ملڪ ساري جو ماهر مام
اسانجو علي علي آه
2-صاف پياري سوره ساقي جنگي جام
اسان جو علي علي آه
3- سيني سر جاسير كرائي صبح شام
اسانجو علي علي آه
4- احمد واري مير محمد قرب كلام
انسانجو علي علي آه

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿــل:- عشـــق آواز ڪيـــو انـــا انـــاالحق
انا اناالحق انا اناالحق
1- انحـــد واري ٻولـــي ٻولـــي قلـــب قـــواز
ڪيو انا اناالحق
2- نـوڪ نيـزي جـي نعـري نــت نــت نيهــن نــواز
ڪيو انا اناالحق
3- مـــن خدائـــي مـــوج مچـــائي رنـــدي راز
ڪيو انا اناالحق
4- محمـــد ميلـــي محبـــت مئـــي جـــي ســـاري ســـاز
ڪيو اناناالحق

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿـل:- عاشـقن اثبـات ڪيـو مظهـر علـي مظهـر علـي
ظـاهر ظهـوري ذات ڪيـو مظهـر علـي مظهـر علـي
1- بيخـود بـدن بـازار ۾ بيچـون جـي بـازي بنـي
بيشـڪ بـره جـي بـات ڪيـو مظهـر علـي مظهـر علـي
2- صـورت سـچي سـاري صحـي ٿيـو سلسـلو سـردار جـو
صـاحب صفـر صفـات ڪيـو مظهـر علـي مظهـر علـي
3- لحمـڪ لحـم واري لقـب دمـڪ دمـي ديـدار سـان
جملگـي جسـمات ڪيـو مظهـر علـي مظهـر علـي
4- ميـم جـو مولهيـتو پـڌي موجـود لا موجـود ٿـي
محمـد سـنڌ مصـلات ڪيـو مظهـر علـي مظهـر علـي

پهاڙي	ڪافي	روپ

جملـــــي جهـــــان جلـــــووه جهلڪـــــار جابجـــــا
جسـمات جـــوڙ جـــڳ ڪـــي جنسـار جابجـــا
1- اثـــرات ڪـــــي اشـــــاري اســـــرار اوٽ آدم
آنڪـــون ميـــن آپ انـــــور اظهـــار جـــا بجـــا
2- بـــاران برســـر بـــادل بشـــري بحـــال بـــازي
بيشـــڪ بنـــدر بقـــائي بـــازار جـــا بجـــا
3- تـــن مـــن تنطبـُــور طبلـــي تـــرنم طبـــل تيـــاري
توحيـــد تـــر ترانـــي تنتـــار جابجـــا
4- ثـــابوت ســـر صراحـــي ســـرڪي ســـرخ ســـخن ســـي
ســـي سـير ســرس ســرگرم ســـينگار جـــا بجـــا
5- هـــٽ هـــٽ حســـن ڪـــي هولـــي هرجـــا حضـــور حـــاضر
حملـــي حڪـــم حقـــاني هســـوار جـــا بجـــا
6- محمـــد محيـــط مظهـــر موجـــود مـــڪ مدامـــي
مشـــهور مـــاڳ منـــور منهـــدار جـــا بجـــاءِ

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿـــل:- صـــورت صحـــي ڪـــا صـــاحب صوفـــي صفـــا صفـــا
واحـــد وجـــود واصـــل وارث وفـــا وفـــا
1-خـــالص خطـــاب خـــاتم خضـــري خبـــر خيـــالي
خمـــار خـــوب خـــاصي خـــس نـــا خفـــا خفـــا
2- جلـــوه جڳايـــا جوڳـــي جهلڪـــار جـــا بجـــا
ڪرڪي جدا جسم سي جـــو رر جفـــا جفـــا
3- شـــادان ٿـــا شـــرابي شـــغلات شـــوق شـــامل
شمشـــير شـــان شـــفقت شـــاهي شـــفا شـــفا
4- قـــادر قـــدم قلنـــدر قـــل قـــل قـــدح ڪلالـــي
ڪلنگـــي ڪـــلاه قـــائم ڪيفـــي ڪفـــا ڪفـــا
5- محمـــد نظـــر نگـــاري نويـــت نجـــاب نتڪـــي
نيشـــان نـــوڪ نيـــزي نيهـــي نفعـــا نفعـــا

روپ	ڪافي	پهاڙي

تل:- پيريمغان پريمي پيالا پلا پلا
مستان ڪياهي مجڪو مڙگان ملاملا
1- حاضر حضور هردم حاصل حڪام حالي
حشمت حسين حاڪم هرجا هلا هلا
2- پڳوان پيد پڳوه پڙڪي پڙڪ بيوتي
پيري پيري پڇن سي پر پر پلا پلا
3- چوگرد چرچ چرخ چاه ذقن چگون
چالاڪ چال چلپل چشمانِ چلا چلا
4- محمد مقال موڪي مذڪور موج مستي
القاب انس اولي ان الا الا

روپ	ڪافي	پهاڙي

تل: ڪامل قلندر قادري ڪل شيءِ تي آه تنهنجو قدم
احسن اول آخر آهي اظهار ٿيو تنهنجو اسم
1- مرد ڪيئن مئخان ۾ تو مٽ مٽي مخمور ڪيا
ڪيفي ڪلالي ڪار تي قادر قوي تنهنجو ڪرم
2- عشق جي اسلام جو امام تون آهين عجيب
اثبات ڪيئي اسرار ڪي صوفي صفا ساقي بزم
3- هر جا هم همذات تي هوڪو حق هٽ هٽ ڏئي
همدم هلاجي حال جو حاڪم هلائين تو حڪم
4- محمد مٽي جي موج تي نيشان تي نعرو هڻي
پارس پيارين جام تو سورهه سخي صاحب صنم

روپ	ڪافي	پهاڙي

تل:- پدر تي پاڪ پاڳارو پلي آيو پلي آيو
ڪري سينگار سر سارو پلي آيو پلي آيو
1- علم لدني سندو عالم کولي اسرار اڪين جو
عشاقن تي ڪري آرو پلي آيو پلي آيو
- چٽائي چون بي چوني چڙهائي چوٽ چشمن جي
ڪري چوڌار چمڪارو پلي آيو پلي آيو
3- نظر جي نوڪ تي نرمل نظاري نيم خوابي جي
هڻي نرنيهن جو نعرو پلي آيو پلي آيو
4- مجائي مچ محبت جو ملڻ جي مام سان محمد
ملي مائي ماڳ موچارو پلي آيو پلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل:- سڪندر قلندر پيغمبر جا پيارا
نانگا تن جي درتي هٿن نيهن نعرا
1- ملنگ موج محبت ڪري سانگ صحبت
ڪئين ناد نوبت وڄائن نقارا
2- بلند بود لائي سخن جي سچائي
خبر ڪن خدائي ناچو تي نيارا
3- ڪيان ڳالهه ڪيهي اندر پاڻ پيهي
پسن ناٿ نيهي نظر جا نظارا
4- جذب سان جلالي دلاور ڌمالي
محمد مٺي موالي مٺيءَ تي متارا

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل:- پاڳارو پير تي پرور پلي آيو پلي آيو
رموزي راز جو رهبر پلي آيو پلي آيو
1- درس ديدار درسن جي ڪولي دربار ديدن جي
دلاور دلربا دلبر پلي آيو پلي آيو
2- تجلو تاج ڪلنگي جو طبل تحليل سان طاهر
ڪري توحيد تازو تر پلي آيو پلي آيو
3- سرويا سر مٿي سهٽي سونهين سردار صاحب جي
سهاڳي سونهن جو سرور پلي آيو پلي آيو
4- ساري مظهر سندو مالڪ مديني ماڳ جو مربي
محمد مير تي منور پلي آيو پلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل:- پس پير مغان پاڳارو جنهنجو پيچي پاڪ پسارو
1- اڪين واري آتش بازي ڪري احسن احمر آرو
2- بهادر برحال بلند تي ڪٽي برسربره جو بارو
3- صورت واري صاف صحن ۾ سچ سمنجهي سر سوبيارو
4- محمد منور مرشد سان مل مذڪور ڪري موچارو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- مهدي منور مهدي منور پير مغان پاڳارا هي
1- اکيان والي اولي اندر مئيخاني کيا مسجد مندر
محبت ميڪه ملارا هي
2- ديدان والي دائم ديري پيچي پيچ پسڻ دي پيري
پرور پاڪ پيارا هي
3- عبدالرحيم گرهوڙي والي بيشڪ ڪيتا بات بهالي
ثابت سهڻان ساراهي
4- مرشد مسيحيٰ مهدي محمد عشق عجائب اعليٰ احمد
ساقي سر سوپارا هي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- سڀ صورت دا سردار آيا ٿي پيريمغان پڳدار آيا
سرتي صاف سرو پا سهڻي سهڻان ڪر سينگار آيا
1- ونحن اقرب والي وائي فسم وجه الله وڏائي
وفي انفسڪم ويس وڏائي واحد ڪروهنوار آيا
2- خلق لا آدم صورت ساڳي سهڻان ڪر سينگار سهاڳي
رهبرراز رندي داراڳي روحي ڪر رفتار آيا
3- الانسان سري دي سردا پرور پاڪ پيالي پردا
ديدان والي دائم دردا دولهه ٿي دلدار آيا
5- انساني دي اولي اندر بشري بيڪ بقائي بندر
مئيخاني ڪيا مسجد مندر محمد ٿي مهندار آيا

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- پيارل پيشوازن سان پلي آيو پلي آيو
طبل تولان تارن سان پلي آيو پلي آيو
1- عدم کان هت قدم پائي سراسر سير صورت جي
ڪري سينگار سازن سان پلي آيو پلي آيو
2- نسنگ نروار نرناچو نظاري نيم خوابي جي
کولي نقاب نازن سان پلي آيو پلي آيو
3- شاهنشاه شوق جي شادي ڪٺي شمشير ٿي شائق
شرابي شور بازن سان پلي آيبو پلي آيو
4- مگهن مخمور ٿي محمد مدامي موج مهدي جي
رندي رفتار رازن سان پلي آيو پلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- نظاري ناز جي نيهي پلي آيو، پلي آيو
پسڻ جي پيچ ۾ پيهي پلي آيو ، پلي آيو
1- اول آخر جي اثباتي اکين ۾ عشق تي اظهر
ڏسڻ جي ڏيهه تي ڏيهي پلي آيو پلي آيو
2- چمن جي چوطرف چالي چلائي چوٽ چشمن جي
چلي چالي عجب جيهي پلي آيو پلي آيو
3- اسم جسمات جي جملي احد عبدي سندي اولي
درس دم جي دنگي ديهي پلي آيوپلي آيو
4- محمد صاف تي صوفي ڪري سينگار صورت جو
ڪڏي ڪلتار ڪل ڪيهي پلي آيو پلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:-عدم ڪان عشق اوپارو پلي آيو پلي آيو
صنم سردار سوپارو پلي آيو پلي آيو
1-اول ڪان عشق تي اعليٰ آخر اظهار اکين ۾
ڪري اثبات جو آرو پلي آيو پلي آيو
2-هميشان هال هر هڪ ۾ حسن واري حقي هولي
ڪري چشمن جو چمڪارو پلي آيو پلي آيو
3- نفي اثبات جي ناتي ڪولي ناٽڪ نظاري جو
ڪري چيرن جو چمڪارو پلي آيو پلي آيو
4- مچي ميزان منصوري محمد موج مستي سان
انا الحق جو هڻي نعرو پلي آيو پلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- يگانون يار تي ياقي پلي آيو پلي آيو
صراحي جو سخي ساقي پلي آيو پلي آيو
1- ڪاٿي آدم ڪاٿي عيسيٰ ڪاٿي ڪوه طورتي موسيٰ
ڪولي تجلات جي تاڪي پلي آيو پلي آيو
2- ڪاٿي حيدر حسيني هل ڪاٿي گلشن گياني گل
ڪتي تي عشق اوطاقي پلي آيو پلي آيو
3- ڪاٿي منصور سر سازي ڪاٿي بيرنگ واري بازي
بقا باالله تي باقي پلي آيو پلي آيو
4- ڪاٿي انحد ڪاٿي احمد ڪاٿي مهدي ڪاٿي محمد
ڪري چشمن جي چالاڪي آيو پلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

تل:- صورت والا سائين ووسڻا وين سهڻي سرديان سواريان
1- ساز سرودي سخن سرور دي بنسي بين بجاوين
2- تن من تان طنبوري تيرنم تازي تال چڪاوين
3- ڳلپيشوا زان چيريان پاڪي ساري سر سمجهاوين
4- محمد ڪرموخود مندل مڪ مئيگون موج مچاوين

پهاڙي	ڪافي	روپ

تل:- آءُ تان پاڪر پائون رنگ لائون ڪرون روح رهاٽيان
1- اڪياندي وچ اڪيان اتڪا التا الت الائون رنگ لائون
2- پيدبره دي پاڪر پاڪي انگ بهوت رلائون رنگ لائون
3- ڪول خيالي ڪيل خودي دي خام خودي ڪل ڪائون رنگ لائون
4- راڳ رقص دي روحي رنگ وچ رندي راز رچائون رنگ لائون
5- ثابوتي دي ٻڌڪي سندري سوري سرچڙهائون رنگ لائون
6- نفس نفي ڪر نوڪ نظر تي شور شراب مچائون رنگ لائون
7- ميل محمد دي مل پي مئيگون محبت مينهن وسائون رنگ لائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

تل:- سردا سانگا چاوين هٿ لاوين پيچي عشق آفات ڪون
1- جڳ جڳ جوڳ ڪمائي جوڳي دم دا درسن پاوين هٿ لاوين
2- حال حسيني والي حملي حر تي حڪم هلايون هٿ لاوين
3- شمس طبريزي طبل وڄاڪي ڪل ڪل لها وين هٿ لاوين
4- سرمندوانگي سيس ڪٽاڪي اڳتي وڪ وڏاوين هٿ لاوين
5- شاه عنايت صوفي وانگي نيزي سرچڙ هاوين هٿ لايون
6- منصوري ميدان محمد محبت نال ملهاوين هٿ لاوين

پهاڙي	ڪافي	روپ

تل:- اناالحق الائون ڪل آئون ڪرون مئي ديان مقاليان
1- ذات صفت داسانگ بناڪي ساري سير سٽائون ڪل آئون
2- دم قدم دي ڏيان دلاور انحد بين بجائون ڪل آئون
3- سرت نرت دي ڪيل خيالي خود تي خيال ڪمائون ڪل آئون
4- محبت دي ميدان محمد مستومست مچائون ڪل آئون

پھاڙي	ڪافي	روپ

ٺـل:- ســر سمجھايــان ســخن ســٽايان ڳايــان ڳايــان
1- اڪيـــن جـــي اثبـــاتي انـــدر آھيـــان آھيـــان
2- ســرت نــرت جــي نــاز نياري ناھيــان ناھيــان ناھيــان
3- عشـــق وارا اوقـــات عجـــائب ٺاھيـــان ٺاھيـــان ٺاھيـــان
4- محمـــد پيــر پســڻ جــي پــڙ ۾ پيــان پايــان پايــان

پھاڙي	ڪافي	روپ

ٺل:- مرشد ميري منيري بينظيري جھيندا بره بحال ھي قرب ڪمال ھي
1- اڪيـانداھي عــارف عــالم عشــق اميــري بصيــري بــي نظيــري
2- شاھنشــاھي شــان جھينـــدا پــترا پيــري شــبيري بينظيــري
3- ڪــامل قدســي قــادر قــائم ڪلداڪيــري ڪبيــري بينظيــري
4- محبــت دي بــذ محمــد ملــدا ســرتي چيــري مديــري بينظيــري

پھاڙي	ڪافي	روپ

ٺـــل:- پاڳـــاري پيشـــاني پســـانوڻ ٺئـــون صدقـــي
دري ڪـــول درســـن ڪرانـــوڻ ٺئـــون صدقـــي
1- رنگـــي رنـــگ رمـــوزي ربويـــي رســـولي
رنـــدي راز رھبـــر رلالـــوڻ ٺئـــون صدقـــي
2- ڪجـــل ڪـــار ڪلنگـــي قـــائم ڪـــر ڪريمـــي
قـــرب ڪـــامراني ڪمـــانوڻ ٺئـــون صدقـــي
3- جملگـــي جمـــاعت ۽ جـــاني جلالـــي
حســـن فـــوج فـــالر چڙھـــانوڻ ٺئـــون صدقـــي
4- نظـــاري نظـــردي وچـــانيھن نوبـــت
نســـنگ نـــاٿ نـــانگي نچـــانوڻ ٺئـــون صدقـــي
5- انـــا احـــد احمـــد بلاميـــر محمـــد
اول تـــان بـــه آخـــر الاتـــوڻ ٺئـــون صدقـــي

پھاڙي	ڪافي	روپ

ٺـل:- دم دا ڏيـاني سـجاني سـبحاني جھنـدا عشـق امـام ھـي
1-دم دم دم دي ڏيـان ڏمـالي گنـي گـاني گيـاني گمسـاني
2- اسـم جسـم دي جلـوه جڙيـا جملـي جـاني جھـاني انسـاني
3- ڪـاڪل ڪنيڙي ڪـار ڪجلدي، ٺھري ڪـاني ڪمـاني سـاماني
4- محمـــد مـــرد معنـــيٰ دي مـــاڻن ميدانـــي خـــاني مســـتاني

روپ	كافي	پهاڙي

تــل:- عجــب عشــق انــور دي آنــوڻ تئــون صدقــي
بشــريڪ بــر ســر بڻــانوڻ تئــون صدقــي
1- اول عشـــق آخـــر آوازي اولاٽـــي
انـــاالحق اوقـــاقي الانـــوڻ تئـــون صدقـــي
2- بـــره بـــن بـــلاول بهـــاري بشـــردي
آپـــي آپ گهـــاٽي پيـــڙا نـــوڻ تئـــون صدقـــي
3- چمـــن وچ چـــوداري چگونـــه چٽـــائي
چشـــر چـــوٽ چلپـــل چلانـــوڻ تئـــون صدقـــي
4- حقـــي حـــال حـــاضر هڪـــل ڪـــر حقـــاني
حڪـــم حـــر حســـيني هلانـــوڻ تئـــون صديقـــي
5- قـــائم ڪـــوڏ قـــادر قديمـــي ڪلالـــي
قـــرب ڪربلائـــي ڪمـــاٽون تئـــون صديقـــي
6- شـــرف شـــان شـــاهي شمـــس تـــي شـــتابي
ڪلـــڻ نـــال ڪلـــڙي لهـــانوڻ تئـــون صدقـــي
7- صـــورت ســـر ســـخن دي ثبوتـــي صداقـــت
ســـخي ســـر ســـڪندر ســـڏانوڻ تئـــون صدقـــي
8- قـــدح ڪيـــف ڪيفـــي ڪمـــالي ڪـــرم دي
قـــدم ڪـــل قلنـــدر ڪـــڏانواڻ تئـــون صدقـــي
9- ســـرخ ســـير ســـر مـــد قتـــل ڪـــامراني
قـــوي ڪنـــد قدوســـي ڪپـــانوڻ تئـــون صدقـــي
10- صحـــي صـــاف صوفـــي وجـــا نهيـــن نويـــت
نيـــزي ســـر نظـــاري چڙهـــانوڻ تئـــون صدقـــي
11- محمدميـــر منصـــور مخمـــور موڪـــي
منـــدل مئـــي مدامـــي مچـــانوڻ تئـــون صدقـــي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- پاڳاري پيالي پلانوڻ ٿئون صدقي
پسڻ دي پساري پسانوڻ ٿئون صديقي
1- عرش تي اوطاقي آوازي اٿر ڪر
عرب وچ احمد سڏانوڻ ٿئون صدقي
2- ظهوري ذڪر دي فياضي فڪر دي
فنان فرض فالم پڑهانوڻ ٿئون صدقي
3- ربوبي رمز وچ رضا تي ٿي راضي
رندي راز رهبر رلانوڻ ٿئون صدقي
4- نظاري نظر دي نوري نر نرالي
نسنگ نات نانگي نچانوڻ ٿئون صدقي
5- مغان مام محمد مدلل مڪمل
اڪمل مدامي ملانوڻ ٿئون صدقي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- من خدائي موج مڪ مشهور مئيخاني مين هي
مثلات بي مثلات ڪا مذڪور ميئخاني مين هي
1- موجود لا موجود ڪي مورت مظاهر مهلقا
مصور اسي مثلات ڪا مسرور مئيخاني مين هي
2- مطرب مدهم مغني مغان معنيٰ مدح مضمون ڪا
منصف مقالي مجتبيٰ مخمور مئيخاني مين هي
3- مجمع مثل محسن مندبل مخلوق مظهر معنوي
منور مثالي مرتبا منظور مئيخاني مين هي
4- مالڪ ملڪ مظفر ملڪ موڪي مگهن ميگون سي
محمد مدامي مصطفيٰ منصور مئيخاني مين هي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- عشق بازي ڪا مزا خود خيال ڪي خاني مين هي
خود پرستي ڪي خبر خوشحال خمخاني مين هي
1- آواز ڪي آسن اندر اثبات اعليٰ عشق هي
اظهار اس اسرار ڪا احوال افساني مين هي
2- پيڪان ڪي پيمان مين پرپي پڇانا آپ ڪو
پختا اسي پالوڻ ڪا پرواز پرواني مين هي
3- خيال ڪي خاني ختم خوبي خدائي خيال ڪي
خود بخود خمار ڪني خصلات خنداني مين هي
4- ميگون گونا گون سي گياني گگن ڪي گام مين
گلزار گلشن گيان ڪي گفتار گن گاني مين هي
5- هوڪي معنيٰ ملڪ مين ماهر محمد ني ڪها
مئي ڪي مدامي موج مڪ متوال مستاني مين هي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- بندانهين نہ بت هون خالق نہ مئين خدا هون
مظهر مثال ميرا مظهر سي مئين جدا هون
1- ساري صفات بنده ذاتي ظفر خدا هي
دونون ڪئي بيچ عادلؒ انصاف ڪي ادا هون
2- مسجود نہ مئين ساجد بي انت بي نهايت
صورت اندر صفاتي صاحب صحي سدا هون
3- مخلوق نہ مئين خالق معشوق نہ مئين عاشق
خود عشق عجب اعليٰ نيهي نسنگ ندا هون
4- محمد مثال مظهر موجود حق مدامي
مين بهي اسي ڪي اندر شاه هون ڪبهي گدا هون

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-عجب عشق اعليٰ اناالحق الايو مٿي خيال پنهنجو عرش ڪان اڏايو
1- نگاري نظاري صورت ڪي سينگاري
آوازي اشاري عدم ڪان ٿي آيو
2- ڪنف ڪل قوازي نظر نر نوازي
درس دمدرازي طبل تر وڄايو
3- عجب عشق عالم فهم ساڻ فالم
بهادر ٿيو بالم سراسر سوايو
4- هٺي ناٿ نويت ڪري سانگ صحبت
محمد ماڳ محبت مدامي ملهايو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- مونکي ياد آهي عدم ڪان اشارو نگاري نرالو نظر جو نظارو
1- عدم ڪان آوازي صورت ساڻ سازي
ڪري غور غازي آيس ٿي اويارو
2- نرت نرنوائي سراسر سوائي
سرت جي سچائي سلان سير سارو
3- درس دم قدم سان اشاري عدم سان
بتايان بزم سان بره بن پلارو
4- محمد نا سنپاريان ساريان نا وساريان
واحد ورق واريان وصل وين وارو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- پيان صاف سر ڪي ڪڏهن ڪين ڪرڪي
ملامت ۾ مرڪي مجازي منڊل سان
1- خبردار خاصل واري واڳ واصل
ڪري حال حاصل حسن جي هڪل سان
2- بزم جي بحالي خمر پي خيالي
قدح پر ڪلالي ڪمالي ڪجل سان
3- نظر جي نظاري سرت سر سينگاري
وهم ڪل وساري اشاري اجل سان
4- درس دم جو ديسي آوازي اويسي
محمد مڪ محيسي منگهن مٺي متل سان

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- ڏري ڏيان دم ۾ ڪيم ديد دلبر
پسايو پسڻ ڪي پسڻ ٿي پيغمبر
1- پسڻ ۾ ت پيهي ڏسي ڏيهه ڏيهي
ڪيان ڳالهه ڪيهي ڪري راز رهبر
2- پسڻ جو پسارو پيغمبر پيارو
پرين ٿيو پاڳارو پدر پاڪ پرور
3- ڪٿي پرت پيرو سهاڳي سويرو
پسي ديد ديرو ڪري ترڪ تڪبر
4- پسڻ جي پيشاني جوڙي جوڙ جاني
محمد ٿيو مڪاني عقل ڪل قلندر

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- دم دي ڪرتون سرت سنڀال چوڙ ڦٽي ڪر خام خيال
1- دم دم دم دا مار نقارا ويک نيٽادا ناز نظارا
سمجهه نفي اثبات اشارا ڪرتون قادر قرب ڪمال
2- قرب بنان ڪل ڪوڙي بازي آپ وڃا تي رلمل راضي
ڦرڪيون پچنڌئين ملان قاضي شوق شريعت شاهي شال
3- شوق شهنشاه عين شريعت شامل تهندي نال طريقت
هردم هادي حال حقيقت ويک تون وحدت ورق وصال
4- وڃ وحدت دا محمد ڪرتون پير نہ پنتي بلڪل پرتون
توڪل والي طرهي ترتون جهل جگر دا جوش جلال

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- سير سري وچ گوهر گيان سمجهہ صحي ڪر دم دا ڏيان
1- دم الاهي هئي اسرار وحدت والا وٽج واپار
سهڻي صورت سر سردار تهندا ڪرتون نقش نيشان
2- نقش نظر دا سهڻا ساز پر وچ دم داڪر پرواز
ويکہ ربوبي رنگي راز ڏوبي والي درس دڪان
3- ڏوبي دا هي دل وچ ديرا- پيا نہ پچين تون ڪو پيرا
گم ٿي ويکين گونگهٽ گهيرا- قربئون ڪامل ٿي قربان
4- قرب ڪماون مرد مدام محبت مدا داپي مئي جام
سالڪ سمنجهن محمد مام پير مغاندي مل مئيخان

ڪوهياري	ڪافي	روپ

ٿل:- ڏري دم جو ڏيان ٿي نيشان اسم ساڻ الله جي
1- اٿي پهر عشاق ٿي آڏو ٿي عريان ٿي نيشان
2- سنبري سهڻي ساز سان سوري تي سلطان ٿي نيشان
3- پسي پڌرو پاڻ ڪي پسڻ جي پئيمان ٿي نيشان
4- محيسي مصلات سان محمد جي مئيخان ٿي نيشان

ڪوهياري	ڪافي	روپ

ٿل:سهڻي سروردي سرداري هي چوطرفين چوڏاري هي
1- اول آخر اور الينددا هر جا حق حق حڪم هليندا
حسناتي هسواري هي
2- سرور سر سينگار ڪريندا دم دم دم دا ڏيان ڏريندا
صورت والي ساري هي
3- اڪياندي وچ ٿي اوطاقي صاف پلئيندا سرور ساقي
سرڪ سخي سوياري هي
4-محمد منصف مالڪ مظهر اندر باهر اعلي اظهر
ميثاقي مهنداري هي

کوهياري	کافي	روپ

ٿل: ڪيتي عشق عجب اثباتي هي پاجهاتي ديوچ جهاتي هي

1- عشق حسن دي هر دم هولي چشمان والي چهري چولي حاضر حق حضراتي هي

2- عشق الاهي اکيان اندر پيد بتاکي بيشک بندر جرڙ ٿيا جسماتي هي

3- نيهن نظاري ناٽ نچيندا مستي والي موج مچيندا واڳ ولا وصلاتي هي

4- محمد ٿي ميدان ملهيندا اناالحق اظهار اليندا زور ظهور را ذاتي هي

کوهياري	کافي	روپ

ٿل:- جڏهن آپ کو آپ وڃايوسي تڏهن من دا مطلب پايوسي

1- درد فراق فکر دي فن دا دل وچ دودد کايو سي

2- فذکر وني اذکر کم دا ڪڏکڏ قرب کما يوسي

3- پي پيالا محبت والا ترتئون تلک لڳايو سي

4- تقش نقاش دي محمد بازي صورت سير سمايوسي

کوهيار	کافي	روپ

ٿل:- عشق عجب رنگ لائينتو ڳيت اناالحق ڳائين ٿو

1- صورت وارو سانگ بنائي سوري سر چڙهائين ٿو

2- شاهه صنعان کي جٽيون پائي قربئون کفر کمائين ٿو

3- سبحاني مااعظم شاني الٿو الٽ الائينتو

4- اجمِيد محمد نام ڏرائي ميم فرق فرمائينتو

کوهيار	کافي	روپ

ٿل:- اسم ذات سان پيونچ نڪين کچ نڪين پچ

1- صورت سهٽي يار جي ساري سمجهه سچ

2- سٽي سانگو ساه جو عاشق ٿي تون اچ

3- مڙ نه ملامت کان محبت واري مچ

4- محمد برهه باه ۾ پرواني جان پچ

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- نڪين هر نڪين تم وڃڻ آهي بيو فهم
1- ڪين ڪمائي ڪين ٿيا ڪوپا نظر واري نظم
2- بي خودي جو پيد پروڙي ڪري هوش حڪم
3- لامڪان لاهوتي لنگهيا لاسين تي لاغم
4- بي مثلي محمد بازي شاهنشاهي شم

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- آيا پيريمغان هي پاڳارا ڪر سانگ صورت دا سارا
1- عدم ڪنون پرقدم قديمي هڻ نيهي نيهن دا نعرا
2- بنا بيڪ بشر دي بازي چا برسر بره دا بارا
3- آيا تي اثابت اسانڏي ڪر اور اڳڻ تي آرا
4- محمد ويڪ تماشي تازي گهن چشمان والا چارا

ججهونتي	ڪافي	روپ

ٿل:- سردار سخي سر آيا تي سرسا سرس سوايا
1- انا احمد بلا ميمي هي عربي آپ الايا
2- سرت صاف نرت دي ناٽڪ سپ سهٽا سير سمايا
3- اصل اڪيان والي بازي بن بيخود پيد بتايا
4- محمد مڙگان والي ميلي خوشحال خيال ڪمايا

ججهونتي	ڪافي	روپ

ٿل:- ڳائون ڳائون ڳالهه ڳجهي ڳجهه ڳائون
اڪيان والي اشاري انا الحق الائون
- عشق عجب تي آوازي احمر عين اوتاري
عارف عالم اعليٰ عاشق بن بن آئون
- حسن والي حقيقت حاصل حال حياتي
حق حق حرف حقاني حاضر حڪم هلائون
3- صورت سهٽي صفاتي سمجهه صحي ڪر ساري
ڪول صراحي ستاران سرگم ساز سٽائون
4- محڪم مست محيسي مستو مست مدامي
ميڱون پي تي محمد منصف ماڳ ملهائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- ميخان ۾ مئي پي مڇي موتو مري جوڳي جيا

1-صورت سندي سينگار ڪيفي ڪجل جي ڪار ۾

پيچي پسڻ پڳدار ۾ پروان جان پيهي ويا

2- شائق شرابي شوق جا فائق فياضي فوق جا

ظاهر ذڪائي ذوق جا رمزن واري رنگ ۾ رهيا

3- نيزي نظر نيشان تي فالم نهم فرقان تي

سوره سخي سلطان تي برسيا بهادر بيريا

4- محبت واري مضمون سان بيخود بره بيچون سان

محمد مغان ميڱون سان ڪيڏن ڪيڏاري تي ڪيا

پٽ مجري	ڪافي	روپ

ٿل:- مخمور مگهن مستانا هون مستانا هون مئيخاناهون

1- سينگار سخن سامانا هون سا مانا هون سلطانا هون

2- هر حال حسن پيمانا هون پيئمانا هون پروانا هون

3- گلزار گگن گن گيانا هون گن گيانا هون گر گانا هون

4- لاريب لحن لاثانا هون لاثانا هون با معنيٰ هون

5- محمد مدن ميدانا هون ميدانا هون مردانا هون

راٽون	ڪافي	روپ

ٿل:- معفي چڙهيا مير منور پوندي آوي پيچ پيچ

پوندي آوي پيچ پيچ پوندي آوي پوش پوش

1- سيف ابرو ڪيف ڪالي نيڻ نرگس نيم خواب زلف سنبل صنم سرير

1- عاشقان انبوه ڪيتا ويڪ وحدت ڪا وصال

پيچي پاتا پيچ پرور

3- بره برزخ در عجائب ويڪ صورت ساري صاف

ڪيا ڪران ساراه سرور

4- شڪ ۽ شبهات محمد چوڙ ڳئي سارا صخي

آپ ٿيا اظهار انور

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- شاهہ مردان شيريزدان شمس علما شاندار
شوق جي شادي شفيع ڪئي عشق واري آشڪار
1- سنہ اٺا اسي ٻارهين ثابت ستين صفر ٿيو
ستاويهين ماه ثاني تخت تي ٿيو تاجدار
2- شان شفقت جي شرح جو ڇا ڪندو شاعر شمار
شهہ شهادت ڪيڙو ستا شغل جو شر فدار
3- ستين سر ربيع الاول جي سنہ 40-13 تيرهن سؤ چاليهين
ايڪهٺ عمر عجائب ڪج ڪلہ ڪئي قريدار
4- بيرنگي بازي بنائي ٻره جي بازار ۾
نيهن جو نعرو هنيو نرناٿ نيهي نامدار
5- پيريمغان پارث پساري پرت جي پيئمان جو
محو ٿيو مخمور محمد پاڪ پرور پاڳدار

راڻون	ڪافي	روپ

ٿل:- ناد نفيلان نوبت نعري نيهن واليا ندي نزاڪت هي
1- تن من طبلي طبل تماشي طلب واليا ندي طراوت هي
2- ساقي والي صاف صحن وچ ساز سرڪ دي سخاوت هي
3- روپ رنگي رخ راز رنگيني رمز رندي دي رسالت هي
4- ناٽڪ نوڪ نينا دي ننڪي ناز نظر دا نجابت هي
5- محمد مست مندر ميخاني موج مدامي ملامت هي

راڻون	ڪافي	روپ

ٿل:- مچ محبت جي مچڻ هي عاشقن جي سونهن سوپ
پروان جان پڙ ۾ پچڻ هي عاشقن جي سونهن سوپ
1- عشق جي آتش اويڙي اڏيءَ واري آر تي
الٽ اويارو اچڻ هي عاشقن جي سونهن سوپ
2- نامور نيزي نظاري نسنگ نرنيشان تي
نيهن جي ناتي نچڻ هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
3- رخ رنگيني راز واري رهبري رفتار سان
رمز رنديءَ ۾ رچڻ هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
4- محمد مکهن مخمور ٿيو بيشڪ ٻره بردار تي
بيسر ٿيڻ ڪان نا بچڻ هي عاشقن جي سونهن سوپ

راڳڻي	ڪافي	روپ
راٺون	ڪافي	روپ

ٿلھ:- مست ٿي مئيخان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
پرت جي پيئمان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
1- سارنگيون سرندا ستارون ساز سپ ساڃا ڪري
سرمنڊل سامان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
2- دم بدم دانا۽ دلاور داد گر دربار تي
ڏر پدي ڏن ڏيان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
3- خود بخود خمار سان خالص ختم خوشنود ٿي
خيال جي خمخان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
4- مک مٺي جي موج تي منصور جان محمد مڃي
منصفي ميزان ۾ رندن ڪيا ٿي راڳ روپ

راڳڻي	ڪافي	روپ
راٺون	ڪافي	روپ

ٿلھ:- هر شيءِ اندر آپ سمايا ڪوئن هويا گمراه ميان
1- ونحن اقرب ويس وصالي فثم وجہ الله ميان
2- نين نظر وچ نور نظارا نيڙا نوک نگاه ميان
3- ديد دمامي دم دم دائم درسن دي درگاه ميان
4- وفي انفسڪم وحدت وادي محمد مير ملاح ميان

راڳڻي	ڪافي	روپ
گجري	ڪافي	روپ

ٿلھ:- ننڊ چڏ نياڳي ويسر وساري
اذ جاءِ اجلهم ساعت سنياري
1- هي سپ فنا جو مڪان آهي ڏس تون فڪر جي فن ڪي نهاري
2- ملڪي عدم جو ساڪن تون آهين هرگز گذر مان هلندين گذاري
3- ٿوساري سجاٽي معنيٰ مرڻ جي پوءِ ڇاڪئون نهوڙيئي ڏوتي ڏتاري
4-محمد ڇڏي ڏي خامي خسارا لاهي بار هستي سرڏي سينگاري

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- اٿي جاڳ جوڳي عشاقي اوتاري
هٿي نيهن نعرو نظر جي نظاري
1- رهي راڳ رنگ ۾ اٿردار انگ ۾
صحي صاف سنگ ۾ سخن ڪي سينگاري
2- هٿي تان تازي ڪري روح راضي
ڪولج گيان غازي ڳڳن ۾ گذاري
3- مٽي تي ملنگي پهري ڪج ڪلنگي
پدر تي پلنگي پسڻ جي پساري
4- محمد مام ماهر طبل سان طاهر
ڪري ذات ظاهر اڪين جي اشاري

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:- جاڳي جاڳ جوڳي جاڳڻ واري جوت جڳائي
1- جاڳڻ جو پي جام جلالي سنجهي ڪان تي سجاڳ جوڳي
- پتنگ جيئن پروان بچن تا بڌي پڙ ۾ پاڳ جوڳي
3- لنگهي لعل لقائي لانگهو لاوجودي لاڳ جوڳي
4- رقص روپ رنگي رڳ رڳ ۾ ڪري رندي راڳ جوڳي
5- محمديگ ملاري مٽي جي ملامت جي ماڳ جوڳي

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:- تنهنجو توئي ساڻ ساجن سهڻون ساهه ۾
1- ونجن اقرب ويجهڙو پنهنجو آهي پاڻ
2- وحدت وائي وات ۾ ويراڳن جي وٿاڻ
3- نظر جو نيشان تي غازي غير نه آڻ
4- چشمن واري چاڙهه سان صحي سر سڃاڻ
5- محمد موکي مير ٿيو مستي جي مهرياڻ

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:- دلبر دي ديدار موهيامن ڪول حسن دا جلوه جنگي
1- سهڻي صورت سوزجڳايا سوري دي سينگار موهيامن
2- اندر باهر هو هو هليا طلب والي تار موهيامن
3- عشق اندر وچ موج مچائي وصل دي واپار موهيا من
4- محمد نيهن نظارا لايا بره دي بازار موهيا من

ڳجري	ڪافي	روپ

ٿل:-ظاهر ذاتي ذات موهيا من پاسرو پا تاج ڪلنگي
1- آڙنگ عشق اويڙا ڪيتا گهوران والي گهات موهيا من
2- وحدت ڪثرت والي وادي عجب آب حيات موهيا من
3- ذات صفت وچ رمز رلائي الٹ تي اثبات موهيا من
4- محمد سارا سير سجاتا مورت دي محلات موهيا من

ڳجري	ڪافي	روپ

ٿل:- آهيان پاڻ خيال خودي خود خود خدائي خيال آهي
1- ويد قرآن پڙهانئو پو ٿيون عجائب احوال خودي خود
2- چوطرف چوڌاري چمن ۾ چٽي چشمن چال خودي خود
3- ونحن اقرب سر ثابو تي همه واري حال خودي خود
4- موجودات محمد مظهر بيسر بيڪ بحال خودي خود

ڳجري	ڪافي	روپ

ٿل:- پسڻ آهيان پاڻ پسان چا پسڻ واري پيچ ۾ پڌرو
1- پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو پسڻ واري پچان پسان چا
2-سرت ۾ ٿيو نرت جوناٽڪ سرت ساڳي ساڻ پسان چا
3- ظاهر ذات صفات جي وچ ۾ قرب واري ڪاڻ پسان چا
4- محمد مظهر مام ۾ ماهر معنيٰ وارو ماڻ پسان چا

ڳجري	ڪافي	روپ

ٿل:- ٻئون ڪير آهين الله ڪير آهي صفت ذات وچ ۾ ڪهڙ غير آهي
1- نفي چا نظارو اثبات چا ٿيو باقي چا بهانو ڄڻ پير آهي
2- پسڻ جي پساري پرت چا پيالو پڪو چا ٿيو پڙ ۾ پڌر پير آهي
3- سرت ۽ نرت چا سخن ساز سرگم سٽڻ سر سراسر چا جو سير آهي
4- وصل واڳ وحدت چا واقف ويراڳي وجودي ورن چا ويري وير آهي
5- مورت جي محل ۾ موجود حق چا منگهن چا محمد مدل مير آهي

ڳجري	ڪافي	روپ

ٿل:- سردار سرور اظهار انور پسڻ جي پسڻ سان پڳدار پرور
1- اول عشق آخر اتحاد اعليٰ عدم ڪان عجائب آواز اظهر
2- سرمست ساقي يڪو يار ياقي برابر ٿيو باقي برحال برتر
3- گلزار گياني گفتار گوهر گرو تي گگن جا گهمين گام گهر گهر
4- محمد مصور مظهر مثالي مئيخان موڪي مهندار منور

روپ	ڪافي	ڪنگلڙو

ٿل: قادر قلندر سوره سڪندر اظهار اعليٰ اواز اندر
1- برهه بيڪ بازي برابر بحالي بهاريل بڳن سان بقائي جي بندر
2- ترڪ ترت تڪيو تخت تاج تن من ڪري تاب تازا طبل سان تونگر
3- ساري سير سرجي سچي سير ساري ڪٿين سارسر سان سمايل سمندر
4- مڻي تي محمد مهندار موڪي مٿي جو موالي موجود مندر

روپ	ڪافي	ڪنگلڙو

ٿل: الله الله الله تعاليٰ ازل ڪان تون اهين اظهار اعليٰ
1- ڪري سر سرت سان نظاري نرت سان پيارين پرت سان پڳدار پيالا
2- سهڻا سراسر داناء دلاور بنائين برابر بشر بيڪ بالا
3- الله عالم باالله بالم في الله فالم ڪرين ڪم ڪمالا
4- الله اڪبر رنگي راز رهبر ٻڌين درس دلبر تون دولهه دشالا
5- دلدار دل بند احد تون احمد معنيٰ ۾ محمد مهندار موليٰ

روپ	ڪافي	ڪنگلڙو

ٿل:اهيان مان عشق جو عاشق رڪان رندي مشرب تو
رقص ۽ راڳ جي رنگ ۾ سڏايان رمز سان رب تو
1-حسن جي هٽ مٿي حاضر ڏيئي هوڪو هسي حق جو
حسيني حال سان هردم ڪيان چشمن اندر چپ تو
2- اندر باهر اصل اعليٰ اويڙو عشق تي عالم
الاسي اوج آوازي اليان ان اقرب تو
3- صفاتي سير جي سانگي سنيائي سانگ صورت جو
صراحي صاف جي سرڪي پيان مرڪي مجرب ٿو
4- محيسي مام معنيٰ جي متل مئيخان محمد جي
مقابل موج منصوري مچايان مچ مقزب تو

روپ	ڪافي	ڪلنگڙو

ٿل:- ڪيان احوال تو ائون عجب اظهر عجيبن سان
حقي هولي حسن واري هسي هر هر حبيبن سان
1- آلف واري اصل انگ ۾ سچي صورت سندي سنگ ۾
روحاني راز جي رنگ ۾ رهي راضي رقيبن سان
2- نظارو نيهن جولائي ڳٽن سان ڳيت ڪئين ڳائي
چيريون پيرين پدر پائي نچي نر تي نجيبن سان
3- آتم آواز اوياري سرودي ساز سوياري
سخن سر صاف سينگاري سلان سهڻان سريجن سان
4-صراحي سيف جي سنتر اڪين واري اثر انتر
پسي محمد مندل منتر مچي مئي پي مجيبن سان

روپ	ڪافي	ڪلنگڙو

ٿل:- مڙگان هي ميرا مڪا لاهوت لاثاني لقا
1- حاضر حسن حضور ڪا ديدان والي دستور ڪا
مئين هون نظاري نور ڪا بوستان ۾ باقي بقا
2- صورت سٺاڪي سازسر طبلي طنبوري تار تر
جب تار گاڪي ڪوڙ ڪر مئي پي مڪا دوغن ٽڪا
3- اکيان اندر الله هي بيشڪ بقا باالله هي
قائم ڪٿر ڪلاه هي ظاهر ظفر ذاتي ذڪا
4- محمد موڪي مستان تي سارا صحي سبحان تي
آيا اصل انسان تي ياور يسر ياقي يڪا

روپ	ڪافي	ڪلنگڙو

ٿل:- ڪري اثبات اکين ڪي اناالحق ڳيت ڳايا نٿو
حلاجي حال جا هردم حڪم هر جا هلايا نٿو
1- سخي سردار تي سافي صراحي صاف سان سارو
سينگاري ساز سورت جو سرخ سر ۾ سمايان نٿو
2- وندروٽڪار جي ور ۾ وسائي وس وره واري
ويراڳي واٽ وحدت جي وصالي وڪ وڌايا نٿو
3- اکين تي عشق جو آرو ڪري اظهار تي عاشق
اصل اثبات انا ان اول آخر الايان ٿو
4- محمد مست تي مٽ تي مچي مئخان محبت جي
مکهن مڙگان سان ماهر مندبل مئيءَ جا مچايا نٿو

روپ	ڪافي	ڪلنگڙو

ٿل:- ڏئين چا تو نئين چا تو اڏيءَ جي عشق بازيءَ ۾
1- ڪٿي چا سان آئين چا تون اثر اظهر آوازيءَ ۾
2- متين چا تو ڪتين چا تو ترازي تيز تازيءَ ۾
3-آئين چا تي وڃين چا ٿيو قبلل حال ماضيءَ ۾
4- اڳيان ساقي پيڻ سرڪي سرخ سر سيف سازيءَ ۾
5- ڏسڻ محمد ڏسي چا تو حقيقي چا مجازيءَ ۾

روپ	كافي	ڳجري

تل:- عدم كنان عشق تي اواز کيو مون
کن فيکون کوک سان تهواز کيو مون
1- پسڻ واري پيچ ۾ پرواز کيو مون
- سرودي سينگار سفارو ساز کيو مون
3- نظر واري نوک اتي ناز کيو مون
4- محمد موجودات رنگي راز کيو مون

روپ	كافي	ديسڪار

تل:- کين کين کين بنان کين اهي کين
ڪپر ڪنڌي ڪان ڪبا کين سندي کين
1- بحر بر بيچون ۾ بره واري بين
2- ديدن واري ڏيان ۾ ڏرم نکو دين
3- ڪعبو ڪاشي مام معنيٰ عرب عجم چين
4- محمد هنري حال ڪٿي هڪل هڪ حسين

روپ	كافي	سهڻي

تل:- بي مثال جو وصال ٿيو مثال مقالي
ڪري گيان تي سبحان ڏري ڏيان ڏمالي
1- وجهه الله سر الله ڪنج ڪلاه ڪمالي
پهري پاڳ تي سجاڳ واري واڳ وصالي
2- ظفر ذات با صفات بشر بات بحالي
ڪجل ڪار متس ڏار خبر دار خيالي
3- ٿيو پاڻ سخن ساڻ مچي ماڻ مثالي
گگن گوڙ الف اوڙ جسم جوڙ جلالي
4- محمد مام سمجهه عام تي مدام موالي
صبح شام پري جام ڪري ڪام ڪلالي

روپ	كافي	سهڻي

تل:- مگهن مست مٿي پرست ڪري دست حنائي
بي مثال جي وصال ڪيان خيال خدائي
1- هم هال جي وصال پسان لعل لقائي
رقص راڳ سر سهاڳ بلند پاڳ بقائي
2- خود خيال جو مثال چشم چال چٽائي
نرت ناز رنگي راز سرت ساز ثنائي
3- طبل تال باڌمال سخن سال سدائي
بڌي چير ڪڌي غير ڪيان سير صفائي
4- حسن فوج اصل اوج مثل موج مچائي
پري جام پي مدام محمد مام ملائي

روپ	ڪافي	سهڻي

ٿل:- ڏن ڏيان ڪي ڏنني لاڳي ري، جڙ جوت جسم مين جاڳي ري
1- ڏنا ڏرولي ڏوم مچائي پول پٽڪ سپ پاڳي ري
2- ڏيان ڪا ڏريد گيان ڪا گفتا راز رقص سي راڳي ري
3- نرت نيئنون مين سرت سمائي ورڪب پس ويراڳي ري
4- ڏيان محمد ميگهہ منبل سي مسجد مندر ماڳي ري

روپ	ڪافي	سهڻي

ٿل:- خود خيال تي سمجهہ تون خوبان خيال ڪي
هرجاءِ حضور حاضر هسوار حال ڪي
1- پيچون بي مثالي بشري بره جي بازي
لاٽي لهج لاهوتي لاٽان لعل ڪي
2- نيڻن واري نظاري نوري نڪار نٽڪي
نروار ڪر ندائي نعري نهال ڪي
3- ديدن واري دواري درجات ڏيان درجي
ڏوڙو ڏڪن ڏڪائي دم جي ڏمال ڪي
4- مظهر مثل مثالي مضمون ميم معنيٰ
محمد مجيو مدام مئيڪون مال ڪي

روپ	ڪافي	پيرو راڳ

ٿل:- عاشق اصل ڪئون آهيان خوشحال خيال جو
سهڻي سرود سرسان سخنات سنال جو
اڪين سندي اوتاري آواز عشق واري
احسن عجيب اعليٰ احمر احوال جو
2- جنسار جوڙ جملي جسمات جا بجائي
جلوه اندر جمالي جزبي جلال جو
قاست ڪريم قدسي قادر ٻہ ڪاماراني
ڪلنگي ڪلاه قائم ڪيفي ڪلال جو
ميئڪون ميگهہ محمد منهن تي مکهن ملاري
متوال مست موڪي مستي مقال جو

پيرو راڳ	ڪافي	روپ

ٿلھ:- عاشق اوھان جو آھيان اختيار ھٿ اوھانجي
القاب عشق وارو اظھار ھٿ اوھانجي
1- القاب عشق عالي بالا بزم بحالي
ديدن واري دنالي دلبدار ھٿ اوھانجي
2شغلات شرف شاغي وصلات وجه الاھي
سخنات سر صراحي سردار ھٿ اوھانجي
3- لوڏي ڏٺي ٿي ڌاريو پوڙي وري چا تاريو
ماريو توڙي جياريو تلوار ھٿ اوھانجي
4- مژگان جي مناري سرکي ڏنو سينگاري
محمد مکھن متاري مھندار ھٿ اوھانجي

بسنت	ڪافي	روپ

ٿلھ:- لايا نيھن نيٺاندي نال اسان نچ ڪيتا ناز نھال اسان
خوبان خوب خبردي خاني ھٿ ڪر خاص خيال اسان
1- سرت نرت وچ ثابت سالم عشق عجائب عارف عالم
بيرنگ بيڪ بقائي بالم ڪيتا برس بحال اسان
2-چون بيچوني چالي چل چل ھاڪ حسن دي حملي ھل ھل
وحدت والي ويڙھي ول ول ڪوليسا ورق وصال اسان
3- نينان والي نوڪ نظر تي برسر باغ بھار بشر تي
آوازي اظھار اثر تي حاصل ڪينا حال اسان
4- محمد مژگان موج مچائي سھٽي سرخ سينگار سچائي
راز رندي وچ رمز رچائي ڪرڪر جوش جلال اسان

بسنت	ڪافي	روپ

ٿلھ:- بن عشق عجب ارباب اسان تي اوقاني احباب اسان
اثباتي آواز الاڏي آپ ڪون ان القاب اسان
1- بيحد بالا پيد بتايا برسر بشري بيڪ بنايا
آپ ڪون آپي آپ پڑھايا بيخود والا باب اسان
2- شاھنشاھي شان شھابي شفقت ڪر شادان شتابي
شملي پڌ شھزور شبابي ڪيتا شوق شراب اسان
3- نينا والي ناز نياري نوبت ناد وجاھڻ نعري
اپنا ڪيتا آپ نظاري نيھن نسنگ ناياب اسان
4- محبت دي مئيخان مظفر مالڪ ملڪ معنيٰ دا مصور
مستو مست مدامي منور محمد منھن محراب اسان

بسنت	كافي	روپ

ٿـل:- نـاز نيڻـا نـدا نظـارا وي آيـا تـي اظهـار انـدر وچ
1- كـول حسن دا جلوه جنگي رنـگ برنـگ عجـائب رنگـي
پاسـر پاتـاج كلنگـي وحـدت دا وڻجهـارا وي
نكل ٿيا نروار نظر وچ
2- كوڙ خفي وچ خيال داخيمان كر قلب كون قربئون كيمان
پايـا يـار جلالـي جامـان وچـا نـاد نيـارا وي
گونگهٽ والي گهري گهر وچ
3- نڻكي ناز نيڻا ندي نرالي جذبـي جـوش جلالـت والـي
الـڻ انـدر وچ التـي چـالي ڏينـدا الـڻ اشـارا وي
عشق حسن دي لعل لهر وچ
4- مستي وچ گـر محمـد مليـا رمـز عجـائب نـال جـو رليـا
وحـدت والـي گلشـن گهليـا ماريـا نيهـن نقـارا وي
شوق سمس دي شاه شهر وچ

بسنت	كافي	روپ

ٿـل:- احـد احمـد بـن آيـا هـي خـاكي خرقـا پيـاري پايـا
1- رنگپور دي وچ راز ڇپايس رهبـر تـي رخسـار وكـايس
انـا احمـد آپ كهـايس صـورت سـپ سمايـا هـي
موه انهين ڇا ملك مجهايا
2- ونحـن اقـرب نيـڙي رهنـدا بـي مثـل تـي بـابل ٻهنـدا
الانسـان سـري كـه كهنـدا اي رنگـي رنـگ رلايـا هـي
سمجهه سالك رندي رايا
3- ظـاهر ذات صفـاتي سـارا كيتـا نوبـت نيهـن نظـارا
اكيـان عشـق عجـائب آرا جنگـي جـوت جڳايـا هـي
نكو ڄام كهيندا ڇايا
4- محمـد منـور محـرم مـن دا بـره ٻبن بنـا بـن بـن دا
كتـان عشـق الاهي امـن دا كـٹ سير سـوري دا سـايا هـي
هر جاءِ هادي حكم هلايا

بسنت	ڪافي	روپ

ٿل:- بسنت بهاري لاٿي هي چو طرف چوڏار چمن وچ
1- ڪيتڪي ڪل ٽانگر لالان چيٽڪ چيٽ چٽائي چالان
ڦٽي ڦول خزان ڪر ٽالان ٿي سبزي سرس سوائي هي
سرخ سهڻي صاف صحن وچ
2- سورج سهڻا سوسن سنبل ڪيتي ڪيل ڪٽسٽهر ڪل ڪل
ڪرن ويڪ بهاري بلبل وحدت والي وائي هي
گونڻ گل گلاب گگن وچ
3- ڪيوڙي ڪرڪوب قطاران پاون پيچي پيچ پتاران
ڪول صوفي ساز ستاران لعلي لون لون لاٿي هي
لات لطف لاٽان لهن وچ
4- موتيا رومي محمد مندر برس باغ بقائي بندر
ڪتان آس الاسي اندر آسر عدم ڪنون ائي هي
مستي والي موج مگهن وچ

بسنت	ڪافي	روپ

ٿل:- بسنت بهاريا باغ بهار برسر بوند بهاري لاٿي
1- سرو سنوبر سورج سوسن گهليئي گل گلابي گلشن
ڪيتڪي ڪيئن لالان جهرڪن ڪيتي ڪليئي ڪنٽهار
اکيان وچ اظهاري آئي
2- نازبوءِ نرگس تقمان تل تل گونڻ گوهر غنچہ گهل گهل
ڪيتي حال حسن دي هل هل هرجا3 هٹ هٹ هڪ هبڪار
بنيا بيڪ بحال بقائي
3- سرخ سبزي سير سناسي زنگي سنبل ويڪ عباسي
گاڪي پوريا پيم پلاسي چم چم چنن ڪر چمڪار
چيٽڪ چشمان چوٹ چڙهائي
4- موتيا مشڪي محسن منور جعفري جڙ احمر انور
صاف صنم ٿي سهڻان سرور محبت والي ميگهہ ملار
مئي پي محمد موج مچائي

بسنت	كافي	روپ

ٽل:- سهرا سرخ سر ڳايا نٿو تومر نومر تننن طبل وڄائي
1- تازا تال طنبورا ترم سر سان سخن سٽايا نٿو
چومر چومر چننن چير بجائي
2- سيئي ساز ستارون سرندا سرگم سر سمجهايا ٿو
جهومر جهومر جهنن جهوڻ جهلائي
3- دلربا درباري دائم دم جو درسن پيا نٿو
گهڻ گهڻ گنگهرو کي گهٽڪائي
4- محمد مست مندهر کري مرليون مرڏنگ موج مچايانٿو
ڏو ڏو ڏنٿن ڏومر مچائي

بسنت	كافي	روپ

ٽل:- هٿ کيتا خيال ڪمال اسان هڻ دم دي درس ڏمال اسان
محبت والي موج مچاڪي کيتي مست مقال اسان
1- دم دم دم دا ڏيان ڪماڪي صورت دي وچ ساه سامکي
ڇاٽڻ والا ڇاڻ ڇماکي کيتا ان احوال اسان
2- کول ظهورا ظاهر ذاتي اکيان اندر کر اثباتي
سر تي کر سينگار صفاتي سمجهي سار سنيال اسان
3- رنگ برنگي راز رلايا سر دا سر وچ سانک بنايا
بيرنگ برسر پيد بتايا بالمر تي برحال اسان
4- انا ان اواز الايا هرجاي حق حق حکم هلايا
محمد مئي دا ماڳ ملهايا محکم تي متوال اسان

پيلو	كافي	روپ

ٽل:- صوفين جو سردار اسانسوڻ آيو سرپڏي دستار اسا نوڻ ايو
1- صورت وارو سانگ بنائي اولي عبدالستار اسا نوڻ آيو
2- صوفي صاحب سر سبحاني قديمي کلتار اسان وٽ آيو
3- هٽي نوبت نات نوابي نظاري نروار اسان وٽ آيو
4- محمد مرشد مالک مولئي مدامي مهندار اسان وٽ آيو

بسنت	ڪافي	روپ

ٿل:- شاهن جو ٿي شاهه اسانوڻ آيو اولي انس الله اسانوڻ آيو

1- عشق صورت احوال الاهي آوازي ارواح اسانوڻ آيو

2- ڪولي روپ رنگينا رخ تي وٺي روحي راه اسانوڻ آيو

3- ونهن اقرب ٻول ٻڌائي ڇٿي وجه الله اسانوڻ آيو

4- ڪئين نانگا ناٿ نچائي ڪري نيڪ نگاهه اانوڻ آيو

5- بي مثل جو محمد مالڪ مثل وارو ماه اسانوڻ آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:- آهيان ٻول ٻڌل موڪي جي محفل مڻ تي ملهه ڳڌل

سرهو سر سو ساه سخي ڪيو ساغر سان سهٽل

1- ساقي واري سهٽي سرڪي اڳيان ڪات ڪڌهن ناڪرڪي

مٺيان مست متي ڪي مرڪي مئي جني منجهه مندبل

2- ساتو سر جو سمجهي سارو رڪيم ساقيءَ ساڻ سوپارو

ڪري تي چيرن جو چمڪارو ڪولي تار طبل

3- سوره سنبري سرجو ڏيئي موتو قبلل پيالا پيئي

جوڳي تي سو جڳ جيئي بلا جنيئن سچل

4- ساغر صاف صراحي سرور ڪولي آر اڏي تي انور

محمد محب مليو مئي منور مستو مست متل

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:- لنواريءَ ۾ لاٿانه پڙهو حج اڪبرڪري ترڪ تڪبر

1- بره واري ٻازي برسي بهشتي بوستان پڙهو حج اڪبر

2- غازين وارو غور ڪبائي ڇڏي غير گمان پڙهو حج اڪبر

3- ناجي ناتو نيهن نيائي نسنگ تي نيشان پڙهو حج اڪبر

4- مڙي مومن ساڻ سدق جي ملهائي ميدان پڙهو حج اڪبر

5- پاڪن پاڪ پڌر پٽ لنواري پسي شاهي شان پڙهو حج اڪبر

6- چيو محمد مير مربي احمد زور زمان پڙهو حج اڪبر

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:- آيا پير پاڳارا پرور پاڪ پيارا چوڏس ڪر چمڪارا
1- انساني دي اولي اندر اکيان ندي اثباتي
اعليٰ انور اسم الاهي عشق عجب اوقاتي
احسن ان آواز الينـدا احمر ڪر آرا
2- حشمت نال حسيني حملي حڪم هلا همذاتي
هڪل حقيقت والي هادي هال هميشه حياتي
حسن حقيقي هل هلاڪي هر جاءِ ڪر هبڪارا
3- شاهنشاهي شان شجاعي شفقت ڪر شاداني
شمس قمر شرما تي شاطر شڪل شفيع شاهاني
شوق والي بـڌ شملي چڙهيا شاهي مار نقارا
4- محڪم مڪ مسجود مدامي محبت ماڳ ملهايا
معنيٰ دي ميزان محمد مير دا برقع پايا
مظهر ڪر محبوب مثالي منهن تي ميگهه ملارا

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:- پري نان پڳدار ڏسڻ ۾ آيو دم نه هڪڙو ڌار ڏسن ۾ آيو
1- پسڻ جي پئيماني اندر پاڳاري جو پيار ڏسڻ ۾ آيو
2- عجب عشق حسن جي حملي هميشان هسوار ڏسڻ ۾ آيو
3- قطب قاب قوسيني ڪل ۾ قائم ڪلنگي دار ڏسڻ ۾ آيو
4- سرت نرت جي ناتڪ اندر سر مٿي دستار ڏسڻ ۾ آيو
5- ملڪ محمد معنيٰ واري مڙني جو مهندار ڏسڻ ۾ آيو

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:- پٽر تي پڳدار اسان وٽ آيو قائم ڪلنگيدار اسانوٽ آيو
1- ديدن واري ديري دائم دلربا دلدار اسانوٽ آيو
2- صورت وارو سانگ بنائي سر بـڌي دستار اسانوٽ آيو
3- پهري صاف سرويا سرتي سيني جنو سردار اسانوٽ آيو
4- هٽي نعرو نوڪ نظر تي نظاري نروار اسانوٽ آيو
5- مرشد مهدي مظهر موليٰ محمد تي مهندار اسانوٽ آيو

لوڙائو	ڪافي	روپ

ٽل:- عشق دي عاشق ڪر اثباتي سمجهن سير صفاتي ذاتي
1- ذات صفت سر صورت سازي بيرنگ بنيا بشري بازي
غور غواسي ڪر ڪر غازي ويڪ وصلدا ول وصلاتي
2- عشق حسن دي حملي همدم ڪول سرودي سهڻي سرگم
هڪل حقيقت والي هردم حاصل ڪرڪي حال حياتي
3- سرت نرت وچ صورت سردي گام گگن دي گياني گردي
ديدان والي دائم دردي ڏيان دلاور دي درجاتي
4- ذات صفت دا محمد مالڪ ساز سرخ سر سخن با سالڪ
خلقت خوب خبر دا خالق خيال خدائي دي خصلاتي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:- ڪول درسن جي دلدار دري آهي دلڙي دردن ساڻ پري
1- آيا پرتئون پياسي پير پري رکي ديد دريءَ ۾ ڏيان ڏري
سر ڪلنگي قائم قرب ڪري سٽي خيال وارن جي خبر ڪري
2- ڏري ديد داناءِ ديوان ٿيا مڙي محبت ۾ مستان ٿيا
تنهنجي قدمن تان قربان ٿيا جن جي ساعت توري ڪين سي
3- تنهنجي ديدن جو ديدار پسي دمي دم بدم دلدار پسي
درجات درس دربار پسي ڪيئون هڪ نہ ضايع ذوق ذري
4- مل محمد جا محبوب مغان مسجود منا مطلوب مغان
مخمور پسن مرغوب مغان منهن موتو قبلل مرد مري

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:- آپ گنواڪي آپ پڇاني صوفي سرت سجاني آتم گياني
1- سرت نرت ۾ آپ گنواوي من ڪي منشا من مين پاوي
ڏر ڪي ڏن ڪا ڏياني هو بڌ واني
2- بڌ سڌ اندر صاحب سارا آتم گياني پرجهہ پسارا
لعل لقب لاثاني شاهہ جهاني
3-روپ سروپي پيد اپياسي آپي ساڌو آپ سنياسي
پورن آپ پراني پيد بياني
4- گنوت گام گگن ڪا گوبند مني مرد محيسي محمد
ويراڳي ويداني ورو دواني

روپ	كافي	تلنگ

ٿل:- عشق صورت انسان محمد نام ڌرا ڪي آيا
1- انا احمد بلاميمي فرما ڪي فرمان
2- اول اخر ظاهر باطن سٺا سر سبحان
3- عبديت دي اولي اندر شاهي ڪر ڪي شان
4- بي مثل دا مثل محمد محيسي مستان
5- عدم ڪنون ٿي احمد عربي محمد زور زمان

روپ	كافي	تلنگ

ٿل:- پسن جي پئيمان پورو پٽر پسن تون پير پاڳارو
1- الانسان سري جي سر ۾ ڇڏي غير گمان
2- بشر واري بازي برسر بره جي بوستان
3- اول آخر ظاهر باطن عجب عاليشان
4-وجه الاهي ويس وصالي سراسر سيلان
5- معنيٰ جي ميزان محمد مدامي مردان

روپ	كافي	تلنگ

ٿل:- يا عشق دا ڳلوچ ڳانان مخمور ڦران مستان
1- گر گونا گون گياني لاريب لقب لاثاني
اظهار اسر انساني ٿي صوفي صاف سجانا
2- بن بيخود پيد بياضي دم دولے درس درازي
احوال اضل آوازي پڙه شائق ٿي شڪرانا
3- ٿي عادل عارف عالم بيدار بحالي بالم
في الحال فقيري فالم ڪر فرض فنا فرمانا
4- سر سوري سيج سهاڳي ڪر سردي سرخ سجاڳي
مک ملک معنيٰ داماڳي مچ محمد ٿي مردانا

روپ	كافي	تلنگ

ٿل:- عشق عجب عريان عاشق زوران زوري زبح ڪريندا
1-عشق امام حسين دا سر ڪر ، نيزي تي نيشان فنائي دا فرض پڙهندا
2-سر مدا سر عشق ڪٽايا، محبت دي ميدان پٽر پڙ وچ پير پريندا
3-عشق شمس دي کلڙي لهائي ، جهنگل وچ صنعان چوڙ زهدکون سور چريندا
4-عشق بلاول گهاٽي پيڙيا، صوفي دا سبحان ڏڙ سسي ڪنون ڏلر ڏريندا
5-عشق سوري منصور چڙهايا، محمد ڪر مستان انا الحق دي دم مريندا

ملار	ڪافي	روپ

ٿل:- ڳيت انا الحق ڳائون هڪدم دي دير نہ لائون
1- وفي انفسڪم ويڙهي ويڙهي نوبت نيهن وڄائون
2- ونحن اقرب ويس وسڻ دي وصل واڳ ولائون
3- پسڻ والي پڙ وچ پتڙا پير پتنگ تي پائون
4- محمد ميگهہ ملاري والي مئي دي موج مچائون

مانجهہ	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق ڪريندا شڪار تڙپڻ مول نہ ڏيندا ڏيندا
1- شاهنشاه شڪار ڪريندا سڪندر سر شار
2- بهري باز تہ بانشي وانگي چنبئين وچ چوڏار
3- قهر نال ڪريندا قابو قلب ڪندہ ڪپار
4- مرغ وانگي مرد مريندا محمد مارو مار

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:- پڪڙن جا پيغام مڪا مون ماروئڙن ڏي
1- اڪنڊ آہ نويميان اندر سان ميان الا اڃڻ جا تہ انجام
2- ساري ساري نويميان سنيهڙا مان الا سهٽا سرس سلام
3- قابو قيد نويمينا ڪوٺن جا ميان الا ڪاڱل هٿ ڪلام
4- محمد واري نويميان معنيٰ سان ميان الا ملائي مڪ مام

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- پڪويچ پائي پاڳاري پيرسان
پسڻ ڪي پسان تو پيشاني پزير سان
1- اڪين جي اوتاري اثر دار آري
آوازي اشاري اسر اڪثير سان
2- بلند بخت باري بقا باقراري
بزم جي بهاري بره بي نظير سان
3- صنم جي سواري سراسر سوياري
سخن سر سينگاري سرخ سچ سيز سان
4- مٺو محب منور پسي مير مصور
مٺي موج مظفر محمد منير سان

پيروي	ڪافي	روپ

ٿلهه:- حضرت ناز رهبر راز سرور ساز سبحاني
شاهنشاهه بي پرواه سر سر واه سلطاني
1- ناز نگار نر نروار ٿي سردار سوپارا
ڪجل ڪار والي ڌار ڪرڪي آر اوپارا
چاصمصام پاڳلفام ديوچ دام دوبارا
ماري مير ڪيئن مهمير ڪر اڪسير احساني
2- ناز نقاب ڪول شتاب جوڙ جوّاب جسماتي
مڙگان موج فهر فوج ڪر ڪي اوج اسماتي
منهن مصحاف دي اوصاف ڪر انصاف اثباتي
چشمان چوٽ ڏي اٽموٽ گهاوي گهوٽ گرگياني
3- ناز نيشان عاليشان سرت سجان سر سارا
حال حيات وچ همذات ٿي حسنات هبڪارا
ديد درازدي آواز ڪر پرواز پاڳارا
ڪول سهاڳ روحي راڳ ماٽي ماڳ مڙگاني
4- بالا بخت تاج وتخت محمد مست متوالا
ميگ مجاز والي وراز جنهندا ناز نر نالا
ديدان دار تي انوار ڏي پڳدار پر پيالا
عشق امام دي اسلام ڏيندا مام مرداني

پيروي	ڪافي	روپ

ٿلهه:- الائي چواڙي آه منهنجي دل يار سان
پائي پيچ پورو پياري پرين پڳدار سان
1- لبن جي ته لالي پسي چون چالي
ڪمالي ڪالي ڪجل ڪلتار سان
2- پرين جي پيشاني جنهنجو مٽ نه ثاني
پسي جوڙ جاني جنگي جنسار سان
3- درس ديد ديري پسڻ جي ته پيري
ڪيو چير چيري چڪن چمڪار سان
4- ڪري راز رهبر پسي پاڪ پرور
محمد منهن منور منٿي مهندار سان

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- اسم ذاتي جپ يار صورت جي تہ صحن ۾
1- جپي دم اسم سان ڪري بند ٻئي چپ يار
2- حبس ڪر تون دم جو ڇڏي ٻي سپ ڪپ يار
3- ڪوري ڪڍ قلب مان دوئي واري ڏپ يار
4- محمد جپ تون نام ڪي ڏيئي جوان جهڙپ يار

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- جڏهن پاڻ پسڻ جو پيڙو پرو تڏهن ذوق نہ ضايع ٿيڙو ذرو
1- جڏهن پيچ پسڻ سان پاتو مون تڏهن سرڪي صاف سڄاتو مون
اهو ڇاڻ عجائب ڇاتو مون لهي پيائي جو ويو سور ڀرو
2- ڇڏي شرڪ شرارت شارڪ شڪ لهي لحد وارو لائق لڪ
ڪري پاڻ پسڻ جي پوري پڪ ڪٽي ٻار ملامت سرتي ڳرو
3- رکي نوڪ نظرتي ناتو نر پڻيمان پسڻ جي پاري پر
ڪري خيال خدائي خاص خبر ڪيو ترڪ طمع جو تال ترو
4- مستان محمد مستيءَ ۾ هسوار حقيقي هستيءَ ۾
وس ونحن واري وستيءَ ۾ ڪيو شو شرف سان شاهہ شرو

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:- دلدار دلبر يار دلبيدار ڏٺاريو ڪٺي نيڻ نهاريو
1- مڙڳان موج فهر فوج اٿر اوج الايو
ڪجل ڪار واري ڏار ڪري مار مچايو
2- صورت سنگواري ونگ رنگي رنگ رچايو
سخن ساز جي آواز ڪولي ناز نچايو
3- ختم خيال جي وصال حڪم حال هلايو
شاهي شاب پي شراب بره باب پڙهايو
4- گل غلام محمد مام ڏيئي جام جياريو
عارف عام علي نام قتل ڪام ڪمايو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- هجرو صل دا ڇوڙ بهانا هي سڀ خيال خدائي نهين جدائي
1- اڪيان اندر الڻ اويڙي ڪيتي عشق ادائي ايڪ ايڪائي
2- بيرنگ باب بقائي والي بازي برهه بنائي بات بتائي
3- صورت والي سانگ صفاتي سرتي سرس سوائي نرت نوائي
4- مظهر وچ موجود محمد مُحبت موج مچائي مام ملائي

ضلع	ڪافي	روپ

ٿل:- تنهنجو منهن محبوب مصحاف پسي رخسار چمان پيزار چمان
1-رخسصار رنگي ۾ راس رچي ڪري ثابت سهڻي ڳالهه سچي
تنهنجي اکين جواسرار اچي اظاهر چمان انوار چمان
2- پي تو پاڪ پرين سان پيالا پر ڪولي سرخ سراحي سهڻان سر
تنهنجي ديدن وارو دائم در دلدار چمان ديدار چمان
3- ڪلتار ڪجل جي ڪار قسم اثبات ڪري آواز اسم
پسي جوت جمال جلال جسم جهلڪار چمان جنسار چمان
4- محبوب محمد مئي جي مڻ پهري پاڪ پوشا ڪان پيارين پڻ
تنهنجو تاج ڪلنگي مونگهڻ چڻ چوڏار چمان چمڪار چمان

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق اويڙا مول نہ ڀهندا ڳلي ڳلي وچ ڳوئندا هي
1- اڪياندي اثباتي انتر وبندا ول ول آئوندا هي
2- خوبان خوب خيال ختم ٿي خام خودي کون ڪانتدافي
3- گهوراندي بازار گرم ڪر گهوڻ گياني گهئونداهي
4- لاهوتي لاثان محمد لائق لادي لئوندا هي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:- سخي شاهنشاهہ ڊرازن ۾ ڊولہ داتا
1- آيو ٿي اظهار اسانوڻ اولي انس الله
2- سخي سر سلطان سويارو سڪندر سرواه
3- سخي صاحب سر سبهانيسچيو سڀ جو ساه
4- محمد مالڪ مڪہ مظهر جو موڪي منور ماه

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- هر مذهب جو عشق امام مدامي موجود ٿي آيو
1- هر مذب ڪي عشق پڌائي آوازي احرام
2- عشق امام حسين ٿي آيو ڪولي ڪل ڪم ڪام
3- بلاشاه سچو ٿي ساقي پياري پرحام
4- صوفي سرمدشمس بلاول ڪرائي قتلام
5- مچي ٿي منصور محيسي محمد واري مام

روپ	ڪافي	پوريا

تلهه: عشق شهباز شڪار ڪريندا شائق شاهن شاهه
1- چنبين، چهنبين نال پٽيندا چهرا ڪرڪي چاهه
2- ڪنبڻ، ڪسڪڻ مول نه ڏيندا قهر والي ڪاهه
3- سٽي سرڪس سوره صوبي سو گها ڪرڪي ساهه
4- مرگهه ونگي مرد مريندا محمد منهن دي ماهه

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- ڏنم ديدار دلبر جو سخي سردار سرور جو
پيالو پاڪ پلپل پي پدر پڳدار پرور جو
1- سچو سبحان سر ساقي بره جنهنجو بلند باقي
تراني تار ترنم سان ڪولي تجلات جي تاقي
عجب اسرار اڪين جي اچي ٿيو عشق اوطاقي
اول آخر اندر باهر اثر اظهار انور جو
2- اول ڪان عشق آوازي بهالي با وفا بازي
طنبل تولان توحيدي تياري تاب سان تازي
سنياٽي سانگ سلطاني ڪري سخنات سر سازي
رقص رس راڳ روحاني ربوبي راز رهبر جو
3- هٽي نر وار نر نعرو ڪري سينگار سپ سارو
سروپا صاف سر پهري صنم سردار سوپارو
سٽائي سر پياري پر پسائي پاڻ پاڳارو
اويسي عين ارشادي اسم احوال اظهر جو
4- ڪري گفتار گر گياني لطيفي لات لاثاني
مدامي موج محبت جي ملائي مام مستاني
مليو امين محمد ٿي مقابل ماڳ مڙگاني
مثل مهتاب منهن موڪي مٺي محبوب منور جو

پهاڙي	ڪافي	روپ

تل:- سبحان صاف صورت سرور فقير ڪي
لاخوف خود خبرهي خوشتر فقير ڪي
1- طالب وهي مطلوب هي توحيد ڪي اندر
روحي ربوبي رمز هي رهبر فقير ڪي
2-عادل اويس عارف هي اولياءِ امير
الفت عجيب اعليٰ انور فقير ڪي
3- پيري مغان پيارا مظهر ڪا پيشوا
پارث پيشاني پاڪ هي پرور فقير ڪي
4 - محمد مدلم مستي منصف مقال سي
مجڪو هي موج محبت منور فقير ڪي

پيلو	ڪافي	روپ

تل:- پيانتو آبي حياتِ حسن سان صراحي سرخ سر ساز سخن سان
1- ڏڪڙ خنجر يون دهل دمان مان ڏننن ڏاڏا ڏو ڏو تہ ڏن سان
2- ڏرپڏنمري خيال ترانا ڳجهي ڳالهہ ڳجهہ جي تو ڳايان ڳٽن سان
3- وفي انفسڪم واري ڪريان دريافت دم جي ڏمال دغن سان
4- محبوبن جو محمد مربي مليو مئي قدح جي ملار مدن سان

جوڳ	ڪافي	روپ

تل:- چاڻ اهو ئي تون چاڻي ناهي ڪا پرت پڇاڻي
1- سنڌ سنڌ سرخ سرودي سرسان صورت ساڳي سڃاڻي
2- پسڻ جي پيئماني اندر پنهنجو پاڻ پڇاڻي
3- قاب قوسيني قرب بناڪل ڪوڙي ڪوڙ ڪهاڻي
4- محمد جي ميئخاني مئيپي مرد ٿي مستي ماڻي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿلھ:- پھرين پير پرڻ ڪڏي قرب ڪرڻ،
پوءِ پنتي ورڻ اھو ناھي ڪرڻ پيو چاھي وريار
1- چڱي چال چلڻ ڪولي جوش جلڻ
حقي حب ۾ هلڻ سچي ڳالھ سلڻ
پڪي پرڪي پسڻ حسن ساڻ هسڻ
منھن مٺي ڪان مٽڻ اھو ناھي هٽڻ پيو چاھي وريار
2- عجب ٽور ٽلڻ رندي ريست رلڻ
محب ساڻ ملڻ خوبان خوب ڪلڻ
دم جو ڏيان ڏرڻ ڏسي ڏک نه ڏرڻ
موتو قبل مرڻ اھو ناھي ترڻ پيو چاھي وريار
3- من ۾ مير مڙھڻ لقب لعل لھڻ
چشم چاڙھ چڙھڻ فنا فرض پڙھڻ
پڪا پور پھڻ سھمان سور سھڻ
رضا راند رھڻ اھو ناھي نھڻ پيو چاھي وريار
4- ڪري آر اچڻ رنگي رنگ ۾ رچڻ
ننگو نر ٽي نچڻ محبت منجھ مچڻ
چڏي چرڪ چپڻ نسنگ نام جپڻ
ڪوري ڪند تہ ڪپڻ اھو ناھي تپڻ پيو چا وريار
5- محمد مير مچڻ پولا پول پچڻ
سر جو سات سچڻ وحدت طرف وڃڻ
اڏي سر تہ ڏيڻ پيالا پاڪ پيڻ
مرڪي مست ٿيڻ اھو ناھي جيڻ پيو چاھي وريار

روپ	ڪافي	آسا

ٿلھ:-سھڻي ڪيا صلح جا سر انجام ايندي ويندي
ٽلندي ڏنا اڳڻ تي انجام ايندي ويندي
1- صورت سنم سينگارينٽڪو ڪري نھاري
پٽدار تي پياري پرجام ايندي ويندي
2- بادي صبا بھاريمئيگون جي ملاري
سر سان ڪئي سواري گلفام ايندي ويندي
3- لالي لبن ڪي لاٽي چالو چشم چلاٽي
پنھنجو پرين جپائي نر نام ايندي ويندي
4- محمد منديل ملڻ جا چالا عجب چلڻ جا
خوبان ڪيا ڪلڻ جا ڪلام ايندي ويندي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- ناتو ناٿ سان نيڪ نپايان مان جيپي نام نسنگ سر نايان مان
1- پسي صورت سهڻي صاف سچي جيپي نوڪ نظر تي نام نچي
اثبات ڪري آواز اچي صحي سر سان سخن سڻايان مان
2- آيو پيري مغان تي پير پري دلدار دلاور ڏيان ڏري
ڪٿي ڪات ڪلالي ڪام ڪري ڪڏي قربٺون ڪنڌ ڪپيايان مان
3- تي عادل عارف عشق علي ڪري هڪل آيو هسوار هلي
جنهنجي دامن ساري لوڪ جهلي نڪو پول تنهين ۾ پايان مان
4- برسات بزم سان باغ بدر پئيمانا پسڻ جي پاڪ پتر
ڪري ثابت ستگرصنم صدرلهي لعل لقب لئون ليان مان
5- ڪولي ناٿ نواب نقاب نسنگ پري پير پتر پڳدار پلنگ
مليو مرش محمد مست ملنگ ڳڻ ڳلي ڳلي ۾ ڳايان مان

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:- ڪڏي ڪات اڳيان ڪنڌ نايان مان تي بيسر پيد بتايان مان
1- پسي گام گڳن جي گياني گرجپي دم دم سان دم جو در
پي موتو قبلل پيالا پر سچي سر جو سر سمجهايان مان
2- لهي لاجي ڪات جو لعل لقب ڪلتار تو ڪاپار قلب
ڪري تن من طبلا تار طلب برحال بزم بر سايان مان
3- رنگي رڪ سان رندي راند رهي سينگار ڪري سرشار صحي
پئيمان پڪي ۾ پاڻ پهي پوءِ پير نہ پنتي پايان مان
4- ڪري منهن جي مٺي ڪان مور نہ مٺ پي مست موڪيءَ جا محمد مٺ
جيڻ مرد مچي تو مٺ ساڻ مٺ تئين محبت موج مچايان مان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- معنيٰ ميم جي ملي وئي مٺجي من تان ويو مونجهارو
1- انا احمد بلا ميمي قرب ڪن فيڪون قديمي
سمنجهي ڪو ڪو قول ڪليمي قائم قدرت وارو
2-وانحن اقرب نور نيشاني فذ ڪروني فن فرقاني
وحہ لاهي حال حقاني هر جاءِ ڪيو هبڪارو
3- رقص راڳہ رنگي رنگپور ۾درس ديد دلاور در ۾
الانسان سري جي سر ۾صاحب سپ جاءِ سارو
4- محمد مظهر ميم مثالي ختم خوشتر خوب خيالي
چٽي چشمن واري چالي چوڏس ڪيو چمڪارو

روپ	كافي	پيلو

ٹل:- چوان ڪيئن ناهي نگار علي آه جنهنجي بره جي بهار پلي آه
1- صورت سرخ سينگاري سهڻي سخن جي سچائي ستار سلي آه
2- جڳمڳ جوڙ جنس جي جملي جمالي جلالي جبار جلي آه
3- هڪل هر جاء حيدر حيدر ڪري تہ حسن هبڪار هلي آه
4- موٹو قبلل واري محمد ميندي مٿي مهندار ملي آه

روپ	كافي	پيلو

ٹل:- لنک جي لاڏ سان لائق لعل آهيان
خوبان خوب خودي جو خيال آهيان
1- عشق حسن جي آر اويڙي اعليٰ اکين جو احوال آهيان
2- بيشک ٹي بيدار بزم سان بالا بسمي بيک بحال آهيان
3- ناٹک نور نظآري واري نانگو ناچو ناٹ نحال آهيان
4- محمد مرد محيسي مانجهي مٿي سان مظهر ۾ متوال آهيان

روپ	كافي	پيروي

ٹل:- بره بوند حسن هوند ڪيئن ڪونڌ ڪنڌايا ڪوڙئين ڪنڌ ڪپايا
1- حاضر حال خود خيال پلا پال پلايا
سرت ساز نرت ناز رنگي راز رچايا
2- وصل واڳ جي سهاڳ رقص راڳ سٹايا
بلند بانگ طلب ٹانگ ڪيا سانگ سجايا
3-قتل ڪام جا سلام ڏينا سام سوايا
چشم چوٹ الف اوٹ گهٹا گهوٹ تہ گهايا
4- الف اوڙ جسم جوڙ بڌي موڙ ملهايا
حنا هات سندي سات نسنگ نات نچايا
5- محمد منڊ وحدت ونڊ جهولي چنڊ جهليا
ڪجل ڪات بزم بات ڪئين گهات ڪرايا

روپ	كافي	پيروي

ٹل:- منهنجي لٹون جنهين سان تنهين ساڻ آهيان
پرين ڪي پسڻ ڪان پري ڪين پايان
1- واري واڳ واصل ڪري حال حاصل
خبر خاص خاصل سخن سان سٹايان
3- لائي لٹون لقائي پرت مون پچائي
سراسر سوائي ڳجهي ڳالهہ ڳايان
3- پرين سان پيالو پيان ٹي نرالو
جپي نيک نالو قرب ڪل ڪميان
4- ڪيلي ڪيل ڪليو عجب ٹور ٹليو
محمد محب مليو چٹي چا ٻڌايان

روپ	ڪافي	ايشورسر

ٿـل:- چـلا ٿيا اظهار عشق والي اسرار
ڪنز مخفي ڪل ڪر گنج گلزار

1- چـلا ڪن فيڪون بازي بن بيچون
ٿيا گونا گون سر ريڪب گنڌار

2- چلڙا تين گرام ست سر انجام
عشق عجب امام آوازي انوار

3- سراسر سرگم ڪرج نڪاد مند هم
چلا پرجهه پنچم دم ڌيوت ديدار

4- پئو پيري پڳي پول مالڪوس دي قول
ڪيتي هڪل هندول سڏ سري سردار

5- ونفحخت في الحال من الروحي دي مقال
خود خدائي خيال ميگهه ديپڪ ملار

6- ست سرڀ چهه راڳ سر سا سرس سهاڳ
ولا وحدت واڳ سهٽا ڪر سينگار

7- صفاتي سامان سر صورت سجان
جڙ جمل جهان جسماتي جنسار

8- الف اينما ڪنتم ميم وهو معڪم
حڪم هلا حاڪم هردم ٿي هسوار

9-چلا لحمڪ لحمين جڙ جسم جسمين
دم دمڪ دمي روحي ڪر رفتار

10- الف مير چا گڏ آدم اولا اڏ
چلي ڪيتا سڏ اڪياندي آسار

11- انا احمد اظهر بلاميمي مظهر
احد آڪيا اظهار محمد ٿي مهندار

روپ	ڪافي	وڪن فيڪون

1- چـــلا ميـــر دي مـــامي الـــف عـــالي عـــامي
لڳـــي لادي لامـــي سمجهـــ ويکيـــن ســـهرا
چشماندا چهرا
2- چـــلا بـــي دي بـــازي ڪـــل ڪيـــڏن غـــازي
چـــوڙ قبـــل مـــاضي وحـــدت والـــي ويڙهـــي
ئي نيهي نيڙي
3- چلاتـــي دي تـــاري ڪـــر چيتـــن چـــاري
چاســـر ســـي ســـاري هـــٿ ڪيتـــا خيـــالي
دل جهندي نالي
4- چلاثـــي دي ســـنگ هـــي الـــف والـــي انـــگ هـــي
رتـــا رنـــدي رنـــگ هـــي بيرنگـــي بـــازي
سروالي سازي
5- چـــلا جيمئـــون جوڳـــي پئـــو پڳـــا پوڳـــي
رنـــج لٿـــا روڳـــي هـــڻ نعـــري نيهـــي
ڳالهـ ڪران ڪيهي
6- چـــلاح هـــڪ حضـــرت ڪلتـــاري قـــدرت
برحـــالي برڪـــت ميـــر اولـــي احمـــد
مک تيا محمد
7- چـــلاخ دي خصلـــت مشـــهودي مصلحـــت
وس والـــي وصلـــت ٿيـــا ســـهٽا ســـاقي
يڪدلا ياقي
8- چلادالئـــون درســـن گـــلزاري گلشـــن
اثبـــاتي احســـن دم دولهـــ دائـــم
ڪامراني قائم
9- چـــلا ذالئـــون زاتـــي چمڪـــارا چـــاتي
جهوتـــي والـــي جهـــاتي چنـــد جهليـــا جهولـــي
پول عجب پولي
10- چـــلاري رنـــگ رچـــدا ســـخناتي ســـچدا
تـــي نـــاچو نچـــدا پيشـــوازان پـــاڪي

ڳالھ ڳجھي ڳاڪي

11- چلاڙي زناري ظھورحق حياتي حضور
گر گياني گنجور درحاتي ديري
گھور والي گھيري

12- چلاسيني سڪ ھي لئون لائي لڪ ھي
وچ چاتي چڪ ھي ميم معنيٰ ماڻي
جاڻ عجب جاڻي

13- چلاشين دي شملي جسماتي جملي
هيمذاتي حملي ميم والي معنيٰ
سمجھي ڪو داناءِ

41- چلا صادئون صورت من موهڻي مورت
پڳداري پورت چشم والني چالي
پر پي پيالي

15- چلاضادئون ھي ضمير جھندا بره بي نظير
اڪ عالي دا امير اظھاري انور
سرداري سرور

16- چلاطي دي طاقت صفائي صداقت
لقائي لياقت بنرا برابر
سنرا سراسر

17- چلاظي ٽيا ظاهر تر تارا طاهر
مچ تيڪي ماهر معنيٰ والي ميلي
ڪيڏاري ٿي ڪيلي

18- چلاع اتي عاشق حڪم هلا حاذق
تي صوفي صادق ماڻي مئي دي مستي
هٿا هوئڻ هستي

91- چلاغ دي نقطي پيچ پاڪي پختي
رنگ زنگي رخ تي نقطي ڪيتا دور
محمدي مذڪور

20- چلاف ٽيا فالم عشق عجب عالم
برحالي بالم موجود منور

آواز انور

21- چلاکافئون کامل عشق عجب عامل
شوق شاهي شامل قادر قلندر
صادر سکندر

22- چلاقاف دي کل دا آخر اول دا
حاضر هکل دا احمر احوالي
دم دا ڏمالي

23- چلا لامئون لاهوت همذاتي هاهوت
برکاتي باهوت چلي کيتي چننن
تان تاري تنن

24- چلا ميم داول هي کن والي کل هي
همذاتي هل هي انساني اولي
چشماندي چولي

25-چلانو نعون نوبت صحي صفا صحبت
مئيگوني محبت چلا چمک چاتي
دم جيي ذاتي

26- چلاوؤ وصالي نيکي نرالي
خوبان خيلاي هرجاءِ حسن دي
سهٽي سخن دي

27- چلا هي شريعت طاهر طريقت
حالي حقيقت ميم معنيٰ محمد
احد ٿيا احمد

28- چلا الف لاميم کن فيکوني قديم
کل کلالي کليم کيتي هکل هل هل
ميم والي ول ول

29- چلاي وچ ياقي بيچوني باقي
کول ساغر ساقي ڏتي اکائي دي اوڙ
کر انالحق گوڙ

سي حرفي

1- الف آڌوتن جو نہ اوچڻ تي آرو
نڪو آسڻ اس لاءِ نہ آتڻ آسارو
سدا سنرا سيءَ ۾ سانوڻ سيارو
سوره سوپارو سالڪ سمجهن سير تا

2-بيراڳين پٽن تي بازي
طبل تازي تيز سان تياري تازي
کيلن کيل خيال جو غواصي غاضي
قبل نا ماضي مردن جي ميدان ۾

3- تي - تارڪ تن جا ترڪي هليا ترڪ
ڦيريدار فقير ٿي فاني ڪري فرق
واصل ٿيا ويساه سان وحدت واري ورق
محبت وارن مرڪ مشاهدو مئيخانجو

4-ٿي- ثابت ساه جو سامي ڪري سانگ
ڪتي طبل تاب سان ڪتي طلب تانگهہ
فوت الانفاس قتلل انبياءَ بيشڪ سٽي بانگ
لاحد واري لانگ لاٿي لئون لاٿان ٿيا

5-جيم- جڳائين جوش سان جوڳي جوت جلال
پڙڪي باه بره جي ڪٿي بهاري برحال
پسن تا پسڻ ڪي پاڻ ڪري پئيمال
محمد مست مقال موهيو مهميرن ڪي

6- جي- حلاجي حال ڪي حاصل ڪري حر
پريمي پالوٽ جا پيالا پين پر
گگن جي گلزار ۾ گهمين گياني گر
سهٽو ڪنتا سر محمدي مئيخان ۾

7- خي- خدائي خيال جو ڪاهوڙين خمار
ڪل شيءُ يرجم الا اصلهي پرجهي اي پچار
قاب قوسيني ڪل ۾ ڪامل تي ڪلتار
چشمن جي چمڪار چست پسن چلان تا

8- دال- درويشن جو دونهون مٿي در
پسن پرچهن پاڻ ۾ پسڻ واري پر
گياني گن گفتار سان گهورن واري گهر
طبل تازو تر بيوتن برحال كيو
9- ذال- ذكائي ذات جو ذاكر ذكر كن
فالم كري فِهم كي فكر واري فن
سنڌه سنڌن سرودي ساز ٿيا تان ترانا تن
ماهر كيائون من معنوي ميزان ۾
10-ري- رنگي رفتار سان رند كرن ٿا راڳ
لهن لئون لاٿان يكتا لاحد واري لاڳ
واندا ٿي وجود كان واري وحدت واڳ
سرن جي سهاڳ ثابت كنتا سچ كي
11-زي- زناري ذوق كيا زهد كان كئين زور
صورت جي سينگار سان سنبري چارن سور
شرابي شغلات جا شاهي كري شور
ديدن واري دور درسن ڏسن دلدار جو
12-سين- سناسي سر جو سمجهي سر سارو
سراسر سينگار سان سهڻو سوپارو
پاٺي كري پانهنجو پسڻ پاڳارو
نرهٺي نعرو نوبت سان نروار ٿيا
13-نين- شاكر شوق جا شوريل شرابي
قتل واري كوڏ سان كامل كبابي
هٺي نعرو نيهن جو نوبت نوابي
رنگي ربابي رندي كن سي راڳ ٿا
14-صاد- صوفي صاف كيا صراحي صمصام
كنڌه قبولي كوڏ سان كلالي كمكام
پسڻ جيئمان ۾ پين ٿا پر جام
محمد مٿي جي مام مرد مچن منصور ٿي
15-ضاد ضرب ضمير سان ظاهر ظفر ذات
پائي پسن پاڻ ۾ جهاتي اندر جهات
هو كو ڏيئي حق جو كري حال حيات

برســر پــاتين پــات بــره وارن بيكــ كيــا
16-طئـــي- طــالب طلــب جــا طبــل ســان طــاهر
ذاتـــي زينـــت زيـــب جـــو ظهـــورو ظـــاهر
پــاڻي پســـن پــاڻ تــا انـــدر چـــا بــاهر
محمـــد تـــي مــــاهر منصفـــي ميـــزان
17-طئـــي- ظفـــر ظلمـــات ۾ كـــن ظـــاهر ظهـــورو
پــائي پيــچ پتنـــگ جـــان پچـــڻ ســـان پـــورو
كولـــي كيليـــن كيـــل تـــا كـــاهوڙي كـــورو
نورانـــي نـــور لاٿـــي لٿـــون ســـان لعـــل تـــا
18- عيـــن- عاشـــق اكـــ جـــا عجـــب عاليشـــان
ديـــدن جـــي دربـــار ۾ دم جـــو ڈري ڈيـــان
پســـن تـــا پســـڻ كـــي پســـڻ جـــي پٹمـــان
ســـرودي ســـامان ســـارو سمجهـــن ســـر ۾
19-غيـــن- غواصـــي غـــور ســـان غــازين كيـــو غمـــاز
پســـڻ واري پـٹـــڙ ۾ پتنـــگن جـــان پـــرواز
نظـــاري نيشـــان تـــي نٹـــون كولـــي نـــاز
انــــاالحق آواز عشــــاقن اظهــــار كيـــو
20- فـــي- فيـــاضي فـــوج ســـان فـــالم تـــي فقيـــر
بگـــل بجـــائن پيريـــون بيشـــك بينظيـــر
محبـــت جـــي ميـــدان ۾ مدامـــي مهميـــر
محمـــد مٹـــي پـــي ميـــر مســـت رهـــن مخمـــور تـــا
21-قـــاف- قـــادر قـــدم جـــا قـــائم قلنـــدر
ســـرمنڊل ســـامان ســـان ســـاقي ســـكندر
بيشـــك بهـــادر بيريـــا بقـــائي بنـــدر
الاهـــي انـــدر ايكـــائي ۾ ايـــك ٿيـــا
22-كـــاف- كـــامل كـــاپڙي كلالـــي كلتـــار
كيـــن كمـــائي كيـــن ٿيـــا كارونيـــاري كـــار
نفـــي ۽ اثبـــات كـــان اڳـــي تـــي اظهـــار
پســـڻ جـــي پاتـــار پســـڻ ۾ پيهـــي ويـــا
23-لام- لاهوتـــي لعـــل تـــا لاجـــي لاٿـــي لام
جهـــڙا ســـرها عيـــد ۾ تهـــڙا منجهـــ ماتـــام

پاڻهي پسي پاڻ کي پسڻ جي پيغام
جنگ پيٺن تا جام جدا تي جسمات کان
24-ميم- محيسين جو کيان ڇا مذکور
منهن مٿي سر لٽيون گيان گگن گهنڊ گهور
محکم مئي جي موج سان مدامي مخمور
مست مگهن منصور موجود ۾ موجود ٿيا
25-نون- نظر جي نوڪ تي نانگا نر نروار
نظاري نيشان تي نيارو نگار
نعرو هڻي نيهن جو نسنگ نامدار
نيڻن واري نار ناٽڪ کولي ناز جو
26-واءُ- ويراڳين ڪئين واريءَ جا وٿاڻ
وسايا ويراڳ سان پٽن وارا پاڻ
وانداڻي وجود کان ڇاڻي اصل ڇاڻ
پسي پنهنجو پاڻ پسڻ ۾ پيهي ويا
27-هي- هم اوست جي هڪل هڪ حلال
همه ۾ همذات تي بيشڪ بي مثال
هسن جي هيڪار سان حاصل ڪري حال
خوبان خوب خيال خدائي خمار ڪيو
28-الف- اويسي اکرا اصل کان آهين
عاشق عجب عشق جا انا الاثين
قدم ڪذائي ڪن تي ڪنڌي ناکاهين
پڌر تي پائين پير پسڻ پاتار ۾
29- لام- لهن لاريب سان لاحد واري لاڳ
رندي رقص روپ رنگ رڱ رڱ اندر راڳ
سٽائن سر ساز تا سوره تي سجاڳ
محمد مئي جي ماڳ مرد مڇن منصور تي
30-يي- ياور يار تي يڪانون ياقي
اکين ۾ اظهار ٿيو اڇي اوطاقي
ڪاتي بشر بيڪ سان بي رنگي باقي
محمد سر ساقي سراسر سينگار ڪيو

سي حرفي

1-الف- اکر عشق ۾ گهونگٽ کيو کڻي
ميم رکيائين من ۾ بره پاڻ ٻڻي
اصل آتش عشق جي گهورن منجهه گهڻي
ڏومن جو ڏٺي صاحب آيو سنسار ۾
2- بي- بهانون بيرنگي کيو بره جي بازار
لالڻ لکايو پاڻ کي چمن ۾ چوڌار
انا احمد بلا ميمي گهنڊ پسي گفتار
ويا غير غبار سمجهي سير وجود جو
3-تي- توکل تار ۾ طالب ٿيا تمام
لامقصود في الدارين کهي اي کلام
صورت جي سردار کي صحي کن سلام
مخفي رکي مام تارک ڇاڻن تن کي
4-ثي- سکايل سور جا اندر جن اکير
مدامي منتار جي فکر منجهه فقير
اکين جي اسرار ۾ عاشق ٿيا اکسير
محبت موهيا مير حسن جي هيڪار ۾
5-جيم- جني کي ياد پيو جانب جو جنسار
محبت جي مئيخان ۾ پلپل کن پچار
جاڳڻ سندي جهد ۾ وحدت جا وينجهار
بيائي باري بار غرق ٿيا گرداب ۾
6-هي- حرام هو ڏکي تا کوري ۾ کائين
صورت جي سردار کي صحي سر نائين
اکيون اکين سامهون عاشق اڙائين
وهم وڃائين بيرنگي جي رنگ ۾
7-خي- خوديءَ جي خيال کي تا جوڳي جلائين

لدني علم جي دور کي پر ۾ پچائين
لامقصودي لعل لاءِ ڳولائي آهين
وره وسائين ملڻ لاءِ محبوب جي
8-دال- دلبر ديد ۾ اچي پترو کيو پاڻ
نهن اقرب ناز سان ڏنائين اهڃاڻ
ظاهر وارن زير کيو ڇاٽي پنهنجو ڇاڻ
محمد سر سڃاڻ حڪمت ساڻ حبيب جي
9-ذال- ذاکر ذات جو وسارين نه وير
محبت جي ميدان ۾ پرتئون پري پير
دنيا فاني فکر سان ڏس رهي رهندو کير
هتئون ويڙا ڍير هتئون وريو کو نکو
10-ري- رباني راهه جو رند پروڙي راز
هٽي هوئڻ هوڏ کي پڙهه نوڙت جي نماز
بيائي وڃهي بن ۾ پڙ ۾ کر پرواز
اجل جو آواز سالک سڻن سير ۾
11- زباني ذوق کي چڏيائون ويهي
نيڻ جي نشان ۾ نهارين نيهي
وفي انفسکم افلاتبصرون سکندن کيو صحي
پر ۾ پاڻ پهيءَ نانگا نهارين ناٽ کي
12- سين - سلامي سک ۾ عاشق ٿيا اچي
کڏي چڏيائون قلب مان کوڃهي ڳالهه ڪچي
سمجهيائون صدق سان صورت صاف سچي
محبت منجهه مچي پيهي ويا پاتار ۾
13-شين- شکر کر شاهه جو طمع کري ترک
لالن جي لقاءَ کونهي کوئي فرق
دلربا دلدار جو ديدن منجهه درک
وحدت واري ورق ويجهو ٿي وصال کي
14-صاد- صبر جي سير ۾ سناسي آهين
آٽيو آتش عشق جي جيءَ ۾ جڳائين

بيخوديءَ جي بحر ۾ رنگ کي رچائين
لاهوتي لاهين باري بار صفات جو
15-ضاد- ضميري ذوق جو ظاهر ٿيو ظهرو
ديرو دائم دوست جو دل کان ناهي دور
محبت جي ميدان ۾ پلپل پون پور
ڏورج کيم ڏور-محمد منثي منثار کي
16-طئي- طمع جي طال کي سالک کن صحي
وحدت جي وٿاڻ ۾ رُهبر رمز رهي
دوئي واري دام کي ڇنن پاڻ پهي
لون ۾ لعل لهي صاف سڃاڻن سچ کي
17-ظئي- ظاهر ذوق جو عشاقن ارشاد
بره بيحد بين سان آگڻ کيو آباد
قلب قادر کرم سان شکر کيو شاد
باري بيشڪ باد آيو عدم ملڪ کان
18-عين- عنايت عشق جي عجب ٿي اسرار
ڪجل ڪيف ڪڪوريا ريا بره جا بيمار
ويا وحدت وچ ۾ خوديءَ جا خمار
ظاهر ذوق زنارمن ۾ مسلمان ٿيا
19-غين- غفلت غير کي ڏوتائون ڏٺي
بره وارن بين ۾ انهد گهور سڻي
وجودي وينجهار کي وحدت واٽ وٺي
عجب عين اٿي موهيو مشتاقن کي
20-في- فوج فراق ۾ فائق کيا فضل
عاشق اڄ اوسات ۾ وهسن لاءِ وصل
تازا طلب تار جا سٽي تن طبل
عجائب اصل عاشق ٿيا امداد سان
21-قاف - قلب جي کن ۾ گوهر ٿا بـ گهمن
ساري رات سيج تي سوره کين سُمهن
لا الـ الاهو پر ۾ پاڻ پسڻ

ڪنهن سان ڪين ڪهن قيل قرب جي ڪارجي
22- ڪاق - ڪنتا ڪاپڙي قرب وارو ڪم
الف جي اسرار جو ڏٺي هٿن دم
وڻن واڻ وصال جي وجائي وهم
شاهنشاهي شم ديري ڏسن دوست جي
23-لام- لاهوتي لعل ٿيا اڪين جا اصيل
وجايائون وحدت ۾ دوئي جا دليل
سکن ساري سڪ جا سبق ڪي قليل
سجاٽي سبيل سر ڏين ٿا سونهن ۾
24-ميم- ملڻ جي من ۾ محبت مشتاقن
گوهر گهڙي گرداب ۾ ٽوبن جيئن ٽبن
سير سجاٽي سچ جي وحدت واڻ وڻن
پر ۾ پاڻ پسن آديسي اسرار ٿي
25- نون - نهارين نيڻ ٿا اصل اويسي
ڪچن پچن ڪين ڪي پورا پياسي
ڪن اوتارا عيش جا عدم اداسي
وندر جا واسي سدا رهن ٿا سڪ ۾
26- واءُ- وندر وڻڪار ۾ وينجهر ڪن وٺاڻ
صورت جي سينگار ڪي پهري وجائن پاڻ
محبت جي ميدان ۾ چاٽي وجهن چاڻ
بره وارو پاڻ نانگا نهارن نيهن ۾
27-هي- هلڻ جي هل جا تازا سڻ طبل
ڪيئي دنيا جا دادلا عدم ڪيا اجل
دلربا ڪي دل ڏي امالڪ اصل
دائم دامن جهل محمد عجب عشق جي
28- ع جي اڄي عشق ٿيو اظهار
هنيو حيرت وچ ۾ نيهن ڪيو نروار
چوري چت چريو ڪيو چشم جي چمڪار
حسن جي هسوار هزارين حيران ڪيا

29- لام- لاڙ لاف ڏي کيــــــــر کـــر کٽيـــــاڻ
ســــارو دور دنيـــا جــو فنـــا فـــاني چــاڻ
هـــردم هلنـــدڙ تنهـــن ۾ محڪـــم آهـــي مـــاڻ
مقـــام ۽ مســـاڻ ڳڻـــي ڳڻيديـــن ڪيتـــرا
30-يـــي - ڪـــر يقيـــن ســـان يـــاد يگـــانو يـــار
صـــورت جـــي ســـردار ڏانهـــن وحـــدت واٺـــي وار
حجـــت هوئـــڻ هوڏجـــي ڪـــر نـــه ايندٺـــي ڪـــار
محمـــد تـــي مهنـــدار پـــارث اڳيـــان پـــرت جـــو

سي حرفي



1- الـــف- اثبـــات تـــي آيـــا اصـــل انســـان وچ
جنهـــن احمـــد بلاميمـــي الايـــا شـــان وچ
2- بـــي - بـــي بشـــر دي بـــازي بحـــالي بـــا وفـــا
الاهـــي عشـــق دي احـــوال والـــي تـــي صفـــا
3- تـــي - طبـــل توحيـــد دي تـــن مـــن ترانـــي تـــار تـــر
تـــرنم تنبـــوري تـــال بـــا تـــازي توانـــي تيـــار ڪـــر
4- ثـــي - ثنـــا ثـــابت ڪـــران سرور ســـچي ســـردار دي
لحمـــڪ لحـــم والـــي لقـــب دمـــڪ دمـــي ديـــداردي
5- حـــي- حســـن وفاطمـــه حســـين حـــر هســـوار دي
ڪيـــا آڪـــان ڪهنـــدي اڳـــون هـــي ڳالهـــه اي اســـرار دي
6- جـــڳ وچ جـــاءِ بجـــاءِ جلـــوه نمـــاءِ جـــابر علـــي
ڪـــل فقـــره پيشـــوئِ امـــت جهنـــدي دامـــن جهلـــي
7- خـــي - خدائـــي خلـــق وچ پنجتـــن ســـندا ثـــاني نـــه مـــٽ
شـــير شـــاهي ڪربـــلا ڪلنگـــي ڪلهـــه ســـه تـــاج چـــٽ
8- دال- دلبـــر دلربـــا هـــي دائمـــا دانهـــن دليـــر

شبیر شبر شاہ ھي شاھي شرف شھزور شیر
9- ذال- ذاتي ذکر ھي شبیر دي شغلات دا
سیر مئین کیھا سٹانوان سرخ سر سخنات دا
10- ري - ربوبي راز تي رھبر رنگي راضي رھیا
سرتي سراسر سونھن دا سھٹا سرخ سھرا تھیا
11- زي- زباني ذوق با احوال مئین کیھا کران
شبیر شاھنشاھ ثیا بیا ڈیان کیا دمدا ڈران
12- سین - سپ سنسار وچ سینگار سرور سونھن دا
مولیٰ علي قائم کیتا نروار نعرا نوح دا
13شین - شفقت شاہ دي شملا پڈا شغلات دا
ھر جاۓ حقي ھوکا ھلیا نعرا نفي اثبات دا
14- صاد - صاحب با صدق طالب تئي ماٹھون ملک
خرقہ پھرکي خیال دا خوشحال تي خویان خلق
15- ضاد- ھي ضمیر روشن صاحب سلطان دا
سانگ صورت دي سراسر سیر سپ سبحان دا
16- طلب طالب کرن دلبر سندي درگاھہ دي
وحدت والي وادي اندر واقف وصل ویساھ دي
17-ظئي - ظھورا زور ھي ذاتي ذکر فکرات دا
شو مار شاعر کیا کري شائق شرف شغلات دا
18 -عین - عارف اولیاۓ اولاد تنھن اویس دا
مشتاق مل مخمور تي مطلب پاون محیس دا
19- غین - غازي غظنفر غلبا کیتا غماز دا
حسنین دي حسنات وچ پیرا پریا پرواز دا
20 - في- فقر دي فوج وچ فائض ثیا فالم فقیر
پوٹا تہ نوح فقیر دا ظاھر ظفر روشن ضمیر
21- قاف - قادر قدم تي قائم ثیا عبدالحسین
دیدان والي دربار وچ دائم ثیا عبدالحسین
22- کاف - کامل کاپڑي سرور سچي سکلین دا
اعلیٰ عجائب اولیاۓ عاشق عبدالحسین دا

23-لام - لائـق لعـل ٹيـا لاريـب لئـون لاٹـان دا
شـاغل شـجاعي شـوق كـر شمـلا ٻـدا شـهـ شـان دا
24- منـر- معنـيٰ ملـڪ دا مخـدوم ٹيـا مـالڪ مـدام
پيـالا پـرت دا پـاڪ پـي پرپيشـويٰ ڪيتـا امـام
25- نـون - نـاتي نـامور نيهـي نظـاري نـاز دي
رنگپـور والا رنـگ مـٺ منـي رحلـت ڪيتـي وچ رازدي
26-واءِ - وصـالي واڳـ ول ويسـاه وجهـ الله وچ
بيرنـگ ڪيتـا بيشـڪ بشـر بهـري بقـا بـالله وچ
27- هـي هڪـل هـڪ حيـدري حسـنين دي حسـنات وچ
پـرواز دا پيـالا پيتـا هـادي همـ همـذات وچ
28-ع -عمـر ايڪـو نجـاه عجـائب احـوال ٹيـا
پـاڪ محـرم مـاه وچ خويـان خلـد خوشـحال ٹيـا
29- لام - لاهوتـي لقـب عـارف عجـب ابـرار دا
بيشـڪ بهشـتي بـاغ وچ بهـرا بلنـد بيـدار دا
30 -ي - يسـر يـاقي يگـاني يـاد گيـري يـار دي
ڪيـا ڪـري محمـد منـي مخـدوم مڪـ مهنداردي

هفتو



1-چنچر ڏينهن چا تي ۾ چيرن جا چمڪارا
سنڌ سنڌ سرندا سارنگيون سنڌ سنڌ ساز ستار
احمدي احوال سان آوازي اذڪار
محمد تي مهندار سرودي سينگار ڪيو
2- آچر ڏينهن عجب ٿيو اويسي اوقات رڱ رڱ رقص راڳ
رنگ رموزي رسمات حسن جي هبڪار سان حاضر حال حيات
محمد جي مصلات معنوي مذڪور ڪيو
3- سومر ڏينهن سماع جو سهڻو ڪيو سهاڳ
سڳورو سيين پرين پلو ڪولي پاڳ
وصالي وهنوار سان وحدت واري واڳ
محمد منور ماڳ مقابل مقبول ڪيو
4- اڱاري دن رات جو الاهي احوال
جلويگر جسمات سان جاري جوش جلال
ڪولي ڪيل ڪيو تي خوبان خوب خيال
محمد بي ته مثال مثل جو مسجود ٿيو5
5- اربع عناصرن جو سمجهي سارو سر
پريمي پالوٽ سان پي پي پيالا پر
گڱن جي گلزار ۾ گهمين گياني گر
مڙيا نه هڪڙو مر پسڻ ڏاران پسڻجي
6- خاصو ڏينهن خميس جو خوماريل خوشنود
سرتي نر تي وچ ۾ مصوري مقصود
بي صورت جي بيڪ سان صورت صاف سرود
محمد مڪ معبود مظهر ۾ موجود ٿيو
7- جمع ڏينهن جسم جا جوڙي سوال جواب

خيـــالي خصـــلات ســـان كولـــي خـــود خطـــاب
الا انســـان ســـري وانـــا ســـرهوا نـــوري القـــاب
ميـــم واري مهتـــاب احمـــد محمـــد احـــد ٿيـــو
ونهـــن اقـــرب ويجهـــڙو واحـــد جـــو وصـــال
بيرنـــگ بـــي مثـــال مثـــل ۾ موجـــود ٿيـــو

روپ	ڪافي	پوربا

ٿـــل:- پـــاجون آيـــا چوراســـي ٿـــي بـــره بـــدل بنواســـي
1- وجـــ الاهـــي شـــان جهينـــدا پهريـــس پـــوش پياســـي
2- ڪـــل شـــيءِ محيـــط الاڪـــي ثـــابت ٿيـــڙا ساســـي
3- هرجاءِ ذات ظهورا ظاهر ڪعبـــ قـــائم ڪاســـي
4- محمـــد خـــود ٿـــي خيـــال ڪمايـــا غـــازي غـــور غواصـــي

بيت



1- شـــاهـ مـــردان شـــير يـــزدان ســـڪ دا ســـبق پڙهيـــا
هـــردي انـــدر هـــادي ميـــڏي هـــودا هـــسُـــل هلايـــا
نفـــي ڪنـــون اثبـــاتي هوئـــي تـــڏه ٿيـــڙا ســـانگ ســـجايا
التـــا ســـر سمجهايـــا محمـــد نقطـــي نـــاز دي
2- هســـتي همـــ اوســـت جـــي حـــاصل ڪيـــو حـــال
نفـــي ڪـــي اثبـــات ڪيـــو خـــودي واري خيـــال
الانســـان ســـري وانـــا ســـر هـــو واحـــد ورق وصـــال
محمـــد ڪيـــف ڪـــلال پـــتر ڪيـــڙو پـــاڻ ڪـــي
3- اڪيـــون اڙيـــون اڪيـــن ســـان جـــوش جـــاڳي پيـــا جنگـــي
بـــزن بـــزن جـــو بگـــل بجـــايو نـــاز نظـــاري ننگـــي
فـــالم فـــوج حســـن جـــي ٿيـــڙي رمـــز رلائـــي رنگـــي
محمـــد پـــائي ڪلنگـــي قربئـــون ڪـــڏي قربـــان ٿيـــو

4- صورت جي سينگار ۾ ظاهر ٿيو ظهور
اڪيون اڙيون اڪين سان پلٽي پيا پور
جزي جوش جلال جي پسي نيٽي نور
محمد ٿي مخمور پاڻ سڃا تو پاڻ ۾
5- مانجهي پي مستان ٿيا شوق پيالو شينهن
ترڪ ڪيائون ترڪ کي نعرو هٽي نيهن
ڪاهي هليا اوڏهين جتي رات نڪو آهي ڏينهن
محمد محبت مينهن سدا وسي ات سونهن جو
6- سوره ساجد سر جا اصل ڪان اٿوٽ
ترڪ ڪيائون ترڪ کي الف واري اوٽ
سر سينگاري هليا گيڙو ٻڌي گهوٽ
محمد چڙهي چوٽ نانگا مليا نات کي
7- نانگا پسن نات کي پيهي اندر پاڻ
وحدت وجودي ويڙهه ۾ ٻره واري پاڻ
مام ملاٽي مام سان ڇاٽي عجب ڇاڻ
محمد صورت ساڻ همدم ٿي همذات ٿيا
8- سمنجهه صحي ڪر مارين غوطا هتڪر لادي ڪاتي
گر ٿي ويڪين نيهن نظارا پاءِ دروني جهاتي
پي پيالا محبت والا ڏي هوڪا دم دم ذاتي
محمد ڪرا ثباتي سارا سر سبحان تون
9- جي پائين جوڳي ٿيان تہ هٽ ڪر پنهنجو خيال
رڱڻ ڇاڙهي رمز جي ڪرتون قرب ڪمال
پري ناهي پاڻ کان واحد جو وصال
محمد جذب جلال ماڻي ڏس محبوب کي
10- جي پائين جوڳي ٿيا تہ ڪنبي ڪيم ڪت
ونحن اقرب اليہ من حبلل وريد واقف ٿي وحدت
لامقصود في الدارين الاهو الٺو سمجهي ات
محمد مئي جي مت همہ سان همذات ٿي
11- جي پائين جوڳي ٿيان تہ سني ڪڻ ۾ ساڻ
هڪدم ڏڙڪان ڏار ٿي ڪپي ڪثرت ڪاڻ
هسي حال حلاج تي سوري جي سراڻ

محمد مستي ومان عاشق تي ڏس عشق جو
12- جي پائين جوڳي ٿيا ته هو ۾ ڏس تون هيءَ
پاڻهي پسي پاڻ کي پرت پيالو پيءَ
موتو قبلل انت موتو مرڻا مري جيءَ
محمد وحدت ويءَ حاصل انهي حال ۾
13- جي پائين جوڳي ٿيان ته پرت پرين سان پار
دمِدم دمي دمڪي دم جو ڪر ديدار
چا آهين چا تو پسين پسڻ پس پاتار
حسن جو هسوار هو جتي محمد هونگ ۾
14- جوڳي پڙهي جوش سان فنائي جو فرض
ڪائي ڪديائون قلب مان مرادن جو مرض
لاسين وجهي لاٿيا عدم ڪري عرض
محمد غازي غرض ترڪي هليا ترڪ ۾
15- محبت جي ميدان جو ڪي رند پروڙين راز
پيهي ويا پاتار ۾ سمنجهي صورت ساز
پاڻ وڃائي پاڻ. ٿيا نانگا پسي ناز
محمد نات نواز ثابت ڪيائون سنر ۾
16- پاڻهي پسي پاڻ کي وسيلا وسار
سرڪي پريي سڪ جي ڏڙ ڪان تي تون ڏار
بيرنگيءَ جي بحر ۾ عجائب اسرار
محمد پس پاتار گوناگون گيان جو
17- پسڻ پس تون پانهنجو پسڻ آهين پاڻ
پسڻ واري پيچ کي پڌر تي پچاڻ
پسڻ پس پسڻ جو پري ڪيم پلاڻ
پچائي پچاڻ محمد مڪ مذڪور ڪيو
18- پسڻ پسيم پانهنجو پسڻ جي پچاڻ
پسڻ آهيان پاڻ پسڻ واري پيچ ۾
19-پياسي پچن پسڻ لاءِ تون پسڻ پنهنجو پس
ڏورج بيو ۾ ڏس ڏسڻ ڏاران ڏسڻجي
20- پڇي پڇي پسڻ ۾ پسڻ ٿيس پاڻ
چاتو اهو چاڻ پسڻ پرجهڻ پاڻ ۾

21- پسڻ پرجهڻ وچ ۾ پسڻ جو پاتار
پسي ٿيو پڳدار محمد پسڻ پيچ کي
22- پويٽ پتنگ پاڻ ۾ پهي کن چا پک
هو پيڙا پنيورين سان هوتا بش ڏي کن تک
هو خماريل خوشبوءِ تي هولا جولنگهن لک
شبهه کهڙو شک پتنگن جي پرواز ۾
23- پويٽ پتنگ پاڻ ۾ کيهي کن پچار
هو گهمن تا گلزار ۾ هو آتش تي کن آر
هو واس ونن وٽکار جو هو مچ متي مختيار
پروانا پڳدار مهمد منگل موج جا
24- پويٽ پتنگ پاڻ ۾ کن چا ڳالهيون ڳچ
هو گهرن تا گلزار کي هو تا چون پچ
هو ساوڪ تي سرها ٿيا هو سڙن متي سچ
محمد مڙيا مچ پتنگ پنهنجي پسان
25- پويٽ پتنگ پاڻ ۾ ابرنگو پير
هو پوکن تا باهه کان هو شائق جئين شير
هو برسن بهاري تي هو گم تي کدين غير
محمد ڦولهي ڦير چا سٽائي سر سان
26- زاهد زناريءَ جو صحي کندو چا سر
هو نبکيا بني بهشت جي هو دم جو جپي در
هو مهر منگي مرشد کان هو گُر ۾ تئي گُر
محمد پيالو پر کو مرد پئي مئيخان ۾
27- نمازي نانگن جو چا ڦولهيندا فن
هو نوڙن تا نياز سان هو کم قتل جو کن
هو ملت رکن مقصد جي هو ترکن تکيو تن
هو سائل ثوابن هو محمد مئي جي موج سان
28- نفي مان نيشان ٿيو نظارو ناسوت
قلبي کل کمال کيو مشاهدو ملڪوت
روحي ۾ روشن ٿيو جلويگر جبروت
سري سر ثابوت کيو لاثاني لاهوت
خفيءِ واري خيال کيو هگامون هاهوت

اخفا کان اثبات ٿيو بقائي باهوت
محمد سيا هوت متاهون مذڪور ڪيو
29-عشاقن ڪيو عشق ڪي اڪين ۾ اثبات
ويساه وجه الله ۾ نور سموات
همه ۾ همذات ٿيو حقاني حسنات
محمد جي مصلات ثابت ڪيو سونهن ڪي
30- جوڳي پڙهي جوش سان اسم پاس انفاس
خاصو خاص الخاص خوب ڪيائون خيال ڪي
31- ملامت جنو ٻڌي مولهيو مڇي ٿي منصور
مدامي مخمور محمد ٿيو مئيخان ۾
32- ڪهٽي ڪهي هرڪو رهٽي رهي ڪو
سوره محمد سو جو رهٽي رهي راز جي
33- چوڻ ڪرڻ وچ ۾ آهي وڏو فرق
ڪي غازي ٿيا غرق وحدت جي ويساه ۾
34- چا هئين چا هوندين چا حاضر آهين هاڻ
پسڻ ۾ ٿي پاڻ پورو ڏي پيغام تون
35- اڏيءَ واري آر ٿي عاشق ٿي اٽموٽ
گيڙو ٻڌي گهوٽ محمد جي مئيخان ۾
36- ڪات ڪلالي ڪٽيو اڏيءَ ڪيو آرام
پسڻ جو پيغام پسڻ ۾ پورو ٿيو
37- ڪات قتل جي ڪام جو ڪنجي ٿيو ڪارو
اڏيءِ اوبارو اڪين ۾ آرام ڪيم
38- اڏيءِ نيئي آرام ڪيو ڪاتي چڙهيو ڪٽ
جنهن ٿي پيتو پٽ سو پسڻ ۾ پڳدار ٿيو
39- اڏي ۽ ڪات جو سمجهه سارو سير
ڪپڻ وارو ڪير ڪسي ڪڏي ڪير ٿو
40- نڪا ڪنڌي ڪين جي نڪو اڏي ڪات
ظاهر باطن ذات سراسر ثابوت ٿي
41- نڪين ور وجود ڏي نڪبن ووڙ وتاڻ
پسڻ ۾ ٿي پاڻ محمد جي مذڪور سان
42- پسڻ واري پيچ جو پسڻ پسان جي

تہ نکين هجر نکين وصل نکين الف بي
نکين اسم نکين جسم نہ اوهين اسين سڀ
هو نہ آهي هي پسڻ جي پاتار ۾
43- نکين ويهہ نکين وچ نکين عرش اڏام
پيهي پاتارن ۾ کهڄ کونہ کلام
لاوجودي لاڳ سان لاڄي لنگهي لام
محمد واري مام پسڻ ۾ پڳدار ٿي
44- نکين احد نکين عبد نکين حدون حسابا
نکين ڏيان نکين گيان نکين ڏوهہ ثوابا
نکين ناز نکين نياز نکين نيهہ نوابا
راڳ نہ زبابا عدم جي اثبات ۾
45- راهوندي رهاڻ جي رنداني رسمات
گاروڙي گلزار ٿيا گهورن واري گهات
امين محمد عشق کيو اکين ۾ اثبات
حاضر حال حيات حسن جي هبکار سان
46- کپر پچن کيترا کن پچن ٿا کي
سامي سهٽان سي جن سر سچاتو سير جو
47- کن نہ پچن کيترا کن پچي ٿو کو
کارونياري سو جو پيهي ويو پاتار ۾
48- اچي عشق امين ٿيو محمدي مصلات
کلالي کلمات کري آيو کوڏ سان
49- محلي ملاحن جي آيو جام جهلي
حسن هام هلي حملي سان هسوار ٿي
50- محلي ملاحن جي جهلي آيو جام
سمي جي پٿي سام مهاڻان مخمور ٿيا
51- سمون جام آئيو تماچي تڙ تي
مرکي ٿيا مي سنگينٽان سردار سان
52- پٽن تي باران سان برسر برسي بوند
حسن واري هوند حقيقي هبکار کيو
53- برسي بوند پٽن تي ٿي بهاري برحال
خوشبو کئي خيال خدائي خمار سان

54- واسينگن جي ويڙهه ۾ جوڳي ڪن ٿا جوڳ
ڦولهي پسن ڦوڳ منتر هٽي مام جو
55- واسنگين جي ويڙهه ۾ جيڪو پائي پير
دم نه ڏري ديرِ دمڻ ڏاران دم جي
56- واسينگن جي ويڙه ۾ ڪو ويراڳي وڃي
پولا سپ پيچي منتر هٽي مار ڪي
57- واسينگ ڪئين ورن سان ڪاريهل ڪروڙ
ڪپر ڪڻ پدم پيا تليهر تورڙان توڙ
جوڳير جي جوڳ جا ڪري جنگي جوڙ
محمد پڌي موڙ اکين ۾ اثبات ڪيا
58- امين محمد عشق جو سبق ڏنو سچ
نا چوتي چئين نچ نعرو هٽي نيهن جو
59- ويراڳن وساڻيا واري جا وٽاڻ
پسي پنهنجو پاڻ پسڻ ۾ پڳداڙ ٿيا
60- جلالت جي جام ڪي ڪي جوڳي پين جنگ
لاجا لائي لنگ محمد جي ميئخان ۾
61- ڪاريهل ڪر ڪٽي جوڙي هٽي جهٽ
ڪو آڌوتي الهٽ جوڳي جهلي جهڙپ ڪي
62- نظر واريءَ نوڪ تي نهرو پسي نيهن
محمد محبت مينهن وسائي وهنوار ڪيو
63-نظر واريءَ نوڪ تي نيهن پسي نهرو
محمد سر سهرو صوفي پڌن صاف ٿي
64- ديدن جي دربار ۾ دم جو ڏري ديان
سرودي سامان انا الحق آواز ڪيو
65- مير مغان مڙگان ۾ مئي جا ڪولي مٽ
پر پياري پٽ محمد مصلات سان
66- موڪي واري مٽ ۾ ڪيئن سوٽا سپ
چتا جني چپ سي سوره سرسا سرڪ تي
67- نيڻن واري نوڪ جو سهٽون ڪري سير
وڃائن ٿا غير غواصي گر داب جا
68- نرت ۾ سرتيءَ ڪيو صورت جو سينگار

سهڻي سار سنيار سنڌه ۾ ثابوت ٿي
69- سرتي نرتيءَ وچ ۾ ڪري هٿ خيال
حاضر همدم حال حاصل ڪيو همذات ٿي
70- سرتي نرتيءَ وچ ۾ سهڻون ڪري سر
جپيو دم جو در محمدي مذڪور سان
71- سرتي نرتي وچ ۾ سٽائي سرود
ڏيدن جي درود ثابت ڪيو سر ڪي
72- سرتي نرتيءَ وچ ۾ نئون ڪولي ناز
ثابوتيءَ جي ساز سهرو پڌو سونهن جو
73-سرجني جا سٽ ۾ سوره سر ساسي
جام پين تا جي ڏڙ سئي ڪان ڏار ٿي
74-اڪين جي اسلام ۾ عاشق ٿي اڪسير
محمد ڪي مهمير سوريءَ تي سوار ٿيا
75- نظر واريءَ نوڪ تي نعرو هڻي نئون
لاسين لائي لئون لاهوتي لعل ٿيا
76- نظر جو نيشان تي نيهي جپي نام
محمد واري مام صوفي سمجهي صاف ٿيا
77- اسم سان اتحاد ٿي عشق عجب آيو
سڀ ۾ سمايو صورت واري سير سان
78- ساقي واريءَ سرڪ ڪيو سرتيءَ ۾ سرور
ظاهر ٿيو ظهور نظارو نرت جو
79- صوفي سوري سيج تي گيڙو بڌي گهوٽ
عاشق ٿيا اٿموٽ انا الحق آواز سان
80- نظر واري نوڪ تي نيزي سر نيشان
ڪو ڪو پو ٿئي قربان قدم واري ڪوڏ سان
81- ذات صف جي ساز جو صوفي سمجهي ست
مستيءَ واري مت جوهر ڪين جوش جو
82- صورت جي سينگار مان سرتيءَ ڪيو ست
پرت واري پت پسڻ ۾ پاڪ ٿي
83- پئن تي برسات سان ساونڻ ڪيا سهاڳ
وحدت واري واڳ ساوڪ ڪيائين سچ جي

84- نانگا نمن کين کي توڙي اڳيان نات
سانگو نہ کٿن سبات نمائڻ نات جو
85- پسڻ ۾ پيهي ويا ڇڏي پورپ پنڌه
حاصل کيائون هنڌه حلاجي حسنات سان
86- نظر ۾ نانهن تي نانگا ٿيا نهال
هت کيائون خيال خدائي خمار سان
88- صورت واري سير ۾ ثابت سر سبحان
دم جو ذري ڏيان عاشق عاليشان ٿيا
89- حسن جي هبڪار سان حاصل ڪري حال
نانگا ٿيا نهال نعرو هڻي نيهن جو
90- ساغر جي سينگار سان سٽي سانگ سڌن
سهرا سرخ ٻڌن سوره سوريءَ سيج تي
91- قبل نما ڪل مرشد والي ڪامل قلب ڪماون
اسم صفاتي تي رڪ ذاتي انحد بين بجاون
پرواني تي آپ جلينديي پير نہ پٺتي پاون
ڪڏ ڪڏ ڪنڌ ڪٽاون محمد ساجد سردي
92- ڏک بک کوڏيا ڪاپڙي لاجني جو لڪ
احرام کيائون عشق سان پر ۾ ڪري پڪ
شملو ٻڌي شڪر جو سڀ ڪڍيائون شڪ
محمد ثابت سڪ عشاقن اثبات ڪئي
93- لاحد واريءَ لاڳ سان لاهوتي لاٿان
عاشق عاليشان اکين ۾ اتحاد ٿيا
94- اکين ۾ اتحاد ٿيو اجهل عشق اچي
رمزن ساڻ رچي رنديءَ رتو رنگ ۾
95- ياد چو کيان يار کي جو وسري ٻہ مور
مدامي مسرور محمد ۾ موجود ٿيو
96- ياد نہ کريان يار کي ويل نہ وساريان
گڏجي نہ گهاريان پري نہ پانيان پاڻ کان
97- نکين وسريو ويرکا نکين رهيو ياد
اکين ۾ اتحاد عجب عشق امين ٿيو
98- ياد جي کن يار کي سي منگتا ميراثي

سوره سناسي سير سڄاڻن سر جي

99- محبت جي مئيخان ۾ مردن ڪيو ميڙ
ڇيرين واري ڇيڙ ڪوليائون سرساز سان

100- عاشق تي اکين جا آيا آڏو تي
ڪري ثابو تي سوريءَ واريءَ سيج تي

101- ڪٿي پيچي پر لاءِ ڪٿي پرين پاڻ
ساجن سيڪنهن ساڻ سڪي ساري ڪير ٿو

102- لامقصد مقصد ڪر مقصد مور نه مڃ
بي وسيلي وڃ وحدت جي ويساه سان

103- صوفي سوريءَ سيج تي سهرا ٻڌن صاف
اکين جي انصاف اعليٰ ڪيا، اثبات ۾

104- صورت ۾ جي صاف ٿيا صوفي سي چئجن
سوري سر سيلهن سوره سمجهن سيج ٿا

105-آڇاڙو اثبات جو آيو مٿي جن
اگر ڪيو تن اناالحق آواز جو

106- شاهه مردان شيريزدان شاهي طبل وڄايا
محبت دي مئيخان مدامي جنهن شوق شراب پلايا
مذهب ملت پل ڳيوسي رمز جڏهان رنگ لايا
محمد پيد بتايا مالڪ ملڪ حسن دي

107- الف اصل ڪان الت اوپارو اکين م اظهار
آدم اولي احد الايو احمدي اذڪار
اول آخر ايڪ ايڪائي الاهي اسرار
انا ان انوار اشارو اثبات جو

108- پرت جي پئيمان ۾ پيالو پيتو پر
گڪن ۾ ٿي گر محمد مستي موج جو

109- ديدن جي دربار ۾ دم جو جپي در
سهڻون سمجهي سر محمد معنيٰ مام سان

110- ڪين ڪمائي ڪاپڙي ڪين اندر ٿي ڪين
ڪين ڪنڌي ڪاڪين ڪارو نپاري ڪين جي

111- ڪونڌ ڪپائي ڪنده ڪي ٿا قدم ڪڏائين
پنڌ نه پڇائين پسڻ جي پاتار

112- ڪونڌن نہ ڪڌن ڪيترا ڪونڌ ڪڌي تـو ڪـو
ڪونـــڌن منجهـــان ڪـــو قـــدم ڪـــڌائي ڪيـــن ۾
113- ڪـي ڪـامل قلبـي قـرب ۾ ڪـيَ نفـي جـا نيشـان
ڪـي روحـيءَ واري رنـگ ۾ ڪـي سـريءَ ۾ سـلطان
ڪـي خفـي جـي خومـار سـان ڪـي اخفـا ۾ عريـان
صحـي سـر سـبحان صوفـي سمجهـي صـاف ٿيـا
114- جـي اڌي جـي آر تـي عاشـق ٿـي اچـ
سـي محمـد مـرد مچـن مدامـي مخمـور ٿـ
115- منصـوري ميـدان ۾ ڪـي مـانجهي مـرد مچـ
نسـنگ ٿـي نچـن نيـزي واريءَ نـوڪ تـي
116- پڙهـــڻ پيچـــڻ وچ ۾ آهـــي وڏو فـــرق
محبـت وارن مـرڪ مـام سـڃاڻن مـام جـي
117- مـام سـڃاڻن مـام جـي مـانجهي ڪـي مهميـر
اصـل ٿـي اِڪسـير اڪيـن جـي اسـرار ۾
118- معنـوي ميـزان ۾ ميـم سـندو مذڪـوره
سـرن جـي سـرور سـوره سمجهـن سـير ٿـا
119- پچـي جـو پـروان جيئـن سـو پـرت ۾ پـورو
نوراني نـورو لائـي سـو لاٽـان ٿيـو
120- ترڪـي تڪيـو تـن جـو ترڪـي ترڪـو تـرڪ
گـاروڙي ڪـي غـرق گـم ٿـي ويـا گـرداب ۾
121- گـگن واري گـام جـو ڪيـو گـاروڙين گيـان
منصفـي ميـزان محمـد ڪولـي مـوج سـان
122- منصفـي ميـزانِ ۾ ميـم سـندي محـلات
الڪـ ٿيـو اثبـات انـاالحق آواز سـان
123- پسـڻ جـي پئيمـان ۾ پسـڻ ٿيـس پـاڻ
خبـر واري ڪـاڻ ڪلـي خـود خمـار سـاز
124- اسـم جـي اسـرار جـو مـن ۾ پـاري مـ
فڪـر فـوج فيـراق ۾ پرواني جـان بـ
لنگهـي لامڪـان ڪـان عاشـق ٿـي تـون اچ
رمـز انهـيَ سـان رچ محمـد صـورت صـاف ۾
125- تـن مـن طبـلا تـان تـر طلـب جـي تـابوت

محمد كيو ثابوت سرودي سينگار كي
126- صراحي صمصام جو صوفي سمجهي سير
گم ٿي كين غير اناالحق آواز سان
127- اندر چشمون چشم جو ٻاهر چمكارو
وچ ۾ وصل واءُ سان وحدت ۾ وسكارو
سمجهي ساري سير كي سوره سوپارو
الئو اشارو اكين واري عشق جو
128- نفي مان ناپيد ٿي قلب واري كار
روحي روبي راز كئي ربوبي رفتار
سريءَ سارو صاف كيو
صورت جو سينگار
خفيءَ جي خوشحال كيو خدائي خمار
اخفا كان اظهار اناالحق آواز ٿيو
129- ٻنهين اكين وچ ۾ پسڻ جو پئيمان
محلي ٿيو مڙگان جي منصفي ميزان
چشمي اندر چشم جي چشم جو چالان
ناٽك ٿيو نيشان نيٽن واري نوك جو
130- حسن واري هل ۾ حاصل كري حال
پيو نه ركج خيال پسڻ ڏاران پانهنجي
131-خيال جي خمخان ۾ كري هٿ خيال
نانگا ٿيا نهال نعرو هٽي نيهن جو
132- صورت سهٽي شيخ جي معنيٰ جو ميزان
سمجهي سر سبحان صوفين سير ثبوت كيو
133- صورت سهٽي شيخ جي سارو سمجهي سير
گم ٿي كيدي غير گاروڙي گلزار ٿيا
134- صورت سهٽي شيخ جي سوفي سمجهي صاف
لاڙو چڙندي لاف لاهوتي لاريب ٿيا
135-صورت اندر شيخ جي ثابت كري سچ
محمد محبت مچ منجهان منجهه معروف كيو
136- جلائي جسمات كي جوڳي كن تا جوڳ
پوڳين سمجهي پوڳ پير نه پاتو پڙ ۾

137- ڪاريهر ڪاوڙ ڪان ڦهري ڪٺي ڪر
نانگ نرالا نر نيٺن ۾ نروار ٿيا
138- ڪاريهل ڪرڪٺي ڪري ڪوڏ ڦهر
سي لائق ڪن لهر مڻ جني جي مغز ۾
139- مڻ جني جي مغز ۾ سي ڪي ڪي ڪلاندار
شاهي ڪن شڪار ڏيئي ڦوڪ ڦڻ سان
140- وچ اڏامي اوڏهين جتي هو نه آهي هيءَ
جي منو ڪرين جيءَ ته پير نه پائج پڙ ۾
141- وچي ات پياس جتي نظر ٿي نانهن ٿي
وصا لئون وياس هجر رهيو ڪو نه ڪو
142- نظر واريءَ نوڪ تي نعرو هڻي نر
ساقي ٿيو سرور ٿابوتيءَ جي ساز سان
143- پسيو جني پاڻ سي پسڻ جا پڳدار
ديدن ڪيا دلدار دائم دم جي دار تي
144- پسڻ مان پيدا ٿي پورپ واري پر
ڪاريهل قرب مان ڪٺن ڪيفي ڪر
واسينگ روسياوه سان تلهير ٿيا تر
ڪن تا لاڏ لهر پدم پورپ پاڻ ۾
145- بزم سان برحال ٿيو بقا بيشڪ بخت
تاج ڪلنگي تخت تابع ٿيا توحيد سان
146- هردم حاضر حال سان حسن وارا هٿ
نيٺن واريءَ نوڪ جا ناز نيارا نٿ
پسي ڪو پالوٽ سان پر پي پيالا پٽ
تاج ڪلنگي چٽ ماٽي سو منصور ٿي
147- تاج ڪلنگي چٽ چڏي عاشق عشق سان
پي پي پيالا پٽ پسڻ ۾ پيهي ويا
148- ڪٿي آتش اچ جي ڪٿ پاڻ آهيان پاٽي
ڪٿي واءُ وصل جو ڪٿ اڪين آڪاٽي
ڪٿي ڪامل ڪل جو ڪٿ ڪلجڳ ڪهاٽي
ڪٿ سچي سمجهاٽي محمد منهن مئيخان ٿيو
149- ڪن فيڪوني ڪل ڪيو صحي سهٹون سر

حاضر هندم هر هڪل هڪ جو حال ٿيو
150- هڪل هڪجي حال ڪيو حاضر حڪم هاڻ
پوري پٽي پڇاڻ پسڻ جي پسڻ جي
151- اسم جسم جي جوت ڪيو نرتي ڪي نيشان
سر تي جي سامان صورت جو سينگار ڪيو
152- اڪين ۾ آشيان ڪيو اڇي عشق امين
بقائي واري بين وڄائي وحدت سان
153- اڇي عشق الول ڪئي اڪين ۾ اثبات
ظهورو ڪيو ذات زڪائي ذوق سان
154- عاليشان عشق ٿيو اڪين جي آشيان
محمد تي مستان مليو مئي جي موج سان
155- ڪولي عشق اڪين ۾ آوازي اوطاق
عجب تي عشاق محمد سان محيط ٿيو
156- ڪات وڙهو ڪنڌ تي ريلا ڪيا رت
ثابت ٿيو سيت انا الحق آواز جو
157- ڪات وهي مرڪنڌ تي رتي نه وهي رت
محمد واري مت مستي جو مذڪور ڪيو
158- اڪين ۾ اثبات ٿيو عشق سندو آشيان
عاشق عاليشان واصل ٿيا ويساه سان
159- ستي نرتي وچ ۾ عشق سندي آشيان
عاشق تي عريان اثبات ۾ اثبات ٿيا
160- گهايل جي گهورن جا سي ڪيئن گهاريندا گهر
چڏي پيٽي پر نانگا نر نروار ٿيا
161- ويا اڏامي اوڏهين جت رتي ناريا
سڀ ۾ ساماٻا صوفي سهٽي سير سان
162- سهرا سرخ پڌن صوفي سوري سيج تي
مئي پي مرد مچن محبت جي ميدان ۾
163- سر ڏيئي ٿيا سرخرو صوفي صورت ساڻ
ڪين جي اهنجاڻ عاشق ٿيا اثبات جا
164- انڪڻ جون عادتون اڪين ڪي آهين
ڪنڪ سان ڪاهين ڪوين جي ڪاپار تي

165- پيهي پنهنجي پسڻ ۾ پسيم پنهنجو پاڻ
ثابت ٿي سچاڻ انا الحق آواز جي
166- انا الحق آواز جو سمجهي سارو سر
پوءِ پي پيالا پر پريمي پالوٽ سان
167- ديدن واريءَ دارتي کو دولهه درس دلبر
پرتئون پري پير پريمي پڳدار ٿي
168- رندن واريءَ راند ۾ ريلا کري رت
پوري کيائين پت پسڻ جي پاتار جي
159- حسن جي هسوار سان هسي هسي هاڻ
ڪٺي روح رهاڻ رنداني رسمات سان
170- وٺحن اقرب ويجهڙو واحد جو وصال
بيرنگ بي مثال مثل ۾ موجود ٿيو
171- پسيو جن پاڻ کي سي پڪا پهلوان
محمد جوڌ جوان صوفي سيئي صاف ٿيا
172- صوفي سيئي صاف ٿيا جن سچاتو سر
تفاوت ناتر تني چاتو چاڻ ۾
173- سر واهيون سرڪش ڪيون صورت سر سبحان
ڪجل ڪورا ڪات ڪيا ڦهري پيا ڪان
ابرو اکين جي مٿا تا ڪشن ڪج ڪمان
مست پسي مژگان مقابل مشتاق ٿيا
174- عدم ڪان ارواح ٿي عاشق اکين تي
آيو پکن تي پسڻ پسڻ جو
175- جهوٽي نام جيڻ جي جهليو چند جهولي
حسن جي هولي حاصل ٿي حال کي
176- اويسي ارشاد جو صوفي سمجهي سر
گر ۾ ٿيا گر پسڻ پسي پانهنجو
177- جوڳي ڪنتا جج جلاڻي جسمات کي
اوري چڏي سج وسئون ڪان وهي ويا
178- جلاڻي جسمات کي جوڳين کيا جج
چڏي اوري انج پيڻ ڪان پاسي ٿيا
179- چانگون چارن چوڪرا مانيون ڪائن مير

پيغمبري پر سان پاڻ پسائن پير
پڙهن فرض فنان جو فالر تي فقير
محمد کو مهمير مرد مچي منصور ٿيو
180- پيريمغان پرت جو آهي پارث پساري
فيض جنهنجي فضل سان ٿو چلي چوڌاري
آئي جنهنجي دام ۾ هوءَ دلڙي ويچاري
ڪٽي ويو ساري محمد صاحب سونهن جو
181- ملڻ لاءِ محبوب جي گولي ڪر گفتار
ديدار ڌارئون دوست جي وائي ٻي نه وار
ليسفي الدارين الاهو پلپل ڪر پچار
نيٺن ۾ نروار محمد نهارج نات ڪي
182- جي پائين جوڳي ٿيا ته هر هر ڪر هر نام
طريعت جي ڪفر ۾ طالب ره تمام
جٽيون پائي جان تي صورت جي پئو سام
پينديـن مئي مدام جانب جي جمال جو
183- صوفين سندي سنگ سان ڪيم روح رهاڻ
هنيون ات حيران ٿيو ٻڌي احديت اهڃان
ولي محمد مهر مان بره ڏيکاريا پاڻ
ڪلي ات ڪٺياڻ ڪمند پاتو قرب جو
184- ولي محمد وحدت جي واٽ ڏسي وينجهار
سبق ڏنائين سڪ جو احديت اظهار
پيريمغان جي پرت جي پيدا ٿي پچار
احمد پور انوار آيو اڱڻ عيد ٿي
185- چاه زنخ جي چڪ جو نانگا ونن نام
هردم جنهن ۾ ٿا هلن حسن جا حڪام
ڪنڌ قبولي ڪات ڪي سوره ڪن سلام
ات جوڳي پين جام غبغب جي گرداب ۾
186- ستيس سيج پلنگ تي جاني جڙي جان
غبغب جي گرداب جي ڪل پيم ڪان
سنبري ويو سات سان صوين جو سلطان
فڪر جي فرمان چوري چت چريو ڪيو

187- نکو ککر کات کي نکين چڙهيو ڪٽ
وائي ڪيو وڻ پسڻ جي پاتار ۾
188- جتي ڪوپ قتل جو اتي ٿي کلتار
سوره ٿيا سوار صراحي صمصام سان
189- قتل واري ڪوپ تي قدم ڪڏائي ڪونڌ
حاصل ڪن ٿا هوند حسيني هبڪار سان
190- حسيني هبڪار تي مرد مچي منصور
محمد ٿيو مخمور عنايت عشق سان
191- پسڻ جي پاتار ۾ پوري ڪري پت
ثابت ڪيم ست صراحي جي سر سان
192- رت وهندي راند ۾ روئن ڪين رند
چهرا ٿين چند ملهائي ميدان ڪي
193- رت وهندي راند ۾ رند رهي رازي
غالب ٿيا غازي شاهنشاهي شور سان
194- مقصد جو مقصد ٿي ميڙي محبت مال
ڪٽي خواري خلق جي ڪري هٿ خيال
دمدم دمي دم ڪي هٽي درد ڏمال
محمد ٿيو متوال محيسي مئيخان ۾
195- اول آخر عشق ٿيو عدم مان انسان
آوازي اثر سان عجب عاليشان
نظر واريءَ نوڪ تي نظاري نيشان
محمد سر سبحان صورت جو سينگار ڪيو
196- عدم مان عشق تي آدم ۽ الله
فشر وجه الله فرمائي فرمان تو
197- محبت جي مئيخان ۾ مانجهي مرد مچن
نسنگ ٿي نچن نعرو هٽي نيهن جو
199- خراباتي کيل سان خود کمائي خيال
محمد ٿيو برحال بره جي بازار ۾
200- محبت جي ميزان ۾ مرد پروڙي مام
عاشق ٿيا امام آوازي احوال جا
201- جوهر جن جي جان ۾ سي جوڳي چٽجن جنگ

دم جا پين ڏنگ ڏيدن جي دربار ۾
202- ڏيدن جي دربار ۾ دائم ڏري ڏيان
گر تي ڪنتا گيان گاروڙي گفتار سان
203- پي پيالو پرت جو پسڻ ڪي پسي
حسن سان هسي محمد حاصل هال ڪيو
204- محض مرمرڻ ڪان جيڻ ۾ تي جوان
جلالي جولان جاري ڪري جوش تون
205- شهادت جي شوق جو سرابن ۾ شور
ظاهر ڏنم زور زابر ذاتي ذوق سان
206- سهڻي صاف سرود سان سر تي ڪولي ساز
نرتي ۾ ڪيوناز نظاري نيشان تي
207- سرتي نرتي وچ ۾ ابتي سبتي سچ
بڪ نه ات ڪا اچ نڪو اوسيڙو اڳي جو
208- ڪارونياري ڪنڌي ڏي ڪڏه ڪاهن ڪين
ڪن اندر ٿيا ڪين محمد واري مام سان
209- شريعت جي شهر ۾ شرابن ڪيو شور
ٽلي عجب نور نڪاٽي نگهت جي
210- شريعت جي شهر ۾ شائق پي شراب
شاهنشاهي شان جا شملا ٻڌي شاب
شور بازن شور ڪيو شاطر تي شتاب
محمد شاد شباب شجاعت جي شوق ڪيا
211- سنئي سانگو ساه جو عاشق عاليشان
لاهي لاڳاپا لوڪ جا لاهو تي لاٽان
پرچهي پنهنجي پسڻ ڪي نظاري نيشان
محمد ٿيا مستان محبت جي ميدان ۾
212- فذڪروني اذڪر ڪم عجب عاليشان
فوت الانفاس قتل الانبياء فرمائي فرمان
جودم غافل سودم ڪافر گر بتايو گيان
سهڻون سر سبحان محمد سمجهني سير ڪيو
213- ڪولي سرگر ساز ڪي صورت سر سبحان
الله نور سموات چئي چشم جي چالان

سرتي واري سير سان نرتي جو نيشان
محمد مکہ مستان مقابل مذکور کيو
214- گيائي گروسي ٿيا گهيٽو نہ جن جي گهر
نيٽن واري نوڪ تي نعرو هٽي نر
پسي پنهنجي پسڻ کي پسڻ واري پر
محمد وارث ور وحدت جي ويساه سان
215- بهادر برحال ٿي برسائي بزم
نسنگ چئي نظم نظاري نروار ٿيا
216- سر جي بازي سر سان سمجهي سوره صاف
آوازي انصاف عشاقن اثبات کيو
217- هرجا هکل هڪ کيو حسن کي هسوار
ڪاتي ڪام کروڌ سان لوبي ڪٽ آنهنڪار
ڪاتي موهيل موه سان ڪاتي مٺي مختيار
مڙني جو مهندار مظهر ۾ موجود ٿيو
218- عاشق آٽي اکن جي عدل تي ايمان
محمد ٿي مستان محبت ۾ مخمور ٿيا
219- زاني ظالم زناري زاهد ذاکر زور
چاپلوسي چگا مڙس چاري چغل چور
حقيقت ۾ هڪ ٿيا کري حملا هور
شاهنشاهي شور ظهور ذات کيو
220- سرور جي سهاڳ جو سرهو سمجهي سات
نسنگ نانگي نات ناتو رکيو نيهن جو
221- نسنگ ناتهہ نات ٿا کي نانگا نياهين
پاٽين پسائين پسڻ پنهنجو پاڻ کي
222- پاٽهين پنهنجي پسڻ کي
پسڻ آيو پاڻ
پسڻ جي پڇاڻ
پسڻ پرين پاڻ ٿي
223- نظر واري نوڪ تي نام جپي تون نچ
ثابت کري سچ صورت واري سر سان
224- پاهر کيرو کل ۾ اندر ۾ آڙاه

محمـــد بـــي پـــرواه كـــائي متـــو مـــوت كـــي
225- متـــان تـــابش تـــاب جـــي پيريـــن پـــري بـــاه
انـــــدر پـــــاهر عشـــــق جـــــو آتشـــــي آڙاه
ســـنڌ ســـنڌ ســـر ســـو ســـوز ٿيـــو كـــري كـــاهو كـــاه
سمنـــدر وانگـــي ســـاه محمـــد ســـارو ســـير كيـــو
226- عشـــــق شـــــهباز چبيـــــن وچ چئينـــــدا
تڙپـــــڻ مـــــور نـــــــ ڏينـــــدا
مـــــاس هـــــڏياندا هـــــوش هنئيـــــن كـــــون
كنيڙيـــــان پـــــٽ كـــــائندا
محمـــد مـــار مرينـــدا كـــر كـــر شـــوق شـــكار دي
227- سـُـچا جـــي ٿيـــا ســـر كـــان سَمجهـــي ســـر ســـارو
وريـــــو تـــــن وارو وصـــــالي وهنـــــوار جـــــو
228- ســـچو جـــو ٿيـــو ســـر كـــان ســـوره ســـو ســـلطان
نـــك غيـــر گمـــان نكـــو ســـكڻ ســـاه جـــو
229- بهـــادر برحـــال كيـــا بـــره جـــي بـــاني
بـــاطن لاڙو لنـــگ ڏي ظـــاهر ۾ زانـــي
بـــدراه كـــان گمـــراه ٿـــي جـــوڙ پســـي جـــاني
محمـــد مڙگـــاني مـــرد پـــروڙن مـــام ٿـــا
230- ديـــــدن واري دار تـــــي دولهـــــــ دلاور
مظفـــر ميـــر حســـين ٿيـــو ســـهڻون سراســـر
مومـــن مـــاتم دار كيـــا صوفـــي ثنـــاگر
مـــالك مظـــاهر محمـــد منهـــن محبـــوب جـــو
231- اڏي واري آر تـــي عاشـــق ٿـــي اچـــي
ســـاغر جـــي ســـردار جـــي سمجهـــي ڳالهــــ ســـچي
متـــو مئـــي مئـــي تـــي مركـــي مـــرد مچـــي
كـــڏهن كيـــن كچـــي محمـــد سمجهـــن مـــرد ٿـــا
232- نـــاامید امیـــد جـــو عجـــائب احـــوال
حســـن جـــي هيكـــار ســـان هكـــل هـــك جـــو حـــال
خـــوديءَ جـــي خمخـــان ۾ سمجهـــي خـــوب خيـــال
محمـــد تـــي متـــوال بيحـــد بـــات بحـــال كئـــي
233- ســـٽي ســـانگ ســـكڻ جـــو پاســـي كـــري پيـــار

دوئي جي دليل کي ڏڙ کان ڏري ڏار
ايڪائي ۾ ايڪ اڪ عادل تي اظهار
سهٽي سر سردار محمد ان آواز ڪيو
234- پسڻ جي پئيمان ۾ پي پي پيالا پر
سڙ تي نر تي وچ ۾ سر جو سمجهي سر
گگن جي گلزار جو گياني ٿيو سو گر
مڙيو نه هڪڙو مر ڄاتو اهڙو ڄاڻ جنهن
235- سر تي نر تي وچ ۾ پچن واري پير
سمجهي ذات صفات جو قولهي قولهي قير
سمجهي جوٿو سمجهه کي سمجهه سوئي سير
متي من جي مير محمد ڄاڻج ڄاڻ ڪي
236- دم سڃاڻي دم جو دم ۾ ڏري ڏيان
پيهي پنهنجي پسڻ ۾ پسي گون گيان
نيٽن واري نوڪ تي نانگو نر نيشان
محمد ٿيو مستان معنوي ميدان ۾
237- مورت جي محلات ۾ صورت صحي صاف
متس غمز غماز سان زلفن جو ته غلاف
عاشق حسن عشق ٿيو اڪين جي انصاف
محمد منهن مصحاف محلي مڙگانن جي
238- محلي مڙگان جي محمد منهن مصحاف
عاشق ڪر انصاف آوازي احوال جو
239- نڪو لاڙو لنگ ڏي نه زنا جو ڪو ذوق
فالر ٿيو فوق فثر وجه الله جو
240- همه ۾ همذات ٿيو حسن حال حيات
فرمودي فرقان جي نور سموات
نيٽن واري نوڪ کي عاشق ڪن اثبات
محمد جي مصلات منصفي مذڪور ڪيو
241- دمدم هٽي دم جي دائم درس ڏمال
درسن پسي دم جو ڪري ديد دلال
اثباتي الله ٿيو خوبان خوف خيال
محمد بي ته مثال مثالي مضمون ڪيو

242- پـائي پيـج پسـڻ سـان پرجهـي پنهنجـو پـاڻ
پـوري كـري پچـاڻ پيشـاني پسـڻ جـي
243- سـوريءَ واري سـيج تـي سمجهـي ذات صفـات
كلمـو انـاالحق جـو آوازي اثـرات
اثبـات جـي اثبـات كـي عـارف كـن اثبـات
معنـوي محـلات محمـد مـاڻن مـوج سـان
244- درسـن جـي دربـار ۾ پسـني ديـد دري
پسـڻ جـي پسـڻ سـان پـوري پـرت پـري
واقـف تـي ويسـاه جـو وحـدت طـرف وري
موتـو قبلـل مـري محمـد سمجهيـو مـام كـي
245- تـازي تيـز طبـل جـي تحليلـي تلـوار
تحقيقـي تصـلات تـر توكـل واري تـار
كـري هـٿ طبـل سـان تحـدل تـي تيـار
محمـد تـاجدار توحيـد كـي تصديـق كيـو
246- قـدح كيفـي كيـف پـي كـري قلـب كتـاب
كسـي تـي كبـاب كجـل واري كـات سـان
247- جيئـري هـن جهـان ۾ جوڳـي كنتـا جـوڳ
پـولا چـڏي پـوڳ اثبـات كـن الله كـي
248- نكـي جپـي نـام تـو نـه صـورت جـو تصـور
محمـد ٿيـو مصـور معنـوي ميـزان ۾
249- ثـابوتي جـي سـاز سـان سـر جـي سمجهـي سير
كـاپڙي كنچيـر كـل سـڀاڻن كيـن جـي
250- كڍيـا قهـري كـوڏ سـان كجـل كـورا كـات
گـاروڙي ٿيـا گهـات گهـورن جـي گمسـان ۾
251- حملـي هكـل هـك جـي حقـاني حسـنات
هرجـاءِ هوكـو حيـدري حسـيني حرفـات
هكـر هلائـي حـق جـو حـاضر حـال حيـات
همـه ۾ همـذات محمـد حـر هسـوار ٿيـو
252- بـزم نظـم رزم جـو سمجهـي سـارو سـر
محمـد گيـاني گـر گـگن ۾ گـلزار ٿيـو
253- بـزم نظـم رزم جـو كولـي رنـدي راز

سارو سمجهي ساز محمد صوفي صاف ٿيا
254- بهاريل برسات سان پسي بيکَ بزم
هستي هوئڻ هوڏ ڪي ڪري حال حضم
رڳ رڳ رقص راڳ رنگ روحي راز رزم
ڪولي ناز نظر نظاري نيشان ٿيو
255- مرشد مخلوقات جو محمد زمان پير
غمزي غور غلام سان محمد مرد منير
ڏنو فيض فقر ڪي فالم ٿي فقير
محمد مظهر مير امين محمد عشق سو
256- آندو جن امين ٿي عدل تي ايمان
تني لڌو مان محبت جي مئيخان ۾
257- شرابي شغلات جا ڪري شوق شتاب
بره واري پيد سان پڙهي بيخود باب
گناهن ۾ غرق ٿي ثابت ڪير ثواب
نسنگ ڪئي نياب محمد خبر خلق جي
258- مظهر موجودات ٿيو معنوي ميزان
فا اينما تولو فثم وجه الله فرمائي فرمان
ونحن اقرب ويجهڙو نظاري نيشان
محمد عاليشان اثبات ۾ اثبات ٿيو
259- پسي سيج سڪن جي سمهان تہ سڙي ساه
ويهڻ ويس وساريو عشق واري آڙاهہ
هلان تہ هلڻ نہ اچي بيهان تہ لڳي باه
محمد پاڪ پساه پچي پسي پاڻ ڪي
260- ڪاهي جو ٿو ڪين ڏي سوڪندي پچي ڪين
ڪين ڪين ڪين محمد موجودات ٿيو
261- مٿي ميرو ملڪ ۾ مدامي مٿي نوش
حاصل ڪيو هوش محمد حال حيات جو
262- راتيون جاڳي راز سان روحي پسي رنگ
خويان خوب خيال ڪي ڀهڳڻ هٽي ٻنگ
جپي نام الله جو اڪين واري انگ
صورت سپ جي سنگ محمد صوفي صاف ٿيا

263- ياد نہ رهي يار تو نکي وسري مور
ويجهو نکو وصل لاءِ دم نہ ٿئي دور
هرجاءِ هکل هک سان حاضر حال حضور
محمد کيو مخمور محيسي مئيخان ۾
264- خدائي خمار سان خويان خوب خيال
خمخاني خودي جي خودي خود خوشحال
جسماتي جنسار جو جڙي جوڙ جلال
مدامي متوال محمد ٿيو مئيخان ۾
265- معنيٰ واري ملڪ ۾ معنيٰ ماڳ مڪان
معنيٰ سان معنيٰ جي مُنصفي ميزان
مظهر ڪي مثبوت ڪيو محيسي مردان
محمد ڪومستان مام پروڙي معنوي
266- نڪو اوسيئڙو اڳ جو نہ گذريل جو ڪو غور
دم جو ڪري دور محمد حاصل حال ڪيو
267- لاهوتي لاتان ڪي اڄ نڪائي بڪ
نڪو ڏڪ ڏڪن جو نہ سڪن جو ڪو سڪ
نڪو سيءَ سرير ۾ نڪا لڳيس لڪ
محمد سو ٿيو مڪ منصوري مئيخان ۾
268- منصوري ميئخان ۾ ملڪ نہ ڪو موت
فوق نہ ٿيو فوت محمد حال حيات جو
269- وصل واري واڪ ۾ وهم نہ ويچار
مرڻ جيئڻ ياد نہ سورن جي ڪاسار
ثابت ڪري سر ڪي سرجو سر سردار
محمد ٿيو مهندار مستيءَ جي مئيخان ۾
270- بيخوديءَ جي بحر ۾ بره جو بيمار
ٿيو باغ بهار من خدائي موج سان
271- من خدائي موج سان مدامي مشهور
محمد ٿيو مخمور مستيءَ جي مئيخان ۾
272- سمنجهي سر سرير جو ساجهر سويلو
مرڻ جيئڻ پاڻ ۾ مرڪي ڪيو ميلو
273- انصافي انصاف سان عادل البيلو

محمــــد اڪيلــو ايڪــائي ۾ ايـــڪ ٿيـــو
274- عاشــقن تـــي عـــام جـــي شـــهرت شـــڪايت
طعنـــا تنڪـــا تهمتـــون نخـــرا نهـــايت
ســـچا ســـهن ســر تـــي ســـهمان ســـلامت
محمــــد ملامـــت مـــرد قبولـــي مســت ٿيـــا
275- پـــاڻهين پنهنجـــي پســـڻ ڪـــي پســـڻ آيـــو پـــاڻ
پســـڻ جـــي پڇـــاڻ پســـڻ پريـــن پـــاڻ ٿـــي
276- مـــاڻهن ڪـــان منهـــن مٽـــي الک پســـي ايـــڪ
نظـــر ڪـــري نيـــڪ نعـــرو هيـــر نيهـــن جـــو
277- هوئـــڻ نـــه هوئـــڻ جـــو حـــاصل ڪـــري هـــواش
مدامـــي مئـــي نـــوش محمـــد ٿيـــو مئيخـــان ۾





(مثنوي)

278- ازل کان آواز انا ٿيو اصلي الله جو
بر سر بشر بوتو بنيو آدم صفي الله جو
وحدت منجهان ڪثرت ڪئي جنهن ڪنف جي ڪلمات سان
ذاتي صفت سر تي نرت جملو جڙيو جسمات سان
نور سماوات جو نعرو هئي نروار ٿي
سڀ سمايو صاف سر صورت وارو سينگار ٿي
احد مان احمد ٿيو اظهار اچي انسان ۾
ميم جو مولهيو پڌي مظهر مثل مژگان ۾
احد احمد عشق انور نور محمد ميم جو
مظهر ٿيو احمد اسم يڪتار پرور پير جو
سوظهورو منجهه لنواري نور جي مذڪور جو
احد احمد ميم محمد ٿيو نظارو نور جو
ازين سندو اعلي اجهو احمد ظفر زمان ٿيو
سورت واري سينگار سان ثابوت سر سبحان ٿيو
پيدا پرين پرور ٿيو پيرن سندو پيران پير
فالر فقر جي فوج سان فائض فقيرن جو فقير
چا ڪري سگهندو ثنا شاعر سچي سردار جي
مدح منور مجتبي محمد مني مهندار جي



دوھیڑو

بـــي مثــال مثــل وچ آيــا ماگــہ ملھــا مھنــداري دا
آدم صـــورت ســـر ســـبحاني كـــول حســـن انـــواري دا
مغـان محمـد زمـان ظفـر ٿيـا مـالک ميگھـہ ملھـاري دا
بخـت بلنـد بـر تخـت سلامت بـنرا بـاغ بھـاريدار
فـالم فـوج فقـر وچ جھنـدا طـاھر طبـل تيـاريدار
ارض وسمـاوچ ھـو كاھليـا حسـناتي ھسـواري دا
پيريمغـان بـن پـاک پيـارا پـرور پـرت پيـاري دا
پيچـي پيـچ پسڻ دا پيچـي پيـچ پسـا پگـداري دا
ملکہ الشـعرا منصـف مصـور سـر تـي نـرت نيـاري دا
بيشـک ٿيـا بـر حـال بھـادر پيـد بتـا بـرداري دا
نئينـان والـي نـور نظـاري نعـرا ھـڻ نـرواري دا
سمجھـہ محمـد سـير سراسـر سـروردي سـرداري دا
سرور دي سرداري دا

دوھیڑو

احـد اصـل آواز الاھـي احمـد دي اظھـاري دا
كنـف يكونـي كـل وچ كيتـا قـدم كـڏا كلتـاري دا
خلـق الا آدم صـوت سـھڻي سـاز سـينگار سـواري دا
ثـابت تـي سـينگار صفـت وچ سـخن سـٺا سـرداري دا
جڙيـا جـوڙ جمـال جلالـي جسـماتي جنسـاري دا
انـا احمـد بـلا ميمـي سـانگ بنـا سنسـاري دا
ميـر دي معنـيٰ مـام مثـالي منـدبل مگھـن مھنـداري دا
احـد احمـد زمـان ظفـر ٿيـا صـاحب صـورت سـاري دا
لقـب كيتـا لاثـان لقـائي لائـق لعـل لنـواري دا
عشـق امـام علـي تـي اظھـر پـولا پـن پلكـاري دا
ثـابت كيتـا سـير سراسـر حسـنا تـي ھسـواري دا
حسنا تي ھسواري دا

ڪلام

مدامي موج منصوري ڪيو مخمور مستانو
مچي ميدان محبت جي ڪيو مذڪور مردانو
مڙئي مذهب ملت ڇاڏا نہ ڪنهن ڏي ڪو وهم آڏا
مثالي ماڳ ۾ سو ماڏا ڪولي مشهور ميخانو
آوازي ٿي ايڪائي سان سخن سرگر سچائي سان
سڏايان سر صفائي سان سنباهي ساز سامانو
غواصي غور سأن غازي رضا جي راڄ ۾ راضي
رنگي رنگ بيرنگي بازي بشر جو بيڪ بهتانو
محمد مير مستيءَ جو حقي هسوار هستيءَ جو
وصول وهنوار وستيءَ جو شرف شغلات شاهانو

بيت

ڪاهي جو ٿو ڪين ڏي سوڪنڊي پيچي ڪين
قصد ڪري ڪين جو ڪين اندر ٿي ڪين
ڪارو نياري ڪل ۾ ڪين بنا ڪل ڪين
ڪين ڪين محمد موجودات ٿيو



درگاهه صوفي محمد فقير ڪٽياڻ

فقير دوست علي ڪٽياڻ ۽ فقير گل محمد ڪٽياڻ